
شاهڪار لکڻين جي چونڊ
ماهوار
ڪرشما
ڊائجسٽ
"چتي ڪتي جو موت"
امر جليل جي ڦوهه جوانيءَ واري دور ۾ لکيل علامتي ڪهاڻي
"الفريڊ نوبل"
عالمي نوبل انعام جي بانيءَ جي زندگيءَ جو
ٻيون ۽ آخري حصو
"هڪ گڏهه جي ڪهاڻي"
عظيم ليکڪ ڪرشن چندر جي بهترين ناول جو ترجمو

ماهوار

# ڪرزما

جلد پهريون، شمارو پهريون، آگسٽ 2006ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراني

سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي

ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ

ٽائيٽل ڊزائين : علي اڪبر چنو

ڪمپيوٽر لي آئوٽ : فيصل ميمڻ

صدرالدين گرافڪس اينڊ پرنٽرز ڪراچي.

فون: 2214834-021 موبائيل: 2800427-0300

قيمت في پرچو : 35 رپيا

ساليانو في : 300 رپيا

**مواد موڪلڻ لاءِ پتو:**

پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

**سول ڊسٽريبيوٽرس:** (1) عرفان علي نوراني (ڪراچي کان وٺي نواب شاهه تائين)
موبائيل: 2745033-0333
(2) اختيار علي سولنگي (موري کان وٺي جيڪب آباد تائين)
موبائيل: 7594472-0333.

**اشتهارن لاءِ ايڊريس:**

**عرفان علي نوراني**
بنگلو نمبر D-121/B بلاڪ پنجون،
ڪلفٽن ڪراچي
موبائيل: 2745033-0333
موبائيل: 9223834-0300

E-mail: krizmadigest@yahoo.com

هيءَ ڊائجسٽ پبلشر مير محمد نورانيءَ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو

16
كرزما پوسٽ
كرزما

22
سنڌيڪار: ماستر عبدالرزاق ميمڻ
عظيم سائنسدان

66
امر جليل
چتي ڪتي جو موت

74
ريٽا شهاڻي
ماءُ جي پيرن هيٺان....

77
حسن منصور
پرنسپل پڪيءَ جي اڏام

82
امر لغاري
پوئتي قدم

103
مير حسن مري
سنڌوءَ جي خوشبوءِ، سنڌوءَ جو پيار

90
نرتن نوشاد
اسسٽنٽ آفيسر

125
ايشور چندر
نه مرڻ جو ڏک

110
الطاف شيخ
دهليءَ جو درشن

97
استاد لغاري
اُنون آسمان

134
اناطول فرانس
سنڌيڪار: ڊاڪٽر منظور ميمڻ
ڪاريون مانيون

162
منشي پريم چند
سنڌيڪار: ذيشان
ڪفارو

140
نور علي بوزدار
ميري ويلوسڪي پپولين

229
نجيب محفوظ
گلزار ولياڻي
قيريءَ وارو

174
سڪندر ابو جعفر
سنڌيڪاره: افروز سيده
اصولن خاطر

223
انتون چيخوف
سنڌيڪار: مسڪين سمون
شيمپيئن

187
عزيز نيسن
سنڌيڪار: امر اياز مهر
مانيءَ جي ٻن گرهن خاطر

155
البرٽ موراويا
طفيل مگسي
پوڙهائپ

234
ڊاڪٽر خالد نوراني
مرڻ ڪانپوءِ جا عجب اسرار

198
سڊني شيلڊن / محمد ميمڻ
محشر

193
زڪريا تامر
افضل هزاري
ذهن ڏينهن جو شينهن

181
او هينري
سنڌيڪاره: فرزانا ميمڻ
قرض

262
متفرق
شاعري

276
ڪرشن چندر
سنڌيڪار: يوسف سنڌي
هڪ گڏهه جي ڪمائي

249
محبوب علي سمون
حضرت ذوالڪفل عليه السلام

274
☆☆☆
ٺهڪ ٽائم

# درخواست

سنڌي ڪتاب تمام ٿورا ڇپجن ٿا. سنڌي رسالا ته بنهه گهٽ آهن. جيڪي ڇپجن ٿا، اهي به اهڙو مواد نه ٿا ڏين، جنهن سان پڙهندڙن ۾ هر مهيني رسالو وٺڻ جو چاهه پيدا ٿئي. جيترو گهڻا ماڻهو رسالن کي پڙهندا، اوترا وڌيڪ رسالا ڇپبا ۽ اوترا وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جا لکندڙ پيدا ٿيندا ۽ اسان جو ادب ترقي ڪندو.

هر سنڌي ماڻهوءَ کي ان ڏس ۾ سوچڻ گهرجي.

هر سنڌي ماڻهو پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪري ته سنڌي ادب جو واڌارو ٿي سگهي ٿو. اسان پڙهندڙن کي اڳ به هڪ عرض ڪيو هو ته هو ان ڳالهه جو پڪو پهه ڪن ته هو هر مهيني هڪ اهڙي سنڌيءَ کي ڪرزما وٺرائيندا، جنهن پهرين هي ڊائجيسٽ نه ورتو هجي. انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان ٿوري عرصي ۾ هن ڊائجيسٽ جي وڪري ۾ هزارن ۾ لکن جي واڌ اچي سگهي ٿي، جنهن ڪري مختلف ڪمپنيون به اشتهار ڏيئي سگهن ٿيون ۽ ٻيا ماڻهو به سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ کي فائديمند سمجهي، هن ڪيتر ۾ اچي سگهن ٿا. اميد ته اسان جي هن وينتيءَ تي ٿورو سوچيندا ۽ ان کي هيئنئن سان هنڊائيندا.


**پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) ڪراچي**

ع

ڊاڪٽر خالد نوراني بنگلو نمبر D,121/B بلاڪ پنجون، ڪلفٽن ڪراچي. 0300-9223834

عرفان علي نوراني 0333-2745033

# پنهنجي پاران

اسان جي پوري ڪوشش آهي ته اسان ڪرزما ڊائجسٽ ۾ اهو مواد ڇاپيون، جيڪو وقت جي ضرورت هجي. ان ڪوشش ۾ اسان ڪيترو ڪامياب ٿيا آهيون، ان جو فيصلو اوهان پاڻ ڪندا.

اسان سمجهون ٿا ته سنڌيءَ ۾ اڃا تائين ڪو اهڙو رسالو يا ڊائجسٽ نه ڇپيو آهي، جيڪو هر مهيني ٽي سو ڇوڏنهن صفحن جو مواد ڇاپي. مواد به اهڙو جنهن ۾ دنيا جي مشهور مفڪرن، شاعرن، بزرگن، فاتحن ۽ مشهور شخصيتن جون مڪمل سوانح حيات به شامل هجن ته هر مهيني هڪ مڪمل ناول به. ڪرزما ۾ نه صرف اهي به سلسلا نه آهن، پر ٻيا به سلسلا جهڙوڪ نوبل انعام، تاريخي ڪردار، نئون ليڪ، مذهبي مضمون، سنڌي ڪلاسڪ آهن، جنهن ذريعي اسان دنيا جي بهترين لکڻين کي پيش ڪري رهيا آهيون. ان ڏس ۾ پڙهندڙن جيڪو اسان جو ساٿ ڏنو آهي، تنهن جا لک احسان، نه ته هيءَ ڊائجسٽ سنڌي ادبي ڪيتر ۾ ايڏي ڪاميابي نه ماڻي سگهي ها. پڙهندڙن جو ساٿ شامل رهيو ته ڪرزما اڃا به وڌيڪ ترقي ڪندو.

ماهوار سنڌي ڪتاب ڪڍڻ نهايت ڏکي ڳالهه آهي، ڇو ته گهڻو ڪري اشتهاري ڪمپنيون سنڌي رسالن کي اشتهار نه ٿيون ڏين. جيڪر ڪرزما کي ڪجهه اشتهار نه ملن ها ته هُوند ڪرزما جي قيمت نهايت ڳري هجي ها. ظلم وري اهو آهي ته ڪتابن جي سلسلي ۾ ڪو معتبر ڊسٽريبيوٽر به نه آهي. ماڻهو پيسا ڪائي پچي وڃن ٿا. جيڪي آهن اهي پنجاهه سيڪڙو ڪميشن کان گهٽ ڪو نه گهرن ٿا. هڪ پاسي پني ۽ ڇپائيءَ جا ڳرا خرچ آهن ته ٻئي پاسي پنجاهه سيڪڙو ڪميشن. باقي اداري کي ڇا بچندو هوندو، ان جو اوهان ڪاٿو ڪري سگهو ٿا. اهو ئي سبب آهي ته هيستائين سواءِ ٻن اخباري ادارن جي، ٻيو ڪو به ادارو يا ماڻهو ماهوار ڊائجسٽ ڪڍي نه سگهيو آهي. انهن ٻنهي اخباري ادارن کي به اخباري ڪاغذ ڪوٽا تي ملي ٿو ۽ ڪين پريسون به پنهنجون آهن، جنهن جي ڪري اهي پنهنجا رسالا ڪڍي سگهن ٿا. جيڪي مشڪلاتون اسان کي پيش اچي رهيون آهي، تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ويجهڙ ۾ ڪو ماڻهو يا ادارو شايد ڪا سٺي ڊائجسٽ ڪڍي سگهي. اسان جي خيال موجب ڪو ماهوار سنڌي رسالو صرف ان صورت ۾ نڪري سگهي ٿو، جڏهن ان جا هزار کان وڌيڪ مستقل ميمبر هجن ۽ ڊسٽيبيوٽر پندرنهن کان ويهه سيڪڙو تائين ڪميشن وٺن ۽ انهن وٽ ڪجهه نه ڪجهه اشتهار ضرور هجن... ان ڳالهين سان ڪيئن منهن ڏجي ان بابت اوهان کي سوچڻ جي دعوت ڏيون ٿا.

اسان جو ان ڳالهه ۾ ايمان آهي ته جيڪڏهن هر ماڻهو پنهنجي وس آهر سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلچر، سنڌي ماڻهو، سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جي سياسي، سماجي انتظامي مامرن ۾ پنهنجو ڪجهه نه مثبت ڪردار ادا ڪري ته هوند سنڌ اها ساڳي ٻنجي ويندي جيڪا ڪنهن وقت دنيا ۾ مشهور هئي. اسان پاران ڪرزما کي ڇپائڻ به ان ڏس ۾ ساڳي ڪوشش آهي.

# کرزما پوسٽ

هنن صفحن تي اسان پنهنجي پڙهندڙن جا رايا ۽ تنقيدون ڏيندا آهيون. ڪجهه دوستن اها شڪايت ڪئي آهي تہ پوسٽ باڪس لاءِ رجسٽرڊ ڊاڪ يا ڪوريئر سروس وارا خط نہ ٿا وٺن. چيف ايڊيٽر ڪرزما ڊائجسٽ، هائوس نمبر B/121-D، بلاڪ 5، ڪلفٽن، ڪراچي تي بہ موڪلي سگهن ٿا. دوستن کي درخواست ڪجي ٿي تہ پنهنجا رايا ۽ تنقيدون اسان کي هر مهيني پندرهين تاريخ کان پهرين موڪلين ڇو تہ ان کان پوءِ پرچو پريس ۾ هليو ويندو آهي. دوستن کي اهو بہ عرض آهي تہ پنهنجي ائڊريس سان گڏ جيڪڏهن پنهنجو فون نمبر يا پرپاسي جو فون نمبر رابطي لاءِ موڪليندا تہ مهرباني ٿيندي. ڇو تہ ان صورت ۾ ادارو ساڻن مواد لاءِ ترت رابطو بہ ڪري گهي ٿو.

(ادارو)

سپ کان پهرين عرض آهي تہ دوست پنهنجو مواد پني جي هڪڙي پاسي تي صاف اکرن ۾لکي موڪلين.ڪافي دوستن جو مواد چڱو هوندو آهي پر انهيءَ جي پڙهڻ ۾ ڏکيائي ڪري ان کي شايع ڪرڻ کان لاچار هوندا آهيون.اهڙو هڪ دوست فياض علي ناريجو بہ آهي جنهن جي شاعري سٺي تي نظر اچي پر سندس تحرير صاف نہ هئڻ ڪري ان کان ڇاپڻ کان قاصر آهيون. هن صفحن وسيلي سائين طفيل مگسي کي عرض آهي هي پنهنجو ٽيليفون نمبر ۽ ايبريس کان اسان کي ضرور واقف ڪري.اسان سندس ڪافي لکڻيون ڪرزما ۾ شايع ڪري چڪا آهيون، اجا تائين ذاتي طور ڪائنس بلڪل اڻ واقف آهيون.(**ادارو**)

جولاءِ 2006ع جو ڪرزما خوبصورت ٽائيٽل سان مليو.اسان کي پهرين ڪرزما نہ ملندو هو پر ٿوري ڪوشش ڪئي تہ هاڻ ٽن مهينن کان مسلسل هر مهيني ملي رهيو آهي.هي منهنجو پهريون خط آهي.هن دفعي جي شماري ۾ عظيم سائنسدان، گل جي اڪيلائي ،جذبن جي وهڪري ۾ ،مرڻ کان پوءِ جا اسرار،سيلاب زندگيءَ جو ۽ محشر تمام گهڻو وڻيا. شاعري بہ سٺي هئي. **ساجن ايم راجہ،ٽنڊو محمد خان۔**

ادا اسان پڙهندڙن جي سهولت لاءِ هر شماري جي پويان نمائندن جي لسٽ ۽ سندن ٽيليفون نمبر ڏيندا آهيون. جنهن دوست کي ڪو شمارو نہ ٿو ملي انهي پنهنجي ضلعي/تعلقي نمائندن کي فون ڪري سندن شهر يا ڳوٺ ۾ ڪرزما کي موڪلڻ لاءِ چئي سگهن ٿا.(**ادارو**)

جولائي جو شمارو مليو ،اوهان کي جس هجي جو، 314 صفحن وارو ڊائجيسٽ مهيني سر ڇپايو ٿا.۽ اهو بہ معياري ادب سان.هن پيري گهڻو ڪري هر لکڻي بهترين هئي پر گهڻو متاثر عظيم سائنسدان، نئين موسم، جذبن جي وهڪري ۾،رئيساڻو پار،گل جي اڪيلائي، چيني مجسمو،سيمسن ۽ڊيلائلا، مذهبي

مضمون،حضرت حزقيل عليہ السلام ڪيو. پوپٽي رام چند هيرانندائيءَ جو ناول پنهنجو مٽ پاڻ هو.محشر بہ خوبصورت سلسلو آهي. مهرباني ڪري ان کي بند نہ ڪندا.الطاف شيخ جي لکڻين کان ڪير واقف نہ آهي. جس هجيس،هڪڙو ماڻهو ٿي ڪري ڪنهن اداري جيترو ڪم ڪيو اٿس.

**جاويد سمون حيدرآباد**

ڪرزما ڊائجيسٽ جو پرچو نخرن نيڻن واري ڇوڪريءَ جي ٽائيٽل سان اسان جي هٿ ۾ آهي.هن ڀيري عظيم سائنسدان،رئيساڻو ٻار،نئين موسم،موڙ، ۽ مني ڪهاڻيون، دوزخ ڏانهن وينڊر لفٽ،ڪرمان واري، صديءَ جو سپ کان وڏو ماڻهو ۽ پوپٽي جو ناول سيلاب زندگيءَ جو نهايت پسند آيا. شاعريءَ ۾ صادق علي لاشاري ،علي چنيسر،علي عاجز شر،ذوالفقار ٽالپر،مايا ساگر،فراق هاليپوٽو،منور ملاح خوب نڀايو.امر جليل جي لکڻيءَ جي ڪمي بيحد محسوس ٿي.

**جانوري ساگر سانگهڙائي**

ڪجھ ڪچو ڦڪو مواد موڪلي ڪرزما جي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ جا خواهشمند آهيون. ڪرزما جو سالگره نمبر تہ هڪ ڏينهن ۾ ختم ٿي ويو. جگديش آهوجا جو ترجمو ڪيل "ڪيمياگر" ۽ امر جليل جي ڪهاڻي "ڪينسر" سالگرھ نمبر جي سونهن هئا. جولاءِ جو پرچو بہ هٿن ۾ آهي.ڪرزما جي هر وک ڪاميابيءَ طرف وڌي رهي آهي. توهان منهنجي ڪهاڻي "عشق جو چڪر ناهي" ڇاپي مون کي عزت ڏني آهي.ڪجھ مواد موڪلي رهيو آهيان، اميد تہ شايع ڪندا.

**صادق لاشاري،ڳوٺ سجاول فقير**

ادا، توهان سر اکين تي. توهان جو مواد زير غور آهي. جيڪڏهن اڳي جي معيار جو هوندو تہ ضرور شايع ڪنداسين.**(ادارو)**

مان هڪ پراڻي ليکڪ آهيان. ڪرزما پڙهيم تہ تمام سٺو لڳو ۽ شوق بہ ٿيو تہ مان بہ توهان ۽ اسان جي ڪرزما سٿ ۾ شامل ٿيان. مان توهان ڏانهن ڪجھ مواد موڪلي رهي آهيان. پنهنجي ڀيڻ کي مايوس نہ ڪندا. توهان کي عرض آهي تہ ڪرزما جي هر شماري ۾ امر جليل جي ڪهاڻيون ضرور پڙهائيندا ڪريو تہ جيئن اسان نوان ليکڪ بہ ڪجھ سکي سگهون.

**صائمہ شاھ، ڪرن شريف.**

ادي توهان جي مهرباني جو اسان جي سٿ ۾ شامل ٿيا. توهان کي ٿوري محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي. مواد هميشہ پني جي هڪ پاسي صاف لفظن ۾ لکندا ڪريو. پڙهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. سٺن اديبن جي لکڻين کي پڙهي انهن وانگر لکڻ جي ڪوشش ڪريو. اميد تہ هڪ ڏينهن توهان جي هرلکڻي شايع ڪئي ويندي. **(ادارو)**

ماهوار ڪرزما جو سالگرھ نمبر پهتو. پهرين شاعري وارو حصو پڙهيم، جنهن ۾ ساحر راهو جي شاعري وڻي. واقعي ساحر غزل جو نمائنده شاعر آهي. ان سان گڏ مير محمد نوتڪاڻي،موسيٰ ڏيٿو ۽ مجيب سنڌي جي بہ شاعري سٺي لڳي. پير پيران دستگير حضرت عبدالقادر جيلاني جي باري ۾ ڊاڪٽر نور ناز جهتيال جي خوبصورت

تحرير پسند آئي. امر جليل، منور سراج، امر لغاري ۽ الطاف شيخ جون لکڻيون ڏاڍيون وڻيون. **خان محمد کيريو، چوڏگي شاهپور چاڪر**

مان ڪرزما کي تمام دلچسپي سان پڙهندو آهيان. مون وٽ منهنجيون لکيل ڪي ڪهاڻيون پيل آهن، منهنجي خواهش آهي ته توهان جي محفل ۾ شريڪ ٿيان. مون کي تاريخي ڪهاڻيون لکڻ جو ڏاڍو شوق آهي. **پنهون پيل، نظرپور.**

ته۾هان پنهنجيون لکڻيون صاف لفظن ۾، پني جي هڪ پاسي لکي اسان ڏانهن اماڻي ڏيو. شايع ڪرڻ جهڙيون هونديون ته ضرور شايع ڪندا سين. **(ادارو)**

اسان کي جون جو شمارو ڪونه مليو. مهيني اندر ويهه چڪر اسٽال تي وڃي پڇا ڪير پر ڪرزما نه مليو. تنهن جو ڏک آهي. آئون هڪ نئون ليکڪ آهيان. ادب جي وسيع سمنڊ ۾ قدم رکڻ جي ڪوشش پيو ڪريان. ڇا مان مواد موڪليان ۽ اوهان منهنجي لکڻين کي شايع ڪندا. آئون مزاحيه، اصلاحي، جاسوسي ۽ محبت جي موضوع تي لکي سگهان ٿو. هڪ صلاح آهي ته ڪرزما کي سنڌ جي ننڍن ننڍن ڳوٺن تائين پهچايو. **عبدالحڪيم ملاح، ٽنڊو باگو**

توهان کي ڪرزما نه مليو، ان جو ڏک آهي. ان ڳالهه جو جواب مٿي ڏئي آيا آهيون ته جيڪڏهن توهان کي ڪرزما نه ملي ته پنهنجي ضلعي يا تعلقي جي نمائندي سان لهه و چڙ ۾ اچو **(ادارو)**

ڪرزما ڊائجسٽ هر مهيني پڙهندو آهيان ۽ پنڌرهن ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندو آهي ۽ پنڌرهن ڏينهن اوسيئڙو رهندو آهي. ڪرزما ۾ ڪهاڻيون سڀئي بهترين هونديون آهن ۽ شاعري به من موهيندڙ هوندي آهي. جيڪڏهن توهان چاهيو ته ڪجهه مواد اسانکي ترجمي لاءِ موڪلي ڏيو. اميد ته مايوس نه ڪندا سين.

**عطاءُ الله گبول گهوٽڪي.**

سائين اوهان کي مواد ضرور موڪليندا سين. انتظار ڪجو. **(ادارو)**

ڪرزما هر مهيني پڙهندو آهيان. هن پيري پڙهي پنهنجي سستي کي مات ڏئي توهان ڏانهن خط لکي رهيو آهيان. ڪرزما پڙهڻ ڪانپوءِ جتي نج بهترين ادب جي چونڊ ملي ٿي، اتي مڪمل تفريح خاطر پڙهندڙن لاءِ پڻ مواد آهي. اسلامي تاريخ ۽ تاريخي ادب جا سلسلا به بهترين آهن. ڪرزما ۾ نثرجي مقابلي ۾ شاعري سيڪشن ڪجهه ڪمزور آهي. جون ۽ جولاءِ واري پرچي ۾ ڪجهه بهتري آئي آهي. توهان منجهان ڪرزما جي هن حصي جي به بهتري جي اميد رکجي ٿي. ڪجهه شعر موڪليان پيو. معيار جي خاني ۾ فٽ ٿين ته شايع ڪري مانائتي موٽ ڏجو.

**گل بهار باغائي، نواب شاهه**

ماهوار ڪرزما جو نئون شمار منهنجي هٿ ۾ آهي. هن شماري جيتري تعريف ڪجي، گهٽ آهي. هن شماري جون سڀئي ڪهاڻيون من موهيندڙ هيون. رڳو امر جليل جي ڪمي شدت سان محسوس ٿي. شاعري واري سلسلي ۾ سيني دوستن تمام

خوبصورت انداز ۾ نيايو آهي. خاص ڪري صادق لاشاري، مايا ساگر اوڏ، منور ملاح، آصف لغاري، ارباب عادل چوهاڻ، حبيب الرحمان لغاري. هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته آئون ڪافي عرصي کان اوهان ڏانهن شاعري موڪليان پيو. منهنجي شاعري شايع نه ٿي ڪئي وڃي. اها معيار تي پوري نه ٿي لهي يا وري شايع ڪرڻ لاءِ اوهان جي دل نه ٿي چاهي. جواب ضرور ڏيندا. **عبدالعزيزلغاري، باڪوڙومورِي**

ادا توهان جي خط جو جواب ڏئي رهيان آهيان. دوستن جي موڪليل شاعري ڪي اسان جو هڪ پينل چونڊ ڪندو آهي. جيڪا به شاعري يا نثر ڪرزما ۾ ڇپجن ٿا، انهي جو دارومدار معيار تي هوندو آهي. ڪنهن به سفارش وغيره جو ڪو دخل نه آهي. توهان جي شاعري جيڪڏهن واقعي معيار موجب هوندي ته ضرور شايع ٿيندي. **(ادارو)**

ماهوار ڪرزما جو نئون شماروخريد ڪيم. هن شماري ۾ جن لکڻين متاثر ڪيو، ان ۾ مشهور اديب پائلو ڪوئلهو جو ناول "ڪيمياگر"، صائمه ڪنياڻ جي ترجموڪيل ڪهاڻي "واه ڙي قسمت"، منور سراج جي "رنگن جي خوشبو" بيحد وڻيون شاعريءَ جي صفحن ۾ عاشق علي ڳاهو، آزاد بابر سنڌي، ميرمحمد نوتڪاڻي، موسيٰ ڏيتو علي شاهه سنڌي وڻيا. **عبدالوهاب نظاماڻي تلهار**

ڪرزما جو نئون شمارو مليو، ڇڻ عيد ٿي وئي. اسان جو پيارو ڊائجسٽ روزبروز ترقيءَ جا ڏاڪا چڙهندو پيو وڃي. هن پيري سنڌ جي مهان ليکڪ امر جليل جي ڪمي بيحد محسوس ٿي. ڪيس سنڌ واسين پاران گذارش آهي ته ڪيئن به ڪري هر مهيني هڪ ڪهاڻي سنڌين لاءِ ضرور لکن. سندن ڪهاڻيون اسان جي سنڌيت کي تازوڪري ڇڏينديون آهن. هن پيري ڪهاڻين ۾ نئين موسم، بهِ مني ڪهاڻيون، جذبن جي وهڪري ۾، ٻي ڏسا، گل جي اڪ لائي، دوزخ ڏانهن ويندڙ لفٽ، چيني مجسمو، ناول سيلاب زندگيءَ جو، آهي ڪو پاڪ دامن هتي، عظيم سائنسدان، حضرت حزقيل عليہ السلام ۽ الطاف شيخ ڏاڍا وڻيا. محشر به هڪ دلچسپ موڙ تي پهچي ويو آهي. "مرڻ کان پوءِ جا عجيب اسرار" حيرت ۾ وجهي ڇڏيو، ڇا اهي ڳالهيون واقعي سچ آهن؟ ياصرف خيالي ۽ گهڙيل ڳالهيون آهن. **نعيم پنٹي، سکر**

ڪرزما کي پسند ڪرڻ جي مهرباني. "موت کانپوءِ جا عجب اسرار" اصل ۾ ليکڪ جي ڪتاب "موت کان موٽيل ماڻهن جا مشاهدا" تان ورتل آهي. هن ڪتاب ۾ لکيل سيئي ڳالهيون سچيون آهن ۽ ڊاڪٽرن جي تحقيقاتي ڪمن تان ورتل آهن. مريضن هڪ دفعو "موت" کانپوءِ موٽي اچي جيڪو ڪجهه ٻڌايو آهي تنهن کي پيش ڪيو ويو آهي. ان ڪتاب جو هر لفظ ۽ هر واقعو سچو ۽ صحيح آهي. **(ادارو)**

آئون "ڪرزما" جو پراڻو پڙهندڙ آهيان. مون ڪرزما جو ڪو به شمارو اجا تائين مس ناهي ڪيو. مان اوهان ڏانهن پهريان به خط موڪلي چڪو آهيان پر الائجي ڇو رڳو نالو ڏئي پيا راضي ڪيو. نه اوهان خط ٿا شايع ڪيو ۽ نه وري شاعري. آخر ڪار

اسانجو ڏوھ ڪھڙو آھي. اسان جو بہ قدر ڪيو. مون ھڪ ڪھاڻي "طوائف" لکي آھي، شايع ڪريو تہ موڪليان. جواب ضرور ڏيندا. **سومر آڪاش پنھور ڪراچي**

ادا صرف خط لکي نالو ڇپائڻ جو شوق نہ رکو. اوھان ڪي گھرجي تہ ھن صفحن ۾ ڇپجڻ لاءِ ڪرزما جي تازي شماري مٿان تنقيدي رايو لکي موڪليو. اھڙن خطن کي اسان ضرور شايع ڪندا آھيون. ھنن صفحن ذريعي اسان پنھنجي پڙھندڙن سان رابطي ۾ ايندا آھيون تہ جيئن انھن جا رايا پڙھي ڪرزما کي انھن جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ سنواري سينگاري پيش ڪري سگھون. ھن ڀيري توھانجو خط شايع ڪيون پيا. ھاڻ تہ ناراض نہ آھيو نہ؟ **(ادارو)**

آئون گذريل ٻن سالن کان لکندو پيو اچان. منھنجيون لکڻيون گھڻو ڪري اخبارن ۾ شايع ٿيون آھن. اجا تائين مون پنھنجي ڪا ڪھاڻي ڪنھن رسالي يا اخبارکي موڪلڻ جي جرئت نہ ڪئي آھي. ماھوار ڪرزما جا اٽڪل ست ڪن پرچا مون پڙھيا آھن. ھر مھيني پڙھڻ ڪري سوچيم تہ توھان جي شروع ڪيل نئين سلسلي "نئون ليکڪ" ۾ آئون بہ طبع آزمائي ڪريان. سو ھڪ ڪھاڻي موڪليان پيو. چڱي لڳيو تہ شايع ڪجو. ڪرزما ۾ دنيا جي مشھور شاعرن، اديبن، فلسفين ۽ بزرگن جي سوانح حيات جوسلسلو بھترين آھي. اھڙو سلسلو مون اڄ ڏينھن تائين ڪنھن بہ سنڌي رسالي يا ڊائجسٽ ۾ نہ پڙھيو آھي. ھر ڀيري ھڪ ناول ڏئي اوھان اسان جون دليون کٽي ورتيون اٿم. سنڌ ڪلاسڪ ۾ ڏنل ڪھاڻيون بہ بھترين آھن. عمر خيام واري لکت ۾ ذڪر ڪيل حسن بن صباح بابت وڌيڪ معلومات درڪار آھي. مثلن حسن بن صباح ڪٿان آيو؟ سندس پوئلڳ اڄ آھن يا نہ. نہ آھن تہ پوءِ ڪيڏانھن ويا ۽ سندن عقيدي بابت ڄاڻڻ جو شوق آھي. اميد تہ رھنمائي ڪندا.

**رياض بلوچ ڪراچي**

توھان جي ڪھاڻي زير غور آھي. سٺي ھوندي تہ ضرور شايع ڪنداسين. اسان خود حسن بن صباح جي باري ۾ ڪرزما اندر ھڪ سلسلو ھلائڻ جي باري ۾ سوچي رھيا آھيون. جلدئي حسن بن صباح جي باري ۾ تفصيل سان ڪرزما اندر پڙھندا. **(ادارو)**

ڪرزما جو نئون شمارو پڙھي سنجھا جھڙي سھائيءَ جو احساس ٿيو. سڀئي ڪھاڻيون پوپٽن جي پرن جھڙيون محسوس ٿيون. شاعريءَ واري حصي ۾ صادق لاشاري، ثمرن سومرو، ماياساگر ۽ فراق ھاليپوٽو جي شاعري وڻي. شاعري وارو سلسلو بند ڪرڻ جو نہ سوچجو. ڇو تہ شاعري ڪرزما جي دل آھي. توھان پاڻ سوچيو ڪا شيءِ دل ڪان بغير زنده رھي سگھندي؟ **حبيب الرحمان لغاري سانگھڙ**

ادا! اسان شاعريءَ جي سلسلي جي بند ڪرڻ واري ڳالھ سٺي شاعري نہ ھئڻ ڪري ڪئي ھئي. اسان سنڌ جي شاعرن کي گذارش ڪئي ھئي تہ اھي سندن شاعري ڪرزما جي پڙھندڙن جي لاءِ موڪلي ڏين. جيڪڏھن سٺي شاعري ملندي تہ ھرگز ان سلسلي کي بند نہ ڪنداسين. ھاڻ تہ خوش آھيو نہ؟ **(ادارو)**

جولاءِ وارو پرچو مليو. جس هجيو جو هر مهيني پرچو باقائدگي سان ڪڍي رهيا آهيو ۽ سينئر ۽ جونيئر تخليقڪارن جومواد سهيڙي تاريخي شمارا دل جي گهرائين سان سجايو پيا. شاعريءَ جي باري ۾ ته سٺي مواد نه هئڻ ڪري اوهان شاعريءَ جا صفحا گهٽ ڪرڻ جو سوچيو پيا. اوهان کي گذارش آهي ته ائين نه ڪندا. شاعري ڪرزما جي سونهن هوندي آهي.

**مجيب سنڌي دوڙ**

ڪرزما ڊائجسٽ کي پهريون پيرو پڙهيو اٿم. تمام سٺو لڳو. دل چيو ته ڇو نه ڪرزما جي خوبصورت محفل ۾ شامل ٿيون. ڪهاڻيون ۽ شاعري پڙهيا اٿم. بهترين لڳا.شاعري موڪلي رهي آهيان. اميد ته شايع ڪري عزت ڏيندا.

**زيبا لاشاري درگاهه جوڻائي شريف واره**

ڪرزما جو تازو پرچو مليو. خوبصورت ٽائيٽل ۽ من موهيندڙ لکڻين موهي وڌو. شاعريءَ ۾ ساحر راهو جي نڪور شاعري پنهنجو مٽ پاڻ هئي. باقي دوستن ۾ امداد جسڪاڻي، آزاد بابر سنڌي، رحمت سومرو ۽ ٻين ڪافي نيايو. هن پيري شاعري شايع نه ٿي ته پوءِ خط لکڻ ۽ شاعري موڪلڻ بيڪار آهي. منهنجي خط ۽ شاعريءَ کي ڪڏهن به ڪرزما ۾ جاءِ نه ڏني اٿوَ.

**عبدالعزيز سومرو پنو عاقل**

شاعري جي ڇپجڻ جو فيصلو اسان جو پينل ڪندو آهي. اسان نثري حصي وارا ان ۾ مداخلت نه ڪندا آهيون. جيڪڏهن اوهان جي شاعري معياري هوندي ته ضرور شايع ڪئي ويندي. ان ۾ ڪاوڙ ڪرڻ جي ڪا گهرج نه آهي سائين. توهان پاڻ سمجهو ٿا ته اسان کي ڪرزما ۾ هميشهه سٺي مواد کي ڇاپڻ گهرجي. **(ادارو)**

**انهن دوستن جا نالا جن جا خط جاءِ نه هجڻ جي ڪري شايع نه ڪري سگهيا آهيون:**

ڊاڪٽر لاڪو ڪڇي، ايم وزير عباسي پنوعاقل، سومرو سيد قمبر، مجتبيٰ محمد لقمان ماڪواڙائي ٽنڊو آدم، نياز ڪورائي مورو، جميلا پنهور خيرپورميرس، سليمان چنڊ ڪنڊيارو، امير علي جکراڻي جيڪب آباد، عاشق شيخ لاڙڪاڻو، رستم سيال شڪارپور، جمع خان ڪوسو بدين، ڊاڪٽر رب نواز ميمڻ حيدرآباد، فيروز قادري حيدرآباد، امداد جسڪاڻي پنو عاقل، راجا اسماعيل ڪٽي بدين، آفتاب لولائي، ڪريم گل دايو شهدادڪوٽ، مدهوش مينهل پلي عمر ڪوٽ، علي محمد پٽي، محمد رفيق ساگر ٽنڊو آدم، روبينه سهتو دادو، نصير نهڙيو، مسڪين سمون، رحمت سومرو، ڪلثوم قاضي مير پور خاص، عظيم جلباڻي گمبٽ، رئيس لي چانگ پنج مورو، ظفر ميمڻ دربيلو، نصير ميمڻ نواب شاهه، ڪاشف راهوجو دادو، بيدل مهر خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻيا.

☆......☆......☆

ان انسان جي زندگيءَ جو احوال جنهن ڊائناميٽ ايجاد ڪيو ۽ نوبل انعام جو بنياد رکيو. ان جو نالو الفريڊ نوبل هو. ان عظيم انسان جي زندگيءَ جو احوال، جنهن پنهنجي سڄي دولت انسانذات جي ڀلائيءَ جي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

# عظيم سائنسدان

ٻيون ۽ آخري حصو

سنڌيڪار:
ماستر عبدالرزاق ميمڻ

## ان عظيم انسان جي ڪهاڻي جنهن ڪي ماڻهو موت جو سوداگر چوندا هئا.

اهڙيءَ طرح برٿا کي اهو پهريون ڌڪڪو لڳو. هن محبت جا رنگين افسانا گهڻا پڙها هئا، جن ۾ عاشق پنهنجين محبوبائن جون تعريفون خوشبوئن وانگر ڪندا هئا. مڪڙي پنهنجي مرضيءَ سان ڪلندي آهي، پر هتي هن جي عزت نفس کي پائمال ڪيو ويو هو. ڪافي وقت تائين هوءَ ان داغ کي لڪائي هلندي رهي. آخرڪار هن جو زخم ڀرجي ويو ۽ هن زندگيءَ جي دلچسپين ۾ وري حصو وٺڻ شروع ڪيو.

☆☆☆

اٽليءَ جي هڪ جواخاني ۾ هن جي ماءُ حسب معمول جوا ڪيڏي رهي هئي. اچانڪ هيٺ مٿي، هن ٻي چار هٿ کٽي ورتا. هوءَ خوشيءَ کان ديواني ٿي وئي. ان سان گڏ ئي نيپلز جو هڪ شهزادو ويٺو هو، جيڪو مسلسل هارائي رهيو هو. برٿا، ماءُ کي راند ختم ڪرڻ جو اشارو ڏنو، پر ماءُ کي جهڙو نشو چڙهيل هو. هن مداخلت کي خراب قرار ڏيندي راند جاري رکڻ جي ڪوشش ڪئي ته برٿا وري به سختيءَ سان منع ڪيس. شهزادي غور سان برٿا کي ڏٺو ته بس ڏسندو ئي رهجي ويو. هن پتا اڇلائي ڇڏيا ۽ وڏي احترام سان برٿا جي ماءُ کي چيو "اوهان جي خوبصورت ڌيءُ اوهان کي سٺو مشورو ڏئي رهي آهي."

برٿا جي ماءُ هڪ ٿڌي آهه ڀري راند ختم ڪري ڇڏي. ٽئي اتي ڪافي شاپ ۾ هليا ويا. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. شهزادو اڌڙوٽ مگر سٺي ذوق وارو هو. برٿا جي ماءُ کي هڪ ئي فڪر هو ته ڪنهن طرح ڪو شاهوڪار ماڻهو سندس ڌيءُ سان شادي ڪري. جڏهن شهزادي هنن کي پنهنجي گهر ۾ دعوت ڏني ته برٿا جي ماءُ يڪدم راضي ٿي وئي.



شهزادي جو گهر جبل جي چوٽيءَ تي هو. ڪنهن زماني ۾ شاندار رهيو هوندو، پر ان ۾ هن وقت مفلسي صاف نظر اچي رهي هئي. برٽا جي ماءُ گهٽي مايوس ٿي، پر مروت ۾ هڪدم واپس وڃڻ جي خواهش کي دٻائي ڇڏيائين. شهزادي انهن جي دعوت ڪئي. کائڻ پيئڻ جون شيون بہ غير معياري هيون، پر شهزادو خانداني مونجهارن کي سيني سان لڳائي زندگي گذاري رهيو هو ۽ پهرين نظر ۾ برٽا جي نظرن جي تيرن جو شڪار ٿي چڪو هو.

هن وڏي فخر سان برٽا کي پنهنجي شريڪ حيات بنائڻ جو ارادو ظاهر ڪيو، پر مخاطب برٽا جي ماءُ کي ڪيو.

"شادي توهان، مون سان ڪرڻ ٿا چاهيو يا منهنجي ماءُ سان؟" برٽا هڪدم مداخلت ڪندي ڪيس چيو.

شهزادو حيرت مان برٽا کي ڏسڻ لڳو، "آئون هيءُ اعزاز توهانکي عطا ڪرڻ چاهيان ٿو." شهزادي مرڪندي جواب ڏنو.

"آئون ان اعزاز کي رد ٿي ڪريان." برٽا بہ ان ئي لهجي ۾ چيو.

"منهنجو تعلق وڏي اعليٰ خاندان سان آهي." شهزادي ٻيو پيرو ڪوشش ڪئي، "اوهان نقصان ۾ نہ رهنديون."

"بهتر آهي تہ اوهان پنهنجي خانداني غرور سان شادي ڪريو. اوهانجي صحت تي سٺو اثر پوندو." هيءُ چئي برٽا اٿي بيٺي.

هيءُ پهريون ۽ آخري موقعو هو، جڏهن ماءُ ۽ ڌيءُ هڪ ئي فيصلي تي متفق ٿيون هيون.

☆☆☆

برٽا ان ڳالهہ تي حيران هئي تہ ڪو ڊنگ جو ماڻهو هن سان شاديءَ لاءِ تيار ڇو نہ ٿو ٿئي؟ هوءَ انهن سڀني خصوصيتن سان مالامال هئي، جيڪي ان دور ۾ پسند ڪيون وينديون هيون. هوءَ رقص ۽ موسيقيءَ ۾ ماهر هئي. گهوڙي سواري ۽ ترڻ بہ ڄاڻندي هئي. تعليم يافتہ ۽ خوبصورت هئي.

جڏهن هن ايڪويهين سال ۾ قدم رکيو تہ شهزادي ڊاڊيانيءَ سان هن جي دوستي ٿي وئي. شهزادي، برٽا جي حسن ۽ جمال کان ڪافي متاثر هئي ۽ هن کي پنهنجو گهر آباد ڪرڻ جو مشورو ڏيڻ لڳي. "منهنجو خيال آهي تہ منهنجي خوبصورتي ئي منهنجي وڏي دشمن آهي." برٽا کلندي چيو. "هاڻي ظاهر آهي تہ آئون پاڻ تہ ڪنهن مناسب ماڻهوءَ کي شادي ڪرڻ لاءِ مجبور تہ نہ ٿي ڪري سگهان!"

"تون پنهنجي خوبصورتيءَ کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي فن کان واقف ناهين." پوءِ ڊاڊيانيءَ هن کي گهڻاعورتاڻا گر سيکاريا. برٽا غور سان ٻڌندي رهي، پر ان جا ڳل حيا کان ڳاڙها ٿيندا رهيا. هيءَ وڏي عجيب ڳالهہ هئي.

ڊاڊيانيءَ سمجهائڻ واري انداز ۾ کيس چيو، "مردن جي دل کٽڻ جي لاءِ تمام گهڻو خوبصورت هئڻ ضروري ناهي. بس پنهنجي سونهن کي طريقي ۽ سليقي سان پيش ڪرڻ گهرجي."

ان شهزاديءَ جو هڪ مائٽ خوبصورت نوجوان "هرڪيوليس" هو،

ٽن ڇوڪرين کي آدابِ زندگي سيکارڻ هئي. ٽئي ڇوڪريون پنهنجي استاد سان هري مري ويون، پر مشڪلات هتي به ان جي راهه تڪي رهي هئي. انهن ٽنهي ڀينرن جو هڪ نوجوان ڀاءُ آرٿر هو، جيڪو رنگين مزاج ۽ چلولي طبيعت جو مالڪ هو.

الفريڊ نوبل وڏي ڏيان سان دوکي ڪاڏل برٿا جو قصو ٻڌي رهيو هو. هن آرٿر جي خاندان بابت ڪافي سوال ڪيا ته برٿا اڌ ڪليل اکين سان ان کي ڏسندي پڇيو، "ڇا توهان هن خاندان کان واقف آهيو؟"

"آئون نه رڳو واقف آهيان، بلڪ هڪ فيصلو به ڪري چڪو آهيان." الفريڊ جواب ڏنو.

"اهو ڪهڙو؟"

"جيڪڏهن هيءُ بدمعاش آرٿر به توکي دوکو ڏيڻ وارن ۾ شامل آهي ته آئون ان کي ۽ ان جي خاندان کي تباهه ڪري ڇڏيندس." الفريڊ سنجيدگيءَ سان چيو، "منهنجي هڪ اشاري جي دير آهي، ان خاندان جي تباهيءَ تي مهر لڳي ويندي." " مسٽر الفريڊ، دوکي جو فيصلو ته آئون هينئر نه ٿي ڪري سگهان." برٿا نگاهون جهڪائيندي چيو، "بس، ايترو ڄاڻان ٿي ته آرٿر منهنجي معاملي ۾ حقيقت پسنداڻي رويي جو مالڪ آهي."

"اهو وري ڪيئن؟" الفريڊ پڇيو.

" اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي جي قربت ۾ وڏو سڪون ملي ٿو." برٿا چيو، "آرٿر ڪليل لفظن ۾ هر شيءِ جو اعتراف ڪندي چيو آهي ته هو پنهنجي خاندان بنا ڪجهه به ناهي ۽ مون کي ان جي صاف گوئيءَ پسند آئي آهي. پهرين اسان پنهنجن لاڳاپن کي دنيا کان لڪايو، پر پوءِ جڏهن اهو ممڪن نه رهيو ته اسان به پرواهه ڪرڻ ڇڏي ڏني."

"۽ آرٿر جي ماءُ توکي ملازمت مان ڪڍي ڇڏيو؟" الفريڊ، ڪهاڻيءَ جو بقايا حصو مڪمل ڪري ڇڏيو.

"بلڪل مسٽر الفريڊ! حقيقت اها ئي آهي."

".....۽ هيءُ به حقيقت هوندي ته منهنجي نوڪري ڪرڻ جي صلاح به آرٿر جي ماءُ تو کي ڏني هوندي، جنهن خود محبت کي نڪرائي مال ۽ دولت سان شادي ڪئي آهي."

"شاديءَ جي باري ۾ ته مونکي ڪا خبر ناهي، البته هيءُ سچ آهي ته توهان وٽ نوڪري ڪرڻ جي صلاح مونکي ان ئي ڏني آهي." برٿا جواب ڏنو.

"هاڻي تون ڇا ٿي چاهين؟" الفريڊ پڇيو.

"آرٿر مونکي روزانو خط لکندو آهي. في الحال ،ٓئون توهان جي ملازمت ڇڏي نه ٿي سگهان." برٿا جواب ڏنو.

"ڳالهه نوڪريءَ جي ناهي." الفريڊ اچانڪ خاموش ٿي ويو. پوءِ هن آهستگيءَ سان چيو ته "ڪاش، اسان جي ملاقات ڪجهه سال پهرين ٿئي ها، ته جيڪر آئون انهن دوکيبازن کي تنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏيان ها، پر هاڻي جڏهن تون مون سان ملي آهين ته محبت جي زنجير ۾ جڪڙيل! آئون ان زنجير کي ٽوڙڻ جو مشورو ڏئي خودغرضيءَ جو مظاهرو ڪرڻ نه ٿو چاهيان.

هونئن به آئون آرٿر کي چڱي ريت

سچاڻان ٿو. هن جو ذوق خراب ناهي. هو شاعر آهي ۽ موسيقيءَ جو بہ شوقين آهي. ان ۾ صرف عمل جي گهٽتائي آهي ۽ زندگي صرف خيالي قلعن ٺاهڻ جي سهاري نہ ٿي گذاري سگهجي. آئون ان کان وڌيڪ ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهان. توکي ملازمت ڇڏي تنگدستيءَ ۾ وقت گذارڻ جي ضرورت ناهي. مون وٽ ايتري دولت آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن ان جو استعمال مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. آئون عملي انسان آهيان. آئنده هزار سال بہ زنده رهان تہ اقتصادي مسئلي کان آزاد رهي سگهان ٿو. منهنجي دولت جو ڪجهہ حصو اگر توکي سڪون ڏئي سگهي ٿو تہ مونکي ڪو اعتراض نہ آهي."

"نہ، مسٽر الفريڊ! پڪهار کان وڌيڪ ڪجهہ قبول ڪرڻ مونکي پنهنجن نظرن کان ڪيرائي ڇڏيندو." برٿا جواب ڏنو.

"منهنجو بہ اهو ئي خيال هو،" الفريڊ چيو. "پر سياڻي کان تون منهنجي پسند جو لباس پهري منهنجي سامهون ايندينءَ. توکي ڏسي منهنجي دل خوش ٿئي ٿي ۽ ان خوشيءَ جو معاوضو مونکي ادا ڪرڻ گهرجي."

"اوهان کي مون کان ڪا بہ شڪايت نہ هوندي. ٻي ڪا هدايت؟"

"موکي جاڳائڻ تون پاڻ ايندينءَ." الفريڊ مرڪندي چيو.

"آئون ان ۾ ڪجهہ اضافو بہ ڪري سگهان ٿي،" برٿا مرڪڻ لڳي،" اڄ کان پوءِ آئون، توهان کي سمهارڻ جي جوابداري بہ پنهنجي سر تي کڻان ٿي."

ٻنهي غور سان هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. وقت جي رفتارهنن ٻنهيءَ لاءِ ڇڻ بيهي وئي.

"هاڻي تہ آئون بہ اهو محسوس ڪرڻ لڳي آهيان تہ مونکي ڪافي وقت پهرين توهان سان ملاقات ڪرڻ گهربي هئي." برٿا ڪجهہ ويجهو ايندي چيو.

"زندگيءَ جو اهو ئي الميو آهي. مناسب ملاقاب بہ نامناسب وقت تي ٿيندي آهي،" الفريڊ جيتوڻيڪ سائنسدان هو، پر ان لمحي سندس آواز ۾ ڏڪڻي هئي.

"منهنجو خيال آهي تہ هاڻي توکي آرٿر جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي." آخرڪار الفريڊ پنهنجي دل جي ڳالهہ زبان تي کڻي ئي آيو. " نئين زندگيءَ جون نيون خوشيون تنهنجي آڌرڀاءُ ڪرڻ لاءِ بيچين آهن."

"آئون سنجيدگيءَ سان توهان جي ان پيشڪش تي غور ڪرڻ جو وعدو ڪريان ٿي." برٿا جواب ڏنو.

☆☆☆

ٻئي ڏينهن الفريڊ کي "اسٽاڪ مور" شهر وڃڻو هو، جتي ڊائناميٽ فيڪٽريءَ جو افتتاح ان جو منتظر هو. هن جي دل بار بار چئي رهي هئي تہ برٿا کي قابو ڪر، نہ تہ، بارود جي دنيا ۾ گم ٿي وڃين تہ پڇتائيندين. پوءِ ڪجهہ سوچي هن سڄو معاملو تقدير تي ڇڏي ڏنو. هن کي اميد هئي تہ جڏهن هو واپس ايندو تہ برٿا پنهنجين نرگسي اکين سان سندس استقبال ڪرڻ لاءِ موجود هوندي ۽ هو انهن اڌ ڪليل اکين جون سموريون اداسيون هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيندو.

اسٽاڪ هوم پهچي هن برٿا کي تار

مبتلا آهيان. ان ڪري ابتدائي سروي جو ڪم رابرٽ کي ڪرڻو پوندو. سروي رپورٽ پڙهڻ ڪانپوءِ آئون ڪو مناسب فيصلو ڪندس."

الفريڊ جنهن علائقي جي نشاندهي ڪئي هئي، اهو دنيا جي سڀ کان وڏي ڍنڍ "ڪيسپين ڍنڍ" جي ويجهو "باڪو" (باڪو هاڻي وچ ايشيا جي ملڪ آزربائيجان ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي) نالي علائقو هو. ان زماني ۾ هيءَ جڳهه نهايت پراسرار مشهور هئي ۽ هتان جا ماڻهو تهذيب کان بلڪل اڻ واقف هئا. رابرٽ جڏهن وولگا نديءَ جي ڪناري سان لڳولڳ سفر ڪندو ڪيسپين جي ويجهو پهتو ته هڪ عجيب و غريب منظر ڏسي حيران ٿي ويو. وسيع ۽ پکڙيل علائقو ڪاريءَ ڌنڌ ۾ ويڙهيل هو. فضا تي ڪاراڻ جو عالم ڇانيل هو. آسمان نظر نه پئي آيو. سج، ستارا، اکين کان اوجهل هئا.

ماحول ۾ بدبودار دونهون ڇانيل هو ۽ هر هنڌ شعلا پئي نظر آيا. رابرٽ کي هيءَ جڳهه واقعي پراسرار لڳي رهي هئي. ڏينهن جي وقت سج جا ڪرڻا پڻ ماحول کي منور ڪرڻ کان قاصر هئا. اتان جا ماڻهو به تهذيب و تمدن کان ناواقف ۽ بلڪل بيوقوف ٿي لڳا. ڪاري ڪل وارا اٺ رابرٽ پهريون ڀيرو اتي ڏٺا. اتان جا ماڻهو ڪا ڳاڙهي شيءِ ٽين جي دٻن ۽ پکالن ۾ ڀري اٺن جي ذريعي ڪيڏانهن ڪٿي وڃي رهيا هئا.

رابرٽ کي هيءَ ته معلوم ٿي ويو ته ڳاڙهو ڀاڻياٺ شيءِ جو تعلق تيل سان هو، پر ڪيس انهن تي ڪٿي وڃڻ واري ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. بهرحال هن پنهنجي رپورٽ ۾ هن پراسرار جڳهه جو تفصيل سان ذڪر ڪيو.

باڪو کان هڪ ٻن ميلن جي فاصلي تي هن کي اخروٽ جي وڻن جو جهنگل به ملي ويو. هيءَ رپورٽ جڏهن الفريڊ جي سامهون آئي ته هن جون اکيون کليل ئي رهجي ويون. هن پرجوش لهجي ۾ پائرن کي چيو ته "اسان سون جي کاڻ دريافت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون، بلڪ سون جي کاڻ به ان جي مقابلي ۾ ڪا حيثيت نه ٿي رکي."

الفريڊ تيل کي صاف ڪرڻ جو هڪ ڪارآمد طريقو ڳولهي ورتو هو. هاڻي اهو ئي طريقو استعمال ڪرڻ جو وقت اچي ويو هو. تحقيق ڪرڻ تي انڪشاف ٿيو ته باڪوءَ جو هيءُ علائقو روس جي بادشاه زار، پرشيا(هاڻوڪي جرمني) کان کسيو هو. پر تيل جي موجودگيءَ جي ڪري زمين ۾ ڪجهه به پوکجي نه ٿي سگهيو، ان ڪري ان جاءِ کي بيڪار قرار ڏنو ويو هو. اتي سرسبز وڻ ته ڇا، پر ڪرڙ ڪانڊيرا تائين موجود نه هئا. ڪاري ڌٻڻ واري علائقي مان دونهون نمودار پيو اٿندو رهندو هو. اصل ۾ هتي زمين جي اندر تيل جا ذخيرا هئا، جيڪي وهي وهي زمين جي سطح تي اچي رهيا هئا.

روسي بادشاه زار هيءُ علائقو ڪنهن نواب کي مخصوص مدت لاءِ ڏنو هو ۽ نوابي ملڪيت جو مدو به ختم ٿي چڪو هو. الفريڊ جي توجهه سان هن علائقي جي قسمت جاڳي پئي. باڪوءَ کان ٽن ميلن

ننڍڙي ڳوٺ ۾ روڪي ڇڏيو هو. هن جي دل جيڪڏهن اهو عجيب وغريب فيصلو نه ڪري ها ته شايد هو، هن وقت به ڪنهن ڪاروباري ميٽنگ ۾ ويٺو دولت گڏ ڪندو هجي ها.

ڳوٺ جو ماحول هن کي ڏاڍو وڻيو هو ۽ گڏوگڏ صوفيه جي موجودگيءَ به هر شيءِ جي حسن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو هو.

"مونکي ڪنهن اهڙيءَ جڳهه تي وٺي هل، جتي آئون موسيقيءَ مان لطف اندوز ٿي سگهان." الفريڊ پنهنجي عادت کان مجبور حڪم واري انداز ۾ صوفيه کي چيو.

"ڊارلنگ! اگر تون، "آئون" جي جڳهه تي "اسان" چوين ته وڌيڪ مناسب ٿيندو." صوفيه ڪيس سندس غلطيءَ تي هلڪي انداز ۾ ٽوڪيندي چيو.

الفريڊ غور ڪيو ته پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيس. هو واقعي ڪنهن فيڪٽريءَ جي جاچ لاءِ نه پر هڪ حسين عورت کي سير ڪرائي رهيو هو.

"بهرحال تون ڇا ڪندڙ آهين" صوفيه آخرڪار نجي نوعيت جو سوال ڪيو. "منهنجو مطلب آهي ته تون ڪهڙي پيشي سان واسطو رکين ٿو؟"

اهو ٻڌي الفريڊ کلڻ لڳو. هن جواب ڏيڻ کان پهرين پنهنجن لفظن تي غور ڪرڻ ٿي چاهيو. هن کي خدشو هو ته جيڪڏهن هن صاف انداز ۾ ڊائناامائيٽ جي موجد هئڻ جو اعتراف ڪري ورتو ته صوفيه کي شايد هيءَ ڳالهه پسند نه اچي. ان تجربي مان هو ڪيترائي دفعا گذري چڪو هو. هن جواب جي هر لفظ کي ٽوريندي چيو ته "مون هڪ اهڙي شيءِ ايجاد ڪئي آهي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ گهڻي تباهي مچائي سگهي ٿي."

"اڇا!" صوفيه لفظ اڇا کي ڊيگهه ڏيندي چيو. هن جون اکيون به ضرورت کان وڌيڪ ڦهلجي ويون هيون. "ان جو مطلب اهو آهي ته تون ڪو وڏو امير ماڻهو آهين!"

"منهنجي هٿان وڃڻ ڪانپوءِ توکي منهنجي مالي حيثيت جو پتو پئجي ويندو." الفريڊ موضوع ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"هڪ منهنجو پيءُ آهي، جيڪو پائيءَ پائيءَ جو حساب ڪري ٿو." صوفيه پنهنجي پيءُ جي عيب جوئي ڪندي چيو. "اسان جڏهن ڪائنس پئسا گهرندا آهيون ته هو پنهنجي خالي هٿ جي تري اسان ڏانهن ڪندي چوندو آهي، ڪٿو، هتي رکيل رقم. پنهنجي ڪنجوس پيءُ جي هن عادت ئي ته مونکي نوڪري ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي."

"جلد ئي توکي هن نوڪريءَ جي ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي." الفريڊ چيو. "شايد تون ٻين کي نوڪر رکڻ جي قابل بنجي وڃين."

"ڇا منهنجي لاٽري نڪرڻ واري آهي؟" صوفيه پڇيو.

"اها ته نڪري چڪي آهي." الفريڊ جواب ڏنو.

"ڇا تون سچ چئي رهيو آهين؟" صوفيه ٻارن وانگر خوش ٿيندي پڇيو.

ان دوران هنن کي ڳوٺ ۾ قائم زيورن جو هڪ دڪان ڏسڻ ۾ آيو. الفريڊ

ڪجھ چوڻ بنا هن کي وٺي ان دڪان ۾ گهڙي ويو.
"اسان هتي ڇو آيا آهيون؟" صوفيہ حيرت جو اظهار ڪرڻ بنا رهي نہ سگهي.
"آئون توکي ڪو سٺو تحفو ڏيڻ ٿو چاهيان."
"اي مسٽر! هيءَ هيرن ۽ جواهرن جو دڪان آهي، گلن جو نہ ۽ منهنجي پسند بہ گهٽي اوچي آهي." صوفيہ دلفريب مسڪراهٽ سان چيو.
" ڏسون ٿا تہ تنهنجي پسند جي بلندي ڪيتري آهي." الفريڊ چيو.
صوفيہ پنهنجي ساٿيءَ کي آزمائڻ لاءِ هيرن جو سڀ کان مهانگو سيٽ پسند ڪيو.
الفريڊ هڪدم چيڪ ذريعي قيمت ادا ڪري ڇڏي.
دڪاندار کي ان جي اصيلت جي خبر پئي تہ هو انڪساريءَ وچان باادب ٿي بيهي رهيو. الفريڊ هن کي چپن تي آڱريون رکندي خاموش رهڻ جو اشارو ڪيو. دڪاندار سمجهي ويو تہ الفريڊ ان حسين عورت کي متاثر ڪرڻ ٿو چاهي، ان ڪري ماٺ ٿي ويو.
ٻئي ڏينهن صوفيہ مخصوص ڪائونٽر تي بيهي گل وڪڻي رهي هئي تہ دڪان جو مالڪ ڏند ڪڍندو وٽ آيو، "مس صوفيہ! نئون ڪاروبار مبارڪ هجئي. آفيس ۾ اچي ڪاروبار جا ملڪيتي ڪاغر وٺي وڃجان."
پهرين تہ صوفيہ جي سمجھ ۾ ڪجھ بہ نہ آيو. گذريل رات هن کي الفريڊ جي شخصيت ڪجھ پراسرار لڳي هئي. جنهن انداز ۾ هن هيرن جي سيٽ جي قيمت ادا ڪئي هئي، اهو انداز حيران ڪندڙ هو. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ هن ڪو گلدستو خريد ڪيو هجي.
ڳالھ زياده دير تائين لڪي نہ سگهي. هوءَ هڪ غريب حسينہ هئي، پر روسي ڪرينن وانگر وسيع ظرف جي مالڪ نہ هئي. پنهنجن خوابن ۾ رنگ ڀرڻ جي خواهش جي قيدياڻي. هوءَ ڀڄندي الفريڊ وٽ پهچي وئي ۽ ويندي ئي ڪيس چنبڙي پئي.
"مسٽر الفريڊ! منهنجي واقعي لاٽري نڪري آئي آهي." هن ڏڪندڙ لهجي ۾ چيو. خوشي هن جي انگ انگ مان بکي رهي هئي.
"ان ۾ آڀي مان نڪرڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي؟" الفريڊ مرڪندي چيو. "ماڻهن جو لاٽريون نڪرنديون ئي رهنديون آهن."
☆☆☆
صوفيہ جي ڳوٺ ۾ الفريڊ جو قيام ڏڪهي کان ڏکهو ٿيندو ويو. صوفيہ جا والدين، الفريڊ کي سون جي کاڻ سمجهڻ لڳا. اهڙي کاڻ جيڪا انسان جي قسمت بدلائي ڇڏيندي آهي. الفريڊ ان ڳوٺ ۾ عاليشان گهر خريد ڪيو ۽ پنهنجي محبوبہ سان ان ۾ رهڻ لڳو. جنهن ڏينهن هو ڳوٺ مان وڃڻ لڳو تہ هن صوفيہ کي ڪليل اکرن ۾ چيو تہ "پياري! اسان جا لاڳاپا منظر تي نہ اچڻ گهرجن. اسان سٺن دوستن وانگر زندگي گذاري سگهون ٿا. آئون هر وقت تنهنجو خيال ياد رکندس. مگر وعدو ڪر تہ تون بہ پنهنجي زبان بند رکندينءَ."
صوفيہ کي ايترو ڪجھ ملي چڪو

## ڏاچي هٽي ڏهہ، تہ توڏِي هٽي تير هن

جڏهن سوڍي (راڻي)، مومل ماڻي، تڏهن روزانو رات جو پليءَ ڏاچيءَ تي چڙهي، وڃي مومل جو مهمان ٿيندو هو ۽ رات اتي گذاري، صبح جو موٽي، ماڳ ايندو هو. اهو ڳجهہ ڳوهہ وارو قصو آخر کلي پيو. جنهن ڪري همير سومري کي منيان لڳي ۽ڪاوڙ وچان، راڻي جي سواريءَ واري ڏاچيءَ کي، پيرن ۾ ڪيرَ هڻائي، منڊو ڪرائي ڇڏيائين. هينئر راڻي لاءِ، زندگي زهر ٿي پيئي، سو لَڳو ڪاڪ هلڻ لاءِ ڳهاٽ ڳهڻ. آخر ڏاچيءَ واري جت کي گهرائي، ڪانئس ٻيءَ ڪنهن اهڙي پليءَ ڏاچيءَ يا اٺ لاءِ پڇا ڪيائين، جت چيس تہ "سائين، ان ڏاچيءَ جي هڪڙي توڏي آهي، جنهن کي پڻ، ماءُ جهڙاپاڻي آهن. راڻي چيس تہ، "متان وچ تي ويلو وجهي؟" جت چيس تہ، "سائين، اوهين خيال نہ ڪريو. توڏي ننڍي آهي، مگر وکن ۾ماءُ کان بہ وڌيڪ آهي. ڪا پرواهہ نہ ڪريو. ڏاچي، ڏهہ هڻندي هٽي تہ توڏي، تيرهن هڻندي." پوءِ راڻو، روزانو انهيءَ سواريءَ تي مومل سان ملڻ ويندو هو.

شاهہ ڀٽائي بہ اهڙو ذڪرڪيو آهي:

ننڍو تان ڪوهہ، پر وکين آهي وترو،
اچيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، ڀهس ڀڪيءَجان پوءِ،
ان ڪـرَ منجهان ڪو، ميو ماڻو نہ ٿئي.

تجربيگاهہ بنائي ڇڏي هئي ۽ آهستي آهستي فرانس جي حڪومت بہ سندس خدمتن جو اعتراف ڪري هن کي سهوليتون مهيا ڪرڻ شروع ڪيون.

جڏهن الفريڊ جو ڪاروبار دنيا جي مختلف ڪندن ۾ ڦهلجي ويو تہ ان کي واپاري مقابلن جو منهن بہ ڏسڻو پيو. مختلف ملڪن ۾ اهڙا حاسد پيدا ٿي ويا، جيڪي هن ڏانهن وهندڙ دولت جي درياهہ جو رخ پاڻ ڏانهن موڙڻ جي جستجوءَ ۾ لڳي ويا. ان جي لاءِ جائز توڙي ناجائز حربا استعمال ٿيڻ لڳا. جرمنيءَ ۾ گن پائوڊر بنائڻ واريون سموريون ڪمپنيون هن جي خلاف متحد ٿي ويون. هن اتحاد جي خلاف طاقت استعمال نہ ٿي ڪري سگهجي. عقل ۽ فهم سان هن طوفان تي ضابطو رکي سگهجيو ٿي. خوشقسمتيءَ سان هن کي بارب نالي هڪ شخص ملي ويو، جيڪو قابل اعتماد هو ۽ انهن معاملن سان مقابلو ڪري سگهيو ٿي. الفريڊ جي تيز نگاهن بهترين ماڻهوءَ جو انتخاب ڪيو هو ۽ هن بارب کي مخالفن سان لڙڻ جي مڪمل اجازت ڏئي ڇڏي. بارب هن چئلينج کي قبول ڪيو ۽ فيصلو ٿيو تہ اهي سموريون ڪمپنيون ڪاروباري منافعي ۾ برابر جون شريڪ هونديون، پر ڪاروبار

رهي سگهي.

صوفيہ جي هڪ بهترين خوبي بهترين ٻڌندڙ واري حيثيت جي هئي. ڪڏهن ڪڏهن الفريڊ ڪا ڏکي ۽ مشڪل گفتگو ڪندو هو تہ بہ صوفيہ ان کي غور سان ٻڌندي هئي ۽ سوال ڪندي رهندي هئي. ائين لڳندو هو تہ هوءَ الفريڊ جي ساري گفتگو بلڪل سمجهي رهي هجي.

هن ذهني هم آهنگيءَ مان الفريڊ ڏاڍو لطف اندوز ٿيندو هو. صوفيہ جي هن اداڪاريءَ تي بہ هو ڏاڍو خوش ٿيندو هو. آخر هن هڪ ڏينهن فيصلو ڪري ورتو ۽ پنهنجي منظور نظر کي پيرس وٺي ويو. وڪٽر هيوگو ايوينيو ۾ هڪ خوبصورت گهر خريد ڪيو ۽ ان کي سينگاري صوفيہ کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيائين. صوفيہ هن تحفي تي بيحد خوش هئي. الفريڊ جو محل ڪاٿنس ٿورو پرتي هو. هوءَ جڏهن بہ چاهيندي هئي، پنهنجي محبوب سان ملي سگهندي هئي ۽ محبوب بہ پوڄاريءَ وانگر ڪيس پوڄيندو هو. هيءُ صوفيہ جي خواهشن جي تڪميل جو زمانو هو.

هوءَ گل وانگر ٽڙي چڪي هئي ۽ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو الفريڊ جي محبت جي طاقت جو احساس ٿيو هوس. انتها اها هئي تہ ان زماني ۾ الفريڊ کي پيرس ڇڏڻ مشڪل نظر اچڻ لڳو. هن جي مصروفيت مختلف ڪنڊن ۾ سندس موجودگيءَ جي تقاضا ڪندي هئي ۽ هيڏانهن وري محبوبہ جون مسڪراهٽون ۽ دلفريب ڳالهيون هن جي پيرن جي زنجير بڻجي پئي ويون.

☆☆☆

هڪ ڏينهن هو ننڊ مان سجاڳ ٿيو تہ پنهنجي ويڪري ڪمري ۾ صوفيہ کي ڏسي خوشگوار حيرت ۾ مبتلا ٿي ويو. هن جي پرائيويٽ ڪمري ۾ ڪنهن کي بہ اندر اچڻ جي اجازت نہ هئي، پر اچڻ واري جڏهن دل جي ڪرسيءَ تي اچي قبضو ڪري تہ خوابگاهہ جي حيثيت ئي ڪهڙي آهي. صوفيہ تازن گلن جو ڪيس گلدستو پيش ڪري مرڪڻ لڳي.

"تون ڪيڏي مهل آئين؟" الفريڊ ڪاٿنس پڇيو، "آئون خواب ۾ توسان ئي ڳالهائي رهيو هوس."

"جيڪا شيءِ ڪنهن جي هٿ ۾ هجي تہ پوءِ ان جا خواب ڏسڻ ڪجهہ عجيب لڳي ٿو." صوفيہ الفريڊ جي پلنگ تي ويهندي چيو، "اصل ۾ آئون ساري رات هڪ مسئلي تي غور ڪندي رهي آهيان. مسئلو هيءُ آهي تہ آئون پيرس ۾ سڄو سڄو ڏينهن گهمندي ڦرندي ٿڪجي پئي آهيان." صوفيہ پنهنجي آمد جي وضاحت ڪندي چيو، "شاپنگ ۾ بہ هاڻي ڪا دلچسپي نہ رهي آهي. دولت سان خريد ڪرڻ واريون هڙئي شيون خريد ڪري ورتيون اٿم."

"اها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي." الفريڊ چيو.

"آئون گهٽ کان گهٽ وقت تو سان گذارڻ ٿي چاهيان." صوفيہ چيو، "تون ڪيترا ڪيترا ڏينهن ٻاهر هليو ٿو وڃين ۽ هتي آئون انتظار جي سوليءَ تي لٽڪندي رهان ٿي."

"ڪاروباري مصروفيتن کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي." الفريڊ سمجهايو.

"ان جو حل مون سوچي ڇڏيو آهي."

پرورش ڪئي هئي. هاڻي هو هڪ رڪيل يا ويهاريل جي قبضي ۾ هو ۽ هيءَ ڳالهه هن جي سهپ کان مٿي هئي. ڳالهه نئين نه هئي، ازلي ابدي مسئلو هو. بهرحال الفريڊ ماءُ جي تشويش جي ڪري وقتي طور شرمنده ٿيو: پر هيءَ به هڪ اٽل حقيقت آهي ته محبوبه جو پاسو هميشه ڳرو هوندو آهي.

ان ئي زماني ۾ صوفيه بيمار رهڻ لڳي. الفريڊ کي ان جي سخت ڳڻتي ٿي. هن کي پراڻي چوٽ ياد اچي وئي، جڏهن هن جي پهرين محبت هن کان جدا ٿي هئي. الفريڊ جي بيچيني ۽ گهٻراهٽ ڏسي صوفيه جي دل خوشيءَ سان جهومڻ لڳي.

الفريڊ ان وقت جيڪڏهن ڪاروباري سفر تي هوندو هو ته به هر روز پنهنجن هٿن سان صوفيه کي خط لکندو هو. ڪيس جلد کان جلد صحتياب ٿيڻ جي تلقين ڪندو هو. اهي خط، الفريڊ جيڪي صوفيه کي ان دور ۾ لکيا، اڄ به محفوظ آهن. انهن ۾ اڪثر ڪري اديباڻو طريقو استعمال ٿيل آهي.

هڪ ڀيري هن لکيو ته "منهنجي اکين جي روشني... آئون هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلو ويٺو تيز هوائن جي هلڻ جو آواز ٻڌي رهيو آهيان ۽ انهن حسين لمحن کي ياد ڪري رهيو آهيان، جڏهن تنهنجي محبت سان هي هوائون سريليون لوليون ٻڌائڻ لڳن ٿيون. تون ٻڌاءِ ته ڪيئن آهين. تنهنجن ڳلن جي لالاڻ موٽي آئي آهي يا اڃا تائين اتي پيلاڻ جو ديرو آهي. مونکي تنهنجو ٽهڪندڙ روشن چهرو ڏاڍو دلڪش لڳندو آهي. هميشه خوش خرم ۽ صحتمند رهندي ڪر. ڇا تنهنجا خيال مستقبل جي باري ۾ سوچي رهيا آهن يا اسانجي خوشگوار اڪيلائين جا قيمتي خزانا ميڙي رهيا آهن. آئون تو کان ڪوهين ڏور ويهي تو سان سرپاٽ ڪري رهيو آهيان ۽ تنهنجا سرپاٽ ٻڌي سگهان ٿو. هي منهنجي دل جا آواز آهن. تورو غور سان ٻڌجانءِ. شب بخير، تنهنجو الفريڊ."

جڏهن هو واپس آيو ته صوفيه سندس انتظار ڪري رهي هئي. هو درياءَ "سين" جي ڪناري ڪلاڪن تائين گهمندا هئا ۽ ان مهل وقت کي ڇڻ وساري ويهندا هئا. صرف حال جا خوشگوار لمحا هنن کي ياد هئا. آهستي آهستي صوفيه سندس ايتري وڏي ڪمزوري بنجي وئي جو هن پنهنجا سمورا پروگرام رنگين راتين کي سامهون رکي ترتيب ڏيڻ شروع ڪيا.

ڪيرولين کي پل پل جي خبر ملي رهي هئي. ان جي هر خط ۾ ڪاوڙ جو اظهار هوندو هو. هوڏانهن صوفيه هر ايرڻ واري سچ سان ڳنڍ نئين ۽ نڪرجندي پئي وئي. هوءَ پيار جو اظهار ڪندي هئي ته سمنڊ به ماٺ تي ويندا هئا. حسد ڪرڻ لڳندي هئي ته هر ان شيءِ کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندي هئي، جيڪا الفريڊ جي تعريفي نگاهن جو مرڪز هوندي هئي. هوءَ پنهنجي محبت ۾ بيجان شين کي به شريڪ نه ڪندي هئي. هن جو وس هلي ها ته الفريڊ کي وٺي ڪنهن اهڙي جهان ۾ وسي ها، جتي ڪو ٻيو نه هجي ها. الفريڊ به هن جي هر خواهش تي عمل ڪرڻ جو عادي ٿيندو ويو.

☆☆☆

## پيي ڪتي جو قصو

هڪڙو ڪتو، ٻهريائين پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ گهڻو ئي شڪار ڪري، پنهنجي ڌڻيءَ جي دل راضي رکندو هو. تڏهن ڌڻيس بہ گهڻو پيائيندوهو ۽ چڱيون چڱيون شيون کارائيندو هوس. جڏهن اچي پوڙهو ٿيو، تڏهن اوتري خدمت انڪان تي نہ سگهندي هئي. تنهن هوندي بہ، هڪڙي ڏينهن، پنهنجي ڌڻيءَ سان گڏ هرڻ جي شڪار تي ويو. اتي، ٻين ڪتن کان اڳ ۾ وڃي هرڻ کي ٽنگ کان جهليائين، پر هن جا ڏند جي پڇي پري ويا هئا، تنهن لاءِ ان کي سوگهو جهلي نہ سگهيو، ۽ او هرڻ ڇڏائي ويس. تنهن تي هنجي ڌڻيءَ کي اچي ڪاوڙ لڳي، تنهن پانيو تہ ماريانس تڏهن اتي ڪتو ٿو چويس: "اڙي بي ڳڻا سائين، پنهنجي هٿ کي تہ جهليو، ذرو هي خيال تہ ڪريو تہ "ٻيلي هيءُ ويچارو اسان جو قديمي نوڪر آهي، پلا هن کي ڪيئن تا ماريون!" ٻيلي، مون تہ هرڻ جي جهلڻ ۾ پنهنجيءَ دل ڪري ڪين گهٽايو، پر منهنجو وس ڪو نہ هليو. پوءِ تڏهن آئون ڇا ڪريان! ٻڍاپڻ ڪري مون کان توهانجي خدمت نٿي پڄي، تنهن لاءِ جي اوهان کي ڪاوڙ ٿي لڳي، تہ منهنجيءَ اڳينءَ خدمت تي نظر رکي، اها ڪاوڙ لاهي ڇڏيو."

☆......☆......☆

ان دوران ڪيرولين، صوفيہ کي ڏسڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ ڪوٺي ڪوٺي پنهنجي پٽ کان صوفيہ جي باري ۾ سوال ڪيا. انهن سمورن سوالن جو خلاصو اهو هو تہ "صوفيہ جي صحت ڪيئن آهي؟"

"تنهنجي ماءُ، منهنجي طبيعت ۽ صحت جي باري ۾ آخر فڪرمند ڇو آهي؟" صوفيہ چڙندي چيو.

"آئون ننڍپڻ ۾ اڪثر ڪري بيمار رهندو هوس." الفريڊ وضاحت ڪئي، "۽ شايد ان سبب هوءَ پنهنجي ٿيڻ واري ننهن کي هر لحاظ کان صحتمند ڏسڻ چاهي ٿي تہ جيئن اسان جو اولاد بہ صحتمند پيدا ٿئي." الفريڊ پنهنجي ماءُ جي طبيعت کان واقف هو.

ڪيرولين جو معيار هر لحاظ کان بلند هو ۽ صوفيہ جو پس منظر ڪو ايترو قابل تعريف نہ هو. هوءَ ڪنهن بہ طرح پنهنجن مائٽن جو اولاد ئي نہ ٿي لڳي، ڇڻ اونداهي ماحول ۾ ڪا شمع روشن هجي. صوفيہ کي اسٽاڪ هوم پنهنجي اباڻي گهر ۾ وٺي وڃڻ الفريڊ جي لاءِ وڏو امتحان بنجي ويو. ماءُ سندس عزيز ترين هستي هئي صوفيہ محبوبہ.... ٻنهيءَ مان جيڪڏهن ڪنهن هڪ بہ ٻئي کي پسند نہ ڪيو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ هو ڪنهن جي

محبوبہ جي معاملي ۾ هو سخت ڪشمڪش ۾ مبتلا هو. عقل جي تقاضا اها هئي تہ هو لاڳاپا ختم ڪري ۽ دل ان جي خلاف هئي. عشق ۽ عقل جو پاڙ ۾ ناهہ نہ ٿي رهيو هو.

"جان من! ڪالهہ تنهنجو خط وصول ڪرڻ بنا ڏينهن ڏاڍو اداس گذريو. تون اڪثر ڪري منهنجي سردمهريءَ جي شڪايت ڪندي آهين. اڄ آئون پنهنجي ان روئي جو سبب ڪليءَ طرح بيان ڪري ٿو ڇڏيان. تنهنجي دل جو آشيانو ڏاڍو نازڪ آهي. ٿوري ئي چوٽ لڳڻ سان ٽٽي پوي ٿو ۽ تنهنجي صحت تباهہ ٿي وڃي ٿي. حقيقت اها ئي آهي تہ اسان انتهائي غلط رستي تي هلي رهيا آهيون. حد تہ اسان جي عمرين ۾ بہ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. جيڪڏهن آئون توسان شادي ڪرڻ لاءِ اظهار ڪريان تہ امڪان آهي تہ تون هائوڪار ڪندين. پر بعد ۾ جڏهن پنهنجي ڪنهن هم عمر ڪنهن کي ڏسي توکي مون سان گڏ رهڻ ڪري رنج جو احساس ٿئي تہ هن ڳالهہ جي سبب مونکي گنهگار سمجهنديئن. هن وقت تنهنجي محبت جي عمارت احسانمنديءَ جي جذبن تي بيٺل آهي. تون محبت ۽ احترام ۽ احسان ۾ فرق نہ ٿي ڪري سگهين. تنهنجو ڏوهہ ناهي، تون اڃا ننڍي آهين. منهنجي حالت لهڻ واري سج جهڙي آهي، جڏهن تہ تون اڃا ايرڻ واري روشن آفتاب وانگر آهين. جواني ديوانيءَ تنهنجين اميدن کي رنگين بنائي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ منهنجا سمورا رنگ شفق جا آهن، جن جي عمر مختصر هوندي آهي. اهڙيءَ طرح اسين محب ۽ محبوب يا عاشق ۽ معشوق نہ، پر سٺا دوست بنجي سگهون ٿا. آئون چاهيان ٿو تہ پنهنجي موجوده غير اخلاقي لڪل زندگيءَ جي توکي ڪابہ پرواهہ ناهي. اهڙيءَ طرح تون ضمير جي چهنڊڙيءَ کان آزاد آهين. هن طرز عمل کي آئون اهڙو خزانو ٿو سمجهان، جنهن کي ظاهر نہ ٿو ڪري سگهجي. ذرا سوچ پياري تہ اهو خزانو، جيڪو زمين ۾ پوريل هجي، ان جو ڪهڙو فائدو؟ وقت ايندو، جڏهن تون منهنجين ڳالهين کي سمجهنديئن. تنهنجو رويو ڪڏهن ڪڏهن مونکي تڪليف پهچائيندو آهي. ان جي باوجود آئون ان جو اظهار نہ ڪندو آهيان. ان جو سبب صرف اهو آهي تہ مونکي تنهنجو هر وقت خيال رهي ٿو ۽ آئون توکي ڏک ڏيڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهان. مونکي پنهنجي خوشيءَ کان وڌيڪ تنهنجي خوشي پياري آهي. مون کان پري رهي توکي وقتي طور تي تڪليف جو احساس ضرور ٿيندو، پر وقت ان جو پورائو ڪندو. پوءِ جڏهن سازگار ماحول ۾ توکي مناسب محبت ملندي تہ تون حقيقي مسرت کان واقف ٿي وينديئن."

هن خط جي جواب ۾ الفريڊ کي اهڙو خط مليو جو فهم ۽ فراست هن جي هٿن مان نڪري ويئي. صوفيہ پنهنجي پئرس ۾ گهمڻ ڦرڻ دوران ڪنهن نوجوان سان ملي هئي ۽ خط ۾ ان نوجوان عاشق جو ذڪر ڪيو هو. الفريڊ لاشعوري طور حسد ۾ مبتلا ٿي ويو. هو سويڊن ڇڏي واپس پيرس پهچي ويو. ٻئي ڄڻا بحث ۽ مباحثي ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتا تہ انهن

اختلافن جو اصل سبب سندن وچوڙو هو. جيڪڏهن هو گهڻو وقت هڪ ٻئي جي ويجهو رهندا ته شڪايتن جو وجود ئي مٽجي ويندو.

☆☆☆

شروع ۾ صوفيه کي پيرس تمام گهڻو پسند هو، پر هتي جي آبهوا هن کي راس نه آئي. هوءَ ڪليل ماحول جي آزاد پنيوري، شهري گهٽن ۾ مونجهه ڪان بيمار رهڻ لڳي. هن جو رنگ زردو ٿي ويو. پنهنجي پوري پني تعليم جي سبب هوءَ فرانسيسي زبان تي عبور حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ۽ هتي جي سماج ۾ پاڻ کي اوپرو محسوس ڪرڻ لڳي هئي.

الفريڊ تمام گهڻو وقت هن کي ڏيڻ لڳو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هو پنهنجي اصل ڪم ڪان پري ٿيندو ويو. هن جي دل ويانا ۾ پنهنجين ايجادن تي ڪم ڪرڻ لاءِ تڙپڻ لڳي.

مسئلي حل جي تلاش ڪئي. هن هڪ محل ڏٺو. اهو محل، شهر ڪان پري ۽ سندس اباڻي ڳوٺ جي ويجهو هو. الفريڊ پنڌرهن ڪمرن تي مشتمل اهو محل پنهنجي محبوبه جي لاءِ هڪدم حاصل ڪري ورتو. ملازمن جي فوج ڀرتي ڪئي وئي ۽ صوفيه نئين محل ۾ اچي وئي. هن جي هڪ پيڻ به هن سان گڏ رهڻ لڳي ته جيئن هن کي اڪيلائيءَ جي عذاب سان منهن نه ڏيڻو پوي.

☆☆☆

هاڻي الفريڊ انهن ڳالهين ڪان پري رهي هڪ دفعو وري پنهنجي اصل ڪم تي توجهه ڏيڻ لڳو. ليڪن هڪ نئون مسئلو پيدا ٿيو. حيران ڪندڙ ڳالهه اها ٿي ته هن جو ذهن اڳ جيان تروتازه نه رهيو هو. جنهن مسئلي کي هو چپٽي وڄائي حل ڪري وٺندو هو، هاڻي انهن لاءِ هن کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مٿو کپائڻو ٿي پيو ۽ پوءِ به ڪجهه حاصل نه ٿي ٿيو. اصل سبب اهو آهي ته هو صوفيه ڪان پري رهي به هن جي خيالن ڪان غافل نه رهندو هو. ان ڪري مڪمل يڪسوئي هن کي حاصل نه ٿيندي هئي.

هوڏانهن صوفيه گهمڻ ڦرڻ جي شوقين ٿي چڪي هئي. الفريڊ وڏي حب ۽ اشتياق سان ساڻس ملاقات لاءِ ايندو هو ته صوفيه غائب هوندي هئي. هوءَ پنهنجي پسنديده ماحول ۾ ساهه کڻي رهي هئي، جتي جا ماڻهو هن جي ڳالهه سمجهندا هئا ۽ هوءَ انهن جون ڳالهيون سمجهندي هئي.

پوءِ صوفيه کي پنهنجي حيثيت سان ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي عادت پئجي وئي. اقتصادي فڪر ڪان هوءَ پوريءَ طرح آزاد هئي. انهن حالتن ۾ الفريڊ انهن نين سوچن جي قابل ئي نه رهيو هو، جيڪي ڪيس افق جي هن پار کڻي وينديون هيون ۽ جتان هو منفرد ايجادن جا نسخا کڻي ايندو هو. الفريڊ ان کي ناقابل تلافي نقصان سمجهڻ لڳو. آهستي آهستي هن جي دل ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو ته صوفيه جي قربت هن جي ذهني صلاحيتن کي ختم پئي ڪري. هو اڪثر چپن ۾ پيو پڙڪندو هو، "ماحول جو رنگ ته چڙهڻو ئي هو."

هڪ ڏينهن اچانڪ هن کي تمام گهڻا بل وصول ٿيا. صوفيه بي تحاشا

"ان ۾ روئڻ جي کهڙي ڳالهه آهي!؟" الفريڊ آئت ڏيندي چيو. "دولت جي زيان ٿيڻ سان تنهنجين اکين ۾ لڙڪ نه اچڻ گهرجن."

صوفيه مرڪي اهڙي انداز ۾ الفريڊ کي ڏٺو، جو الفريڊ سندس آئنده ٿيندڙ غلطين کي به معاف ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. اهڙي نگاهه جو مقابلو الفريڊ ته ڇا، ڪو پٿر جو بت به نه ٿي ڪري سگهيو. ٻئي ڄڻا دنيا جهان کان بيخبر ٿي هڪ ٻئي ۾ گم ٿي ويا.

☆☆☆

ان دوران هڪ آمريڪي ڪارل وتمار، الفريڊ تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ته نائٽرو گليسرين جي ايجاد الفريڊ نه بلڪ هن جي آهي. ان ڪري هن دوکي جو ازالو ڪيو وڃي. هڪ پاسي الفريڊ پيار ۽ محبت جي مستيءَ ۾ گم هو ته ٻئي طرف لالچي ماڻهن سندس زندگي عذاب بڻائي ڇڏي هئي. الفريڊ جي جان عذاب ۾ هئي. ان زماني ۾ صرف صوفيه ئي هن جي زندگيءَ ۾ روشن ڪرڻي جيان ثابت ٿي. هن پنهنجي وڪريل محبوب کي ذرو ذرو ڪري سميٽيو ۽ پنهنجي حسن جي جادوءَ سان ان جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ لڳي. الفريڊ فيصلو ڪري ورتو ته هو ڪيسن مان نجات حاصل ڪندي ئي هر قسم جي ڪاروبارن تان استعفيٰ ڏئي ڇڏيندو.

الفريڊ هاڻي صوفيه جو عادي بنجي چڪو هو، پر ان سان گڏوگڏ هو هڪ عملي انسان به هو. گهڻي عرصي تائين خوشبودار زلفن جو قيدي نه بنجي سگهيو. جڏهن هو پيرس واپس آيو ته صوفيه کي به پاڻ سان گڏ وٺي آيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وري سندن پاڻ ۾ اها ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي ۽ صوفيه توجهه نه ڏيڻ جي شڪايت ڪرڻ لڳي.

"آخر توهان هر وقت ڪم ڪي سر جي مٿان سوار ڇو ٿو ڪري رکين؟" صوفيه هڪ ڏينهن وري باقائده شڪايت ڪئي.

"ان ڪري ته ڪم ئي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو حسن آهي." الفريڊ جواب ڏنو.

"توهان ايترو امير آهين جو هاڻي سڄي عمر ڪجهه به نه ڪرين ته به عيش ۽ آرام جي زندگي گذاري سگهين ٿو." صوفيه دليل پيش ڪيا، "آئون سامهون ويٺل هوندي آهيان ۽ توهان منهنجي ويجهو هئڻ جي باوجود ڪوهين ميل پري هوندو آهين."

" آئون مڃان ٿو ته تنهنجي قربت، منهنجيءَ دل کي سڪون ضرور عطا ڪري ٿي، پر منهنجين ذهني صلاحيتن کي زنگ لڳائي ڇڏي ٿي ."

الفريڊ حقيقت بياني ڪندي چيو ته صوفيه آپي کان ٻاهر نڪري وئي، " مون پنهنجي هر قيمتي شيءِ تنهنجي حوالي ڪئي آهي. دنيا کي ڇڏي ڪري توسان زندگي گذاريان پئي، " صوفيه ناراضگيءَ وچان چيو، "پنهنجو حسن، پنهنجي الهڙ جواني، پنهنجو خوبصورت جسم، مطلب ته تنهنجي لاءِ هر شيءِ وقف ڪري ڇڏي آهي ۽ توهان مونکي ڏوهه پيو ڏين. تو واري ڳالهه جي ابتڙ آئون ته تنهنجين صلاحيتن کي وڌيڪ اجاگر ٿي ڪريان. جڏهن توهان ڪم ڪانپوءِ ٿڪجي ساٿو ٿي پوندو آهين

تہ تنهنجي سڄي ٿڪاوٽ لاهي وٺندي آهيان ۽ تون، مونکي اهو صلو پيو ڏين؟ ٺيڪ آهي، آئون تنهنجي دنيا مان نڪري ٿي وڃان."

"تون منهنجي ڳالهہ آخري سمجهين ڇو نہ ٿي؟" الفريڊ نرم ٿيندي چيو.

"توکي هڪ بيجان ۽ خوبصورت رانديڪي جي ضرورت آهي، جنهن سان تون ضرورت مهل دل پري ڪيڏي سگهين ۽ جڏهن ٿڪجي پوين تہ ان کي ڦٽو ڪري ڇڏين."

"نہ نہ، جان من!" الفريڊ مرڪندي چيو. "اسان ٻئي هڪ ٻئي جي ضرورت آهيون. ڇڏ انهن ڏک ڏيڻ وارين ڳالهين کي. هل تہ توکي رقص گاهہ ۾ وٺي ٿو هلان."

ناچ گهر جو نالو ٻڌندي ئي صوفيہ سموريون شڪايتون وساري ڇڏيون. پر هيءَ حقيقت آهي تہ صوفيہ جي قربت الفريڊ جي ذهني صلاحيتن کي اڌوهيءَ وانگر چٽي رهي هئي. تڪليف ڏيندڙ ڳالهہ هيءَ هئي تہ هن کي الفريڊ جي قيمتي وقت جو احساس ئي نہ هو. هوءَ پنهنجو پاڻ کي سينگارڻ سنوارڻ ۾ ڪافي وقت وڃائي ڇڏيندي هئي. رڳو چند لمحن کي خوشگوار بنائڻ لاءِ وقت جي هيءَ بربادي الفريڊ کي تمام گهڻو ڏک پهچائيندي هئي.

☆☆☆

سردين جي موسم آئي تہ صوفيہ سئٽزرلينڊ وڃڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ الفريڊ جي بہ گڏ هلڻ لاءِ ضد ڪرڻ لڳي.

"پر اهو بلڪل ناممڪن آهي."

الفريڊ احتجاج ڪيو. "ڪافي وقت کان منهنجي ذهن ۾ هڪ اهم ايجاد جو خيال اڀري رهيو آهي. آئون پوري توجهہ سان ان تي ڪم ڪرڻ ٿو چاهيان. تون چاهين تہ سئٽزرلينڊ يا ڪنهن بہ ڪليءَ فضا ۾ پنهنجو گهر ڪريد ڪري وٺ. آئون وقت ڪڏهن تو وٽ اچي نڪرندس."

صوفيہ هن تجويز کي پسند ڪيو.

ان کان پوءِ الفريڊ کي سندس محبوبہ جون فرمائشون پوريون ڪرڻيون پيون. هن ڪپڙا، ميڪ اپ جو سامان، جديد فرنيچر وغيره جي ڊگهي فهرست الفريڊ کي ڏني. الفريڊ کي انهن شين جي خريداريءَ جو ڪو تجربو ئي نہ هو، پر صوفيہ بضد هئي تہ الفريڊ ئي اها سموري شاپنگ پاڻ ڪري.

"آخر منهنجي پاڻ خريداري ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟" الفريڊ تنگ ٿيندي پڇيو.

" ان ڪري جو تنهنجي خريد ڪيل لباس سان جڏهن آئون پنهنجو تن ڍڪينديس تہ مونکي تنهنجي محبت جي ياد ايندي رهندي." صوفيہ دليل پيش ڪيو. اهڙيءَ طرح وقت جي سڀ کان وڏي سائنسدان کي فضول خريداريءَ ۾ قيمتي وقت برباد ڪرڻو پيو.

☆☆☆

صوفيہ کي پنهنجي طاقت جو اندازو ٿيو تہ هن هڪ قدم اڃا بہ اڳتي وڌايو ۽ الفريڊ تي مڪمل قبضو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ هن جي سامهون شادي ڪرڻ جي تجويز رکي.

تعليمي لحاظ کان هوءَ بيحد ڪمزور هئي ۽ پنهنجي جهالت جي ڪري

سندس انهن خيالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو جنسي لڳاءَ جي زنجير ۾ جڪڙيل هو. هو هڪ عظيم الشان موُجد ۽ سائنسدان هو. هن جي ڪاروباري بادشاهت دنيا جي مختلف ڪندن ۾ ڦهليل هئي. هن جي زندگيءَ تي فهم ۽ عقل جي حڪومت هئي، پر هو پنهنجن جذبن جي سامهون بيوس ٿي ويو هو. اهو هڪ وڏو الميو هو. اگر هو انهن رنگين مصروفيتن ۾ وڃائجي نه ها ته اڃا به وڌيڪ انساني فلاح و بهبود جي لاءِ ڪي نيون ايجادون منظر عام تي اچن ها.

هو پنهنجن جذبن کي لغام نه ڏئي سگهيو ۽ انهن جي سامهون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. اگر هو اعتدال جي حدن ۾ رهي ها ته سندس ذهني صلاحيتون منتشر نه ٿين ها. هن جي هڪ دوست، الفريڊ جي ان دور جي ذهني حالت جو صحيح تجزيو هن ريت ڪيو آهي، "ذهين ماڻهن ۾ جنسي رجحان به غيرمعمولي طور تي وڌيڪ هوندو آهي. جيڪڏهن اهي، ان کي بطور تحريڪ استعمال ڪن ته حيران ڪندڙ ڪارناما سرانجام ڏئي سگهن ٿا، پر اعتدال جي حدن ۾ رهڻ بيحد ضروري آهي."

پر الفريڊ انهن اخلاقي قدرن جي به پرواهه نه ڪئي، جن کي هو جان کان به عزيز رکندو هو. ان سلسلي ۾ جيڪو ناقابل تلافي نقصان هن کي برداشت ڪرڻو پيو، ان جو ذڪر هن پنهنجي ويجهي دوست سان ڪيو." جيڪڏهن ڪو شخص ذهني لحاظ کان بيدار ماڻهن کان منهن موڙي ڪند ذهن ۽ بيوقوفن جي صحبت اختيار ڪري ٿو ته سندس ذهانت جي تبديليءَ جو عمل رڪجي ويندو آهي. هيءُ عمل جاري رهي ته ان جي ذهانت وڌندي رهي ٿي، نه ته هو پاڻ به ڪند ذهن بنجي ويندو آهي. ان ڪري ذهين ماڻهن سان ميل ميلاپ قدرت جو عطيو آهي. پنهنجو پاڻ کي ان کان محروم نه ڪرڻ گهرجي.

☆☆☆

زندگيءَ جي هن موڙ تي الفريڊ جي خيالن ۾ تبديلي اچي وئي. پهرين هو مثبت قدرن جي حمايت ۾ فوجي معاملن کان پري رهندو هو. هن جو نظريو هو ته جنگيون بيمار ذهن جي پيداوار هونديون آهن، پر هاڻي هو پنهنجي دريافت "سيلولوز" کي فوجي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ تي غور ڪرڻ لڳو. هيءُ اهڙو ڪيميائي مادو آهي، جيڪو ٻوٽن جي ٽڙن کي مضبوطي عطا ڪري ٿو. جڏهن هو سيلولوز تي تجربا ڪري رهيو هو ته ان وقت ان ڪيميائي مادي جي تباهي، ان جي ذهن ۾ به هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو ان جو اظهار به ڪندو هو، پر تجرباتي مصروفيتن ۾ زندگيءَ جي مشڪلن کان فراريت حاصل ڪرڻ سندس نجي مسئلن جو حل هو. فرانسيسي حڪومت هن کي هر مطلوبه سهولت فراهم ڪري ڇڏي. ٿوري عرصي ڪانپوءِ هن "بي آواز ڌماڪي ڪرڻ واري بندوق" تيار ڪري ورتي، جيڪا هن هڪدم رجسٽر ڪرائي ورتي.

☆☆☆

بيشمار سائنسي تنظيمن ۽ ادارن الفريڊ جي خدمتن کي ساراهيندي ڪيس تمغا ۽ سندون عطا ڪيون. انهن ۾ سويڊن

## ٽي پڙهيل ۽ وزير

ڪنهن وزير، ٽن پڙهيلن هن ڳالهه تي اچي پاڻ ۾ رهوڙ ٻڌي ته "هن جڳ ۾ سڀني کان چڱي ڪهڙي شي آهي؟" پهرئين پڙهيل چيو ته "ماڻهو چڱو آهي." ٻئي چيو ته "گهر موچارو آهي."، ٽئي ڳالهه ڪئي ته "ڏيڳو سڀني کان خاصوآهي،" انهيءَ رد بدل لاهڻ لاءِ بادشاهه جي وزيرڪان نياءُ گهريائون. وزير پهريائين ڏيڳي مان ويڪ ڪڍي ته "اکيون جي اٽس سي سگهن جڪي هيٺان اٽس، تنهن ڪري جڏهن ٽونو ٽو هٽي، تڏهن ڏسيو ٿي ڪين ٽو سگهي،" پوءِ ماڻهو جي هيءُ عيب ڪڍيائين ته "ارهه ۾ اهڙي ڳيڙ ڪي ڪانهيس، جنهن مان جيڪر ان جي دل جي مت ۽ ويچار جي سڀني کي سڌ پوي!" نيٺ گهر جي هيءَ ڳلا ڪيائين ته "ڦيٽا ڪين اٽس،جن ڪري جيڪر پنهنجي بڇڙن پاڙي وارن کان پڇي پاسوڪري!" جڏهن بادشاهه کي انهيءَ نياءَ جي خبر پيئي. تڏهن وزيرکي پنهنجي درٻارمان لوڏي ڪڍيائين، ۽ چيائين ته "ويڪر ماڻهو ڪڏهن به ڪين راضي رهندو، جڏهن پاڻ ڪو چڱو ڪم ڪيو هجي، تڏهن ٻين جي ڪمن مان ويڪ ڪڍي ٿي سگهجي."

☆......☆......☆

وزير بنجي آئون تنهنجي ڪاروبار لاءِ وڌيڪ فائديمند ثابت ٿي سگهان ٿو."

"اها منفي سياست آهي!" الفريڊ جواب ڏنو. "جيڪو سياستدان ڪرسيءَ تي ويهي عوام جي خدمت نه ٿو ڪري سگهي، ان کي بجليءَ جي ڪرسيءَ تي ويهڻ گهرجي."

"مون ٻڌو آهي ته اوهان اخبار جا مالڪ ٿيڻ ٿا چاهيو؟" بارب پڇيو.

"منهنجو خيال ته آهي، پر اخبار جي تقدس کي پائمال ڪرڻ جو منهنجو ڪوبه ارادو ناهي." الفريڊ چيو. "جيڪڏهن مون اخبار جاري ڪئي ته اها مثبت صحافت جي علم بردار هوندي، پوءِ ڀلي نه مونکي پنهنجين پاليسين جي مخالفت ڪرڻي پوي. منهنجي اخبار اخلاقي قدرن جي حمايت ڪندي."

"جيڪا شيءِ پسند اچي، ان کي حاصل ڪرڻ گهرجي. ناپسند شيءِ کي ڇڏي ڏيڻ ئي عقلمنديءَ جي نشاني آهي." بارب جو اشارو سمجهندي الفريڊ کلڻ لڳو.

بارب جي خيال ۾ الفريڊ ٻٽي زندگي گذاري رهيو هو. سادن لفظن ۾ ان کي منافقت چيو ويندو آهي ۽ هي سڀ ڪجهه صوفيه جي ڪري ٿيو هو. واقعي عشق ۽

ڪان تنگ اچي چڪي هئي. آخر هڪ ڏينهن سندس زندگيءَ جو ڏيئو بہ اجهامي ويو.

جڏهن الفريڊ پنهنجي ماءُ کي مٽيءَ حوالي ڪري واپس موٽيو تہ اڪيلائيءَ جو داستان مڪمل ٿي ويو. هن کي ائين محسوس ٿيو تہ جهڙوڪ هن جي بچاءَ جو دائرو ٽٽي چڪو هو.

ان وقت الفريڊ جي عمر ڇاونجاه سال هئي. ڪيرولين پنهنجي پٺيان چڱي خاصي دولت ڇڏي هئي، پر الفريڊ ماءُ جي صرف هڪ تصوير پسند ڪئي ۽ سندس ملڪيت تان دستبردار ٿي ويو. خاندان لاءِ الڳ قبرستان جي تجويز هن ضرور پيش ڪئي. "نوبل خاندان ان لحاظ کان ممتاز حيثيت جو مالڪ هئڻ گهرجي." هن دليل پيش ڪيو.

خراب صحت، مختلف مسئلا، پيءُ جي محبت ۽ ممتا جي ڇانوَ کان محرومي، انهن سيني ڏکن الفريڊ جي زندگيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. دولت جا انبار، انعام، تمغا، لقب، ڪنهن شيءِ ۾ ڪا بہ ڪشش باقي نہ رهيس. سندس زندگيءَ ۾ ويرانيون گهر ڪري ويس.

☆☆☆

بارب، سندس ويجهو دوست، سياست جي ميدان ۾ وزارت جي عهدي تائين پهتو هو ۽ پنهنجي وزارت واري زماني ۾ هن الفريڊ کي ناجائز مراعتن سان نوازيو هو. هاڻي وزارت کان الڳ ٿي ڪري بہ ان جو شمار اعليٰ طبقي ۾ ٿيندو هو. هن پنهنجي اثر رسوخ سان نوبل کي فائدو پهچائڻ چاهيو.

بارب جي ڪوشش سان الفريڊ جي ايجاد ڪيل گن پائونڊر جي وڏي کيپ جو آرڊر فرانسيسي فوج طرفان الفريڊ کي ڏنو ويو تہ جيئن فرانسيسي فوج ان مان فائدو وٺي سگهي. سياسي مخالفن ڳالهہ جو ڳالهوڙو بنائي ڇڏيو ۽ نوبت ان حد تائين وڃي پهتي تہ الفريڊ نوبل کي پرڏيهي رهواسي قرار ڏنو ويو. هيءَ فرانس وارن جي بيوفائيءَ جي انتها هئي.

الفريڊ جي خلاف اها مخالفت ايتري قدر تہ وڌي وئي جو الفريڊ کي هر شيءِ کي وڪڻي اتان رخصت ٿيڻو پيو. صرف پنهنجو محل هن پاڻ وٽ رکيو.

فرانس مان نڪري ڪري هو اٽلي آيو ۽ هي اتي هڪ ننڍي ڳوٺ "سينٽ روميو" ۾ رهڻ لڳو. هيءُ ڳوٺ درياهہ جي ڪناري تي آباد هو. نئين سر تجربي گاهہ قائم ڪرڻي پئي. سامان سان ڀريل ٽرڪون ڳوٺ ۾ اچڻ لڳيون تہ" بد ڪان بدنام برو" واري ڳالهہ ٿي وئي. الفريڊ نوبل جي نالي سان گڏ ڊائنامائيٽ جو پڇ ڳنڍيل هو. ڳوٺ جا ماڻهو واويلا مچائڻ لڳا. حالانڪ هن جو رهڻ ڳوٺ جي لاءِ فائدي وارو هو، پر عام ماڻهو اهو ئي سمجهي رهيا هئا تہ موت جو واپاري اچي ويو آهي، هاڻي سندن الائي ڇا ٿيندو؟

هن جو هڪ پاڙيسري تہ آپي کان نڪري ويو. قصو ڪوتاهہ ان جهڳڙالو انسان جي سڄي زمين ۽ وسيع و عريض ميدان بہ الفريڊ کي خريد ڪرڻا پيا. اها جائداد ڪافي عرصي تائين خالي پيل رهي.

☆☆☆

فرانس مان نڪري وڃڻ کان پوءِ بہ

## رب ريجهائڻ سولو، رنان ريجهائڻ ڏکيو

هڪڙي بزرگ کي پهرين زال مان اولاد ڪو نہ هيو. جواني بہ لڙندي پئي ويس. تو مان صلاح ڏنس، "جيڪڏهن انهيءَ گهرواريءَ جي نصيب ۾ اولاد ناهي تہ اوهان ڪٿي ٻي شادي ڪيو. ٿي سگهي ٿو، اوهان جي نصيب ۾ اولاد هجي!"

بزرگ ٻي شادي ڪرڻ جو اظهار فرمايو تہ ڪيس نئين نندي ڪنوار ملي وئي. وڏيءَ گهرواريءَ کي جاءِ جي هيٺئين طبقي ۾ تہ ننڍيءَ کي مٿئين طبقي ۾ رهائڻ لڳو. انصاف تہ گهٽي ئي ڪندو هيو پر دل جو ڪانڊو نئينءَ ڏانهن سرس هئس. اها ڳالهہ پهرينءَ زال کي نہ وڻندي هئي.

فجر نماز لاءِ ننڍيءَ زال وٽان لهندو هيو تہ وڏي تهجد پڙهي ڏاڪڻ وٽ قرآن شريف جو دور پئي ڪندي هئي. ڏسڻ شرط هٿ وٺي قرآن تي رکائيندي چوندي هيس، "هيءُ اکر تہ ٻڌاءِ!"

بجاءِ ناراض ٿيڻ جي بزرگ بہ قرآن تي آڱر رکي ڪيس اکر ٻڌائي، پوءِ روانو ٿيندو هيو.

اها ڳالهہ تو مان جي وات تي بہ وڃي پهتي. هڪ ڏينهن بزرگ کان پڇيائون، "سائين! صبح جو اٿڻ مهل، ماڻهوءَ جي حالت پليديءَ واري هوندي آهي. ان حالت ۾ اوهان قرآن تي آڱر رکي اکر ٿا ٻڌايو! اهو ڏوهہ جو ڪم ناهي؟!"

"ابا! واقعي الله جو ڏوهہ ٿا ڪيون! الله جل جلالہ پوءِ بہ غفور رحيم آهي!" ٿڌو شوڪارو ڀري چيائين، "الله راضي ڪرڻ سولو، رنان راضي ڪرڻ ڏکيون، "

مطلب: 1 خدا تعاليٰ کي ريجهائڻ تمام آسان آهي.

2. عورت تمام ضدي آهي، ان جي دل رکڻ ضروري آهي.

پيرس جون اخبارون ڊائنامائيٽ جي شهنشاهہ ۽ ان جي بنا دونهن واري پائونڊر جي باري ۾ قسمين قسمين ڪهاڻيون عوام کي ٻڌائينديون رهيون. ڪجهہ پراسرار ڪهاڻيون تہ واقعي عجيب و غريب هيون. فرانس جي دفاع واري وزارت عوام کي اهي داستان اخبارن ذريعي فراهم ڪري رهي هئي. هيءَ هڪ سياسي چال هئي تہ جيئن عوام جو ڌيان ملڪي حالتن کان هٽايو وڃي.

ڳالهہ اتي ئي ختم نہ ٿي. فرانس جي ڌرتيءَ تي نوبل فيڪٽرين ۽ گودامن ۾ موجود "سوڪ ليس" پائونڊر ضبط ڪيو ويو. اهو قدم اقتصادي لحاظ کان هن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ هو.

ٻي خبر، جيڪا هن کي فرانس مان ملي، اها ان کان بہ خراب هئي. فرانس ۾ هن جي ڊائنامائيٽ واري ڪمپني ڏيوالي جي ويجهو پهچي وئي هئي. بارب، جنهن تي هو انڌو اعتماد ڪندو هو، غلط اندازا لڳائي ڪچو مال مهانگن اگهن تي خريد ڪندو رهيو هو، جنهن جي قيمت اوچتو ڪري پئي. رهيل کهيل ڪسر بارب جي اوچتي موت پوري ڪري ڇڏي. بارب تي

سندس انڊي اعتماد کيس ذري گهٽ تباه ڪري ڇڏيو، جو ته اگر اها ڪمپني ڏيوالي ٿي وڃي ها ته بحيثيت ڊائريڪٽر جي سڄو الزام الفريڊ تي اچي ها. اهڙيءَ طرح مالي نقصان ان کي برداشت ڪرڻو پوي ها ۽ هو تباهه ٿي وڃي ها.

پهرين ته هو همٿ هاري شڪست تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. اوچتو هن کي پنهنجي پيءُ جي زندگيءَ جا واقعا ياد آيا. قسمت جي هڪ ٻئي ڌڪ هن کي سڄي عمر جي ڪمائيءَ کان محروم ڪري ڇڏيو هو. ضدي ۽ هٺ ڌرم الفريڊ سجاڳ ٿي ويو ۽ هن قسمت جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ۽ تيز رفتاريءَ سان فرانس پهتو.

پيرس ۾ ويندي ئي هن سڄو ڪم پاڻ سنڀالي ورتو. بدديانت ۽ بيڪار فرانسيسي اهلڪارن کي ڪڍي انهن جي جاءِ تي محنتي ۽ ايماندار ماڻهو ڀرتي ڪيا. پنهنجي ڪيسي مان هن ڪمپنيءَ کي سهارو ڏنو. دنياداريءَ وارا طريقا استعمال ڪيا ۽ ڪمپنيءَ جي ساک وري بحال ڪري ڇڏي. اڃان ان ڪم مان واندو ئي نه ٿيو هو ته هڪ ٻي مصيبت سامهون آيس. ڪمپنيءَ جو خزانچي ۽ مئنيجر فراڊ ڪري ملڪ مان ڀڄي ويا هئا. تقدير جو هيءُ وار ڏاڍو خطرناڪ هو. پر شايد قدرت کي هن ذهين ۽ فطين سائنسدان تي رحم اچي ويو. سندس ڪمپنيءَ جي هڪ فرانسيسي ڊائريڪٽر "ي گائي" پوليس جي سامهون پيش ٿي پنهنجي نا اهليءَ جو اقرار ڪري ورتو ۽ پنهنجا اثاثا وڪڻي ڪمپنيءَ جو ڪجهه نقصان پورو ڪيو.

سڀ ڪان وڏو دوکيبار مئنيجر آرٽن، برطانيه فرار ٿي ويو هو. ان کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هن اخبارن کي انهن تمام بدديانت ۽ رشوت خور فرانسيسي حڪمرانن جي فهرست فراهم ڪري ڇڏي، جيڪي ڊائنامائيٽ ڪمپنيءَ کان مهيني سر رشوتون وٺندا هئا. هيءَ فهرست ايتري مڪمل ۽ قابلِ اعتماد هئي جو سڄي ملڪ ۾ چوٻول مچي ويو.

بارب تي به ساڍا پنج لک فرانڪ جو فراڊ ثابت ٿيو. الفريڊ کي پنهنجي پياري دوست جي بيوفائيءَ جو گهڻو ڏک ٿيو. ظاهر آهي ته دنيا ۾ رهي ڪنهن نه ڪنهن تي ته اعتبار ڪرڻو ئي پوي ٿو ۽ هتي سڀ دوکيباز ۽ فريبي ثابت ٿي رهيا هئا. الفريڊ هن طوفاني بدتميزيءَ تي ضابطو ته رکي ورتو، پر هاڻي هو ٿڪاوٽ کان چور ٿي چڪو هو ۽ دنيا کي وساري سائنس جي پلاٽيءَ واري حد ۾ اچڻ ٿي چاهيائين.

☆☆☆

هن سيني ڪاروباري ادارن تان استعفيٰ ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو. ان دوران زماني جي مڪروهه روايتن پنهنجو نئون چار اچلايو. صوفيه هن کي اوچتو اطلاع ڏنو ته هوءَ ماءُ بنجڻ واري هئي، پر ٿيڻ واري ٻار جو پيءُ الفريڊ نه پر هنگريءَ جو ڪو نوجوان هو.

الفريڊ کي حيراني ان ڳالهه تي ٿي ته ڪيس حسد ۽ رقابت ڪرڻ بدران صوفيه متان رحم اچڻ لڳو. هن صوفيه کي هڪ مختصر خط لکيو." ڏوهه تنهنجو نه پر تنهنجي خانداني پس منظر جو آهي.

تنهنجي جسم ۾ قيد ٿيل روح ايترو برو ناهي."

حيران ڪندڙ ڳالهہ اها آهي تہ هو اڃا تائين صوفيہ جا خرچ برداشت ڪري رهيو هو. پر هاڻي هن صوفيہ جا قرض ادا ڪرڻ بند ڪري ڇڏيا ۽ قانوني طور تي هن جو ماهوار پگهار مقرر ڪري ڇڏيو. صوفيہ صحتمند ٻارڙي کي جنم ڏنو.

جڏهن الفريڊ سان ان جي ملاقات ٿي تہ صوفيہ پنهنجي جنسي بي راہ رويءَ تي بلڪل مطمئن هئي. هن کي هن وقت بہ زماني جي پرواهہ نہ هئي، پر ٻارڙي جي پيءُ کي هن سان شادي ڪرڻي پئي. هيءَ شادي وڏي عجيب ثابت ٿي. چرچ ۾ شاديءَ کان پوءِ گهوٽ پنهنجي ڪنوار جي هٿن تي چمي ڏني ۽ هميشہ لاءِ گم ٿي ويو.

ٻئي زال مڙس الڳ الڳ الفريڊ نوبل کان رقمون وٺڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن ڪامياب بہ ٿي ويندا هئا. هڪ ڏينهن اوچتو غائب ٿيڻ واري گهوٽ خودڪشي ڪري ڇڏي. شهر ۾ هيءُ افواهہ بہ گرم هو تہ صوفيہ جي ڌيءُ جو اصل پيءُ الفريڊ نوبل ئي هو ۽ ان ئي صوفيہ کي شاديءَ جو مشورو ڏنو هو. پر ان افواهہ جي سچائي منظر عام تي اچي نہ سگهي.

☆☆☆

الفريڊ جي پسند برٿا عالمي شهرت جي مالڪ ۽ مصنفہ بنجي چڪي هئي. هن جنگي جنون جي خلاف "پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪريو" نالي ڪتاب لکيو. زندگيءَ سان محبت ڀريل برٿا جو آواز لکين ڪروڙين مائرن جو آواز بنجي چڪو هو، جيڪي پنهنجن نوجوان پٽن کي جنگي جنون تي قربان ڪري چڪيون هيون. انهن ڀينرن جي دل جي صدا هئي، جيڪي پنهنجا جاني ڀائر قتل ڪرائي چڪيون هيون ۽ انهن يتيمن جي آهن ۽ دانهن جو خلاصو هو، جيڪي ڀريل دنيا ۾ اڪيلا بنجي چڪا هئا. اهو ئي سبب آهي تہ هيءُ ڪتاب اڄ بہ دنيا ۾ مشهور آهي. هالي ووڊ وارن ان ناول کي فلمي شڪل بہ ڏني آهي.

الفريڊ، برٿا جو ڪتاب ادبي شاهڪار طور پڙهيو، پر ان جو اثر قبول نہ ڪيو. ليو ٽالسٽاءِ ڪتاب جي تعريف ڪندي چيو تہ پنچائتن يا تجويزن سان جنگين جو خاتمو ممڪن ڪونهي، ان جي باوجود جيئن تہ هيءُ ڪتاب امن جي تبليغ ڪري ٿو، ان ڪري قابل تعريف آهي. اخبارن بہ ڪتب کي ساراهيو.

الفريڊ جو خيال هو تہ " جذباتي لحاظ کان وڪريل ماڻهو جنگي جنون ۾ مبتلا ٿيل حڪمرانن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ ٿين ٿا. ان ڪري جو منتشر گروهہ ڪنهن نظام جو احترام نہ ٿو ڪري. ان ڪري جنگيون حڪومتن جي اتحاد سان ختم ڪري سگهجن ٿيون. تمام ملڪن کي گهرجي تہ جنگ جي خلاف متحده محاذ ۾ شامل ٿي وڃن. فرانس جا رهاڪو تہ هونئن ئي اناپرست آهن ۽ جنگي ڪارنامن تي فخر محسوس ڪندا آهن. انهن کي هٿيار اڇلي ڇڏڻ جي ترغيب ڏيڻ بلڪل فضول آهي." برٿا پنهنجين ڪوششن ۾ مصروف رهي ۽ هر ملاقات ۾ الفريڊ نوبل کي پنهنجون

مان بہ لطف ماڻي سگھي ٿو."

☆☆☆

الفريڊ جي زندگيءَ ۾ اهو لمحو تمام خوشگوار هو، جڏهن هن کي پي ايچ ڊي جي اعزازي ڊگريءَ سان نوازيو ويو. ان کانپوءِ هن نائٽرو گليسرين کي امن جي مقصدن جي لاءِ استعمال ڪرڻ تي غور شروع ڪيو. مثال طور ربڙ يا چمڙي وغيره جو نعم البدل تيار ڪرڻ وغيره. هن سائيڪلن ۾ گيئر لڳائڻ جو نظريو پڻ پيش ڪيو، پر ڌماڪيدار مواد جي ايجاد سرفهرست رهي. جنهن هن کي خوشيءَ کان وڌيڪ غم عطا ڪيو.

جيئن جيئن هن جي عمر وڌندي وئي، تيئن سندس دل ۾ وطن واپس وڃڻ جي خواهش بہ شديد تر ٿيندي وئي.

وطن جي سرزمين تي پهچي هن کي عجيب قسم جو اطمينان محسوس ٿيو. هو قسمين قسمين بيمارين جو شڪار رهيو هو، پر هاڻي هو دل جي درد کي بہ ڪل خوشيءَ ۾ ٽاري ڇڏيندو هو.

آهستي آهستي هن شاعريءَ ۾ پناهہ وٺڻ شروع ڪري ڇڏي. هو سائنسي تجربن کان پري ٿيندو ويو. هڪ خيال هن کي تنگ ڪرڻ لڳو تہ هن کي دنيا سان گڏوگڏ پنهنجو پاڻ کي بہ متعارف ڪرائڻو آهي. پنهنجي پاڻ جي اصل سڃاڻپ، جنهن جي باري ۾ سڄي دنيا غلط فهميءَ جو شڪار ٿي چڪي هئي ۽ هن کي موت جو سوداگر چوڻ لڳي هئي. ان شناخت جي لاءِ وقت بہ ٿورو رهجي ويو هو. هن کو اهڙو ڪم ڪرڻ چاهيو ٿي، جيڪو هن جي دماغ کي صاف ڪري ۽ رسوائيءَ جو داغ ڌوئي سگهي. ظاهر آهي تہ اهو ڪم ڊائنامائيٽ جي ايجاد کان وڌو هئڻ گهرجي ها.

هن نئين وصيت تيار ڪئي، جنهن مطابق ٿيهن سالن تائين هن جي جائيداد جي ڪجھہ آمدني سائنس جي ميدانن ۾ ڪارناما سرانجام ڏيڻ واري کي عطا ڪئي وڃي.

هن جو خيال هو تہ ٿيهن سالن تائين دنيا سڌري ويندي ۽ بلوغت جي ان مقام تائين پهچي چڪي هوندي جو جنگين تان هٿ کڻي ويندي. پر پوءِ هن پنهنجي وصيت ۾ تبديلي آڻيندي سموري جائيداد انساني فلاحي ڪمن ڪرڻ وارن جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ان وقت هن جي عمر ٻاهٺ سال هئي. جيڪي ڪجھہ هن دنيا ۾ ڪمايو هو، اهو دنيا جي حوالي ڪري هو پاڻ کي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳو.

☆☆☆

سالومن آگسٽ اينڊريو نالي هڪ شخص قطب شماليءَ جي مهم تي ڦوڪڻي جي مدد سان روانو ٿيڻ چاهيو ٿي تہ جيئن سطح زمين جي هن لڪل ڪنڊ يا نقطي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪري سگهي، جتي ڏينهن رات جو تصور غيرمعمولي آهي. هن کي هڪ لک ويهہ هزار سويڊش ڪرونا جي رقم درڪار هئي.

هيءَ رقم مهيا ڪرڻ وارو ڪم الفريڊ لاءِ ڪو مشڪل نہ هو، پر هن ڪيس صرف ويهہ هزار ڪرونا ادا ڪيا ۽ اينڊريو کي چيو تہ هو ماڻهن کي چندي لاءِ اپيل ڪري ۽ انهن کي پنهنجي هن مهم ۾ شامل ڪري. اهڙيءَ طرح ماڻهو اجتماعي

فائدي ۾ دلچسپي وٺڻ لڳندا.

اپيل ڪئي وئي، پر ماڻهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. اهڙين چرين ۽ جنوني خيالن رکڻ وارن ماڻهن کي عوام هميشه نظرانداز ڪندا آيا آهن ۽ ڪندا رهندا.

بهرحال الفريڊ وڏيڪ چندو ڏنو ۽ مهم جي ڪاميابيءَ جي لاءِ تياري ڪرڻ لڳو. هيءَ مهم ڪامياب نہ ٿي سگهي، پر اينڊريو جي ناڪاميءَ جو ڏک ڪٽڻ جي لاءِ الفريڊ زنده نہ رهيو هو. ان جي موت ڪانپوءِ وائيٽ آئي لينڊ جي برف وارن علائقن ۾ اينڊريو جو چميل لاش هٿ ڪيو ويو. بهرحال الفريڊ مهم هلائيندڙ جي حوصلہ افزائيءَ ۾ ڪابہ ڪسر باقي نہ ڇڏي هئي.

شاعريءَ ۾ ڏينهن رات مصروف رهڻ ڪانپوءِ الفريڊ پنهنجن خيالن جي اظهار جي لاءِ هڪ غير معمولي ڊرامو لکيو ۽ ان کر ۾ ايترو تہ محو ٿيو جو هن کي دنيا جهان جو ڪو هوش نہ رهيو. هيءُ ڊرامو چار ايڪٽ جو هو، جنهن ۾ هڪ حسينہ پنهنجي بدڪردار پيءُ کي قتل ڪندي ڏيکاري وئي هئي. الفرڊ ان ڊرامي جو نالو نيميسز (Nemesis) يعني موت جي ديوي رکيو.

مشهور شاعر شيلي، شاعريءَ ۾ اهڙو ئي هڪ ڪردار بيٽريس تخليق ڪيو هو. بيٽرس ۽ نيميسز ۾ ڪافي هڪجهڙائي هئي، پر الفريڊ جو ڪردار وڌيڪ طاقتور ۽ وڌيڪ ظالم هو. پيءُ کي مارڻ وارو خيال نہ ڄاڻ ڇو الفريڊ جي ذهن ۾ چنبڙي ويو هو. هيءُ ڊرامو منظر عام تي اچي ها تہ الفريڊ جي رسوائيءَ ۾ واڌاري جو سبب بنجي ها. پيءُ جي خلاف لاشعوري نفرت جو هيءُ اظهار وڏو بيرحم هو. ان ڊرامي ۾ درد کي حد کان وڌيڪ بيدرد ڏيکاريو ويو هو.

الفريڊ پنهنجي هڪ تحرير ۾ هن ڳالهہ جو اعتراف ڪيو آهي تہ هن جي ماءُ ڪيرولين پنهنجي مڙس جي برائين جي پرده پوشي ڪندي رهي هئي. هيءُ ڊرامو هن هڪ نقاد کي ڏيکاريو، جنهن سخت ناپسند ڪيو ۽ ان ۾ تبديليءَ جي اجازت طلب ڪئي. الفريڊ تبديليءَ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو تہ هر پڪيءَ کي پنهنجن پرن سان اڏامڻ گهرجي. ٻين جي پرن تي اڏامڻ شرم جهڙي ڳالهہ آهي. هن ڊرامي جون پنجاه ڪاپيون ڪرسٽينا (ان شهر جو موجوده نالو اوسلو آهي، جيڪو ناروي ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي) ۾ تيار ڪيون ويون.

الفريڊ تنهائيءَ جي خوف کان هميشہ خوفزده رهندو هو ۽ سوچيندو هو تہ آخري گهڙيءَ ۾ هن کي ڪو پڇڻ وارو بہ نہ هوندو. آخرڪار هو اڪيلائيءَ جو شڪار ٿي ويو.

هن عمر جي ٽيهٺ سال ۾ قدم رکيو. هو اٽليءَ واري تجربيگاهہ ۾ پنهنجن خيالن کي ڪاغذ تي منتقل ڪري رهيو هو تہ سندس دماغ بغاوت ڪري ڇڏي. هو ڪرسيءَ تان لڙڪي فرش تي ڪري پيو. هن جي نوڪر، مالڪ کي کڻي پلنگ تي ليٽايو ۽ ڊاڪٽر سان رابطو ڪيو.

ڊاڪٽر آيو تہ هڪ عجيب و غريب مسئلي سان منهن مقابل ٿيڻو پيس. الفريڊ ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو،

پر کيس , لاتعداد زبانن جي مهارت کر نہ اچي رهي هئي. هن کي صرف پنهنجي مادري زبان ياد هئي، باقي زبانون هو بلڪل وساري ويٺو هو. ڊاڪٽر ۽ نوڪر ٻئي اٽليءَ جا رهاڪو هئا ۽ سويڊن جي زبان سمجهي نہ سگهندا هئا. اهڙيءَ طرح آخري گهڙين ۾ الفريڊ هن ڀريل دنيا ۾ بلڪل اڪيلو رهجي ويو هو. هن هڪ ٻہ دفعا ڪجهہ لفظ زبان تي آندا، پر ڊاڪٽر ۽ نوڪر هڪ ٻئي کي ڏسي مايوسيءَ کان ڪنڌ لوڏڻ لڳا. الفريڊ سمجهڻ سمجهائڻ جي اها ڪوشش ڇڏي ڏني ۽ ڪڏهن بہ نہ کولڻ جي لاءِ ٻئي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

☆☆☆

اهو 1896ع جي ڏهين ڊسمبر جو ڏينهن هو. ٻئي ڏينهن تي هن جي لاش کي سويڊن آندو ويو. خاندان جا سمورا فرد آخري وصيت پڙهڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ بيچين ٿي رهيا هئا ۽ سندس وصيت ڪين ملي نہ رهي هئي. آخرڪار اسٽاڪ هوم بئنڪ اطلاع ڏنو تہ الفريڊ نوبل جي وصيت سندن بينڪ جي هڪ لاڪر ۾ محفوظ آهي.

هڪ وڪيل اها وصيت پڙهي ٻڌائي. ان وصيت ۾ پهرين ڳالهہ اها لکيل هئي تہ "منهنجي لاش کي ساڙي خاڪ ڪيو وڃي. آئون زمين جي اندر دفن ڪرڻ جي قابل ناهيان." وصيت مطابق لاش کي ساڙي رک ڪيو ويو ۽ اها رک هن جي ماءُ ڪيرولين جي ويجهو دفن ڪئي وئي.

هيءَ وصيت هر لحاظ کان انوکي هئي. پهرين ڳالهہ تہ الفريڊ خاندان جي هر فرد کي جائيداد کان محروم ڪري ڇڏيو هو ۽ سموري جائيداد بني نوع انسان جي ڀلائيءَ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

هن لکيو هو تہ منهنجي ملڪيت کي وڪڻي روڪ رقم حاصل ڪئي وڃي ۽ ان رقم کي منافعي واري ڪاروبار ۾ لڳايو وڃي. ان ڪاروبار مان حاصل ٿيندڙ منافعو پنجن شعبن ۾ يعني فزڪس، ڪيمسٽري، طب، آرٽ ۽ لٽريچر ۽ امن لاءِ بهترين ڪم ڪرڻ وارن ۾ بطور انعام تقسيم ڪيو وڃي تہ جيئن اهي عقل وارا مالي مشڪلاتن کان بي نياز رهن.

فزڪس ۽ ڪيمسٽريءَ جو انعام اسٽاڪ هوم ۾ موجود سويڊن جي اڪيڊمي آف سائنس عطا ڪندي. هيءُ ان جو فرض آهي تہ مناسب ماڻهوءَ جو ان لاءِ انتخاب ڪري.

طب (ميڊيسن) جي لاءِ هن اسٽاڪ هوم جي ڪيرولين ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ جو انتخاب ڪيو تہ اهو مناسب حقدار کي تلاش ڪري. ادب جو نوبل انعام حاصل ڪرڻ واري جو انتخاب اسٽاڪ هوم جي ادبي سوسائٽيءَ کي ڪرڻو هو ۽ آخر ۾ امن جو نوبل انعام ڏيڻ جي لاءِ ناروي جي پنجن ماڻهن تي مشتمل هڪ ڪميٽي حقدار جو فيصلو ڪري.

الفريڊ امن جو انعام ڏيڻ لاءِ پنهنجي پاڙيسري ملڪ ناروي جو انتخاب ڪري سويڊن جي ماڻهن جا جذبات ڀڙڪائي ڇڏيا. ان ڪري هو انهن ڏينهن ۾ ناروي ۽ سويڊن جا لاڳاپا ڪشيده هئا ۽ امن جو انعام وڏو اهم هو. سويڊن ۾ جذباتي ماڻهن جو خيال هو تہ الفريڊ پنهنجي قوم جي بيعزتي ڪئي آهي. بعض ماڻهن تہ اها تجويز ڏني تہ الفريڊ جي

خوني دولت کي رد ڪيو وڃي.

هوڏانهن ناروي وارن کي به هڪ شرط ناگوار لڳي رهيو هو. الفريڊ ڪليل لفظن ۾ لکيو هو ته "ڪو به انعام ڏيڻ جي لاءِ مرد، عورت، رنگ، نسل، قوم يا مذهب جو هرگز هرگز خيال نه رکيو وڃي. منهنجي نظر ۾ هر اهو انسان، جيڪو چڱو ڪم ڪري ٿو، اهو انعام جو حقدار آهي."

ان وصيت جي مخالفت نوبل خاندان به ڪئي، پر وصيت قائم رهي. آهستي آهستي سويڊن ۽ ناروي جي ماڻهن جي سمجهه ۾ اچي ويو ته الفريڊ قيامت تائين هنن کي عزت بخشي ويو هو.

انساني ترقيءَ لاءِ اهي ئي پنج شعبا اهم ترين هئا، جن جي چونڊ الفريڊ ڪئي هئي ۽ اهي ماڻهو عالمي برادريءَ ۾ پنهنجو ڪنڌ فخر سان بلند ڪندا رهندا. الفريڊ جي جائيداد کي فروخت ڪيو ويو ته ٽيٽيهن ملين ڪرونا( سويڊن جو سڪو) حاصل ٿيا. اڻويهين صديءَ جي ختم ٿيڻ واري دور ۾ اها تمام وڏي رقم هئي.

ايتري وڏي رقم جو ٻڌي صوفيه جي هوس واري رڳ ڦڙڪي اٿي ۽ هن دعويٰ ڪئي ته هوءَ الفريڊ جي نڪاح ٻڌي زال آهي. هن جي وڪيل سندن گڏجي گذارڻ واري دور جا اهڙا خط عدالت ۾ پيش ڪيا، جنهن ۾ "ميڊم صوفيه نوبل" لکيل هو. يعني الفريڊ هن کي پنهنجي زال تسليم ڪري ڇڏيو هو. هيءَ صورتحال ڏاڍي پريشان ڪندڙ هئي. آخر طرفين جي وڪيلن ناهه ڪرايو. صوفيه به سو سورنهن خط واپس ڪيا ۽ ان جي بدلي ۾ ڪيس تاحيات وظيفي جو حقدار قرار ڏنو ويو.

## چنڊ ۽ ماڻس

هڪڙي چنڊ، سندس ماءُ کي چيو ته "منهنجي لاءِ ڪو اهڙو ڪوڪوٽ ناهي ڏين جو ٺيهڪي اچيم". ماڻس جواب ڏنو: "ابا! تو لاءِ ٺهڪڻ جهڙوڪوٽ ڀلا ڪهڙيءَ طرح ناهي سگهبو، جو تون ڪڏهين ننڍو ته ڪڏهين وڏو، ڪنهن ڏينهن بلڪل وڏو، ته ڪنهن ڏينهن صفا ڇڻ!

☆......☆......☆

الفريڊ جي زندگيءَ ۾ ٻي اهم عورت برٿا هئي، جنهن جي ترغيب تي نوبل انعام وجود ۾ آيو هو.

سن 1905ع ۾ برٿا کي امن جو نوبل انعام ڏنو ويو. سن 1916ع ۾ پهرين جنگ عظيم جو آغاز ٿيو ته برٿا جي نظرين جو جنازو نڪري ويو. هوءَ پنهنجن خوابن جي ڏيڄاريندڙ تعبير برداشت نه ڪري سگهي ۽ جلدئي آخرت جي سفر تي راهي ٿي وئي.

ڌرتيءَ جي گولي تي امن ۽ جنگ ۾ هيءَ ڪشمڪش تمام پراڻي آهي ۽ آخرت تائين رهندي. ماڻهو پنهنجا فيصلا پنهنجي مرضيءَ سان ڪندا رهندا. اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي. ڇهرن تي ڪوڙ جا پڙدا سجائبا رهندا ۽ سچائيءَ جا پٿر انهن تي وسندا رهندا. آخر هڪ ڏينهن دنيا بلوغت جي ان مقام تي ضرور پهچندي، جتي نفعي ۽ نقصان جو فرق ڪري سگهندي.

☆☆☆



# ڇتي ڪتي جو موت

امر جليل

هي ڪهاڻي سنڌ جي اڙٻنگ ڪهاڻيڪار جي لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ جو موضوع ڪڏهن به پراڻو نہ ٿيندو. هيءُ علامتي ڪهاڻي آهي. جيڪو ڪجهہ هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي، اهو اڄ بہ هن ملڪ ۾ ٿي رهيو آهي. ان ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ اهو چئجي، اڄ جون حالتون وڌيڪ خراب ٿي پيون آهن. اڄ بہ سڄي ملڪ ۾ ڪتا گهمي رهيا آهن.

**هڪ ڪتي جو داستان، جيڪو ڇتو ٿي پنهنجن کي ڇڪ پائڻ لڳو هو.**

(**شهمير** کي ڇتو ڪتو مارڻو آهي. ڇتي ڪتي کي ملان حجري ۾ پناهہ ڏني آهي. شهميرجي هٿ ۾ بندوق آهي. ڇتي ڪتي ۽ بندوق جي وچ ۾ملان اچي بيٺو آهي. شهمير کي فيصلو ڪرڻو آهي، تہ ڇتي ڪتي کي مارڻ کان اڳ ملان کي ماري، يا ملان کي جيئرو رکڻ لاءِ ڇتي ڪتي کي جيئڻ ڏيئي! شهمير جيستائين ڪنهن فيصلي تي پهچي، مان توهان کي اڄ شام جي واقعن جا تفصيل ٻڌائي ڇڏيان.)

سانجهيءَ ڏاري شهر تي عجيب قسم جو ڪوهيڙو لهي آيو. خاموشي چانئجي ويئي. پوءِ اوچتو، اول اٽڇتا، ۽ پوءِ چٽا آواز، رڙيون، ڪيڪون ۽ گوڙ گهمسان ٻڌڻ ۾ آيو. مان پنهنجي فليٽ جي بالڪونيءَ ۾ وڃي بيٺس. ٻاهر نهاريم. ڌنڌ سبب ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو.

پنيان دڙڪڙڪڻ جوآواز آيو. مون بالڪونيءَ مان موٽي وڃي ٻاهريون دڙڪوليو. ماستر دائم جو ستن سالن جو پٽ قائم بيٺو هو. سهڪي رهيو هو. منهن مان وحشت ظاهر ٿي رهي هئس. وڄڙندڙ آواز ۾ چيائين، "ادا، ڪارو ڪتو ڇتوٿي پيو آهي."

"ڇتو ٿي پيو آهي؟"

"ها ادا."

"ڪڏهن کان؟"

"شام کان."

ان وقت مونکي يوسف جي ڳالهه ياد آئي. هن ڪجهه ڏينهن اڳ چيو هو ته ڪارو ڪتو ڇتي ٿيڻ جا آثار پيو ڏيکاري. مون يوسف جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو هو.

قائم چيو، "ادا، ڪاري ڪتي دينو پخاليءَ جي پٽ کي ٻنڊڻ ۾ چڪ هنيو آهي."

"ليمي کي؟"

"ها، ليمي کي." قائم چيو، "۽ شام جو ابراهيم مستريءَ کي چڪ پاتو هئائين."

ان وقت يوسف ڊوڙندو آيو. يونيورسٽيءَ کان موٽيو هو. يوسف، شهمير، اقبال ۽مان هڪ فليٽ۾ رهندا آهيون ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا آهيون.

ڪتاب ميز تي رکي، يوسف منهنجي سامهون اچي بيٺو. چيائين، "تو منهنجي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيوهو. ڪارو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي."

"مون ٻڌو آهي."

"مون ڏٺو آهي."

اسين بالڪونيءَ ۾ وڃي بيٺاسين. ڌنڌ سبب ڪجهه نظر نه پئي آيو. بجليءَ جا بلب ڏيئن جيان پئي ٽمڪيا. ماحول مبهم هو. فقط رڙيون، ڪيڪون ۽ ماڻهن جي ڀڄڻ ڊڪڻ جا آواز چٽا ٻڌڻ پئي آيا.

قائم ڪنبندڙ آواز ۾ چيو، "ادا، مون کي گهر ڇڏي اچ. مون کي ڀؤ ٿو ٿئي."

مون ستن سالن جي قائم ڏانهن حيرت مان ڏٺو. هو پوئين گهٽيءَ ۾ رهندو آهي. هن ڪاري ڪتي جي ڏاڍي خدمت ڪئي هئي. صبح جو اسڪول وڃڻ کان اڳ ڪاري ڪتي کي مارڪيٽ مان ڇيچڙا آڻي کارائيندو هو. قائم جي سموري سنگت جا ٻار اسڪول کان ايندي ويندي ڪاري کي پيار ڪندا هئا. ڪارو پڇ لوڏيندو هو. ٻارخوش ٿيندا هئا.

مون قائم کان پڇيو، "سڀ ٻچ ڪاري کان ڊڄين ٿو؟"

"ها ادا."

"ڪاري سان ته تنهنجي ياري هئي!"

"هئي ادا. پر هينئر ڪارو ڇتو ٿي پيو آهي. ڪائڻ ٿو اچي." قائم ايلاز ڪندي چيو، "مون کي گهر ڇڏي اچ، ادا."

"هن وقت تنهنجو هيٺ لهڻ چڱو ناهي، قائم." يوسف چيو، "ڇتو ڪتو

احسان فراموش هوندو آهي.پنهنجي محسن کي تہ سڀ کان اول ڪائيندو آهي. تنهنڪري تنهنجو هيٺ لهڻ ٺيڪ ناهي، قائم."

مون يوسف کي چيو، "اسان کي ڪاري جي باري ۾ جلد ڪو فيصلو ڪرڻ گهرجي."

ڪجهہ دير سوچڻ کان پوءِ يوسف چيو، "مان پاڙي جا چار چڱامڙس وٺي ٿو اچان."

"پاڙي وارن جو ڇا وڃي!"

"سموري پاڙي وارن ڪاري کي پاليو آهي. تنهنڪري جيڪو بہ فيصلو ڪبو، سو پاڙي وارن جي رايي مطابق هوندو." يوسف جواب ڏيئي پاڙي جي چڱن مڙسن کي سڏڻ لاءِ هليو ويو.

قائم کي اٽڻ ٿي پيئي. چيائين، "توهين ڪاري ڪتي کي ڇا ڪندا، ادا؟"

وراڻيم، "شايد منسپالٽيءَ جي حوالي ڪيونس."

"توهين ڪاري کي منسپالٽيءَ جي حوالي ڪندا!"

"گهڻو ڪري."

قائم جي منهن مان پريشاني ظاهر ٿيڻ لڳي. چيائين، "ڪاري کي منسپالٽيءَ جي حوالي نہ ڪجو. هو ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن."

"دنيا جي سمورن ملڪن ۾ ڇتن ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن." چيم، "مان سمجهان ٿو، چڱا مڙس ڪاري کي مارائڻ لاءِ منسپالٽيءَ جي حوالي ڪرڻ جي رٿ ڏيندا."

قائم جو منهن لهي ويو.

يوسف موٽي آيو. پاڻ سان پاڙي جا چارپنج چڱا مڙس وٺي آيو. انهن ۾ ماستر دائم بہ هو. پنهنجي پٽ قائم کي ڏسي دائم خوش ٿيو.ڪٽي ڳراٽڙيءَ ۾ قابو ڪيائينس.

قائم پيءُ کي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهندي چيو، "بابا، ڪاري کي منسپالٽيءَ جي حوالي نہ ڪجو. منسپالٽيءَ وارا ڇتن ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن."

مون قائم کي پيارڪندي چيو، "مان بہ جڏهن تو جيترو پتڪڙو هوس، تڏهن ڇتن ڪتن تي ڪهل ڪندوهوس،پر پوءِ، جڏهن جوان ٿي تاريخ جو مطالعو ڪيم، تڏهن محسوس ڪيم تہ ڇتي ڪتي کي مارڻ لازمي هوندو آهي. ڇتي ڪتي کي نہ مارڻ قومن لاءِ تاريخي سانحو ٿي پوندو آهي. تنهنڪري مان ۽ يوسف ڪاري ڪتي کي مارڻ يا مارائڻ جي حق ۾ آهيون."

منهنجي ڳالهہ جو قائم تي ذرڙو ڪن اثر ٿيو. هن پيءُ جي ڳچيءَ مان ٻانهون ڪڍي ڇڏيون.

يوسف سيني کي مخاطب ٿيندي چيو،"توهان سيني کي خبر هوندي، تہ ڪارو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي. هن شام کان، ٽن-چئن ٻارڙن، ڪريم، خاوند، ابراهيم مستري ۽ ڏٽي بخش کي چڪ هنيا آهن."

آواز آيو، "اسان کي ان ڳالهہ جو افسوس آهي."

سيني جو ڌيان ڳالهائيندڙ ڏانهن ڇڪجي ويو. هو پاڙي جو سماجي ڪارڪن عبدالله هو. مانجهو منجهائڻ

سندس ڏنڊو آهي. يوسف، شهمير، اقبال ۽ منهنجي باري ۾ بدظن آهي.

يوسف گهور وجهي عبدالله ڏانهن نهاريو. چيائين، "اسين پنهنجي ساءِ ۾ ڪاري ڪتي کي ماري ڇڏيون ها، پر توهان وڏن کي آگاهه ڪرڻ ۽ صلاح مشورو ڪرڻ ضروري سمجهيوسين. تنهنڪري توهان کي تڪليف ڏيئي هتي وٺي آيا آهيون. مان هڪ ڳالهه بلڪل واضح ڪرڻ چاهيان ٿو، ته اسين ڪاري ڪتي کي مارڻ لاءِ مشورو ڪرڻ لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون. افسوس ظاهر ڪرڻ لاءِ نه."

سماجي ڪارڪن عبدالله چيو، "مون ڪتي جي ڪاٽلن کي ترت سول اسپتال پهچائڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. تازن ڪاٽلن کي به بنا دير جي اسپتال پهچايو ويندو. توهين فڪر نه ڪريو."

يوسف ٻاهه تي ويو. تمام ڪهري لهجي ۾چيائين، "اسان کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي، ته ڪاري کي ڇا ڪيو وڃي."

"ڪاري جي باري ۾ڪو به جذباتي فيصلو نه ڪيو وڃي." رٽائرڊ پوڙهي مختيارڪارچيو، "جذباتي فيصلا هميشه نقصانڪار هوندا آهن."

"توهين مختيارڪار رهي چڪا آهيو. تنهنڪري مختيارڪاري نوع ۾ پيا ڳالهايو." اقبال جو آواز آيو. هو در وٽ بيٺو هو. هٿ ۾ هاڪي هئس. چيائين، "ڪاري جي باري ۾ جيڪو به فيصلو ڪيو وڃي، سو جلد ڪيو وڃي."

ڇڳن مڙسن ۾ هڪ هيڊ ڪلارڪ به هو. هو سنهڙو، ڏکو ۽ پسا جي مناري وانگر هڪ طرف جهڪيل هو. هن چيو، "ڪاري جي باري ۾ ڪو به فيصلو ڪرڻ کان اڳ، اسان کي ڪاري جو ڪانفيڊينشل فائيل ڏسڻو پوندو."

مون گهنڊ وجهي يوسف ڏانهن ڏٺو.

عبدالله چيو، "سماج سڌارڪ جي حيثيت ۾ مان اها صلاح ڏيان ٿو، ته اسين هڪ وفد وٺي ڪاري کي سمجهائڻ لاءِ..."

"بڪواس."

آواز تي سيني ڪنڊ ڦيرائي پوئتي نهاريو. اقبال جي پرسان شهمير بيٺو هو. قدآور، جانٺو ۽ گنڀير. هنجي هٿ ۾ رائيفل هئي.

شهمير چيو، "اسين ڪاري ڪتي کي ماري ڇڏينداسين."

"اهو جذباتي فيصلو آهي."

پوڙهي رٽائرڊ مختيارڪار چيو، "اهو فيصلو نيڪ ناهي."

"توهان جو رايو به توهان وانگر رٽائرڊ ٿيل آهي، مختيارڪار صاحب."

اقبال چيو، "اسانجو وقت خراب نه ڪريو."

سماج سڌارڪ عبدالله چيو، "منهنجو خيال آهي، اسين ڪاري جي ننڍڙين ننڍڙين غلطين کي نظر انداز ڪري ڇڏيون."

"نظر انداز ڪري ڇڏيون!" يوسف چيو، "عبدالله صاحب، ڪارو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي."

ٿوري دير تائين ڪنهن نه ڳالهايو. ڪمري ۾ ماٺ جو مانڊاڻ رهيو.

ڪجهه دير ڪان پوءِ ماستر قائم

پنهنجي پٽ دائم ڏانهن ڏسندي چيو، "منهنجي صلاح آهي، تہ اسين ڪاري ڪي منسپالٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيون."

ننڍڙو قائم پنهنجي پيءُ دائم جي ڳالهہ ٻڌي روئڻ لڳو.

يوسف ڪيس پرچائڻ لڳو. چيائين، "ڳالهہ ٻڌ قائم. ڪارو ڪتو چتو ٿي پيو آهي. هن تنهنجي اسڪولي سنگت جي ڇئن ڇوڪرن کي چڪ هنيو آهي. ڪين ڇوڏهن-ڇوڏهن اينٽي ريبيز سئيون لڳنديون. انهن سين ۾ ڏاڍو عذاب هوندو آهي."

"ءِ قائم." اقبال چيو، "ٿي سگهي ٿو، سيون اثر نہ ڪن، ءِ تنهنجو ڪو سنگتي چتو ٿي، دردناڪ موت مري وڃي."

قائم پنهنجو منهن، پنهنجي پيءُ دائم جي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. ماستر دائم اسان ڏانهن ڏسندي پڇيو، "توهان شاگرد لاءِ جو ڪهڙو خيال آهي؟"

شهمير هڪدم وراڻيو، "اسين ڪاري کي اڃ ماريندا سين."

رٽائرڊ مختيارڪار، سماجي ڪارڪن ءِ سنهڙي هيڊ ڪلارڪ چيو، "تڪڙ نہ ڪريو. توهين نوجوان آهيو. توهان جو رت گرم آهي. ماستر دائم جي صلاح مناسب آهي. ڪاري کي منسپالٽيءَ جي حوالي ڪرڻ گهرجي."

يوسف، اقبال، شهمير ءِ مون هڪٻئي ڏانهن ڏٺو.

مختيارڪار کي گوڏن ۾ وائي سور هو. هو گوڏن تي هٿ رکي اٿيو. چيائين، "مان پنهنجي گهران فون ڪري منسپالٽيءَ وارن کي گهرائي ٿو وٺان. پاٽيهئي اچي ڪيس سوگهو ڪندا."

رٽائرڊ مختيارڪار هليو ويو. هو جيستائين نہ موٽيو، تيستائين ڪنهن ڪجهہ نہ ڳالهايو. ڪمري ۾ خاموشي رهي. ٻاهران رڙين، گوڙ گهمسان ءِ ماڻهن جي ڊوڙڻ ڊڪڻ جا آواز ايندا رهيا.

ٿوري ديرڪان پوءِ رٽائرڊ مختيارڪار موٽي آيو. چيائين، "منسپالٽيءَ وارن چيو تہ اسين سڀ لهڻ ڪانپوءِ ڪتا نہ جهليندا آهيون."

"پوءِ؟"

هن چيو، "صبح تائين اسان کي ڪاري جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. صبح جو منسپالٽيءَ واراڪيس پاٽيهئي پڪڙي ويندا."

"حفاظت! چتي ڪتي جي حفاظت!" شهمير چيو، "هوش ۾ تہ آهيو؟"

اقبال چيو، "اسين ڪاري کي ماريندا سين."

"هينئر، اصل هن وقت،" يوسف چيو.

پاڙي جي پوڙهن، اسان جي بزرگن ءِ چڱن مڙسن جو وات ڦاٽي ويو. هو حيرت ءِ اچرج مان اسان ڏانهن ڏسڻ لڳا. سماجي ڪارڪن چيو، "توهين ظالم آهيو."

"اسين ظالم آهيون!"

"ها." هن وراڻيو، "اسان سالن جا سال سندس سار لڌي آهي. افسوس، جو اڄ توهين نوجوان، ويچاري ڪاري کي اڃ مارڻ جون وايون پيا ڪيو. افسوس افسوس!"

"ڪارو چتو ٿي پيو آهي." مون چيو، "اسين ڪيس ضرور ماريندا سين."

"مما، پڻ اڄ وري گهر ۾ زبردست جهگڙو ٿيو آهي.اصل مارڪٽ ٿيڻ لڳي."

"ڪنهن، ڪنهن تي هٿ هلايو؟"

"مما، توکي ته خبر آهي ته جڏهن ُهوءَ غصي ۾ ايندي آهي ته الائي ڇا ڇا ڪندي آهي.مون به ته ٿي هنيامانس."

"پٽ، هي اوهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟ هيءَ ڳالهه نهي ٿي؟"

"مما، مان ڇا ڪريان؟ هوءَ توکي

# ماءُ جي پيرن هيٺان...

ريٽا شهاڻي

ڪڏهن ڪڏهن زندگي زهر جا ڪڙا ڍڪ پيارينديي آهي. رشتن جي تقدس ۽ پنهنجن ڪي خوش ڏسڻ مجبورن اهي ڍڪ پيئڻا پوندا آهن. هندوستان جي سنڌي ليکڪا جي لکيل اڄوڪي زماني جي ڪهاڻي جنهن ۾ انسان ڪي جيئڻ لاءِ وه جا ڍڪ پيئڻا پون ٿا. ماءُ، پٽ ۽ ننهن جي ٽڪنڊي مٿان لکيل مختصر ڪهاڻي، جيڪا توهان ڪي ڪافي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي.

**ماءُ جي ممتا ۽ پٽ جي مجبورين تي مشتمل هڪ گهر جو مختصر احوال**





# پر پنٽيل پکيءَ جي اڏام

حسن منصور

هڪ بي سهارا ۽ معذور ماڻهوءَ جي سبق آموز ڪهاڻي، جنهن کي هر ماڻهوءَ رحم ڪائي خيرات ڏيڻ تي چاهي. پر هن زندگيءَ جي بوجهه کي عزت، خودداري ۽ شان سان گذارڻ تي چاهيو. سنڌ جي نئين ٽهيءَ جي بهترين ليکڪ هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن مقصد تحت ڪهاڻيون سرجيون آهن. هن دفعي جي سنڌس لکيل هيءَ ڪهاڻي اسان کي گهڻو ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي.

## معذورجو قصو، جنهن کي انا پياري هئي

سنس عمر ٽيهہ پنجٽيهہ سال کن هئي. اڏمٽو اچو هئس. اکيون ڪڏهن روشن ۽ چمڪدار هوندس پر هيٺئر ميريون ۽ جهڙاليون لڳي رهيون هيون. منهن ويڪرو پرسڪل ۽ هڙباٽيون نڪتل، چپ گهرا ناسي، مٽان گهاٽا شهپر، جيڪي يڻ اڏ اڇا. قد جو ڊگهو پر هڪڙي ڄنگهہ وڍيل، جنهن ڪري بيساکين تي هلي رهيوهو.

لياريءَ جو هڪ جهونو پاڙو موسيٰ لين. هو بيساکين تي لڏندي آتمارام پريتم داس روڊ ٽپي لوڪومل چيلارام

## خوشيون

☆ جڏهن ڪو شادي شده مڙس خوش نظر ايندو آهي تہ پوءِ الاهي ڇو اسان حيران ٿي ويندا آهيون.
☆ اهي اوستائين خوش رهيا، جيستائين وچي سندن شادي نہ ٿي.
☆ ويهہ سالن تائين مان ۽ هوءَ ڏاڍا خوش رهياسين.. پر پوءِ بدقسمتيءَ سان اسان جي شادي ٿي ويئي.
☆ هوءَ ڏاڍي خوش آهي تہ سندس ڇوڪرو دوست هن جي مڙس کي پسند ڪندو آهي.
☆ اسان زال مڙس هاڻي خوش رهڻ سکي ورتو آهي. هن کي مون سان محبت ڪرڻي پوندي آهي ۽ مون کي وري هن سان.
☆اهي شادي کان ڏهہ سالن ڪانپوءِ حيرت انگيز طور تي خوش خوش رهيا، پرهڪ ٻئي سان نہ.
☆ها، ها، مان اهو اعتراف ڪريان ٿو تہ مان ۽ منهنجي زال شادي کان پوءِ پنج سال خوش زندگي گذاري پرپوءِ مصيبت ان وقت شروع ٿي جڏهن هن کي نوڪري مان ڪڍيو ويو.
☆عورت شادي ان ڪري ڪندي آهي جو هو ٻن انسانن کي خوش رکي سگهي. هڪ پنهنجي پاڻ کي ۽ ٻيو پنهنجي ماءُ کي.
☆ مون هن کي چيو تہ مون سان شادي ڪر. هن نپ انڪار ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ اسان ڀرپور خوشين واريون زندگيون گذاريون.
☆اهو واقعي خوش نصيب ترين ۽ خوش خوش جوڙو آهي، هو رنيندو رهي ٿو ۽ هُوءَ ٻوڙي آهي.
☆"ڇا تون خوشيءَ سان ڀرپور شادي واري زندگي گذاري رهيو آهين؟"
☆هائو، ڇهون دفعو!

هو. سامهون ممو ملباريءَ جو دڪان هو. اتان تماڪ ورتائين، جيڪو پڻ ساڳي ٿيلهيءَ منجهہ وڌائين. پوءِ بيساکين ٻرهڻ مضبوط ڪري وڃڻ لڳو. اڃان ٿورو اڳتي وڌيو هوندو تہ ڪنهن آواز ڏنس.پوئتي مڙي ڏٺائين، سامهون سندس ننڍپڻ جو دوست سليم سوہڻ بيٺو هو. سليم جون اکيون ڪنڇن جيان ٻاهر نڪتل، نڪ هاڪيءَ جيان ڊگهو ۽ ور ڪاڏل ۽ چپ ايڻن سڃيل هئس جڻ ڪنهن سوبڻ چڪ پاتو هجي، انهيءَ ڪري هو سليم سوبڻ جي نالي سان مشهور ٿي ويو هو. ٻنهي وڏي، هڪبٺي کي ڀاڪرن ۾ ڀري ڇڏيو. چگي دير تائين ائين بيٺا رهيا، پوءِ الڳ الڳ ٿي بيٺا.

سوبڻ پڇيو، "هي تون آهين، نعيم!"

"ها، شايد .....:"

هو اڇرج وچان ڪيس ڏسڻ لڳو، هن حالت ۾ سندس چپ وڏيڪ ٿلها ٿي ويا ۽

ترتيب ۾ رکيل ڪرسين ڪوچن تي ويهي رهياسين. هن ڪي حال احوال پڇڻ تي ٻڌايون سين تہ سندس پيءُ جي خدمت ۾ هڪ عرض رکڻو آهي، انڪري لڙي آيا آهيون. هو پنهنجي بابا کي وٺڻ لاءِ اٿيو تہ ڪجھ ڇوڪرن سٽ ڏيئي، اسان جي وچ تي رکيل ميز هيٺيان پيل ٻہ انگريزي رسالا ڪڍي ورتا، جنهن مان هڪ جي وچ واري پني تي ڪنهن هيئر رموور ڪريم جو اشتهار ڇاپيل هو، جنهن ۾ هڪ گوريءَ جو ذري گهٽ اڌ اگهاڙو فوٽو ڇپيل هو.

"اڙي، هيڏي ڪر ني، مان تہ ڏسان" هڪ ڇوڪري رڙ ڪئي.

" ڇڏ يار، تو ڏٺو آ." ٻئي، رسالي ۾ هٿ وجهندي ڇڪ ڏني. "ڇر"— پني ڦاٽڻ جو آواز ٿيو." ان سان گڏ اهو اشتهار وارو فوٽو جانب جي کيسي ۾ محفوظ ٿي ويو. مون دل ۾ سوچيو تہ ڇوانَ." پيٽسان، يونيورسٽيءَ ۾ اچي ڪري بہ ڪونہ سڌريو." پر پوءِ چپ رهڻ ئي مناسب سمجهيم .

اسان جي ٽولي جي اڳواٽي مراد، سجڻ جانب ڪري رهيا هئا. مراد پنهنجي "سائيڊ جاب" ۽ پنهنجن هڪ اڌ تنقيدي مضمونن پلس شاعريءَ جي ڪري ڊپارٽمينٽ توڙي استادن ۽ شاگردن ۾ هڪجيترو مقبول هو، جڏهن تہ سجڻ پنهنجي سوشل ورڪ، جذباتي هجڻ ڪامياب بائيڪاٽ ڪرائڻ ڪري ڇگو خاصو نالو ڪڍيو هو. جانب، هڪ اخبار جو رپورٽرهجڻ ڪري سينيءَ جي اکين جو تارو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ابتيون سبتيون ڳالهيون اخبار ۾ ڏئي اڪثر بحث جو موضوع بڻبو هو.

ڊين آيو تہ مراد پنهنجي مرٽينگ انگريزيءَ ۾ چيس." ڳالهہ هي آهي، سائين، تہ اسان سڀ سنڌي امپروو ڪري رهيا آهيون. جڏهن تہ سياڻ " پريهن اسان جا ٻئي پرچا، انگلش " سنڌي هڪبئي پنيان بنا گيپ جي آهن. اسان انهي آسري ۾ رهياسين تہ انگلش ۾ لينينسي ڏني ويندي، تنهنڪري اسان سيني سنڌيءَ جي تياري پئي ڪئي. سو مهرباني ڪري ڪلاسيڪل پوئٽريءَ جو پرچو ڇهہ ڏينهن اڳتي ڪري ڏيو."

ڊين مراد جي نماٽي عرض کي ڏاڍي غور سان ٻڌو. موٽ ۾ شفيق استادن جيان پڇيائين،" توهان واقعي سيئي سنڌي پيا ڏيو؟"

" جي، سائين. اسين آنرس وارا." سيني گڏجي چيو.

"يار،مونکي تہ حيرت ٿي ٿئي، توهان انگريزي ادب جي شاگردن، محنتي ۽ ذهين هجڻ جي باوجود سنڌيءَ ۾ ايتري پوئر پرفارمنس ڏني آهي!"

ان تي دوست هڪبئي ڏي ڏسڻ لڳا " شرمساريءَ جي هڪ بيچين لهر سندن اکين ۾ ڊوڙڻ لڳي. منهنجي دل ۾ آيو تہ سائينءَ کي چوان "سائين، اسان بنيادي طرح ڏيڪاءُ پسند جاهل آهيون. اسان پنهنجي ٻوليءَ کي پٺ ڏيئي پرائي ٻوليءَ جي ڊامينسي برقرار رکڻ گهرون ٿا. اهڙي طرح پنهنجي پراٽي غلاميءَ کي صدين تائين پرولانگ ڪرڻ گهرون ٿا." اهو سوچيم تہ سهي پر چئي نہ سگهيم. مراد پنهنجي لٽل ٻوٽ تي تازگي آڻڻ جي



# اسسٽنٽ آفيسر

نرتن نوشاد

سرڪاري اداري جي هڪ حساس پر بزدل ملازم جو احوال، جنهن ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض نڀائڻ پئي چاهيو. ان راه ۾ ڪيس ڪهڙيون مشڪلاتون اچن ٿيون ۽ هن سان ڇا وهيو ۽ واپريو، سو هن ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

**فرض نڀائيندڙ سرڪاري ملازم جي ايمانداري جي انجام جي ڪهاڻي**

مان حسب معمول پنهنجي وقت تي آفيس پهچي ويس، ڪرسي تي ويهڻ شرط الڪيٽرڪ بيل ڪي دٻائي پٽيوالي فجر عالم کي پاڻي پيارڻ لاءِ چيم. پاڻي پي، سگريٽ دکائي، ڪش هڻڻ لڳس. اڃا سوچن ۾ گم ٿيو ئي مس هئس تہ فجر عالم جو آواز ڪنن تي پيو.

"سر، هڪ مرد ۽هڪ عورت اوهان سان ملڻ ٿا چاهين." فجر عالم ادب سان وراڻيو.

مون ڪنڌ ڌوڻي ڪيس "ها" ڪئي.

فجرعالم درڪولي ٻنهي ڄڻن کي

اندر اچڻ جو اشارو ڪيو. مون ڪين ڪرسين تي ويهڻ جو چيو. سگريٽ برابر منهنجي هٿن ۾ دکي رهيو هو.

"منهنجو نالو مير جنان آهي،" مرد پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو. "مان هڪ اسٽيٽ ايجنسي ۾ ڪم ڪندو آهيان. مان اڳ ۾ فوج ۾ ڪئپٽن هئس ۽ چار سال اڳ ريٽائر ٿي چڪو آهيان." هن ڪيسي مان وزيٽنگ ڪارڊ ٻاهر ڪڍيو ۽ ميز تي منهنجي سامهون رکيائين. ان ڪارڊ ۾ سندس نالو، اسٽيٽ ايجنسي جو پتو ۽ ڪانٽيڪٽ نمبر هئا. هن سان گڏ آيل عورت برقعي ۾ هئي، جنهن جون آئون صرف ٻه اکيون ئي ڏسي رهيو هئس.

"سر، هن جو نالو گلناز آهي،" مير جنان وڏيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "هن جو مڙس پرويز اوهان جي محڪمي ۾ ملازم هو ۽ تازوئي دل جي دوري سبب فوت ٿي ويو آهي. پرويز محڪمي جو پراڻو ملازم هو ۽ عمر 56 سال هيس. هو ڊيوٽي دوران نشي ۾ رهڻ لڳو هو."

"ان سلسلي ۾ آئون اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟" مون ڪانئس پڇيو.

"سر، بس ٿوري هيلپ جي ضرورت آهي." ميرجنان ڳالهايو.

"حڪم ڪريو. اوهان ڪي جيڪا مدد گهرجي، آئون اوهان سان گڏ آهيان." مون وراڻيو.

"سر، بس اوهان جهڙن آفيسرن جي ڪري ئي هن دنيا جو نظام هلي رهيو آهي." ميرجنان خوش ٿيندي چيو. "مون اوهان جي تمام گهڻي تعريف ٻڌي آهي."

اها ڳالهه ٻڌي مان خوش ٿيڻ لڳس.

"سر، گل ناز پرويز جي وفات کان پوءِ پيپرز ٺهرائڻ لاءِ اوهان جي هيڊ ڪلارڪ ۽ زونل انچارج وٽ وئي ته هنن ڪانئس چاليهه هزار رپيا رشوت طور ورتا آهن." مير جناب سنجيدگيءَ سان چوڻ لڳو. "انهن چيو ته پينشن، گريجوئٽي ۽ ٻيا فائدا وغيره حاصل ڪرڻ لاءِ پئسا خرچ ڪرڻا پوندا، نه ته سڄي ڄمار پئي ڌڪا کائيندينءَ. گل ناز انهن جي چوڻ تي پئسا ڏنا، پر اڃا تائين ڪيس پيپرز تيار ڪري نه ڏنا ويا آهن."

"چاليهه هزار رپيا؟!" مون حيرت مان پڇيو، " ائين هرگز نه ٿو ٿي سگهي."

"سر، اها حقيقت آهي." عورت وچ ۾ ڪڇيو، "توهان پاڻ معلوم ڪري سگهو ٿا."

عورت جي آواز ۾ هڪ عجيب قسم جو سرور هو، جيڪو دل کي ڇهي رهيو هو.

"مان ايگزيڪيوٽو آفيسر آهيان." مون ڪيس دلاسو ڏيندي چيو. "مان اوهان کي خاطري ٿو ڪرايان ته اوهان جا رشوت طور ڏنل پئسا نه رڳو اوهان کي واپس ڏيارينديس پر اوهان جو حق به اوهان کي ملي ويندو. بيواهه جو حق ته ڪنهن به صورت ۾ مارڻ نه گهرجي."

"سر، بس اهائي اوهان جي وڏائي ۽ شان آهي." ميرجنان خوشيءَ مان وراڻيو. "اوهان جي ايمانداري ءِ ساک ٻڌي ئي مان هن بيواهه کي ساڻ ڪري اوهان وٽ آيو آهيان. مون کي اميد آهي ته اوهان هن جو حق ضرور ڏيارينداء"

"ڇو نه! ڇو نه!!" مون ڪيس پڪ ڏيندي چيو، "مان پاڻ ذاتي طور ان

مسئلي کي مانيٽر ڪندس. دلجاءِ ڪريو ۽ بي فڪر رهو."

"سر، وڏا قرب ۽ ٿورا" مير جنان ڪرسي تان اٿندي چيو. "الله اوهان کي وڌيڪ عزت بخشي!"

مير جنان ۽ گل ناز موڪلائي ورتي.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ مون زونل انچارج ۽ هيڊ ڪلارڪ کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو. مون ڪانئن گلنازڪان رشوت طور چاليهه هزار رپيا وٺڻ بابت پڇيو. ٻنهي ڇڙهي نابري واري ۽ چيو ته هو ان لاءِ قرآن تي قسم کڻڻ لاءِ به تيار هئا. انهن ٻڌايو ته هوءَ قادر نالي هڪ شخص سان گڏ آئي هئي، تي سگهي ٿو انهيءَ شخص هن کان پئسا ڦريا هجن. ان سلسلي ۾ مون پنهنجي اسسٽنٽ آفيسر صغير حميد کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو. مون گل ناز جا پيپرز يڪدم تيار ڪرائي، انهن تي پنجاهه ڪن صحيحون ڪيون.

مون هيڊ ڪلارڪ کي پيپرز ڏئي تاڪيدڪئي ته اهي بيواهه کي پنهنجي هٿن ۾ ڏنا وڃن ۽ انهن تي ٻئي ڪنهن جي رسائي نه ٿي سگهي.

چند ئي ڏينهن ۾ صغير حميد انڪوائري مڪمل ڪري ورتي. هن جي عمر 55 سال هئي. قد ۾ ڊگهو، گندمي رنگ جو چهرو، وار مڪمل اڇا، ڪلين شيو ۽ اکيون وڏيون هئس. هو چالاڪ، ذهين ۽ اٽڪل باز قسم جو آفيسر هو. هن مون کي جيڪي تفصيل ٻڌايا سي حيران ڪن ها.

"سر، گل ناز اوهان کي جيڪو ڪجهه ٻڌايو سو سراسر ڪوڙ آهي." صغير حميد تفصيل ٻڌائڻ شروع ڪيا، " هوءَ عياش، آواره ۽ بدنام عورت آهي. هن کي به چاليهه هزار رپيا ڪنهن کي به ناهن ڏنا. هن اهو ڊرامو محض ان ڪري رچايو ته جيئن ڪاغذ جلد تيار ٿي وڃن ۽ هوءَ پئسا وٺي جلد رفو چڪر ٿئي."

"ڇا مطلب؟" مون پڇيو.

"سر، گل ناز پرويزجي ٻي زال آهي، "صغير حميد حقيقتن تان پردو کڻڻ لڳو، "پرويز جي پهرين زال، شريف ۽ نيڪ عورت هئي. پرويز کي ان مان ڪو به اولاد نه هو ۽ نه ئي وري هن مان ڪو اولاد اٿس. پرويز کي نشي جي لت پئجي وئي هئي. هو هيروئن ۽ چرس جو موالي ٿي پيو. هن جا زال سان روزجهيڙا ٿيڻ لڳا. ٻي ڳالهه ته گل نازکيس پنهنجي عشق ۾ ڦاسائي ڇڏيو. اها ڳالهه هر عام وَخاص کي خبر هئي. نتيجو اهو نڪتو ته سندس پهرين گهرواري تنگ ٿي هن کي ڇڏي هلي وئي."

"اها ڪاڏي وئي؟ ڇا، هن پرويز کان طلاق ورتي؟"

"سر، ان باري ۾ڪا به خبر ناهي،" صغير ٻڌائڻ لڳو، "هن طلاق ورتي يا نه، هوءَ ڪاڏي وئي، ڪٿي گم ٿي وئي، ان باري ۾ ان جي والدين کي به علم ناهي."

"ان جا والدين ڪٿي آهن؟" مون سوال ڪيو.

"سر، اهي به هن شهر ۾ ناهن. اهي هڪ ڀيرو ڌيءَ سان ملڻ لاءِ پرويز جي گهر آيا هئا. ڌيءَ جي نه ملڻ سبب واپس هليا ويا. انهن جي باري ۾ وڌيڪ خبر ناهي." صغير حميدوراڻيو.

جي ڪورٽ ۾ اسان خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو.

گل ناز جي پنيشن جي سلسلي ۾ قانوني برانچ جي ليگل آفيسر ۽ سرڪاري وڪيل مون کان ڪمينٽس گهريا. جيڪي ڪورٽ ۾ ترت جمع ڪرائتا هئا. ڪورٽ ۾ ڪمينٽس Com-mentsداخل ڪياويا. ڪيس شروع ٿيو ۽ ڪافي ڊگهو عرصو هلڻ لڳو. ڪڏهن مليل تاريخ تي پيشي اچڻ کان اڳ ڪورٽ برخواست ٿي ويندي هئي ته ڪنهن سوال تي ٻي تاريخ ڏني ويندي هئي. خير، ٻه سال گذري ويا. گل نازجان نشيني جو سرٽيفڪيٽ عدالت ۾ جمع نه ڪرائي سگهي ۽ نتيجو اهو نڪتو ته ڊسٽرڪٽ جج اسان جي موقف سان سهمت ڪندي اسان جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو. ان ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ صغير حميد خصوصي طور تي ليگل آفيسر، سرڪاري وڪيل ۽ مون کي گهران تيار ڪيل اسپيشل لنچ ڪرايو. هن اسان کان پنهنجي ذهانت جو خوب داد حاصل ڪيو.

گل ناز ڊسٽرڪٽ جج جي فيصلي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي. ان ڪيس جون ٻه پيشيون لڳنديون رهيون ۽ نيٺ اهو ڏينهن به آيو، جڏهن ان ڪيس جي پڇاڙي ٿيڻي هئي. اجا ڪيس جي پيشي جو ٽائيم نه ٿيو هو. مان سرڪاري وڪيل سان گڏ عدالت جي ڪمري ٻاهران بئنچ تي ويٺو هئس ته گل ناز جو وڪيل "ڪمپرومائيز" جي ڳالهه ڪرڻ آيو. اسان انڪار ڪيو.

"اهو ئي بهترين حل آهي." گل ناز جو وڪيل چوڻ لڳو، "هوئنئن به ڪيس جو فيصلو اسان جي حق ۾ ٿيندو، اهاپڪ اٿم. مان نه ته اوهان خلاف بيواهه کي خوامخواهه تنگ ڪرڻ جي صورت ۾ هرجانو به دائر ڪندس!"

"ته پوءِ جان نشيني جو سرٽيفڪيٽ ڇو نه ٿا پيش ڪريو؟" مون ڪيس ڇيو. هن وٽ ڪو به جواب نه هو ۽ هو هليو ويو.

جڏهن اسان جي ڪيس جو وقت آيو ته مدد واسطي سرڪاري وڪيل مون کي پاڻ سان گڏ بيهڻ جو چيو. مان هن جي پاسي ۾ بيهي رهيس. گل ناز پنهنجي وڪيل جي پويان برقعي ۾ ادب سان بيٺي هئي.

هاءِ ڪورٽ جي جج گل ناز جي وڪيل جا دليل ٻڌا. ان کان پوءِ هن سرڪاري وڪيل کي دعوت ڏني ته هو پنهنجا دليل ڏئي.

"مائي لارڊ، " سرڪاري وڪيل دليل شروع ڪيا، "هن قانون تحت گل ناز کي پينشن ۽ ٻيا فائدا نه ٿا ڏيئي سگهجن." هن ريفرنس طور جج ڏي ڪتاب وڌايو. جج رول کي غور سان جانچيو.

"پر هيءُ رول، " جج وضاحت ڪئي، "ته ان شخص جي باري ۾ آهي جيڪو پينشن دوران فوت ٿي ويو هجي. هن ڪيس ۾ ته ان شخص جو مسئلو آهي جيڪو سروس دوران مري ويو آهي. موجوده ڪيس سان واسطي وارو قانون ڏيکار." هن وڪيل ڏي ڪتاب واپس ڪيو.

سرڪاري وڪيل ڪتاب ورتو ۽ پنا اٿلائڻ لڳو. هن جون آڱريون ڏڪندي محسوس ڪيم ۽ هو رول نه ڳولهي سگهيو. اها ڪيفيت ڏسي جج وراڻيو، "اهو

سياست قومن جون بهتر مستقبل جوڙينديون آهن. ڪين پين قومن کان بالاتر مقام طرف گوءِ ڪٽڻ لاءِ جاکوڙينديون آهن. پر اسان جي ملڪ ۾ جيڪا سياست ٿئي ٿي سا ڪنهن کان ڳجهي نہ آهي. ان سياست جو مقصد صرف پنهنجو مطلب ڪڍڻ ۽ غريب عوام کي بيوقوف بڻائي ووٽ وٺي حڪومتن ۾ موجون ماڻيون آهن. ملڪ جي سياسي موضوع مٿان لکيل کهاڻي.

# انون آسمان

استاد لغاري

**باز** اوچو ڳاٽ ڪري، پنهنجا پر هوا ۾ لهرائي، تقرير ڪري رهيو هو. "هي اوهان جي پنهنجي حڪومت آهي. عوامي حڪومت. اوهان جي چونديل."

پکين زوردار نعرا هڻڻ شروع ڪيا. "باز سلامت زندهہ باد، باز سلامت زندهہ باد."

ٽڪ، ڊير، ٽرڪلا، بُربُلا، مِيٽرُ، ڦوسيون، ڦڙدو، جهرڪيون، چنبور، چچونيون ۽ چچيها "چي-چي" ڪري، باز سلامت جي وڏي ڄمار لاءِ نعرا هڻي رهيا هئا. باز سلامت چئي رهيو هو، "هاڻي ڪوئي پکي بيروزگار نہ رهندو."

پکين وري پنهنجا پرَ ڦڙڪايا ۽ نعرا

## مطلب پرستيءَ واري سياست جي چوگرد گهمندڙ ڪهاڻي



تي، شام جو پنج لڳي پنجونجاھ منٽن تي پهچجو. پوءِ توهان جون پنج ئي آڱريون پاڻي ۾ هونديون" ڦڙدو پنهنجي هٿن ۽ پيرن ڏانهن ڏٺو. اهو ڏسي هو وائڙو ٿي ويو ته هن جي هٿن توڙي پيرن ۾ پنجن بجاءِ چار چار آڱريون هيون.

(9) ڦڙدو کي پڪ اي جو اهو حڪم به ياد آيو جنهن ۾ هن پنهنجي باڊي گارڊ کي گهرائي حڪم ڏنو هو ته "هن ڪريڪ کي هتان ٻاهر ڪڍيو وڃي."

ڦڙدو، ڦوسي کي چيو "مون کي اڄ خبر پيئي آهي ته اهي ڳجهون، سوندا توڙي باز هر دور ۾ سچ ڳالهائيندا آهن. پر پاڻ انهن کي سمجهڻ ۾ ڏاڍي ديرڪندا آهيون. هاڻ ڏس! باز جڏهن تنهنجي منهنجي نرم نازڪ نڙگهٽ تي چاقو جهڙي چهنب سان چميون ڏيندو ته ان جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ ڏس! جڏهن ٿريٽ بليڊ جهڙن تکن چنبن سان تنهنجي منهنجي بت تي هو ُڪتڪار ڪيندو ته باقي ڇا بچندو؟ ڏس! هاڻي هن وڻ تي ڳيرا، طوطا، تتر، ڪبوتر، ڪيريون، هيڙها، وهيا ۽ هُدهُد هجرت ڪري ايندا ته باز کي پنهنجي شڪار ڪرڻ لاءِ ڀي ڪهڙي تڪليف ڪرڻي پوندي؟ ڏس! هتي هر ڪنهن کي هڪ ٻئي جي آکيرن ۾ گهڙڻ جي اجازت وارو قانون ڇو ٺاهيو ويو آهي؟ ڏس! هن حڪومت جون ٻاڙون عوام منجهه ڇا جي لاءِ ڪتل آهن؟ ڏس! تنهنجي ڦوسي تي هن ٽوڪي ڇا جو ايجنٽ سڏيو هو؟ ڏس مون کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ پنهنجي باڊي گارڊ کي حڪم ڏيندي پڪ اي منهنجي باري ۾ ڪهڙي لفظ جو استعمال ڪيو هو؟ ڏس! ائين آسمان جي ڇانو هيٺ پاڻي کي سچ نظر نه ايندو ۽ پاڻ کي ڏينهن ڏٺي جو رات جو احساس ٿيندو. يعني انصاف جي موجودگيءَ ۾ انڌير ننگري هوندي."

اهي لفظ ٻڌي، ڦوسي ڦڙدوکي رڙ ڪري چيو، "واهه جو ڳالهه ڪئي اٿئي!! ٻچ انهن بازن کان جن جوڳذارو صرف پاڻ جهڙن مسڪينن جي ماس تي آهي. ڪالهه سوندي جي سرڪار هئي، اڄ باز پيو بادشاهي ڪري ۽ سياٽي ڳجهه جو وارو ايندو. اهي ووٽن وٺڻ مهل پٽ تي ايندا آهن ۽ کٽڻ ڪانپوءِ پيءُ به ڪو نه ٿيندا آهن."

هاڻي ڦوسي ۽ ڦڙدو پنهنجي ناڪامي تي ٿڌو ساهه ڀري، ڪنڌ هيٺ ڪري، پنهنجا فائيل ٿوال ۾ ويڙهي، واپس پنهنجي آکيرن ڏانهن اڏاڻا.

هتي هر ٻئي، ٽئي سال، هل، پَرمار، سرڻ، سُوندي، سيچاٽي، چِيل، شاهين، باز، شڪري، شهباز، ڳجهه ۽ عقاب جي وچ ۾ پکين جي خدمت ڪرڻ خاطر اليڪشن ٿيندي آهي. ٽڪ، ڊِير، ٽرڪلا، ٻُربلا، ميٽر، ڦوسيون، ڦڙدو، جهرڪيون، چنبور، چچونيونءَ چچيها پنهنجا ڌنڌا سيڙائي انهن کي ووٽ ڏيڻ ويندا آهن.

هن دفعي مون کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته، اليڪشن واري ڏينهن به، نئين تعمير ٿيندڙ هڪ روڊ تي ڦوسيون ۽ ڦڙدو ٽيڪر ۽ هٿوڙا کڻي، پٽڙ ٽڪي، پنهنجي ٻچن لاءِ عزت جي روزي ڪمائي رهيا هئا.

☆......☆......☆

## نئون ليکڪ سلسلو



# سنڌوءَ جي خوشبوءِ، سنڌوءَ جو پيار

مير حسن مري

**ڪرزما جي ڪوشش آهي تہ نون ليکڪن کي همٿايون. هي سلسلو ان ڏس ۾ هڪ قدم آهي. اڄ جا نوان ليکڪ سڀاڻي جا وڏا ليکڪ بڻبا. اديب هميشہ حالتن کان متاثر ٿيندا آهن. هيءَ ڪهاڻي بہ هڪ سنڌي اديب جي سنڌس چوڌاري ٿيندڙ ڳالهين کي ڏسي رڙ آهي، جنهن ۾ هن جي دل اڌما ڪائي ٿي تہ اسان جو حالتون بدلجن.**

**ان سنڌيءَ جي ڪهاڻي جيڪو ٻاهران موٽيو هو ۽ سنڌ کي پهريون دفعو ڏٺو هو**

هو سنڌوءَ کي سجدو ڪري اٿيو. منصور اڳتي وڌي اچي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو.

" ايڏي محبت سنڌوءَ سان! ايڏو پيار يار! تون تہ ڄائو نپنو ئي ٻاهر آهين، پوءِ تنهنجي ڌرتيءَ سان ايڏي محبت ڏسي آئون ڇاڇي جي عظمت کي سلام ٿو پيش پنهنجي تهذيب سان محبت ڪرڻ سيکاري."

"ها، منصور، بابا کي تمام گهڻو پيار هو پنهنجي سنڌ سان. يار آخر ۾ بابا کي سڀ خبر هئي تہ سنڌوءَ سان ڪهڙا هاڃا پيا ٿين. هُن همٿ نہ ساري پنهنجي سنڌو کي اهڙي حالت ۾ ڏسڻ جي. يار،

آئون سندس آخري خواهش پوري ڪري نه سگهيس. سندس خواهش هئي ته ڪيس پنهنجي ماتر ڀومي ۾ دفنايو وڃي." سارنگ جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. منصور اڇي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريو.

سارنگ ڀريل آواز ۾ سنتوءَ ڏانهن منهن ڪندي چيو." سنتو، توکي منهنجي بابا جا سلام هجن. يقينن اسان جي ڪمزوريءَ جي ڪري تنهنجي سينڌ اجڙيل آهي. تون اسان کي معاف ڪجان."

منصور ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري گاڏيءَ تائين وٺي آيو. سچ سنتوءَ کي آخري سرخ سلام ڪندو پنهنجي منزل ڏانهن راهي ٿيو. سارنگ " منصور گاڏيءَ تي چڙهي حيدرآباد لاءِ روانا ٿيا. ڄامشوري جي پل ڪراس ڪندي سارنگ، منصور کي چيو، "يار، اتي پريان ٿليلي واهه آهي نه، اتي گاڏي روڪجان."

منصور حيرت مان سارنگ ڏانهن نهاريندي چيو. "سارنگ ڪراچي ايئر پورٽ تي لهڻ کان وٺي يڪو توکي هر رستي جي خبر آهي. يار، تو ته مونکي حيران ڪري ڇڏيو آهي! ڄڻ سچي سنڌ جو نقشو تنهنجي اکين اڳيان هجي." سارنگ کلي منصور کي وراڻيو." منصور، جنهن سان محبت هوندي آهي، اها پنهنجي ساهه کان به وڌيڪ عزيز هوندي آهي!"

"منصور، بابا ٻڌائيندو هو ته هو جڏهن ننڍي هوندي حيدرآباد گهمڻ ايندا هئا ته تانگي تي چڙهي ٿليلي تي لازمي ايندا هئا."

منصور گاڏي روڪي. هو ٻئي لٿا سارنگ منصور سان ڳالهائيندو اڳتي نڪري ويو " منصور اتي ويهي رهيو. سارنگ جي پنهنجي ڌرتيءَ سان ايڏي محبت ڏسي سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هو پنهنجو پاڻ کي تمام نيچ محسوس ڪرڻ لڳو. سارنگ واپس آيو ۾ سندس چهري تي اداسيءَ جا آثار ڏسي منصور ڪانئس پڇيو. "ڇا ٿيو سارنگ؟"

"يار، منصور سنڌ ڪيتري گهٽي بدلجي نه وئي آهي!؟ بابا جنهن ٿليلي جي حسن جي ڳالهه ڪندو هو. شايد اها ڪا ٻي ٿليلي هئي."

منصور ڪيس ڪوبه جواب نه ڏنو. ڪيس هٿ کان وٺي موٽر ڪار تائين وٺي آيو. هنن ٻنهي ڪار تي سوار ٿي حيدرآباد جو رخ ڪيو. منصور بائي پاس وٺان گاڏي موڙائي نيشنل هاءِ وي تي چاڙهي، سڌو رخ پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ڪيائين. سارنگ ڏانهس نهاريندي پڇيو." ڇو، حيدرآباد نه ڏيکاريندين ڇا؟"

"نه نه،" منصور ٿورو گهٻرائيندي چيس ،"تون ٿڪل آهين نه. انڪري صبح جو ايندا سين. هيئنر هلون ٿا ڳوٺ. هتان ڏهن ڪلوميٽرن جو ته فاصلو آهي."

"منصور مونکي خبر آهي. آئون اڻڄاڻ نه آهيان. توهان ڪراچيءَ وانگر سنڌ جو هر ننڍو وڏو شهر وڃائي ڇڪا آهيو."

منصور جون اکيون سڌو روڊ ڏانهن هيون. هن ڪجهه به نه ڪڇيو. شايد ڪجهه چوڻ به چاهيائين، پر چئي نه سگهيو. منصور نيشنل هاءِ وي ڇڏي ڪاٻي پاسي کان لنڪ روڊ تي گاڏيءَ کي آندو. ڏهن منٽن جي ڊرائيونگ کان پوءِ هو ڳوٺ پهچي ويا.

منصور ۽ سارنگ پاڻ ۾ سوٽ هئا. سندن وڏا، تمام پراڻا خانداني سنڌ دوست زميندار هئا. منصور جو پيءُ پڙهيل لکيل هو. ڪيس علم سان چاهه هو. ان ڪري اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا هليو ويو ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجي پياري ونيءَ کي به وٺي ويو ۽ پوءِ اتي ئي رهي پيو. کيس صرف هڪڙو ئي اولاد سارنگ هو.

صبح جو منصور اچي سارنگ کي ننڊ مان سجاڳ ڪيو. رات جو دير سان خاندان جي ماڻهن سان ڪچهري ڪري ستو هو، ان ڪري ننڊ اچا به سارنگ جي اکين مان نه وئي هئي.

منصور کيس اڄ جي گهمڻ جو شيڊيول ٻڌائيندي چيو ته "سارنگ شام جو پاڻ کي پٽ شاهه تي هلڻو آهي. ان کان پوءِ تقريبن صبح جو پنجين وڳي موهن جي دڙي لاءِ نڪرنداسين. وڌيڪ پروگرام پوءِ ٺاهينداسين."

"يار، منصور، تنهنجا اهي تورا لاهي ڪين سگهندس." سارنگ انتهائي معصوميت واري انداز ۾ چيو.

منصور ٽهڪ ڏيندي چيو." ٻڌو اٿئون ته مغرب جا ماڻهو تورن کي مڃيندا ئي ناهن. ڪم لٿو ڳالهه ختم."

سارنگ کلي ڏنو. "يار، آئون ڪو مغربي آهيان ڇا؟ منهنجي ڪهڙي ڳالهه توکي مغربي ٿي لڳي."

"يار، سارنگ، سينو وڏو ڪري ڇڏيئي. رات جن به توسان ڪچهري ڪئي سڀ تو مان ايڏا خوش هئا، جو سڀني چيو پئي ته اصل چاچي مرحوم جون سڪون ٿو لاهي. اهو ئي ملڻ جو سياءُ، اهو ئي معصوم ۽ قرب ڏيندڙ."

سارنگ ٿوري دير لاءِ اداس ٿي ويو. پر جلدي ئي ماحول کي خوش گوار بنائڻ لاءِ منصور چيو ته" الله سائين توکي ٺاهڻ لاءِ سنڌ جي مٽي ۽ سنڌوءَ جو پاڻي گهرايو هو شايد!"

سارنگ ۽ منصور، ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلي پيا.

شام جو سج لهڻ تي هو ته منصور ۽ سارنگ پٽ شاهه لاءِ نڪري پيا. پٽ شاهه تي پهچي منصور سارنگ کي سڀ کان پهريان پٽ ڌڻيءَ جي روضي مبارڪ ۾ حاضري لاءِ وٺي ويو. اندر گهڙڻ سان ئي سارنگ جي اکڙين ۾ پاڻي تري آيو. کيس پنهنجي بابا جي ياد شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي. هو بي اختيار ٿي پٽائيءَ جي قبر جي ٻاهران نهيل ڪاٺ جي ڪڙي سان چنبڙي پيو.

اندر مان بي اختيار ٿي پٽائيءَ جو هي سندس چپن تي اچي ويو:

واجهائي وطن ڪي جي آئون هت مياس،
گورمنهنجي سومرا ڪجِ پنهوار ٻپاس،
ڏجِ ڏاڏاڻي ڏيهه جي منجهان ولڙيل واس،
جي مياڻي جياس ته وجي مڙهه مليرڏي.

اهو بيت اڪثر سندس بابا بيماريءَ جي حالت ۾ پڙهندو رهندو هو. سارنگ ڪافي دير تائين اتي ئي بي ستو ٿيو بيٺو هو. منصور کيس اچي هٿ مان جهليو " ٻاهر وٺي آيس. ٻاهر اچڻ کانپوءِ ٿورو ٻاهر نهيل قبرستان ۾ وڃي ويهي رهيا. ڪافي دير تائين خاموش رهڻ کانپوءِ منصور ڳالهايو:

" جي شاهه سائين نه هجي ها ته

منصور ڪراڙ ڍنڍ ڏانهن اشارو ڪندي سارنگ کي چيو."سارنگ هي اتئي ڪراڙ ڍنڍ، جنهن جي فطرتي حسن شاهه سائين کي اهڙو تہ موهيو جو هتي ويهي رهيو."

سارنگ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي چيو تہ"ڪٿي آهي ڍنڍ؟ هتي تہ ڪو پاڻي جو ڏيو بہ ناهي!"

" ها سارنگ، هاڻ اسان وٽ ڪراڙ لاءِ بہ پاڻي ناهي."

سارنگ ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو. منصور سان گڏ هلندو رهيو.

"منصور، ايڏانهن تہ نظر ڪجهہ بہ نہ پيو اچي. اونداهہ ئي اونداهہ آهي."

"اچ، سارنگ. هيءَ اونداهہ سنڌ جي مستقبل کان وڌيڪ اونداهي نہ آهي."

شيخ اياز جي قبر وٽ پهچندي منصور وڏي آواز سان شيخ اياز جي قبر ڏانهن منهن ڪري چيو:

"اي اياز، هيءُ سنڌ جو عاشق توسان ملاڻ لاءِ وٺي آيو آهيان. هيءُ پڇي ٿو تہ توکي اونداهہ ۾ ڇو رکيو اٿن " ڇوي ٿو تہ هي اهو اياز آهي، جنهن سنڌي قوم لاءِ لکيو هو تہ:

مون مشعل مشعل گيت ڇيا،
جيئن تنهنجو چارو روشن ٿئي،

پر شايد سنڌي قوم تنهنجو اهو احسان وساري ڇڪي آهي ۽ تنهنجي ان التجا کي وساري ڇڪي آهي تہ:

تنهن وقت هيءُ وسارين مـــتان
ڪنهن وقت گهنا جي گهيري ۾
ڪنهن مشعل تنهنجي لاءِ آيـــي
ڪـــي آڏي رات انـــڌيـــري ۾.

ٿوري دير لاءِ ماحو ل ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. خاموشي اهڙي، جهڙي سنڌي ماڻهن اختيار ڪئي هئي. پر هتي آس پاس جيئن جي سر سر ـ چر پر، ماحول ۾ زندگي هجڻ جو ڏس ڏئي رهي هئي.

"سارنگ، شيخ اياز سنڌ جي نوجوانن کي نئون شعور ڏنو ۽ شاعريءَ ۾ سندس اعليٰ مقام اٿس. پر اڄ ڏس، سنڌي قوم جي بي حسي، سنڌ جي مهان ڪويءَ سان انصاف تہ ڏس." منصور جذباتي ٿيندي چيو.

" پر، يار، هيءَ تہ بي حسيءَ جي حد آهي!" سارنگ اياز جي قبر کان ٻاهر نڪرندي چيو. پوءِ هو ٻئي اياز جي قبر جي ٻاهران ٺهيل دڪيءَ تي ويهي رهيا.

سارنگ منصور کان سوال ڪندي پڇيو تہ" منصور، تون ٻڌاءِ، سنڌ جو نوجوان ڇا ٿو سوچي؟ هن مان ڪهڙيون اميدون رکي سگهجن ٿيون؟"

" يار، سارنگ، تون الائي ڇا پيو ڇئين. هتي جو نوجوان پنهنجي بيروزگاري، تعليم" خانداني مسئلن ۾ ايڏو تہ منجهيل آهي، جو هو گڏيل طور تي سوچڻ جي صلاحيت ئي نہ ٿو رکي. اهو سڀ ڪجهہ هٿ وٺي ڪيو ويو آهي، تہ جيئن سنڌ جي نوجوان سان اهڙي حالت ٿئي جو سڄي عمر پنهنجي پاڻ ۾ قاتل هجي يا خودڪشي ڪري ڇڏي."

" پر ان حالت ۾ ڪم نہ ٿو ڪري سگهجي ڇا." سارنگ هڪ ٻيو سوال منصور ڏانهن اڇلايو.

"ڪم؟ ڪير ڪندو ڪم؟" منصور جي جواب ۾ ڪافي طنز " ڪروڌ هو.

" ڇو؟ هتي اهڙو سياستدان، سنڌ دوست مفڪر نہ آهي، جو سنڌ جي نوجوانن کي شعور ڏئي، ڪنهن هڪ راءِ تي سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪري؟ تاريخ شاهد آهي تہ اهڙي گهٽ " پوسٽ واري ماحول مان ڪيئي انقلابن جنم ورتو آهي." منصور ٿوري دير لاءِ ڪنهن گهري سوچ ۾ هليو ويو. پوءِ ڪنڌ مٿي ڪئي سارنگ ڏانهن نهاريندي چيائين، "ائين بہ ڪونهي جو سنڌ جو نوجوان صفا بي سمجهو آهي! بس اصل قيادت جي کوٽ آهي. سنڌ جي نوجوان تمام گهڻا ليڊر آزمايا، پر انهن ليڊرن جون واڳون بہ انهن جي هٿ هيون. جيڪي سنڌ جا سچڻ نہ هئا. ليڊرشپ نہ هجڻ ڪري نوجوان مايوس آهن."

ٻئي اٿي هلڻ لڳا. واپس، جتي سندن موٽر ڪار بيٺي هئي. گاڏيءَ ۾ سوار ٿيندي منصور سارنگ کي ٻڌايو تہ "پيٽا پنج وڄي چڪا آهن. پاڻ کي هاڻ هلڻو آهي موهن جو دڙو."

" نيڪ آهي."

گاڏي نيشنل هاءِ وي تي ڊوڙندي رهي. سارنگ تمام دلچسپيءَ سان ٻنهي پاسن کان ڏسندو رهيو " منصور کي گاڏي صفا آهستي هلائڻ جو چوندو رهيو. سارنگ کي سنڌ جي هر شئي وڻي پئي. وڻ ٽڻ، پکي پکڻ، ماڻهو " ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هاري. سارنگ کي خوش ڏسي منصور بہ دل ئي دل ۾خوش ٿيو. سارنگ گاڏيءَ ۾ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي ڳالهايو.

"منصور، آئون هڪ اهڙي ديس ۾ رهندو هئس جنهن جي معاشري ۾ ماڻهو آهي، ماڻهو کي هر سهوليت آهي، پر سندس چهري تي اها رونق نہ آهي جهڙي هتي جي پيڙهيل، ايذايل سنڌي ماڻهو جي چهري تي ڏسان ٿو. هُتي خانداني سسٽم ٽٽي چڪو آهي، پر هتي اڃا جيڪا ڳالهہ محسوس ڪئي اٿم، سا اها آهي تہ، خاندان ۾ رهڻ ۾ ڪيڏو نہ مزو آهي! ماڻهو کي پنهنجائپ جو هڪ وڏو احساس ٿئي ٿو تہ، ڪير تہ منهنجو بہ آهي. هتي جو، غريب کان غريب ماڻهو بہ ان حساب سان امير آهي."

هڪ دفعو ٻيهر گاڏيءَ ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. منصورآهستي آهستي گاڏي ڊرائيوَ ڪري رهيو هو " سارنگ سنڌ جي زندگي ڏسي رهيو هو.

ڪنهن مهل بنا سبب ٻڌائڻ جي منصور گاڏي کي بريڪ هڻي سائيڊ تي ڪري بيهاري ڇڏيو. سارنگ ڏانهس سواليہ نظرن سان ڏٺو، تہ موٽ ۾ منصور بہ نظرن ئي نظرن ۾ ڪيس هيٺ لهڻ جو چيو. هو ٻئي هيٺ لهي پيا.

سج بہ ڪني ڪِڏي نڪري رهيو هو. منصور سامهون اوڀرندي طرف ويندڙ رستي ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

"سارنگ هي رستو سنڌ جي اُن ارڏي نوجوان جي سنڌ جي آزادي لاءِ هلايل تحريڪ جي مرڪز سانگهڙ شهر ڏانهن وڃي ٿو، جنهن کي سچي سنڌ سورهيہ بادشاهہ جي نالي سان سڃاڻي ٿي."

سورهيہ بادشاهہ جو نالو ٻڌي سارنگ اوپر طرف جهڪيو. سارنگ کي ياد آيو تہ ڪيس پيءُ سورهيہ بادشاهہ جي سورهيائي، ڏارين خلاف هلايل تحريڪ " سندس جانثار مريدن جي سورهيائي جا

# دهليءَ جو درشن

## الطاف شيخ

سنڌ جي ناميارين ليکڪ جو هندوستان بابت سفرنامو پڙهندا، هندوستان، جيڪو صدين تائين اسان سان جڙيل رهيو. اسان ۾ ۽ هندوستانين ۾ خاص فرق نہ آهي. صدين کان وٺي اسان جون دليون هڪ ٻئي سان جڙيل رهيون آهن. سک هجي يا ڏک، غلامي هجي يا آزادي، عذاب نازل ٿيل هجي يا ڪا ڏارين مصيبت، سياسي جدوجهد هجي يا سماجي مسئلا هجن، اسان هٿن ۾ هٿ ملائي سنگ سنگ رهيا آهيون. اسان جي ريتن، رسمن، رواجن ۽ ٺهنين ڪافي هڪ جهڙائي ملي ٿي. هن سفرنامي کي پڙهڻ کان پوءِ توهان کي اهو بہ معلوم ٿيندو تہ هندستان ملڪ ڪيتري نہ نمايان ترقي ڪئي آهي ۽ اسان ڪاٿس تمام پوئتي رهجي ويا آهيون.

## هندستان ملڪ جي سيرو تفريح جو دلچسپ حال احوال

**اسان** جي پاڙيسري ملڪ انڊيا جو هي منهنجو سفر پهريون بہ چئي سگهجي ٿو تہ ٻيو بہ ٻيو ان ڪري جو هن کان اڳ بہ منهنجو انڊيا وڃڻ ٿي چڪو آهي. جڏهن اسان مئٽرڪ ڪلاس ۾ هئاسين. تڏهن مون سفرناما لکڻ شروع نہ ڪيا هئا ۽ دهلي جو ڳاڙهو قلعو، امرتسر جو گولڊن ٽيمپل يا آگري ۾ تاج محل کي چڱي طرح ڏسڻ بدران اسين ڪلاس ميٽ هر هنڌ ڊوڙڻ ڊڪڻ ۽ ڪلفيون ۽ دهي ٻڙاڪائڻ ۾ مشغول رهياسين ٿي.

اهو سال 1960ع هو جڏهن اسين ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جا سي (sea) اسڪائوٽ پنهنجن ٻن پروفيسرن ڪمانڊر اسرار ا ۽ فيروز خان سان گڏ چٽگانگ ۾ اسڪائوٽ جمبوري اٽينڊ ڪرڻ لاءِ نڪتا هئاسين. بس ذريعي پيٽارو کان ڪراچي پهتاسين. تڏهن نوري آباد وارو سپر هاءِ وي نہ ٺهيو هو سو ٺٽي پاسي کان آياسين. ڪراچي مان ڪراچيءَ جا بہ ڪجهہ Sea Scouts شامل ٿيا ۽ ريل ذريعي لاهور پهتاسين، جتان پوءِ بارڊر ٽپي امرتسر آياسين. امرتسر شايد ڏينهن بہ رهي پوءِ ريل ذريعي ڪلڪتي آياسين. رستي تي ٻن ٽن شهرن ۾ ترسياسين جن مان آگرو، لکنو ۽ دهلي هن وقت ياد اٿم جو انهن شهرن جي تاريخي جاين اڳيان نڪتل منهنجا ۽ منهنجي ڳوٺائي نجم انصاريءَ جا فوٽو اڃا تائين اٿم. لاڙڪاڻي جي مشهور وڪيل ۽ سفير عبدالفتاح ميمڻ جو پٽ مرحوم علي رضا ۽ ميرپورخاص جو خالد لطيف پڻ ان گروپ ۾ شامل هئا ۽ منهنجا ڪلاس ميٽ هئا.

ڪلڪتي ۾ ڏينهن ٻہ رهڻ بعد وري ريل ذريعي ڍاڪا آياسين جتان پوءِ نارائڻ گنج. نارائڻ گنج مان اسٽيمر ذريعي سڄي ڏينهن جي سفر بعد چٽگانگ آياسين. واپسيءَ تي انڊيا جي هڪ ٻن شهرن مان ٿيندا ڪراچي موٽياسين.

جهازي نوڪري ذريعي اسان جي ڪمپني جا جهاز بمبئي، مدراس، ٽراونڊرم ۽ ڪلڪتي جهڙا انڊيا جا وڏا بندرگاهہ

توڙي رتناگيري، ڪروار ۾ ڳوا جهڙا ننڍا بندرگاهه ڇهندا رهيا ۾ منهنجا ٻيا ڪلاس ميٽ ۾ دوست جهازي انڊيا جي مٿين بندرگاهن جا ڪيترائي چڪر هڻندا رهيا پر اتفاق اهڙو ٿيندو هو جو جنهن جهاز تي منهنجي بدلي ٿيندي هئي ان جو انڊيا وڃڻ جو پروگرام نہ ٺهندو هو. 1971ع واري جنگ کان ڪجهه هفتا اڳ اسان جي جهاز جو پروگرام بمبئي ۾ مدراس ڏي ٿيو پر اڃا اسين بنگلاديش (تن ڏينهن ۾ مشرقي



پاڪستان) جي بندرگاهه چٽگانگ ۾ چالنا وغيره ۾ هئاسين تہ لڙائي شروع ٿي ويئي ۽ نہ فقط شروع ٿي ويئي پر اها ڪٽي چئجي تہ اسلامي تاريخ جي بري طرح هارايل جنگ ثابت ٿي.

پاڪستان ريڊيو ڪوڙ ستي پنهنجن کي ئي منجهائيندو رهيو. آخرڪار اسان جا جيڪي انڊيا جي بندرگاهن ۾ جهاز هئا اهي تہ قاسي پيا پر چٽگانگ ۽ چالنا جهڙن پنهنجي ملڪ جي بندرگاهن ۾ پڻ ڊڪ ۽ وٺ پڪڙ ۾ ڪجهہ جهاز نڪري ويا، ڪجهہ تباهہ ٿي ويا ۽ ڪجهہ تي انڊيا قبضو ڪري ان تي سوار جهاز هلائيندڙن ۽ مسافرن کي ٻن سالن لاءِ قيدي ڪري رکيو. منهنجا ڪيترائي ڪلاس ميٽ ڪئپ افتخار KPT وارو، ڪئپٽن عرفان دار (DGPS وارو)، ڪئپٽن رياض چوڌري سانگهڙ وارو انهن هزارين قيدين مان چند هئا جيڪي هندستان جي جيلن جي ٻہ سال هوا کائيندا رهيا.

جنگ جهيڙا، امن، خوشيون زندگيءَ جو ڪاروبار هلندو رهي ٿو. هڪ ئي گهر ۾ رهندڙ ٻن ڀائرن جي وچ ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن ٽڪراءُ ٿيندو رهي ٿو، تڏهن تہ ڀاڪو ٺهيو آهي تہ جتي ٻہ ٿانو هوندا اتي ضرور ٽڪراءُ ٿيندو. هيڏين جنگين لڙائين هوندي بہ هڪ ڳالهہ مون نوٽ ڪئي تہ ٻاهر جي دنيا ۾ ڦرين بہ ۽ هاڻي بہ هڪ عام انڊين ۽ هڪ عام پاڪستاني پوءِ چاهي اهي هندو هجن، مسلمان يا سک عيسائي ،پاڻ کي هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ پنهنجو ٿا سمجهن. شايد ان ڪري جو اسان جو مذهب ڪٽي ڀيو هجي پر ڌرتي، ڪلچر، ثقافت، غميون خوشيون، کاڌا خوراڪون، پوشاڪ، ريتيون، رسمون، راڳ، مرثي ۽ ٻجنون ساڳيون آهن. اسان ساڳي تاريخ جو حصو آهيون. تاج محل ۽ جامع مسجد ڪٽي انڊيا جي شهر آگري ۽ دهلي ۾ هجي پر اسان بہ تہ ان کي پنهنجو سمجهون ٿا ۽ اسان هتان هلي ڪري اجمير حضرت معين چشتي ۽ دهلي خواجہ نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ تي وڃون ٿا. انڊيا جا سک حسن ابدال اچن ٿا. احمد آباد، بڙودا جا سنڌي پنهنجي پراڻي يومي سنڌ ۾ اچي آسيس محسوس ڪن ٿا.

بهرحال منهنجو هندستان جو ڦيرون ۽ مختصر سفر اڄ کان پنجيتاليهہ سال اڳ جو هو. ان بعد ڪجهہ سالن بعد جڏهن مئرين انجنيئر جي حيثيت سان پاڻيءَ جي جهازن تي نوڪري شروع ڪيم جتي يورپ، آمريڪا ۽ ٻين ڏورانهن ڏيهن ڏي وڃڻ جو شوق ۽ Adventure جو مزو هو اتي پنهنجي پاڙي جي ملڪ هندستان جي بندرگاهن ۾ وڃڻ ۾ پنهنجو Charm هو. ڪٽي مهيني ڪن جي سامونڊي لوڏن ۽ طوفانن بعد لنڊن، ڪوپن هيگن، اسٽاڪ هوم جهڙن مهانگن ملڪن ۾ پهچي سرد هوائن ۾ سنجڻ ۽ ڪٽي فقط ٻن ڏينهن جي سفر بعد بمبئي پهچڻ ۽ چئن ڏينهن ۾ ڪلڪتي پهچڻ جتي پنهنجي ملڪ جهڙي سستائي ۽ ڪلچر هو. جتي انهن ڏينهن جي دلپسند وندر انڊين فلمون هيون، تواريخي جايون هيون. تاريخ جهڙا ڪتاب جن کي اسڪول جي ڏينهن ۾ ڪڏهن بہ پڙهڻ ۾ مزو نہ آيو سي ڊگهن سامونڊي سفرن ۾ پڙهڻ بعد تاريخي جاين ۾ دلچسپي پيدا ٿي ۽ جن لاءِ هندستان کان وڌيڪ ٻيو ڪو ملڪ ناهي ۽ پوءِ هندستان سان تعلقات سڌرڻ بدران ويا

خراب ٿيندا ۽ اسان اوڏا هوندي بہ ڏور ٿيندا وياسين. چاليهہ سال کن ساموندي نوڪريءَ سان واسطو هوندي بہ انڊيا وڃڻ نہ ٿيو ۽ هاڻ سٺ سالن جي عمر تي پهچي جهاز ۾ سفر چڙهي اچي گهر پيٽرو ٿيس تہ پاڙي ۾ رهندڙ منهنجي پيٽارو جي دوست نولراءِ اوڏ اچي ٻڌايو تہ سندس پٽ مڪيش جيڪو انگلينڊ ۾ رهي ٿو اهو اتي جي هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري رهيو آهي. "پر ان شاديءَ جي مڱڻيءَ جي رسم هتي ڪراچيءَ ۾ ٿيندي ۽ شادي هندستان جي گجرات صوبي جي شهر ٻڙودا ۾. هتان ڇڄ ۾ منهنجا مائٽ مت هلي رهيا آهن توهان بہ هلو."

"نيڪي اور پوڇ پوڇ، پيو ڪو هلي يا نہ آئون ضرور هلندس." مون ٻڌايو مانس. نولراءِ اوڏ اڄڪلهہ ملتان ۾ انڪم ٽئڪس ڪمشنر آهي سو انڊيا جي ويزا لڳرائڻ لاءِ مون کي پاسپورٽ ملتان موڪلڻ لاءِ چيائين.

"مڙيئي مهينو ڏيڍ کن رهنداسين جو رامچند جي پٽ جي شادي بہ انڊيا جي شهر دهليءَ ۾ ٿي رهي آهي. اسان ڳهٽي ئي ڪوشش ڪئي آهي تہ هفتي اندر ٻئي شاديون ٿي وڃن پر اسان جي پنڊت جيڪي شاديءَ جون تاريخون چونڊيون آهن انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ مهيني جي وٿي آهي." نولراءِ ٻڌايو.

نولراءِ اوڏ ۽ رامچند اوڏ ٻئي ڀائر منهنجا 1959ع کان سڃاڻا آهن، جڏهن هو ڪنڊيارو کان ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ آيا هئا. بلڪ هنن کان بہ هڪ سال اڳ سندن هڪ پيو وڏو ڀاءُ ارجن داس اوڏ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ اسان سان گڏ آيو هو. ارجن پيٽارو مان نڪرڻ بعد MBA ڪئي ۽ مرحوم ننڍي هوندي ئي هڪ روڊ حادثي ۾ گذاري ويو. پيٽارو ۾ هوندا هئاسين تہ هرسال اونهاري جي موڪلن ۾ اسين ڪجهہ دوست پيٽارو کان پهرين هالا اسان وٽ هڪ ڏينهن کن رهي پوءِ سڌو دربيلي احمد حسين مخدوم ۽ خادم حسين ميمڻ جي گهر ايندا هئاسين. ان بعد پرواري ڳوٺ مڇڙ ۾ بشير وسطڙو وٽ ۽ پوءِ ارجن داس اوڏ جن وٽ ڪنڊياري ۾ رهي پوءِ خيرپورباقي ٻن ساٿين شوڪت جماڻي ۽ مرحوم نجم قاضيءَ جي گهر رهندا هئاسين ۽ آخر لاڙڪاڻي اختر عباسءَ وٽ ڳوٺ وليد ۾ رهندا هئاسين. سندس ننڍو ڀاءُ صفدر جيڪو پيپلس پارٽي سان تعلق رکي ٿو ۽ سينيٽر بہ آهي، انهن ڏينهن ۾ ٻن ٽن سالن جو هو جو اسين هن کي ڪڇ تي کڻي هلندا هئاسين.

ارجن داس اوڏ جي گهر صفدر وانگرهڪ ٻار نہ پر ڪيترائي ٻار هئا. مون سمجهيو پاڙي جا آهن پر ارجن داس ٻڌايو تہ اهي سڀ هن جا ڀائر پينرون آهن جو هن کي تي مائرون آهن. ارجن داس ۽ رامچند ٻي ماءُ سنهري جا پٽ آهن ۽ نولراءِ تي ماءُ نانڪي جو پٽ آهي. هنن جي والد صاحب نارائڻ داس اوڏ تي شاديون ڪيون ۽ ڪيس اوٺهينءَ کن پٽ ۽ ڏيئرون ٿيون. نارائڻ داس کي ننڍي هوندي کان پڙهڻ جو شوق هو پر ان سان گڏ انهن جي والد قندڻ مل کي بہ Creditڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي جو هن پنهنجي پٽ جي شوق کي پورو ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري پڙهايو. تن ڏينهن ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ لاءِ بہ بمبئي وڃڻو پوندو هو. نارائڻ داس 1930ع ڌاري

مئترڪ ڪئي ان بعد اتان Law ڪيائين ۽ پوءِ هائر جا امتحان ڏئي روينيو کاتي ۾ نوڪريءَ لاءِ چونڊجي ويو ۽ آخرڪار ڊپٽي ڪمشنر جي پوسٽ تي رٽائرڊ ٿيو.

ڪئڊٽ ڪاليج ڇڏڻ بعد به اسان جا هن اوڏ فئمليءَ سان ويجها تعلقات رهيا. شادين غمين ۾ هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ ارجن داس ته گذاري ويو پر نولراءِ ۽ رامچند سان ۽ ٻين ڀائرن سان به دوستي وڌندي رهي. سندن والد نارائڻ داس اوڏ جون ڪجهه ڳالهيون قابل داد ۽ سبق آموز آهن. ڪيترا ماڻهو وڏي رتبي يا عهدي تي پهچڻ بعد پنهنجي ذات به بدلائي ڇڏيندا آهن. ويندي پاڪستان کان جيڪي اوڏ لڏي انڊيا ويا اهي هاڻ اوڏ سڏائڻ بدران راجپوت سڏرائين ٿا پر نارائڻ داس صاحب ننڍي هوندي کان ٻارن کي چوندو هو ته پنهنجي اصل ذات اوڏ ئي لکندا ڪريو. سندس ٻي ڳالهه ڊسيپلين جي آهي. هن ٻارن تي هميشه ڪرڙي نظر رکي. جيتوڻيڪ هو مشغول ماڻهو هوندو هو. ڪيس وڏو عيال هو پر هر هڪ ٻار جي تعليم ۽ ترتيب تي ذاتي خيال ڏيندو هو ته هن جا ٻار سٺيون ڳالهيون سکن، سوير سمهن سوير اٿن، پڙهائيءَ ۾ گهٽي کان گهٽو ڌيان ڏين.

نول ۽ رامچند وارن نه فقط مترڪ ۽ انٽر ۾ مٿاهين پوزيشن کنئي پر ٻنهي چٽن NED مان B.E جي ڊگري حاصل ڪرڻ ۾ پڻ .نولراءِ بعد ۾ Law ڪيو ۽ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو ۽ ان سان گڏ سول سروس جو امتحان پاس ڪيو ۽ پنهنجي انجنيئرنگ جي نوڪري ڇڏي انڪم ٽئڪس ۾ آيو جتي اجا تائين نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ اڄڪلهه ڪمشنر آهي.

رامچند اوڏ کي B.E ۾ سٺي پوزيشن کڻڻ ڪري ٿائيلينڊ جي يونيورسٽي ۾ پڙهڻ جي اسڪالر ملي. ان بعد آمريڪا مان پي ايڇ ڊي ڪرڻ بعد ڪيس يونائيٽيڊ نئشن ۾ نوڪريءَ جي آڇ ٿي ۽ اجا تائين انهن سان وابسته آهي. پاڻ UNO طرفان انڊونيشيا، انڊيا ۽ نيپال جهڙن ملڪن ۾ نوڪري ڪرڻ بعد ڪافي عرصي کان آمريڪا جي رياست ڪالروبو ۾ رهي ٿو.

نولراءِ ۽ رامچند وارن جا ٻيا ڀائر به (۽ هاڻ ته سندن ۽ سندن پيٽن جو اولاد به) محنت ڪري نه فقط ڊاڪٽري ۽ انجنيئرنگ جون ڊگريون حاصل ڪيائون پر صحيح طرح تعليم به حاصل ڪيائون جو هو جنهن فيلڊ ۾ آهن ڪامياب آهن. ان جو مثال ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته رامچند جي هڪ ڀيڻ ميران جو هڪ پٽ پرديپ جڏهن ڪنهن پرائيويٽ فرم ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ انٽرويو لاءِ ويو ته هنن ڪيس اهو چئي انٽرويو وٺڻ کان انڪار ڪيو ته هو مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو گريجوئيٽ آهي جن کي ڪجهه نٿو اچي ۽ اجايو انٽرويو وٺڻ ۾ به اسان جو ٽائيم خراب ٿو ٿئي.

”توهان پلي مون کي نوڪري نه ڏيو پر آئون هيڏو ڪهي ڪنڊيارو کان ڪراچي پهتو آهيان، منهنجو انٽرويو ته وٺو.“ پرديپ ڪين چيو ۽ هو ڪنهن طرح سان راضي ٿي ويا ۽ پوءِ جڏهن انٽرويو ورتائونس ته اهڙو ڪو سوال نه رهيو جنهن جو پرديپ جواب نه ڏنو. انٽرويو وٺڻ وارو باس منهنجو سڄاڻو هو ۽ ان ئي مون کي اهو واقعو ٻڌايو. هن چيو ته اميدوار جي ذهانت ۽ ناليج ڏسي هو

نوڪري ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي ويو. هو سڀ ۾ تاپ جو نڪتو ۽ ڪم ۾ بہ ايڏو محنتي، خوش مزاج، چاڙهو ۽ ايماندار جو سال ڪن بعد جڏهن پرديپ کي سرڪاري نوڪريءَ جي آڇ ٿي تہ پرائيويٽ ڪمپنيءَ وارا مون وٽ هلي آيا تہ آئون هن کي پرائيويٽ ڪمپنيءَ ۾ ئي رهڻ لاءِ راضي ڪريان، جنهن لاءِ هو هن کي سندس مرضيءَ مطابق وڏو پگهار ۽ هر سهولت ڏيڻ لاءِ تيار آهن. Ironically هي اهوئي مهينو هو جنهن ۾ گذريل سال پرديپ ڪمپنيءَ وارن کي منٿون پئي ڪيون تہ نوڪري ڀلي نہ ڏيو پر انٽرويوونئي منهنجو پاڙو تہ سڃايو ڪريو.

هيءَ تہ ٿي بلڪل ماضي قريب جي ڳالهہ پر آئون گذريل چاليهہ سالن کان پنهنجن مائٽن ۽ دوستن ۽ بعد ۾ انهن جي اولاد ۾ مختلف ملڪن ۾ پڙهائڻ دوران پنهنجن شاگردن کي نولراءِ ۽ رامچند جي محنت ۽ جدوجهد جا مثال ڏيندو آيو آهيان. ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهڻ دوران اسان راندين ۽ پي ٽي پريڊ کان پيا پڄندا هئاسين پر هي هميشہ پرپورحصووننڊا هئا. ويندي باڪسنگ ۾ بہ هنن جو والد صاحب نارائڻ داس اوڏ کين هميشہ اها نصيحت ڪندو هو تہ هڪ صحتمند مائينڊ لاءِ صحتمند جسم بہ ضروري آهي ۽ جسم کي صحيح رکڻ لاءِ رانديون روندون ۽ جسماني چرپر بيحد ضروري آهي.

NED مان B.E ڪرڻ دوران هي ٻئي ڀائر ميناران هاسٽل ۾ رهندا هئا جتي سال ڪن انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو بہ رهڻ ٿيو. پيٽاروجا ٻيا بہ دوست ۽ ڪلاس ميٽ BE ڪري رهيا هئا ۽ ان هاسٽل ۾ رهيا ٿي.

پيٽارو جي سختيءَ مان نڪرڻ بعد شهر جي زندگيءَ ۾ هر ڪو ڇڙواڳ ٿي ويو هو. ويندي اهي ڇوڪرا پڻ جيڪي سنڌ جي ٻين ڪاليجن مان انٽر ڪري هتي پهتا هئا. پر مون ڏٺو تہ هي اوڏ ڀائر ئي سخت ڊسيپلين ۾ رهيا ٿي. سندن پيءُ ڊپٽي ڪمشنر هو جيڪا پوسٽ 1964ع ۽ 1965ع وارن سالن ۾ وڏي ڳالهہ سمجهي وئي ٿي، هنن وٽ پئسو بہ جام هو جو کين نہ فقط پيءُ وٽان پر سندن ٻن وڏن ڀائرن گلاب راءِ ۽ حشمت راءِ طرفان بہ مليو ٿي جيڪي انوقت تائين ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٿي چڪا هئا پرنولراءِ ۽ رامچند وارن نہ فضول خرچي ڪئي ٿي ۽ نہ اجايو گهمي ڦري وقت برباد ڪيو ٿي. هنن هر وقت کاڌي پيتي تي ڪنٽرول رکيو ٿي ۽ Over eating بدران ٿورو بک تي رهڻ کي ترجيح ڏني ٿي.

”طوطو بہ تڏهن ٿو ياد ڪري جڏهن هن کي بک تي رکيو وڃي ٿو ۽ فجرمهل ياد ڪرايو وڃيس ٿو.“ هو پنهنجي والد يا وڏن ڀائرن طرفان ٻڌايل نصيحتون اسان کي بہ ٻڌائيندا هئا. پڙهڻ وقت هو ڪٽ يا ڪرسيءَ تي ويهي پڙهڻ بدران کٽ اڀي ڪري پٽ تي تڏو وڇائي پڙهندا هئا، جيئن ننڊ يا گڏاٽي نہ ٿئي. امتحانن ۾ سنو نمبر کڻڻ لاءِ سندن اهو اصول اڳتي لاءِ بہ رهيو. رامچند جڏهن ٿائلينڊ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪري رهيو هو تہ انهن ڏينهن ۾ منهنجي نوڪري جنهن جهاز تي هئي اهو جهاز جپان ڏي ويندي يا واپسيءَ تي موٽڻ وقت هفتو بہ بئنڪاڪ ۾ ضرورت رسندو هو ۽ رامچند وٽ پهچڻ وقت هو اتي بہ چڻ ميناران هاسٽل ۾ رهيو ٿي. عمارت ڪٿي اهڙي نہ هئي پر ماحول ضرور

هو. چوڏاري ٽڙيل پکڙيل ڪتاب ۽ انهن جي وچ ۾ هر وقت موجود پاڻ. ٻاهر بئنڪاڪ جي دنيا ۾ ڪهڙيون رونقون لڳيون پيون آهن انهن سان هن جو ڄڻ تہ ڪو واسطو ئي نہ هو. ننڍپڻ ۾ تعليم دوران سخت زندگي گذارڻ بعد هن کي جڏهن پنهنجي خاص سبجيڪٽ (شايد Soil Engineering) مطابق نيپال، انڊيا ۽ ڏور اوڀر جي ملڪن جي بيابانن، رڻ پٽن ۽ جابلو علائقن ۾ پرئڪٽيڪل ڪم ڪرڻ جي نوڪري ڪرڻي پيئي تہ بہ هن خوش گذاريو ٿي ۽ بهترين Results مهيا ڪيون ٿي.

منهنجي، شادي تي انڊيا هلڻ جون خبرون ٻڌي رامچند کي بہ خوش ٿي ۽ ساڻس گڏ سندس پٽ بہ email ذريعي منهنجي همٿ افزائي ڪئي تہ انڪل ضرور هلجو، دراصل سندن اوڏ فئمليءَ جي چاليهارو ڪن ماڻهن کان علاوه ڪيترائي سندن دوست فئملين سان هلڻ لاءِ تيار ٿيا پر آهستي آهستي ڪم ڪارين ڪري هر ڪو پنهنجو پروگرام ڪئنسل ڪندو ويو. ويندي منهنجي زال بہ ماءُ جي بيماريءَ ڪري آخري وقت تي هلڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو ۽ جڏهن نولراءِ اوڏ انڊيا جي ويزا لاءِ اسلام آباد پنهنجي هڪ دوست کي پاسپورٽ موڪليا تہ اوڏن جي پاسپورٽن ۾ Out Sider فقط آئون هوس. اينٽريقدر جو نول جي دوست منهنجو پاسپورٽ ڪيس ملتان واپس ڪيو تہ هي شايد توهان ڪنهن ڏارئين جو غلطيءَ ۾ موڪليو آهي.

"پائي ائين تہ نہ ڪر. ان کي اسان جو مائٽ ئي سمجهہ ۽ ٻيهرين ان تي ويزا لڳڻ کپي ٿي." نول هن کي منهنجو پاسپورٽ اسلام آباد واپس موڪلنيدي لکيو.

"نول اهو تہ مسئلو ٿي پيو"، مون کي جڏهن خبر پيئي تہ مون نول کي ملتان فون ڪيو، "ٻين کي تہ گروپ جي صورت ۾ ملي وئي هاڻ منهنجي اڪيلي جي حالت ۾ انڊيا جو سفارتخانو انڪار نہ ڪري."

"توهان فڪر ئي نہ ڪريو. توهان جي پاسپورٽ تي پنجن سالن جي آمريڪا، ڪئناڊا ۽ جپان جي Multiple ويزا ڏسي انڊيا جي ويزا جو يڪدم ٺپو هڻي ڇڏيندا." نول دلداري ڏني جو آئون هاڻ ذهني طرح انڊيا هلڻ لاءِ بلڪل تيار ٿي ويو هوس ۽ انڊيا گهمڻ ۽ سفرنامو لکڻ لاءِ هي سٺو موقعو هو. انڊيا جهڙي ملڪ ۾ اڪيلو وڃڻ کان مون بہ ڪترايو ٿي ۽ هينئر گروپ ۾ هلڻ تي رهيو هو جيڪو گروپ هڪ ڏارين جو نہ پر پنهنجن جو ئي هو. جنهن جو هڪ هڪ ڀاتي مون اڳيان ننڍو ٿي وڏو ٿيو هو. انهن جون شاديون ٿيون ۽ انهن جا ٻار وڏا ٿيا، پڙهيا ۽ هاڻ اهي بہ پيا شاديون ڪن ۽ ٻي ڳالهہ تہ هن جو هندو مذهب سان واسطو هجڻ ڪري مون کي ڪيترين ئي هندن جي ريتن رسن، عقيدن ۽ عبادتگاهن جي ويجهڙائيءَ کان خبر پئجي سگهندي ۽ لکڻ وقت ناانصافيءَ جي Chance گهٽ رهندي ۽ هن عمر ۾ جڏهن ريل گاڏين، بسين وغيره ۾ سامان چاڙهڻ ۽ لاهڻ ۾ اها قوت نہ رهي آهي اتي نول وارن جا ننڍا ٻار ۽ انهن جو نوجوان اولاد منهنجي مدد ڪندو ۽ واقعي هنن سيني منهنجو هروقت خيال ڪيو ٿي. سامان کڻائڻ ۾ تہ ڇا هوٽلن ۾ رهائش دوران يا پڪنڪ ۽ شادين جي دوستن ۾ مون کي اٽڪو نٿي پيو. هر هڪ مون کان اڳي پڇيو

## خاموش رهنما

گهڻ همٿ ۽ بي اثر رڪندڙ خليفو المڪتفي 295هه ۾ ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي وزيرڪي ڪجهه ڪتابن جي فرمائش ڪئي ته جيئن سندس اڪيلائي جو وقت سٺو گذري. وزير گورنرن کي حڪم موڪليو ته معياري ڪتاب فراهم ڪيا وڃن پر خليفي وٽ پهچڻ کان پهرئين هن وٽ موڪلياوڃن. جمع شده ڪتابن ۾ تاريخ ۽ ٻين موضوعن تي ڪتاب هئا. انهن کي ڏسي ڪري وزير انهن ڪتابن کي جمع ڪرائيندڙن کي گهڻ وڏ ڳالهايو ۽ چيو، "هي ڪتابَ پروفيسرآهن، جيڪي خليفي کي اٿاري ڇڏيندا پر مان ته اهڙي فائديمند علم کان ڪيس بي خبر رکڻ چاهيان ٿو."

**موڪليندڙ: مسڪين سمون (ٽنڊوالهيار)**

☆......☆......☆

ڪي جيڪو اجايو دوڙايو ۽ اڳيان واڳها باردر وٽ جيڪو اسان جو تيل ڪڍيو ان اسان کي پويان پيرڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

واڳها ڪسٽم وارن کي چيوسين،" بئگن جي چيڪنگ ته ويهه منٽ ڪن اڳ لاهور ۾ ٿي وئي آهي، اوهان وري ڇو ٿا کوليو؟

"اها سيڪيورٽي خاطر پوليس ڪئي." هنن وراڻيو، "۽ هاڻ اسان ڪسٽم جي خيال کان چيڪ ڪنداسين."

انهي دوران هنن جونئيدو عملو (سپاهي) اسان کي في پاسپورٽ هزار رپيا سندن آفيسرن کي خرچي طور ڏيڻ جي "سهڻي صلاح" ڏيندو رهيو. جنهن تان هنن هڪ رپيو به لهڻ نه ٿي چاهيو.

"آخر ڇا جي لاءِ چاليهن ماڻهن جا چاليهه هزارڏيون!" نولراءِ جو ناني شمن لال رڙيون ڪري چيو. نول ۽ ٻيا ڪجهه گهوٽ سان گڏ ڪجهه ڏينهن اڳ انڊيا ياءِ ايئر هليا ويا هئا. شمن اسان جو ليڊر ٿي پئي هليو ۽ في الحال خرچ پکو هلائڻ لاءِ هن کي نولراءِ انچارج ڪيو هو. شمن کين چيو ته "پلي بئگون کوليو اسان کي اعتراض ڪونهي."

جيتوڻيڪ اسان نٿي چاهيو ته اجايو بئگون کولين جو کولڻ بعد انهن کي بند ڪرڻ جي تڪليف ٿئي ٿي باقي ٻي ڪا به اهڙي شيءِ ڪسٽم ديوٽي ڏيڻ جهڙي نه هئي. اها ڳالهه هنن به سمجهي ٿي ۽ اسان به ۽ هي ڪسٽم جو عملو ايڏو سست هو جو ڪانئن به اهو نٿي پڳو ته ڪٽي بئگون کولين. بهرحال في الحال ان ڳالهه کي پاسيرو رکي هاڻ اسان کان فارين ڪرنسي پئسن جو پڇڻ لڳا.

"توهان کي معلوم هجڻ کپي ته هڪ

مهل واگها ۽ اتاري تي ٻه تي ڪلاڪ لڳيو وڃن ۽ رستي تي پڻ تن شهرن پيلي، سرهند ۽ لندر ضلعي جي شهر ڪرتارپور ۾ اڌ اڌ ڪلاڪ ڪن بس بيهي تي جتي ٻن هنڌن تي چانهه بسڪيٽ ۽هڪ هنڌ تي مسافرن کي لنچ ڪرائي وڃي تي.

لاهور کان دهلي 800 ڪن ڪلوميٽر مفاصلو آهي پر گرانڊ ٽرنڪ روڊ جنهن تان بس هلي تي تمام گهٽو بزي رهي ٿو. هونءَ تہ سفر ۾ اجا ٻه گهٽو وقت لڳي وڃي پر اينڊي ويندي بس جي اڳيان پويان پوليس موبائيل گاڏي هلي تي. پاڪستان جي پاسي پاڪستان جي پوليس ۽ انڊيا پاسي انڊيا جي، جيڪا مسافرن کي تحفظ مهيا ڪرڻ لاءِ آهي ۽ سچي وات سائرن وڄائيندي ماڻهن ۽ گاڏين کي رستي تان پاسو ڪرائيندي هلي تي جيئن اسان جي بس بنا ڪتي بيهڻ جي فل اسپيڊ سان هلندي رهي.

بس جيتوڻيڪ پوري ڇهين وڳي هلي پر مسافرن کي اتي ٻه ڪلاڪ اڳ يعني صبح جو چئين وڳي گهرايو وڃي ٿو جيئن پنهنجو سامان جمع ڪرائي رسيد وٺن ۽ ٽڪيٽ ڏيکاري بس ۾ ويهڻ لاءِ سيٽ نمبر ۽ بورڊنگ ڪارڊ وٺن جيئن هوائي اڏي تي تئي ٿو. بسون ڪافي وڏيون ۽ آرامده آهن. ايئر ڪنڊيشنڊ هجڻ کان علاوه انهن ۾ تي وي جو ٻه بندوبست آهي جيئن مسافر فلمون ڏسندا هلن.

اسان ڪراچيءَ کان شاليمار ٽرين ۾ صبح جو سادي ڇهين وڳي نڪتاسين جنهن رات جو هڪ وڳي ڌاري لاهور ڇڏيو، رستي تان حيدرآباد، نواب شاهه ۽ روهڙيءَ مان نولراءِ اوڏ جا پائر پيٽون ۽ انهن جا پار چڙهندا رهيا. لاهور ۾ ريلوي اسٽيشن پرسان نول هڪ هوٽل ۾ ڪمرا بڪ ڪري ڇڏيا هئا جتي رات جا تي چار ڪلاڪ آرام ڪري پوءِ چئين وڳي دهلي ڏي روانو ٿيندڙ بس لاءِ پهتاسين. شاليمار گاڏي جي ڪراچيءَ کان لاهور، لوئر ACC جي ٽڪيٽ 1260 رپيا آهي ۽ لاهور کان دهلي تائين بس جي ٽڪيٽ 1500 رپيا آهي. جنهن ۾ واگها بارڊر تي نيرن ۽ رستي تي ٻن هنڌن تي چانهه ۽ هڪ هنڌ تي لنچ شامل آهي. يعني ڪراچيءَ کان دهليءَ تائين ۽واپس ڪراچي پهچڻ جو ڀاڙو سادا پنج هزار رپيا ٿو تئي ۽ ڪوڪرو پار وارو رستو شروع ٿي وڃي( هاڻ اهو رستو شروع ٿي ويو آهي) تہ حيدرآباد کان بمبئي يا حيدرآباد کان احمد آباد، بڙودا يا اجمير جا ڀاڙا اجا ٻه گهٽ ٿيندا.

انڊيا جي شهرن ۾ رهائش جو ٻه ايڏو وڏو مسئلو ناهي. انڊيا جي ننڍي وڏي شهر ۾ ڪيٽريون ئي هوٽلون آهن. ڇهه ست هزرا رپئي وارين فائيو اسٽار هوٽلن کان وٺي گهٽين گهوٽين ۾ بنا ايئر ڪنڊيشن جي ٻه سئو رپين واريون پڻ آهن ماني ٽڪيءَ جو ٻه اهڙو مسئلو ناهي جهڙو يورپ، آمريڪا يا ويندي فارايسٽ جي ملڪن ۾ تئي ٿو. انڊيا ۾ جتي ڪٿي بهترين رڌل چانور، اڙڙاتا،مانيون، دال ڀاڄي کان پڪوڙن تائين ملي ٿو. اجا ٻه پاڪستان جي شهرن ۾ مانيءَ جي ايڏي ورائٽي يا سستائي نہ آهي جيتري هتي انڊيا ۾ آهي. پندرهن ويهن رپين ۾ ڀاڄي يا دال سان چانورن جي پليٽ مليو وڃي يا ڏهن رپين ۾ "آلو پراٺا" دال ۽ چٽڻي سان گڏ. اهي سڀ اگهه گاڏي تي ماني رکي وڪڻڻ وارن جا آهن جن کان لنچ ٽائيم تي

آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ڪلارڪ، آفيسر تـوڙي ڪاليجن ۾ پڙهندڙ ڇوڪريون ۽ ڏارين ملڪن جا ٽوئرسٽ وٺي ڪائين ٿا.

هونءَ بہ دال، چانور، پٽاٽا، ماني ڪائڻ ۾ ايترو Risk ناهي جيترو گوشت يا مڇيءَ ڪائڻ ۾ آهي پوءِ چاهي اهي شيون ڪو فائيو اسٽار هوٽل ۾ ڪائي جو گوشت ۽ مڇيءَ جهڙيون شيون پاروٿيون بہ ٿي سگهن ٿيون ۽ صحت خراب ڪري سگهن ٿيون. هونءَ بہ ٽوئرسٽ جي حق ۾ اهو بهتر آهي تہ ڌارئين ملڪ ۾ ڀاڄي ۽ دال جهڙيون شيون ڪائي گذارو ڪري. اها بہ ڳالهہ آهي تہ جپان ۽ يورپ جي ملڪن ۾ خاص ڪري سئيڊن ناروي پاسي دال ۽ ڀاڄي خاص ڪري واڱڻ ۽ گوبي تہ گوشت کان بہ مهانگي آهي پر انهن ملڪن جو پاڻي صحيح آهي. باقي هتي انڊيا جي ننڍي توڙي وڏي شهر ۾ پاڻي صاف ناهي. بلڪ آئون تہ اهو چوندس تہ پاڪستان کان بہ خراب آهي. پيئڻ لاءِ منرل واٽر وٺجي يا ڪنهن خالي بوتل ۾ هوٽل مان صفا ۽ فلٽرڊ پاڻي ڪٽي پوءِ گهمڻ لاءِ نڪرجي.

هتي انڊيا ايندي يا ڪنهن بہ ڌارئين ملڪ ۾ رهندي وقت اهي دوائون پاڻ سان گهران کڻي نڪرجن جيڪي ضروري آهن جيئن تہ بلڊپريشر، ڊائبٽيز ۽ دل جي بيماري وغيره جون. ان آسري تي نہ رکجي تہ انڊيا مان بہ ملي وينديون. ان کان علاوه عام بيمارين جهڙوڪ بخار، مٿي جو سور، دستن وغيره جون گوريون بہ کڻجن. بهرحال انڊيا جهڙي ملڪ ۾ بين دوائن سان گڏ مڇرن کي ڀڄائڻ جي بندوبست لاءِ مئٽ يا coilضرور کڻجي جنهن جي گرم ٿيڻ يا ٻرڻ سان مڇر ڀڄيو وڃن ۽ Mospelجهڙي دوا پڻ

کڻجي جيڪا جسم کي مکڻ سان مڇر ڀري ڀڄن ٿا. مڇر تہ اسان جي ملڪ ۾ بہ آهن تہ ملائيشيا، سنگاپور ۽ وينڊي جپان ۾ بہ پرجيڪي جيت مڇر هتي انڊيا ۾ نظر اچن ٿا اوترا شايد ئي ٻئي هنڌ هجن. مليريا ڪري انڊيا ۾ موت جو تعداد بہ تمام گهڻو آهي.

هونءَ ملڪ اندر عام طرح بس ۾ چڙهڻ وارا پاڻ سان بہ بہ ٻئگون بہ کڻي سفر ڪن ٿا. اهو ان ڪري جو انهن بسن ۾ ڪيترا هٿين خالي بہ ٿين ٿا پر هتي هن بس ۾ هر هڪ لاءِ پرديس ۾ رهڻ لاءِ روزمره جي استعمال جو سامان کڻڻ ضروري ٿئي ٿو ۽ بس جي پاسي ۾ ۽ ڇت تي سامان رکڻ جي جاءِ محدود آهي سو هنن لاهور دهلي وارين بسن ۾ هر مسافر کي فقط ويهہ ڪلوسامان کڻڻ جي اجازت آهي. جنهن ۾ هٿ جو ٿيلهو بہ اچي وڃي ٿو. هوائي جهاز جي سفروانگر ناهي جو هٿ جي سامان کي تور کان ٻاهر رکيو وڃي. ويهہ ڪلو کان مٿي هر ڪلو وزن لاءِ سٺ رپيا وڌيڪ ڀاڙو ڏيڻو پوي ٿو.

لاهور دهلي هلندڙ بس جي اڳيان ۽ پويان پوليس جي موبائيل گاڏي هلڻ کان علاوه ٽي يا چار ڪن پوليس وارا بس ۾ بہ ويهن ٿا. ڪنهن بہ مسافر کي پنهنجي مرضيءَ سان رستي تي لهي هلي وڃڻو ناهي. پنهنجي منزل دهلي تائين پهچي، پوءِ هو آزاد آهي تہ جن شهرن جي ويزا اٿس انهن ڏي هليو وڃي. جيڪي جيڪي شهر گهمڻا آهن انهن ۾ وڃڻ جي ويزا پاڪستان مان ئي وٺي نڪرجي. هونءَ تہ هتي پهچڻ بعد بہ اجازت وٺي سگهجي ٿي. ان لاءِ پوليس اسٽيشن تي وڃي اطلاع ڪرڻو پوي ٿو ۽ پوءِ نئين شهر پهچي ان شهر جي پوليس

استيشن تي پنهنجي آمد جو اطلاع ڪجي ۽ اهو شهر ڇڏڻ وقت وري پوليس استيشن وارن کي پنهنجي موٽڻ کان آگاهه ڪجي. اها ڳالهه اسان لاءِ به بهتر آهي جيئن پرديس ۾ ڪجهه ٿي پوي، بيماري، حادثو وغيره ته پوليس کي ان ڳالهه جي آگاهي هجڻ بهتر آهي. جيئن ان ماڻهوءَ جي ڳولا تي پوليس ٻڌائي سگهي ته آيا ان شهر ۾ موجود آهي يا روانو ٿي ويو.

ڪو مسافر جيڪڏهن هڪ ئي شهر ۾ آهي ته به هن کي هفتي ۾ هڪ دفعو يا ٻه دفعا پوليس استيشن ۾ حاضر ٿي ٻڌائڻو پوي ٿو. ان پوليس رپورٽ کان فقط اهي آجا آهن جيڪي سٺ سالن کان وڏا آهن ۽ پوليس استشن تي هر هر رپورٽ نه ڪرڻ جي اجازت پنهنجي ملڪ ۾ موجود انڊيا جي سفارتخاني مان اڳوات وٺي آيا آهن. اسان جي دوست نولراءِ آخري ڏينهن ۾ مون کان ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ کان پاسپورٽ وٺي اسان جي پوليس رپورٽنگ معاف هجڻ جو ٺپو پڻ هڻائي ڏنو جو اسين سٺ سالن کان وڏا ٿياسين.

انڊيا ۾ رهڻ دوران خرچ پکي لاءِ اتي جي ڪرنسي انڊين رپيا استمال ڪرڻا پون ٿا. اڄڪلهه انڊين رپيو پاڪستاني رپئي کان گهٽي Value رکي ٿو ۽ پاڪستاني هڪ سؤ رپيا انڊيا جي ستر رپين برابر آهن يا ڪٽي چئجي ته انڊين هڪ سؤ رپيا پاڪستان جي 143 رپين برابر آهن. يا ٿلهي ليکي توهان اهو چئي سگهو ٿا ته انڊيا جو هڪ رپيو اسان جي ڏيڍ رپئي برابر آهي.

انڊيا ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ انڊين ڪرنسي (رپيا) توهان ڪراچي، حيدرآباد يا لاهور مان به وٺي سگهو ٿا ته پاڪستان ۽ انڊيا جي بارڊر وارن شهرن مان به جتي اميگريشن ۽ ڪسٽم چيڪ لاءِ ترسڻو پوي ٿو. انڊيا پهچي بئنڪن ۽ ڪرنسي مٽائڻ وارن دڪانن (Money Changers) کان به بدلائي سگهو ٿا. بهتر اهو آهي ته ڪجهه پئسا گهران ئي بدلائي نڪرو يا پنهنجي ملڪ جي ڪنهن شهر مان ئي جيئن بارڊر وارن شهرن ۾ پئسا مٽي ڏيڻ وارو نه هجي ته توهان وٽ اڳوات ڪجهه ته پئسا هجن جيڪي رستي تي يا دهليءَ پهچڻ سان خرچ ڪري سگهو. ڪنهن به ملڪ جا پئسا خريد ڪرڻ وقت خبرداريءَ سان وٺڻ کپن يا ڪنهن اهڙي دوست يا مائٽ جي معرفت وٺجن جيڪو نوٽ پرکڻ جو ڄاڻو هجي. نوٽ خريد پڻ اهڙي دڪان تان ڪرڻ کپن جيڪو نالي وارو هجي. بولٽن مارڪيٽ جهڙن هنڌن تي ڪيترائي هلندڙ چلندڙ مني چئنجر نظر اچن ٿا ۽ ٿي سگهي ٿو هو توهان کي مٽاسٽا جو اگهه به سٺو ٻڌائين پر هڪ نوٽ به جعلي ڏيڻ سان اهو فائدو ته ويو، ماڳهين توهان لاءِ پرديس ۾ مصيبت ٿي پوندي جو جعلي نوٽ هلائڻ وڏو ڏوهه آهي. توڙي ڪٿي توهان اهو ڪم بيخياليءَ ۾ ڪريو ۽ معصوم هجو. خاص ڪري اسان جي ملڪ جي ماڻهن ان سلسلي ۾ ايڏا ڏوهه ڪيا آهن جو توهان ڪٿي اٺ قسمن جا ڪٽو ته به توهان تي ڪو اعتبار نه ڪندو پوءِ چاهي ڪٿي اهو سعودي عرب يا ملايشيا جهڙو مسلمان ملڪ هجي. انڊيا لاءِ پئسو مٽائڻ لاءِ ته وڌيڪ خبردار رهڻ کپي جو ٻنهي ملڪن ۾ ڪجهه اهڙا غلط عناصر آهن جي نٿا چاهين ته پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ دوستي رهي ۽ هڪ ٻئي جي ملڪ

ڪو نہ ويو آهي. اڪثر شام جو چئين ساڍي چئين ڪن ماڻس کي چانهہ پيئڻ جي عادت هئي. هينئر ساڍا پنج وڳا هئا.

جوءِ کي هن چانهہ ناهڻ لاءِ چيو. جيسين جوڻس چانهہ ناهي اچي، تيسين هوءَ ٽرماس مٿان لڳل ليبل پڙهڻ لڳو. ڪيس لڳو تہ ٽرماس ڪنهن سٺي ڪمپنيءَ جو هو. ڪئين ڀيرا ان ڪمپنيءَ جا اشتهار هو الڳ الڳ اخبارن خواه مخزنن ۾ پڙهي چڪو هو. ڪيس ٿوري خوشي ٿي تہ نيڪ آهي، ماءُ جي بيماريءَ ۾ گهر جي هڪ شيءِ تہ نهي پيئي. پئسا تہ هو دوست کي پهرين تاريخ تي ڏيندو.

ماءُ لاءِ چانهہ ڪٽي هو اسپتال پهتو.

اتي پهچي هن ماءُ کان پڇيو، "ڊاڪٽرن ڪجهہ ڏنو؟"

رواجي طرح ماڻس چيو، "ها!"

پر هنجي اتاوليءَ ڪيس چپ رهڻ نہ ڏنو. "هنن ڪجهہ پڇيو هوندو؟"

"ها آ آ آ!.. گلي لاءِ پڇيائون پئي تہ سور گهڻو ٿيندو آهي ڇا؟"

"پوءِ.. تو ڪهڙو جواب ڏنو؟"

"مون چيو، ها ٿيندو آهي.. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي، ڄڻ گلي جي اندر ڪا سئي چڀي رهي هجي.. يا وري ڄڻ ڪو ڪينئون اندر سرڪندو هجي... يا ڪجهہ ائين ئي... حقيقت ۾ مون کي ڇا ڇا ۽ ڪيئن ڪيئن لڳندو آهي، مان نيڪ طرح ٻڌائي نہ پئي سگهيس."

تڏهن وري ڪيس لڳو، ڪا خاص ڳالهہ ڪا نہ هوندي. امان کي بيڙي ڇڪڻ جي عادت آهي. ڪڏهن ڪڏهن وڌيڪ بہ بيڙيون ڇڪيندي آهي. انڪري گلو سر سر ڪندو هوندس ۽ امان کي لڳي ٿو، ڄڻ اندر ڪو ڪيئون آهي.

هن وري ماءُ کان پڇيو. "پوءِ هن بيو ڪجهہ چيو؟"

"الائجي!... اول تہ ڊاڪٽرن پاڻ ۾ ئي ويٺي گٽ مٽ ڪئي. اها موئي انگريزي تہ مون کي سمجهہ ۾ اچي ڪا نہ.. ها باقي، ويندي ويندي چئي ويا تہ سڀاڻي هو وري ڏسندا، پوءِ ئي ڪجهہ ٻڌائيندا."

تڏهن اوچتو هڪ اڻ ڇاتل ڊپ هن جي من ۾ اٿيو، تہ شايد ڪا اهڙي جهڙي بيماري آهي، جو ڊاڪٽر سڀاڻي بہ ڏسڻ ٿا چاهين، نہ تہ گلي جي سر سر کي پرکڻ ۾ ڊاڪٽرن کي ايڏي ويرم ٿوريئي لڳڻي آهي.

تڏهن ڪيس لڳو، تہ امان کي ڪٿي ڪئنسر تہ ڪو نہ ٿي پيئي آهي.

اهو ويچار ايندي ئي سندس انگ انگ ۾ ڏڪڻي وٺي ويئي. گهر اچي هن جوءِ کي چيو، " منهنجو انومان آهي تہ امان کي ڪٿي ڪئنسر نہ ٿي پيئي هجي."

اهو ٻڌي جوڻس کي بہ ٿورو جهٽڪو لڳو.

پر پوءِ ڪجهہ دير سوچڻ ڪانپوءِ چيائين، "ٻڌو! ماڻهو چوندا آهن تہ ان بيماريءَ جو اڃا ڪو علاج ڪو نہ نڪتو آهي... اهو سچ آهي ڇا؟"

هن چيو، "نہ! هرويرو اها ڳالهہ بہ ڪانهي... پر ها، اهو سچ آهي تہ ان بيماري لڳڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ جي جيئڻ مرڻ جي ڪا پڪ نہ رهندي آهي."

هن سوچيو ته اڻسڌيءَ طرح هن جيڪا ڳالهه ڇٽي آهي، جوڻس اها سمجهي ويٺي هوندي. پر جوڻس شايد ڳالهه چڱيءَ طرح ڪو نه سمجهي شايد انڪري ٿي چيائين، "جيڻ مرڻ جي ته ڪنهنجي به پڪ ڪا نه هوندي آهي."

تڏهن هن ڪي پنهنجي ڳالهه صاف چوڻي پيئي. "تو سمجهيو ڪو نه. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته ان بيماريءَ ۾ اڪثر ماڻهو مري ويندا آهن."

جوءَ به ائين چيو، "ها... مون به ته ائين ئي ٻڌو آهي."

هن ڪو به جواب ڪو نه ڏنو.

جوڻس تڏهن سوچڻ لڳي ته ڇا امي بس هاڻي ڪجهه ئي ڏينهن جي مهمان هوندي.

اتي ئي ويٺي ويٺي ڪيس هاڻي هڪ عجيب ڳالهه سجهي. سوچيائين، اجايو مان اميءَ سان وڙهندي رهندي آهيان. ڳالهه ڳالهه ۾ ساڻس اٽڪي پوندي آهيان. حقيقت ۾ پل منهنجي آهي. مون کي ئي سمجهه کان ڪم وٺڻ کپي. هن جو ڇا آهي! ٻڍاپو آهي. ٻڍاپي ۾ ته ماڻهوءَ جو سڀاءُ چڙچڙو ٿي ئي پوندو آهي.

تڏهن وري ڪيس پنهنجي ئي سوچڻ تي عجب لڳڻ لڳو. ته امي جي ٻڍاپي جو ڪيس اڄ ئي خيال چو آيو آهي، جيتوڻيڪ هن جو ٻڍاپو ته ڪڏهن کو شروع ٿي چڪو هو.

صبوح تائين ٻئي ڄڻا گهر سر رهيا. ٻنهي کي شايد چڱيءَ طرح ننڊ نه پئي آئي. رکي رکي جڏهن ٻنهي پاسو ٿي ورايو ته کين لڳو پئي ته ٻيئي ڄڻا رڳو ننڊ جو مڪر ڪري ليٽيا پيا هئا. حقيت ۾ ٻئي جاڳي رهيا هئا.

صبوح جيئن تيئن سنان ڪري هو اسپتال ويو. ٿرماس ۾ ماءُ جي لاءِ، خاص کير ۾ ٿهيل چانهه ڪٽي ويو. ماڻس اکيون پوري پلنگ تي ويٺي هئي. ان ڳالهه تي ڪيس ٿورو به عجب ڪو نه لڳو. ماڻس جو اهو روزانو نيم هو. ڪجهه وقت لاءِ هو چپ چاپ پلنگ جي پرسان رکيل لوهه جي اسٽول تي ويهي رهيو.

تڏهن، ٿوري دير بعد هن ڏٺو ته ٻه ڊاڪٽر، ٻين مريضن کي ڏسندا، هن جي ماءُ جي پلنگ ڏانهن وڌي رهيا هئا. ويجهو اچي هڪ ڊاڪٽر ڪانئس پڇيو، "توهان پنهنجي ماءُ کي ڪاٺڻ لاءِ ڪجهه ڏنو ته ڪونهي نه؟"

"جي نه!" ڪيس خود ئي لڳو ته هن ڪيڏي نه نمرتا وچان جواب ڏنو.

تڏهن وري هن ڏٺو، ته سندس ۽ ڊاڪٽر جي وچ ۾ ٿيل گفتگو ٻڌي ماڻس اکيون کوليون هيون. يا شايد ماڻس سندس آواز سڃاڻي اکيون کوليون هيون. هوءَ عجب مان ڪڏهن ڊاڪٽرن ڏانهن ته ڪڏهن ڏانهس نهارڻ لڳي.

تڏهن هڪ ڊاڪٽر ماڻس کي چيو ته توهان کي، ضروري جاچ جوچ لاءِ، اسان سان گڏ، پاسي واري ڪمري ۾ هلڻو پوندو.

ڊاڪٽر ماڻس کي ٻئي ڪمري ۾ وٺي ويا. پٽس هڪ دفعو ڊاڪٽر کان پڇيو به، ته ٻئي ڪمري ۾ سندس خاص رهڻ ضروري ٿيندو ڇا؟ پر ڊاڪٽرن ڪيس اتي ئي ويهي رهڻ لاءِ چيو.

هاڻي هن وٽ کھڙو کم هو. هو ائين ئي، بنا ڪنهن مطلب جي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. ڪيترائي مريض ڪنجهي رهيا هئا. هڪ تہ بلڪل ٻار جيان روئي رهيو هو، ۽ نرس ڪنهن ماءُ جيان ڪيس ٻچڪاري رهي هئي.

نرس ڪيس سٺي لڳي.

تڏهن ڪيس ياد آيو تہ جڏهن اجا سندس شادي ڪا نہ ٿي هئي، تڏهن هڪ دفعي، هن نرسن جي چرتر جي باري ۾ ڪجهہ گهٽ وڌ پڙهيو هئو ۽ تڏهن ئي سندس دل ٿي هئي تہ هو ڪڏهن اهڙو بيمار ٿي پوي، جو ڪيس اسپتال ۾ پرتي ٿيڻو پوي ۽ هو ڪنهن نرس جي عشق ۾ ڦاسي پوي، يا ڪيس پيچائي وجي يا اهڙو ئي ڪجهہ...!

پر اَج جڏهن هو ٻارن ٻچن وارو اولاد ماڻهو ٿي ويو آهي، تڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪيس ٻاراڻيون ٿيون لڳن. ڪيس ڪِل ايندي آهي تہ ماڻهو عشق، ٻشق جي چڪر ۾، بيماريءَ ۾ ٿيندڙ تڪليف ڪي بہ سويڪار ڪرڻ ۾ نٿا هٻڪن.

ڪافي دير تائين هو اهڙيون اجايون ڳالهيون سوچيندو رهيو. تڏهن هن ڏٺو تہ وارڊ بواءِ ماڻس ڪي واپس وٺي پئي آيو. وارڊ بواءِ ئي ڪيس اچي چيو تہ ڊاڪٽر صاحب توهان ڪي سڏي رهيو آهي. ماءُ سان ڪجهہ ڳالهائڻ ڪان سواءِ ئي، هو ڊاڪٽر جي چيمبر ۾ هليو ويو.

ڊاڪٽر تڏهن ڪيس ٻڌايو تہ ماڻس ڪي ڪئنسر ٿي پئي آهي، آپريشن ٿيندو.

تڏهن عاجزيءَ وچان هن ڊاڪٽر ڪان پڇيو. "ڊاڪٽر! چا ڪجهہ وڌيڪ... يعني ڪو گهرو گهاءُ آهي چا؟"

ڊاڪٽر چيو. "ڏسو، اهو سڀ توهان جي سمجهہ ۾ ڪو نہ ايندو، اسين آپريشن ڪنداسين. توهين پاڻ سمجهو ماڻهو آهيو. پڙهيل ڳڙهيل آهيو. توهان ڪان ڇا لڪل آهي. هن بيماريءَ مان ڇوٽڪارو ملي بہ تو سگهي، نہ بہ ملي. ڪجهہ چڱيءَ طرح چئي نٿو سگهجي... هونئن، اسان پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪنداسين."

هڪ ڪن لاءِ ڪيس خوشي ٿي، تہ هو ايترو سياڻو تہ آهي ئي، جو ان بيماريءَ جو انومان هن پهرين ئي لڳائي ورتو هو. پر ٻيءَ ساعت هو اداس ٿي پيو. ڊاڪٽر جي لفظن مان ڪيس ڪنهن بہ طرح اهو صاف نٿي لڳو تہ ڪو آپريشن هرويرو ڪامياب ٿيندو ۽ ماڻس بچي پوندي.

ڊاڪٽر وٽان موٽي هو سڌو ماءُ وٽ آيو. هن ڏٺو تہ ٻہ مريض، اتي ئي ٻيني ٻيٺي ماڻس سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. شايد اهي ٻڌيءَ ڪان پڇي رهيا هوندا تہ ڊاڪٽر ڇا ڇا ڏٺو. يا ڪهڙي نموني جاچ جوچ ڪيائون.

پر هن ڪي ايندو ڏسي ٻئي مريض پنهنجن پنهنجن پلنگن ڏانهن هليا ويا. تڏهن ماڻس ڪانئس پڇيو. "ڊاڪٽرن ڇا چيو؟"

هن بيماريءَ جو نالو لڪائڻ چاهيو. چيائين، "ڊاڪٽر چيو آهي تہ ڪجهہ ڏينهن توکي هتي اسپتال ۾ رهڻو پوندو. چيائين تہ آپريشن ٿيندو. تو چيو پئي نہ، تہ ڪاڏو کائڻ وقت يا پاڻي پيئڻ وقت توکي گلي ۾ ڪجهہ تڪليف ٿي ٿئي ۽ توکي گلي ۾ ڪئين جهڙي ڪا چيز سرندي محسوس ٿي

ٿئي. سو شايد ان ڪئين وغيره کي ڪڍڻ لاءِ آپريشن ضرووري هوندو."

ماٽس پڇيو، "اَڇا؟.. ته ڊاڪٽر به چيو ته کو ڪينٽون، بينٽون آهي؟" ڪيس لڳو ته اها ڳالهه پڇندي ماٽس جي شڪل لهي ويئي هئي.

تڏهن هن چيو، "نه! ڊاڪٽر ته ائين کو نه چيو. پر مان سمجهان ٿو ته شايد ائين ئي هوندو. نه ته پلا آپريشن جي ڪهڙي ضرورت هئي!" تڏهن وري ڪيس لڳو ته هاڻي ڪيس ڪجهه ڳالهه جو رخ بدلائڻ کپي. انڪري وري چيائين، "چڱو!.. مان وري شام جو ايندس. تنهنجا ڪپڙا به کڻندو ايندس. هينئر ته مان انڪري کو نه ڪٽي آيس ته متان هو توکي پرتي ڪرڻ ضروري نه سمجهن.. پر خير، هاڻي ته ڊاڪٽر ئي چيو آهي ته آپريشن ٿيندو. جڏهن آپريشن ٿي ٿيندو ته توکي ڪجهه ڏينهن هتي ضرور رهڻو ئي پوندو... هينئر ته مان گهران ٿيندو سڌو آفيس ويندس. شام جو وري هتي ايندس."

ايترو چئي هو گهر هليو ويو. گهر اچي هن زال کي چيو، "ڏٺئه! اهو ئي ٿيو، جنهن جو مون کي ڊپ هو."

جوٽس به ڳالهه سمجهي ويئي. چيائين، "ڇا، ڊاڪٽر به چيو ته ڪئنسر اٿس؟"

"ها!"

"پوءِ"

ڪيس لڳو ته پاڻ به اهوئي سوال پڇڻ ٿي چاهيائين، پر جوٽس اڳ ۾ ئي پڇي ورتو آهي.

جواب ۾ هن چيو، "پوءِ ڇا؟ تنهنجي يا منهنجي هٿ ۾ ڇا هي؟ آپريشن ته ٿيندوئي."

پوءِ ڪجهه دير لاءِ ٻئي چپ رهيا.

وري سندس زال ئي ڳالهايو. "هڪ ڳالهه چوان؟.. دل ۾ ته نه ڪندا؟"

"ڇا؟"

"مون.. مون سوچيو پئي ته هنيءَ بيماري ڪا اهڙي جهڙي ته آهي ڪا نه. ۽ اهو به ضروري ڪونهي ته آپريشن کو هروبرو ڪامياب ٿئي ئي. سياڻي ٿي سگهي ٿو ته آمي کي، ڀڳوان نه ڪري، ڪجهه ٿي پوي، ته پاڻ وٽ ڪريا ڪرم لاءِ ته پئسا به ڪونهن."

تڏهن ٿورو مرڪي هن چيو، "سچ ته اهو آهي ته اهڙو ويچار منهنجي من ۾ به آيو هو. پر مون اها ڳالهه صرف انڪري زبان مان نه ڪڍي، ته متان تون ائين سوچين ته پنهنجي ئي ماءُ لاءِ مان ڪهڙيون ڪهڙيون اشڀ ڳالهيون ٿو سوچيان."

جوٽس چيو، "پوءِ پلا؟"

وري ڇڻ خود ئي مسئلي جو حل ڳولهيندي چيائين، "توهان هيئن ڪريو.. جيسين علاج هلي ۽ آپريشن وغيره ٿئي، تيسين توهان پنهنجي پي . ايف (پروويڊنٽ فنڊ) مان ڪجهه پئسا ڪڍائي رکو... ان گهڙيءَ ڪنهن جي سامهون هٿ ڦهلائڻو نه ڪونه پوندو."

زال جي اها ڳالهه ٻڌي، هو ڪجهه دير لاءِ چپ چاپ سوچيندو رهيو.

هونئن هر سال هو پي.ايف مان پئسا صرف تڏهن ڪڍائيندو آهي، جڏهن اسڪول کلڻا هوندا آهن. تڏهن ٻارن جون اسڪولي ڊريسون، فيون ۽ ڪتابن وغيره جو ايترو ته خرچ نڪري ايندو آهي، جو

تيڻ لڳو ته ڏيري ڏيري هاڻي هو پي.ايف جي پئسن مان ڪجھ پئسا ڪيندو تو رهي. ڪيس هاڻي ان ڳالھ جي ڳڻتي اچي لڳي هئي، ته ڪٿي اهين نه ٿئي ته رپيا اهين ئي ماءُ جي علاج-ٻلاج ۾ ختم ٿي وڃن. ۽ جنهن ڪم لاءِ هن پي.ايف مان پئسا ڪڍايا هئا، ان وقت، ان ڪم لاءِ وري ڪيس ڪٿي ڪنهن جي سامهون هٿ ڦهلائڻو پوي.

جوٽس به وچ وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اسپتال ويندي هئي. تڏهن ڪيس لڳندو هو ته گهر ۾ ته جوٽس روز ڪنهن نه ڪنهن ڳالھ تي ساٽس اٽڪي پوندي هئي، پر، هتي اسپتال ۾ هوءَ ڪيڏو نه مٺو ٿي ڳالهائي. تڏهن وري هڪ ٻئي ڳالھ ۾ ڪيس سچائي محسوس ٿيڻ لڳي، ته ماڻهو جڏهن مرڻ وارو هوندو آهي، تڏهن مٺو ٻوليندو آهي.

۽ اهين هنن جو شڪ، يڪ ۾ بدلجي ويو ته ٻڍي هاڻي بچندي ڪا نه.

ڪجھ ڏينهن بعد آپريشن ٿيو. ان ڏينهن، صبوح کان ئي ونيءِ پٽ ڏاڍو اداس هئو. ڊاڪٽر هڪ ڏينهن اڳ ڪانئس لکائي ورتو هئو ته آپريشن جي دوران، جي ماٽس کي ڪجھ ٿي پيو ته هو ان ڳالھ لاءِ ذميوار نه رهندا. تڏهن ڪيس پنهنجو چور ڪاٽڻ لڳو، ته جڻ هو خود ئي لکي ڏيئي آيو هو، ته ڪيس ڪو اعتراض نه ٿيندو، جيڪڏهن سندس ماءُ مري ٿي پوي.

جوٽس به ان ڏينهن اداس هئي. ڪيس جڻ اهين محسوس ٿيڻ لڳو، ته هاڻي سندن ڪٽنب مان هڪ پاتي گهٽجي ويندو. يا وري، اڄ کان پوءِ، هڪ چاتل سچاتل آواز هميشه لاءِ هنن کان الڳ ٿي پندو.

آپريشن ڪامياب ٿي ويو. ڊاڪٽرن پٽس کي بس ايترو ئي چيو، "اسانجي طرفان ته آپريشن ڪامياب ئي سمجهڻ کپي. پر هيءَ بيماري توهان کان لڪل ڪانهي. پرهيز چڱيءَ طرح رکجو. هن بيماريءَ ۾ مريض جو پتو نه پوندو آهي ته ڪڏهن تو ...!"

هوءَ سمجهي ويو ته اڻ سڌيءَ طرح ڊاڪٽر ڇا ٿي چوڻ چاهيو.

ماءُ کي ڊسچارج ڪرائي، هو ان کي رڪشا ۾ ويهاري گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. رستي ۾ ڏٺائين ته ماٽس ڏاڍي خوش هئي، هو جڻ موت سان جنگ جوٽي، بازي کٽي آئي هئي.

ماءُ کي خوش ٿيندو ڏسي، نجاڻ ڇو ڪيس ڪا خاص خوشي ڪا نه ٿي. ڪيس لڳو ته سندس گهر ۾ وري پراڻو ماحول شروع ٿي ويندو. وري جوٽس ۽ ماٽس جي وچ ۾ ڳالھ ڳالھ تي کٽ پٽ شروع ٿي ويندي. تڏهن وري ڪيس لڳو ته هن پي.ايف مان پئسا ڪڍائي سٺو نه ڪيو. ماءُ کي ته ڪجھ گهٽ وڌ ٿيو ڪو نه ۽ گهر هستي ته هڪ کوھ آهي. پئسا ته گهر ۾ ئي خرچ ٿي ويندا.

هن وري سوچيو، ڪٿي پئسا گهر ۾ ئي خرچ ٿي ويا، ۽ ان بعد ئي امان کي ڪجھ ٿي پيو. ته پوءِ؟... پوءِ هو پئسا ڪٿان آڻيندو؟

تڏهن ڪيس لڳو ته ماءُ جي نه مرڻ جو ڪيس بيحد ڏک ٿي رهيو هو.

☆......☆......☆

**ان ماڻهوءَ جو دلچسپ احوال جيڪو نہ دوزخ جو حقدار هو ۽ نہ وري جنت جو.**

انسان جي حرص، لالچ ۽ لوڀ جي تاريخ ايتري پراڻي آهي جيترو انسان ذات خود. دنيا ۾ مال متاع ۽ دولت جا انبار ڪرڻ جي مستيءَ ۾ جتيل هڪ اڻ ڇاڻ شخص جي عبرت ناڪ ڪهاڻي جنهن جو دين ۽ دنيا صرف پيسو ئي پيسو هو.

اناطول فرانس

# ڪاريون مانيون

سنڌيڪار: ڊاڪٽر منظور ميمڻ

***1921ع ...... اناطول فرانس***

*اناطول فرانس جو شمار دنيا جي عظيم ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. هن جي ڪتابن جا ترجما دنيا جي تقريبن هر ٻولي ۾ ٿي چڪا آهن. فرانس ۾ کيس تمام گهڻي عزت ۽ احترام حاصل هئي جو اوچتو هن جي شهرت ڏنڊلي ٿيڻ لڳي. هن جي ڪم تي ڪجهه ادبي لحاظ کان ۽ ڪجهه سياسي لحاظ کان تنقيد ٿيڻ لڳي، جنهن جي ڪري هن کي وري ٻيو دفعو اهو مقام نہ ملي سگهيو، جنهن جو هو اهل هو. پر ادبي اصطلاح ۾ اهو چوڻ گهرجي تہ هن کي وري دريافت نہ ڪري سگهيو ويو. هڪ فرانسيسي تنقيدنگار هن جي باري ۾ لکيو آهي تہ "هو عظيم شهرت ڪانپوءِ هڪدم زوال جي هڪ دلچسپ ڳجهارت آهي."*

*اناطول فرانس 16 اپريل 1844ع ۾ پيرس ۾ پيدا ٿيو ۽ 12 آڪٽومبر 1924ع ۾ انتقال ڪري ويو. هن پنهنجي زندگي ۾ لائبريرين جي حيثيت سان ملازمت ڪئي. فري لانسر جي حيثيت سان ڪافي سالن تائين ڪم ڪندو رهيو. 1988ع ۾ هي "Temps-Le" مشهور اخبار جو ايڊيٽر رهيو. هن جي اهم ترين ڪتاب "ڪرائيم*



*آف سيلوسٽر بونارڊ. تائيس، دي مڊرآف پرل، دي ريڊ للي، دي وائٽ سٽون، دي ريوولٽ آف دي اينجلز، دي بلوم آف لائيف، پينگوئين آئيلينڊ وغيره شامل آهن.*

*هي سنو ڪم ڪندڙ اديب هو. هن جو طريقو بيان تمام آسان، منفرد ۽ مهذب هو. هن جي دل ۾ انسانن جي لاءِ بي پناهه محبت، خوبصورتي ۽ انساني قدرن جي مان ۽ بلندي جهڙا جذبا هئا. جيتوڻيڪ هن کي وفات ٿيندي 82 سال گذري چڪا آهن پر سندس تحريرون، لکڻيون ۽ ناول اڃا تائين دلچسپي ۽ شوق سان پڙهيا وڃن ٿا. هن جي مشهور ناول تائيس تي هندوستاني فلم "چترليکا" ٺهي جنهن جڳ مشهوري ماڻي.*

*هن جو پهريون ڪتاب 1868ع ۾ ۽ آخري ڪتاب 1922ع ۾ شايع ٿيو.*

☆......☆......☆

**هي** انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن نڪولس نيرلي نالي هڪ ماڻهو فلورينس جي عاليشان شهر ۾ بينڪر هو. صبح ٿيندي ئي هو پنهنجي ميز جي سامهون وڃي ويهندو هو. ٻنپهرن جو گهڙيال وڄندو هو پر نڪولس اتي ئي مورچو لڳائي انگن اکرن سان پيو الجهندو رهندو هو. شهنشاهه کان وٺي پوپ تائين هر ماڻهو سندس قرضي هو. هن کي جيڪڏهن رقم ٻڏڻ جو خطرو نه هجي ها ته هو شيطان کي به قرض ڏيئي ها.

نڪولس نيرلي بي حس قسم جو ماڻهو هو. ٻين جي مال تي هٿ صاف ڪندي هن ڪافي ساري دولت گڏ ڪئي هئي. انهيءَ دولت جي ڪري ڪيس فلورينس شهر ۾ حد کان وڌيڪ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو.

هن جو گهر محل جي صورت ۾ تمام وڏي ايراضي تي پکڙيل هو، جتي سج جي روشني صرف سوڙهين درين ذريعي اندرداخل ٿي سگهندي هئي. هي ڳالهه به سندس عقلمندي جي دليل هئي ڇو ته امير ماڻهوءَ جو گهر هڪ قلعي وانگر هجڻ گهرجي ته جيئن ٺڳيءَ سان ڦٻائيل دولت جي حفاظت طاقت ۽ مضبوطي سان ڪري سگهجي. اهڙي طرح درين کي لوهي شيخون لڳايون ويون هيون ۽ دروازن تي زنجير شام ٿيندي ئي چاڙهي ويندي هئي. گهر جي ٻاهرين پٽين تي هنرمندن کان نقش ڪڍرايا ويا هئا. ان ۾ تاريخي عورتن جون تصويرون، قبائلي سردارن، بني اسرائيل جي بادشاهن جون تصويرون شامل هيون. ڪمري ۾ لڳل پردن تي سڪندر اعظم ۽ ان جي قبيلن جي ديو مالائي ڪردارن جي عڪاسي به پڻ ٿيل هئي.

نڪولس نيرلي شهر ۾ پلون، سوئمنگ پولَ ۽ چارو (جانورن جو کاڌو) کائڻ لاءِ ڪيترائي وٿاڻ تعمير ڪرايا هئا. هن شهر ۾ هڪ عاليشان مسافر خانو به ٺهرايو هو، جنهن جي پٽين تي هن جي زندگي جون جهلڪيون، تصويرن جي صورت ۾ موجود هيون. سانتا ميريا جي گرجا گهر جي لاءِ هن ايترو ته چندو ڏنو هو جو گرجا هن جي شڪر گذاري ادا ڪندي سندس مجسمو گرجا گهر ۾ نمايان جڳهه تي رکيو هو. ان مجسمي ۾ نڪولس

## مهمان

مهمان رحمت هوندا آهن پر ڪڏهن ڪڏهن مهمان ماڻهو رحمت بجاءِ زحمت بنجي پوندا آهن ۽ ماڻهوءَ کي وقت کان اڳ پوڙهو ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي ئي هڪ مهمان سان منهنجو واسطو پيو. ڳالهه اها هئي ته هڪ ڏينهن مون هڪ دعوت ڪئي، سڀ مهمان هليا ويا پر اهو مهمان ويٺو رهيو. سگريٽ تي سگريٽ پيئندو رهيو ۽ ان سگريٽ کي پردن تي، ڪرسين جي پٺ تي، منهنجي سوٽ ڪيس تي ۽ ميز تي رکيل ڪاغذن تي رگڙي رگڙي وسائيندو رهيو.

پهرئين هن منهنجي تعريف ڪئي، مون ها ۾ ها ملائي. پوءِ وري هن پنهنجي تعريف ڪئي، مان ساڻس اتفاق ڪندو رهيس. پوءِ هن پنهنجي زال جي تعريف ڪرڻ شروع ڪئي. مان ان سان به اتفاق ڪيو. آخر ۾ هُو مون کي گاريون ڏيڻ لڳو. ڪافي برو ڀلو ڳالهايائين، پوءِ به مون ها ۾ ها پئي ملائي. هاڻي اهو سلسلو سندس ذات تائين پهچندو ۽ پوءِ سندس زال تائين. مون خوف وچان سوچيو پر عين ان ٽائيم تي هن تي ننڊ جو حملو ٿيو ۽ هو ڊوڙي پنهنجي ڪمري طرف ويو پر ويندي ويندي مون کي اهو به چئي ويو ته مان سياڻي وري ايندس.

☆......☆......☆

نيرلي پنهنجي مخصوص ڳاڙهي ٽوپي سان دعا لاءِ هٿ کڻيو پاڪ مريم جي پيرن ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هو. سندس مجسمي سان گڏ سندس زال جو به مجسمو هو جيڪا پاڪ مريم جي مجسمي آڏو ڪنڌ جهڪائي بيٺل هئي.

نڪولس نيرلي جو دربار ۾ وڏو اثر ۽ رسوخ هو. هن ڪڏهن به قانون جي خلاف نه ڳالهايو هو. غريبن ۽ مسڪينن لاءِ ڪيس دل ۾ ڪا به ڪهل نه هئي. ملڪ جي باغين سان سندس ڪو به تعلق نه هو. هن جي بيپناهه دولت جي ڪري هن جيڪا طاقت حاصل ڪئي هئي، اها روزبروز وڌندي پئي وئي.

سيءَ جي هڪ شام جو هو گهر طرف واپس وڃي رهيو هو. هن کي معمول کان ڪجهه وڌيڪ دير ٿي وئي هئي. گهر جي چوڪٺ تي اڌ اگهاڙن فقيرن جي هڪ هجوم، هن کي گهيري ورتو ۽ هن آڏو هٿ ڦهلائي پنڻ لڳا.

هن ڪين گهٽ وڌ ڳالهائي انهن کان جان ڇڏائڻ چاهي پر اهي بُکايل

پري ڪان گهرايو هو. ان تي مون کي ڏاڍو خرچ ڪرڻو پيو هو."

فرشتي منبر ۽ فوارو به ڪٽي ڪري مسافر خاني جي مٿان رکيو پر پوءِ به ساهميءَ ۾ ڪا به حرڪت پيدا نه ٿي. نڪولس کي لڳو ته هن جو نرڙ پگهر ۾ پسجي ويو هجي.

"جناب اعليٰ! ڇا توهان کي يقين آهي ته ساهميءَ ۾ ڪا خرابي ناهي."

فرشتي هڪ عجيب مسڪراهٽ سان ٻڌايو ته هي پيرس يا وينس جي واپارين جي ساهمي ناهي، ان ڪري هن جي درست هئڻ جي ڪنهن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه ٿيڻ گهرجي.

"بهتر!" نڪولس گهرو ساهه کڻي چيو. هن جو رنگ چُن جي رنگ جيان بلڪل اڇو ٿي ويو هو." ڇا گرجا گهر، فوارا، منبر ۽ بي شمار بسترن واري مسافر خاني جو ڪو به وزن نه آهي؟"

"تون پاڻ ئي ڏسي وٺ،" فرشتي جواب ڏنو. "تنهنجي گهمرائيءَ جي مقابلي ۾ غلط ڏيکاءُ وارين نيڪين جي ڪا به حيثيت نه آهي"

"پوءِ ته مون کي دوزخ وڃڻو پوندو." نڪولس تقريبن روئي ڏنو. خوف ڪان سندس جسم لرزڻ لڳو هو.

"صبر، نڪولس نيرلي، صبر" مصنف فرشتي ڌيمي آواز ۾ چيو. "اڃا منهنجو ڪم ختم نه ٿيو آهي. اڃا تنهنجي سٺي عملن جو وزن باقي رهيل آهي."

ائين چئي هن اهي ڪاريون مانيون ڪنيون جيڪي نڪولس بکايل فقيرن ۾ ورهائيون هيون ۽ نيڪي جي پلڙي ۾ وجهي ڇڏيون. اوچتو اوچتو ساهميءَ ۾ حرڪت پيدا ٿي. هڪ پلڙو مٿي اٿيو ۽ ٻيو پلڙو جهڪيو ۽ پوءِ ٻئي پلڙا برابر ٿي ويا ۽ ساهميءَ جي ڏنڊي افقي حالت ۾ بلڪل برابر سڌي وڃي بيٺي جيڪا اهو ظاهر ڪري رهي هئي ته ٻنهي پلڙن ۾ برابر برابر وزن آهي.

فرشتي سنجيدگيءَ سان وراڻيو. "ٻڌ نڪولس نيرلي! تنهنجا عمل ٻڌائين پيا ته تون اڃا جنت يا دوزخ مان، ڪنهن جو به حقدار نه ٿيو آهين. فلورينس واپس وڃ ۽ غريبن ۾ اهي ئي ڪاريون مانيون ورهائي، جيڪي تو گذريل رات جهپٽا جهپٽي جي وقت فقيرن کي ڏنيون هيون. تنهنجي نجات ٿي ويندي. خدا جون رحمتون اڻ ڪٿنديڙ آهن. هو توبهه ڪندڙ چورن ۽ پشيمان ٿيندڙ رنڊيءَ کي به معاف ڪري سگهي ٿو. تون دنيا ۾ وڃي اهي ڪاريون مانيون ورهائڻ نه وسارجان، جنهن اڄ منهنجي ساهميءَ جي پلڙي کي التي ڇڏيو آهي. بس هاڻي هتان وڃ."

ايتري ۾ نڪولس پنهنجي بستري تي جاڳي پيو. هن پنهنجي دل ۾ پختو واعدو ڪيو ته هو پوري ايمانداريءَ سان فرشتي جي نصيحت تي عمل ڪري جنت ۾ داخل ٿيڻ جو حقدار ٿيندو.

هو پنهنجي ان موت واري واقعي کانپوءِ ٽي سال زنده رهيو. ان عرصي ۾ هو غريبن جو دوست رهيو ۽ دل کولي انهن جي مدد ڪندو رهيو.

☆......☆......☆

انسان ذات ۾ محبت جو تعلق صدين کان گڏوگڏ هلندو پيو اچي. سڄي دنيا ۾ محبت اهو هڪ آفاقي جذبو آهي جيڪو بنان ڪنهن رنگ ۽ فرق جي هر قبيلي، هر قوم، هر نسل ۾ رچيل آهي. جنهن ۾ ڪروڙين سال گذرڻ کان پوءِ ڪو به ڦيرو نه آيو آهي. پلي ڪٿي اهو عشقيه داستان ايران جي شيرين فرهاد جو هجي يا عربن جي ليليٰ مجنون جو. هندوستان جي نورجهان جهانگير جو هجي يا سليم انارڪلي يا وري شڪنتلا جو. پنجاب صوبي جي هير رانجها جو هجي يا سنڌ جي نوري ڄام تماچي جو. بنگلاديش جي حور محل جو هجي يا يورپ جي ميري ويلوسڪي نپولين جو. اهي پٽر تي لڪير جهڙا جذبا اسان جي زمين جي گولي تي مثالي حيثيت رکن ٿا

**يورپ جي تاريخي عشقيه داستان جو جڳ مشهور لازوال احوال.**

# ميري ويلوسڪي نپولين

نور علي بوزدار

**اوڻهوين** صدي جي پهرئين ڏهاڪي ۾ پولينڊ سياسي طور تي يورپ جي نقشي تي موجود نه هو. پرشيا (هاڻوڪو جرمني)، روس ۽ آسٽريليا،





فرانس جي اندروني جهيڙن ۽ سياسي ابتريءَ واري حالت مان فائدو حاصل ڪندي ان کي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. پولينڊ جي ماڻهن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيا پر آزادي حاصل نه ڪري سگهيا ۽ حالتن جي تبديلي جو بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهيا هئا.

نيپولين نه صرف فرانس جي اندروني حالتن تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو هو پر هڪ مضبوط حڪومت به قائم ڪري ورتي هئي. فرانس هاڻي يورپ جي سيني طاقتور ملڪن لاءِ خطرو بنجي ويو هو. نيپولين 1801ع ۾ آسٽريا ملڪ کي شڪست ڏني ۽ پنجن سالن کان پوءِ فاتح جي حيثيت سان برلن ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ اولهه طرف دريائي ويسٽوءَ جو رخ ڪيو، جتي پرشيا ۽ روس جون گڏيل فوجون ساڻس مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار هيون . پولينڊ جي ماڻهن حالتن جو اهو رخ ڏسي ڪري نيپولين جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن ڪري سندس دشمن طاقتن کي نقصان ڪڻو پيو ۽ کين ڏاڍي ذلت واري شڪست آئي.

پولينڊ جي اها خاصيت آهي ته اتان جا مرد نه فقط سياست ۾ ڀرپور حصو وٺندا آهن پر اتي جون عورتون به سياست ۾ ڪائنٿن گهٽ ناهن. انهن ئي محب وطنن مان هڪ انتهائي خوبصورت ڇوڪري ميري ويلوسڪي جو نالو پولينڊ جي تاريخ ۾ هميشه زنده رهندو، جنهن پنهنجي وطن مٿان قرباني ڏيڻ لاءِ پنهنجي عزت به داءُ تي لڳائي ڇڏي پر صلي ۾ کيس پنهنجي ئي وطن ۾ خواري، ذلت، بدنامي ۽ بربادي ملي.

☆☆☆

ميري جي زندگيءَ جا شروعاتي ڏينهن هئا. ڪنهن وقت سندس ابا ڏاڏا ملڪ جا وڏا زميندار هئا، پر وقت جي ڦيري سان سندن مالي حالت خراب ٿيندي ويئي ۽ حالت ان حد تائين وڃي پهتي هئي جو مالي پريشانين کان تنگ اچي ميري جو پيءُ "ميٽيو" گهر، زال ۽ ڇهه ٻارن کي تن تنها ڇڏي فرار ٿي ويو ۽ اهڙو غائب ٿيو جو وري ڪنهن سندس نالو ئي نه ٻڌو. ميريءَ جو وڏو ڀاءُ نيپولين جي فوج ۾ ان ڪري ڀرتي ٿيو ته جيئن ماءُ ۽ ننڍڙين ڀيڻن ۽ ڀائرن جي ڪفالت ڪري سگهي. کيس ملازمت ملندي ئي قرض ڏيندڙن اچي پريشان ڪيو ۽ ان خاندان جا حالات ويتر خراب ٿيڻ لڳا.

ان فاقن ۾ ميري جو ننڍپڻ گذريو ۽ نيٺ هيءَ جوان ٿي. کيس خدا ايترو ته حسن عطا ڪيو هو، جو جيڪو به کيس ڏسندو هو، سو مٿس اکين ڇڪن تي پوندو هو. جوان ڇوڪرن جي ته ڳالهه ڇڏيو پر پوڙهن عاشقن جي به کوٽ ڪو نه هئي. انهن پوڙهن عاشقن منجهان هڪ پوڙهو عاشق ڪائونٽ ويلوسڪي به هو، جنهن جي نڍي ۾ نڍي پوٽي به سترنهن سالن جي هئي ۽ اها به ميريءَ کان ڪجهه سال وڏي هئي.

ميري اجا ان عمر ۾ هئي، جنهن وقت ڇوڪرين جي اکين ۾ محبت جي تصوراتي دنيا هوندي آهي. سندن جذباتن ۽ احساسن ۾ سادگي ۽ سچائي هوندي آهي.

ميري ويلوسڪي پنهنجي من جي شهزادي جي ڳولها لاءِ پنهنجي سهيلي

کی شکست ڏني ۽ کين پولينڊ مان ڌڪي ڪڍيو.

نيپولين جي ان سڄي ڪارروائي سان ميريءَ کی ڏاڍي خوشي ٿي ۽ ان سان گڏو گڏ ڏک به رسيو.ڇو ته جيڪا عبوري حڪومت نيپولين ٺاهي هئي ان ۾ هن جي مڙس ڪائونٽ ويلوسڪيءَ کي ڪو به عهدو نه ڏنو ويو هو.

نيپولين پنهنجي سيني ضروري انتظامن کان فارغ ٿي پنهنجي هيڊ ڪوارٽر ۾ حالتن جو جائزو وٺي رهيو هو. پهرئين فيبروري 1805ع تي پولينڊ جي گادي واري هنڌ وارسا وڃڻ جو اعلان ڪيو. وارسا جا رهاڪو، اعليٰ آفيسر ۽ سياسي رهنما، نيپولين جي شاندار آجيان ڪرڻ جي تياريءَ ۾ مصروف هئا.

ميريءَ الزبيٿ سان مشورو ڪري نيپولين کي خوش آمديد چوڻ لاءِ "بروني" وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو.هي اها پولينڊ جي تاريخي جڳهه هئي،جتي نيپولين جي سواريءَ جا گهوڙا تبديل ٿيڻا هئا.ميري پنهنجي سهيليءَ الزبيٿ کي ساڻ ڪري پنهنجيءَ نوڪرياڻيءَ جي گهر ۾ آئي ۽ انهيءَ جا ڪپڙا پائي بروني هنڌ طرف روانيون ٿيون.

بروني واري علائقي جي چوڌطرف جا ماڻهو نيپولين جي آمد جو ٻڌي ڪري اچي گڏ ٿيا هئا ۽ خوشيءَ وچان نعرا هڻي رهيا هئا. نيپولين گهوڙي واري بگهيءَ ۾ گرانڊ مارشل ڊيوراڪ سان لڳو لڳ ويهي ڪري ماڻهن جي نعرن جو جواب جوش خروش سان ڏيئي رهيو هو.

ميري به الزبيٿ سان گڏ ان هجوم ۾ بيٺل هئي. هن ڪوشش ڪئي ته ٻنهي هٿن سان ماڻهن کي پري ڪندي وڃي نيپولين جي بگهيءَ وٽ اچي، پر هجوم جي ڪري ان بگهيءَ تائين نه پئي پهچي سگهي. هن گرانڊ مارشل ڊيوراڪ کي التجا واري نگاهه سان ڏٺو. مارشل اهڙي خوبصورت عورت پهرئين ڪو نه ڏٺي هئي. هو يڪدم سندس هٿ پڪڙي نيپولين وٽ وٺي آيو. ميري نيپولين جي آڏو وڏي ادب سان جُهڪي ۽ پرجوش انداز ۾ تقرير ڪرڻ شروع ڪري ڏني. نيپولين جي سوچن ۾ به اهو ڪو نه هو ته پولينڊ جا رهاڪو ايترو گرم جوشيءَ سان سندس استقبال ڪندا. هن پهريون دفعو نظرون کڻي هن خوبصورت پريءَ واري چهري طرف ڏٺو ته ميري کان پهرين کان ياد ڪيل تقرير وسري ويئي ۽ نيپولين جي تعريف ۽ ساراهه ڪرڻ لڳي. هن جي گهبراهٽ، سادگي، حسن ۽ لفظن جي روانيءَ جو استعمال ڏسي نيپولين مٿس موهجي پيو.

☆☆☆

ٿوري دير ترسڻ ڪانپوءِ نيپولين اتان روانو ٿي چڪو هڪ فاتح جي حيثيت ۾ پولينڊ جي شهر وارسا ۾ داخل ٿيو. اتان جو حاڪم پرنس پونياٽووسڪي شهر جي اعلى معتبر ۽ اثر رکندڙ خاص ماڻهن سان گڏ اڳيان وڌي کيس خوش آمديد چيو ۽ کيس جلوس جي شڪل ۾ شاهي محل ۾ آندو.

ٻئي ڏينهن ڳالهين ٿي ڳالهين ۾ گرانڊ مارشل ڊيوراڪ، پرنس پونياٽووسڪي کي بروني ۾ استقبال ڪندڙن ڳوٺاڻن جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته

نپولين هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهي ٿو. پرنس خود بہ نپولين کي خوش ڪرڻ جي تلاش ۾ هو. ڊيوراڪ جو مقصد ۽ اشارو سمجهي، هن پنهنجن ماڻهن کي ان گمنام خوبصورت ڇوڪريءَ جي ڳولها جو حڪم ڏنو. جن ٻئي ڏينهن تي الزبيٿ کي ڳولهي لڌو. بس پوءِ تہ ڪين خوبصورت ميري ويلوسڪيءَ جي ڄاڻ پئجي ويئي. پرنس پونياٽووسڪيءَ نپولين جي اعزاز ۾ پارٽي جو انتظام ڪيو، جنهن ۾ شهر جا معززَ، وزيرَ، تاجرن کان علاوه ڪائونٽ ويلوسڪي ۽ ان جي زال ميري ويلوسڪي کي بہ مدعو ڪيو ويو.

اهو دعوت نامو ملڻ کانپوءِ ميريءَ کي پنهنجي بيوقوفيءَ جو احساس ٿيو. پر هاڻي ٿي بہ ڇا ٿي سگهيو. تير ڪمان مان نڪري چڪو هو. هن پنهنجي مڙس جي نيڪ ناميءَ کي داغ دار ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پارٽيءَ ۾ شرڪت کان انڪار ڪري ڇڏيو.

پرنس پونياٽووسڪيءَ نپولين کي خوش ڪرڻ جو موقعو هٿ مان نڪرندي ڏسي ميڊم وايو بان ۽ الزبيٿ کي ميريءَ وٽ موڪليو تہ جيئن اهي ڪيس پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ رضامند ڪن. ان ٻنهيءَ جي زوريءَ اصرار تي ميريءَ پارٽيءَ ۾ شرڪت ڪري ورتي پر نپولين جي نظرن کان بچڻ لاءِ وڃي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي.

پرنس پونياٽووسڪي ان پارٽيءَ جو انهيءَ لاءِ بندوبست ڪيو هو جو ميريءَ کي نپولين سان ملائي سگهي ۽ ان ڪري اهو ڪيئن ممڪن هو تہ هوءَ الگ ٿلگ رهي سگهي ها. پرنس پونياٽووسڪي مهمانن جو تعارف نپولين سان ڪرايو ۽ ايئن ميريءَ جي نپولين سان سڃاڻپ ٿي.

نپولين جڏهن هڪ نظر هن شاهڪار ۽ حسين چهري تي وڌي تہ چوڻ لڳو تہ" هي عام ڇوڪري ٿي ڪري ڇو ويس بدلائي بروني آئي هئي ۽ ان ناٽڪ ڪرڻ جو هن جو ڪهڙو مقصد هو؟"

نپولين جي هن حملي واري جملي تي ميري ڊڄي وئي ۽ هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو. اتي سيئي ماڻهو پريشان هئا تہ هاڻي الائي ڇا ٿيندو؟ ميري جي قسمت جو فيصلو الاهي ڇا ٿئي؟ پر ان جي برعڪس نپولين جي رويي ۾ خوشگوار تبديلي پيدا ٿي ۽ هن پيار واري لهجي ۾ ساڻس ٻئي ڏينهن ملاقات ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائيندي، پنهنجي فوجي ڪمانڊر مارشل ڊيوراڪ کي حڪم ڏنو تہ عزت ۽ احترام سان ٻئي ڏينهن تي ميريءَ کي سندس شاهي بگيءَ ۾ هن جي گهر آندو وڃي.

☆☆☆

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن ميريءَ جي اک کلي تہ ميڊم وايوبان ۽ الزبيٿ کي پنهنجي ننڊ واري ڪمري ۾ موجود محسوس ڪندي سمجهي ويئي تہ ڪا ڳڙٻڙ آهي ۽ انهن جي اچڻ جو ڪو نہ ڪو خاص مقصد ضرور هوندو. انهن ميريءَ کي نپولين جو موڪليل گلدستو ۽ خوشبوءِ ۾ مهڪيل خط ڏنو، جنهن ۾ لکيل هو." منهنجون بيچين اکيون تنهنجي ديدار لاءِ بيتاب آهن.دنيا ۾ تون ئي اهڙي هستي آهين جنهن سان مون کي محبت آهي."

ان محبت نامي کي پڙهي ميري ڪاوڙجي پئي. هن ميڊم وايوبان ۽ الزبيٿ کي ڇنڀيو. هيءَ ڪاوڙ ۾ ايتري تہ هلي

اهڙي طرح ميريءَ تي هر طرف کان دٻاءُ وڌندو پئي ويو. هوءَ حيران ۽ پريشان هئي ته هاڻي ڇا ڪري ۽ ڪيڏانهن وڃي ۽ ڪنهن کان مدد طلب ڪري. هن جو حسن ئي هن جي لاءِ تباهي ۽ بربادي جو سبب بڻجي رهيو هو. پهرين هن جي ماءُ ۽ پاءُ پوڙهي ڪائونٽ وٽ ڪيس وڪڻي ٺيڪ ٺاڪ رقم وصول ڪئي هئي ۽ هاڻي سندس قوم جا قابل احترام رهنما هن جي حسن ۽ جوانيءَ جو سودو ڪرڻ لاءِ تيار هئا. هي ڪو به فيصلو نه ڪري سگهي پئي. تان جو نيپولين جو تازو خط کيس مليو، جنهن ۾ لکيل هو، "مان توسان پيار ڪريان ٿو، تون مون سان محبت ڪندينءَ ته مون کي تنهنجي قوم ۽ ملڪ سان محبت ٿي ويندي."

هن جملي کي پڙهي ميري ڏڇي وئي. ڇا سندس قوم ايتري بيغيرت ٿي چڪي آهي جو پنهنجي ڌيءَ کان عزت جي قربانيءَ جي طلبگار آهي. هن جا هم وطن ايترو بيعزتيءَ جي گهراين ۾ ڪري چڪا آهن جو پنهنجي عزت کي سرعام نيلام ڪن پيا. اهي ڳالهيون سوچي هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هن کي سڀ کان وڏيڪ ڪاوڙ پرنس پونياٽووسڪي تي اچي رهي هئي جيڪو هن جي خلاف سازش ڪندڙن جو مکيه اڳواڻ ۽ مرڪزي ڪردار ادا ڪندڙ هو. هن جيترو سوچيو ٿي اوتروئي پريشان پئي ٿي. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪيئن قوم ۽ ملڪ جا نام نهاد سياستدان ۽ محترم هستيون ۽ اعليٰ خاندانن جا فرد قوم جي هڪ ڌيءَ کي فائدي ڪاڻ فاتح جي سامهون اڇلائي رهيا هئا ۽ هر ماڻهو پئي کان اڳ نڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيو هو.

هڪ هفتو گذري ويو. ميريءَ نيپولين جي ڪنهن خط جو جواب نه ڏنو. هن پنهنجو پاڻ کي گهر ۾ قيد ڪري ڇڏيو. هوڏانهن نيپولين بنا پاڻي جي مڇيءَ وانگر تڙپي رهيو هو ۽ ميريءَ جي قربت واسطي سندس حالت ايستائين وڃي رسي جو هو پنهنجي ڪاوڙ پنهنجن آفيسرن مان ڪڍڻ لڳو پر پوءِ به کيس ڪٿي چين ۽ سک نصيب نه پئي ٿيو.

نيٺ شهزادو ۽ ان جا ساٿي پنهنجي ذليل ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي ويا. انهن ميريءَ کي گهيري نيپولين جي آرام واري ڪمري تائين پهچائي ڇڏيو. هُوءَ روئندي رهي پر قوم جي همدردن ۽ سياستدانن کي سندس مٿان ڪا به ڪهل نه آئي. انهن جي غيرت مفاد پرستيءَ جي اڏوهيءَ کائي ورتي هئي. جيتوڻيڪ نيپولين جو دل تڙپي اٿيو ۽ هن بي وس ۽ مجبور ڇوڪريءَ کي پنهنجي آڏو انتهائي ڪمزور ۽ دکي ڏسي کيس سندس مٿان رحم اچي ويو. نيپولين ميريءَ سان ٽن ڪلاڪن تائين ڳالهه ٻولهه ڪئي. حالت هيءَ هئي ته سندس محبوبه روئي رهي هئي ۽ نيپولين ان کي دلاسا ڏئي رهيو هو. ميريءَ ساڻس ٻيءَ ملاقات جو واعدو ڪيو ۽ نيپولين ميريءَ کي رخصت ڪري ڇڏيو.

☆☆☆

اهو وقت ميريءَ لاءِ ڏکيو ترين وقت هو. نه ڪو سندس همدرد هو ۽ نه ئي ڪو سندس ڏک سک جو ساٿي. آخرڪار هن مايوس ٿي نه فقط گهر مان پر ملڪ مان به فرار ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. فرانس ئي هن

لاءِ بهتر جاءِ پناهه هئي. جتي گمناميءَ واري زندگي گذاري سگهجي پئي. ان تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ هن پنهنجا سيئي زيور، هيرا وَ جواهرات، روڪ رقم، ڪجهه ڪپڙا ڪٺي رات جي پيٽ ۾ خاموشيءَ سان گهر کان ٻاهر نڪري ويئي.

اڃا ٿورڙي پري مس ويئي ته ڪيس هڪ ٻار نظر آيو جنهن ڪي پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پاتل هئا ۽ اهو ٻار بک کان بيحال ٿي زمين تي پيل شيون ڪٺي ڪائي رهيو هو. ٻار جي اها حالت ڏسي هي ٿرٿر ڪنبڻ لڳي. هن جي قوم بک جي حالت ۾ هئي ،ان وقت ڪيس اهو احساس ٿيو، " مون کي قوم کي بک واري حالت ۾ نه ڇڏڻ گهرجي. قوم مون کان قرباني گهري رهي آهي، پر عزت، آبرو جي قرباني؟ ان لاءِ اها به قرباني ڏيڻي پوندي."

ميري ذهني ۽ جذباتي واري ڪشمش ۾ پنهنجي گهر موٽڻ بجاءِ شاهي محل ۾ وڃي پهتي. نپولين سندس ٻن ڪلاڪن کان بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهيو هو. نپولين ميري کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

نپولين ميريءَ کي سمجهايو ته پولينڊ پنهنجي آزادي برقرار نه ٿو رکي سگهي. اهو چئني طرف کان دشمن ملڪن وچ ۾ گهيريل آهي. اهي وري سندس آزاديءَ کسي ڪيس يرغمال بنائي وٺندا. ميري ان وقت هڪ ناتجربيڪار ۽ڪچي ذهن جي ڇوڪري هئي. هن وٽ نپولين جي دليل واري گفتگو ۽ ان جي اعتراضن جا ڪي به سڌا جواب نه هئا. هيءَ پنهنجي وطن سان بيحد محبت ڪندي هئي ۽ چاهيو پئي ته اهو هميشه آزاد حيثيت ۾ هجي. ڪافي دير گفتگو ڪرڻ کان پوءِ نپولين ڪيس آخر چئي ڏنو."هر ماڻهو مون کان ڪجهه نه ڪجهه طلب ڪري ٿو پر ڪو به اهڙو ناهي جو مون کي ڪجهه ڏيئي سگهي. تون به مون سان غيرن وارو ورتاءُ (سلوڪ) ڪري رهي آهين."

ميريءَ آخرڪار آڻ قبول ڪندي پنهنجي عزيزترين شيءَ کي وطن عزيز تان قربان ڪري ڇڏيو.

☆☆☆

هاڻي ميري شهنشاهه سان گڏ سندس محل ۾ گڏ رهڻ لڳي. هن جي حالت ان مردي وانگر هئي، جنهن کي ڪفن پارايو ويو هجي ۽ ان جي تابوت ۾ سون جون ڪليون ٺوڪيون ويون هجن. هُو پنهنجو پاڻ کي دنيا جي سيني کان وڌيڪ مظلوم ۽ بدنصيب عورت سمجهڻ لڳي هئي، جنهن جو ڪو به ساٿي يا همدرد نه هجي. هن پنهنجي ماءُ کي لکيو ته هوءَ فورن ميڊم وايوبان ۽ سندس سهيليءَ الزبيٿ سان تعلق ٽوڙي ڇڏي ۽ سندس هم وطنن کي به آگاهه ڪري ڇڏي ته ملڪ ۽ قوم جي اڳواڻن ۽ قابل احترام سياستدانن پنهنجي اقتدار جي هوس خاطر هڪ اجنبيءَ فاتح شهنشاهه جي خدمت ۾ قوم جي عزت جو خراج پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي ماءُ کي اهو به لکيو ته هن پنهنجي سچي واقعي کان سندس مڙس ڪائونٽ ويلوسڪي کي باخبر رکي.

☆☆☆

نپولين سندس پيار ۾ مست هو. هن کي ميريءَ جي محبت ۾ ڪنهن ڳالهه جو

هوش ئي نه هو. اوچتو کيس روسي فوجن جو بالٽڪ جي ملڪن مٿان حملي جو اطلاع مليو. مجبورن هن کي دشمن جي خلاف ڪاروائيءَ لاءِ پولينڊ کان وڃڻو پيو. ميريءَ کان رخصتي وقت هن پوڙهي ڪائونٽ ويلوسڪيءَ ۽ گرانڊ مارشل ڊيوراڪ کي سختيءَ سان تاڪيد ڪئي ته هو ميريءَ جو خاص خيال رکن.

ڪائونٽ ويلوسڪيءَ کي اها ڳالهه ڏاڍي خراب لڳي پر هي اهي ڪڙا ڍڪ پيئڻ تي مجبور هو ۽ خاموش رهيو. هي ميريءَ جو مڙس هو. ميريءَ کي طلاق ڏيڻ سان هن جي وڏي بدنامي ٿئي ها، ان ڪري حالتن آڏو ڪنڌ جهڪائي خاموشي اختيار ڪيائين.

اهڙي حالتن ۾ نيپولين جي پولينڊ کان وڃڻ کان پوءِ ميريءَ لاءِ سندس ماءُ جي گهر جي علاوه ٻيو ڪو به اهڙو گهر نه هو جتي هو رهي سگهي. ٻئي ماءُ ڌيئر ڪجهه وقت گڏ رهڻ بعد سير ۽ تفريح لاءِ روم ويون. اتي انهن روسي فوجين جي نيپولين هٿان شڪست جي خبر ٻڌي ۽ نيپولين کي مبارڪ باد ۽ خوش آمديد ڪرڻ لاءِ واپس پنهنجي ملڪ پولينڊ ۾ آيون.

نيپولين پولينڊ موٽي آيو. هن جي دل ۾ ميريءَ لاءِ وڏي تڙپ هئي. هيءَ نيپولين جي زندگيءَ ۾ پهرئين عورت هئي، جنهن ڪانئس ڪجهه به نه گهريو هو. ميري فقط پولينڊ جي آزاديءَ جي گهرجائو هئي. نيپولين سندس ان خوبيءَ ۽ وطن سان بي لوث محبت جي ڪري ساڻس حد کان وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳو هو.

عشق ۽ خوشبو لڪائي نه ٿيون لڪن. نيپولين جي زال جوزيفائين، جيڪا فرانس جي شاهي محل ۾ ساڻس گڏ رهندي هئي، ان کي پنهنجي مڙس جي نئين عشق جي خبر پئجي ويئي. جوزيفائين نيپولين کي خط لکڻ شروع ڪيا ته هو هاڻي واپس فرانس اچي. نيپولين مختلف حيلا بهانا ڪري انڪي ٽاريندو رهيو، ڇو ته هو ان وقت جوزيفائين کي طلاق ڏيئي نئين شادي ڪرڻ تي به پڻ غور ڪري رهيو هو.

جوزيفائين جو قصور صرف اهو ته هوءَ نيپولين جي ٻارجي ماءُ نه بڻجي سگهي. جڏهن ته ڪيس پهرئين مڙس مان ٻه ڌيئرون هيون. هن کي وڏي اها پريشاني هئي ته هن جو ڪو وارث نه هو. جڏهن ته هن کي خبر هئي ته نيپولين ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت آهي ته هن کي ڊپ اچي لڳو ته متان ميريءَ مان ڪيس ڪو اولاد نه ٿي پوي ۽ اهو وارث ٿي ڪري اچي فرانس ۾ سندس جاءِ نه والاري ۽ ڪيس دربدر ڪري ڇڏي. ميريءَ جي بدقسمتي هئي جو هو باوجود نيپولين سان وقت گذارڻ جي ڪيس ڪو به اولاد نه ٿيو هو. ٻئي طرف نيپولين ميريءَ سان شادي ڪري پولينڊ ۾ سياسي فائدو حاصل ڪرڻ پئي چاهيو.

☆☆☆

نيپولين کي هڪ دفعو وري روس جي فوج سان مقابلي ڪرڻ لاءِ وڃڻو پيو. جڏهن اتي ڇهه مهينا جنگ وڙهڻ کان پوءِ نيپولين واپس فرانس پهتو ته ميريءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن محسوس ڪيو ته نيپولين جي دل پرهن لاءِ هاڻي اها جاءِ نه رهي هئي، جيڪا پهرين هوندي هيس. هو ميريءَ سان بغير ملڻ جي فرانس هليو ويو

هو، پر ميري ڪري بہ ڇا ٿي سگهي. هن جي زندگي ۽ مستقبل تباهہ ٿي چڪا هئا.نہ هن کي ڪو پنهنجو ذاتي گهر هو ۽ نہ وري ڪو ٺڪاڻو. هن جو مڙس ڪائونٽ ويلوسڪي سندس نپولين سان تعلقات سبب ميريءَ جي شڪل ڏسڻ لاءِ بہ تيار نہ هو پر فقط نپولين جي خوف ڪان هن کي برداشت ڪري رهيو هو.

نپولين ميريءَ سان ڪجهہ وقت گڏ گذاري اٿين غائب ٿيو هو جو ڇڻ هنن جو پاڻ ۾ ڪو تعلق ئي نہ هجي. ميريءَ ڪا ڳالهہ سوچي 1808ع ۾ فرانس جي شهر پيرس پهتي. نپولين کي جڏهن سندس اچڻ جي خبر پئي تہ هن هن کي پنهنجي زال جوزيفائين جي گهر پرسان هڪ شاندارمحل ونئي ڏنو ۽ ميري اتي سندس زال سان پهرئين ملاقات ڪئي. ميري کي هتي زندگيءَ جي هر سهولت، آرام ۽ آسائش جو سامان ميسر هو، پر هن کي پيرس جي تيز زندگي، گهماگهمي ۽ شور شرابو پسند نہ آيو. هيءَ گهڻو وقت پنهنجي گهر ۾ئي گذاريندي هئي. هن جي اڪيلائي کي ڏسي نپولين هن وٽ هاڻي اڪيلائي ۽ فرصت واري هر وقت تي اچڻ لڳو.

☆☆☆

نپولين جي باري ۾ اهو مشهور هو تہ هو عورتن جي معاملي ۾ انتهائي خود غرض ۽ بي اصول ماڻهو هو. هن جي مٿان صرف هڪ عورت يعني سندس زال جوزيفائين جو وڏو اثر هو. ان وقت پيرس جو عوام سخت حيرت ۾ پئجي ويو، جڏهن نپولين پنهنجي سياسي صلاحڪارن ۽ فوجي جنرلن جي تجويزن کي رد ڪندي پولينڊ ۾ هڪ ننڍڙي خودمختيار رياست قائم ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو. اها رياست براہ راست فرانس حڪومت جي ماتحت تہ هئي پر پنهنجا اندروني معاملا هلائڻ ۾ خود مختيار ۽ آزاد هئي. اتي جي عوام کي مڪمل شهري حق هئا ۽ اتي جي حڪومت پوليس ۽ مختصر فوج بہ رکي سگهي ٿي.

ميريءَ پنهنجي ان ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش ٿي. هن تہ سڄي پولينڊ کي آزاد ڏسڻ ٿي چاهيو.

☆☆☆

1809ع جي شروعاتي مهينن ۾آسٽريا ملڪ پولينڊ تي حملو ڪيو ۽ انهن جون فوجون وارسا ۾ داخل ٿي ويون. نپولين کي آسٽريا جي قبضي جي خاتمي لاءِ هڪ دفعو وري پولينڊ جي آزادي ۽ پرنس پونياٽوسڪيءَ جي مدد ڪرڻي پئي. ان لاءِ هي پاڻ ۽ پنهنجي فوج ساڻ ڪري پولينڊ روانو ٿي ويو. آسٽريا جي فوجين لاءِ هڪ محاذ تي پولينڊ جي شهرين سان جنگ ۽ ٻي طرف نپولين جي فوج سان وڙهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو ۽ ٻنهي محاذن تي وڙهندي نيٺ کين شڪست ملي ۽ پولينڊ آسٽريا جي قبضي کان آزاد ٿي ويو. ان مهم کان آزاد ٿي نپولين ميري وٽ فرانس آيو ۽ ٻنهي خوشيءَ جو جشن ملهايو.

ٻن مهينن تائين تہ نپولين ميريءَ سان گذاريو. ان کان پوءِ نپولين پنهنجي زال جوزيفائين کي طلاق ڏيئي روس جي پندرنهن سالن جي راڻي "عين" سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهو فيصلو سندس

ميري پنهنجي حالتن ۾ هن جي پيشڪش تي ڪافي غور ڪيو ۽ ان نتيجي تي پهتي ته هيءَ هاٿي پولينڊ جي ڪا به خدمت نه ٿي ڪري سگهي.ان ڪري هن کي هاٿي ننڍڙي اليگزينڊر جي فڪر ڪرڻ گهرجي. پولينڊ ۾ هن لاءِ هاٿي رکيو ئي ڇا هو. نه گهر نه ٺڪاڻو. ڪائونٽ ويلوسڪي قانوني طور تي هن جو مڙس ته هو پر حقيقت ۾ هنن ٻنهي جا تعلقات ختم ٿي ويا هئا.

☆☆☆

پيرس ۾ اچڻ ڪانپوءِ ميريءَ جي اڪثر دربار ۾ نيپولين سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن عين راتيءَ سان به عليڪ سليڪ ٿي ويندي هئي.

نيپولين پنهنجي پٽ اليگزينڊر کي جاگير ۽ ڪائونٽ جو خطاب ته ڏنو پر سندس پيا جائز حق نه ڏنا، جڏهن ته روسي راڻي جي پٽن کي وڏيڪ حق ڏنائين. ميري اهو ڏسي پئي رئندي هئي.

ڪجهه سالن کان پوءِ نيپولين جي مخالف فوجي قوتن فرانس تي قبضو ڪري ورتو ۽ نيپولين کي تخت ۽ تاج ڇڏي هڪ ننڍي ٻيٽ ۾ جلاوطنيءَ واري زندگي گذارڻي پئي. ميري ان ٻيٽ تي ساڻس ملاقات لاءِ آئي پر نيپولين جنگ جي محاذ تي ويل هو، ان ڪري ساڻس ملاقات نه ڪري سگهيو. جڏهن نيپولين کي خبرپئي ته ميري ساڻس ملڻ آئي هئي ته هن کي ساڻس ملاقات نه ٿيڻ جو ڏاڍو ڏک رسيو.

ميري هن کي پنهنجي پريشانين ۽ تڪليفن کان آگاهه ڪندي خط لکيو ته هن جو پوڙهو مڙس ڪائونٽ ويلوسڪي سخت بيمار آهي. نيپولين جيڪا جاگير اليگزينڊر کي عطا ڪئي هئي، اها نيپلز جي بادشاهه ضبط ڪري ڇڏي هئي ۽ خبر ناهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ هن کي ڪيتري مصيبتن کي ڏسڻو پوندو. فرانس جي اڳوڻي بادشاهه نيپولين هن کي جواب ڏيندي صبر جي تلقين ڪئي ۽ ڪيس تسلي ڏني. پنهنجي پٽ اليگزينڊر سان ملڻ لاءِ لکيو.

نيٺ ميري جي نيپولين سان ملاقات ٿي، جنهن ۾ نيپولين، ميري، سندن پٽ اليگزينڊر مليا ۽ هنن اتي مختصر قيام ڪيو. ميري هڪ لڪل تحريڪ جي سرگرم ڪارڪن هئي ۽ ان جي ڪمن ۾ مصروف هئي. ان تحرڪ جو بنيادي مقصد اهو هو ته نيپولين کي ٻيهر فرانس اندر آڻي سگهجي ۽ کيس وري تخت و تاج ڏيارجي.

ميريءَ کي اهو ڏسي ڏاڍي حيرت ٿيندي هئي ته نيپولين هر وقت خوش ۽ مطمئن نظر ايندو هو. نه هن پنهنجي شاندار ماضيءَ کي ياد ڪري آهون ٿي پريون، نه حال جي ڪا شڪايت ۽ نه وري مستقبل جو فڪر. هن جي سڄي گفتگو صرف اليگزينڊر تي ٿي هوندي هئي. ان مختصر قيام تي ميريءَ کي نيپولين جي مالي مشڪلاتن جي خبر پئي ته هن پنهنجا سيئي زيور، هيرا ۽ جواهرات هن جي سامهون رکي ڇڏيا پر نيپولين ڪا به شي وٺڻ کان نپ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ميريءَ مٿان سخت ڪاوڙ ڪئي.

مريءَ کي نيپولين جي ان غصي ڪرڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو پر هن جي بي لوث محبت ۽ وفاداريءَ ۾ تورڙو به فرق نه آيو. ميريءَ جلدي ئي پنهنجي پٽ جي جاگيرکي

بحال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي.

☆☆☆

يارنهن مهينن جي جلاوطني گذارڻ کانپوءِ نپولين فرانس پهچي ويو. فرانس جي رهاڪن ۽ فوج جي حمايت حاصل هوندي ڪيس وري اقتدار ملي ويو پر سندس سياسي، فوجي ۽ انتظامي مصروفتين جي ڪري هن کي ايترو وقت نه ملندو هو ته هو ميريءَ سان ملاقات ڪري سگهي.

نپولين کي وڏي ۾ وڏو خطرو ۽ پريشاني برطانوي حڪومت کان هئي جنهن هن جي فرانس پهچڻ جي اطلاع ملندي ئي ڪاروائي ڪندي ڊيوڪ آف ويلنگٽن جي اڳواڻيءَ ۾ فوج بيلجيم پهچائي ڇڏي هئي، جتي پرشيا جي فوج به اڳي رهي هئي. نپولين جنگ کان بچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر برطانوي حڪومت هن کي مهلت ڏيئي وڏيڪ خطرو کڻڻ لاءِ تيار نه هئي.

مجبورن نپولين کي متحده دشمن جي خلاف ميدان ۾ اچڻو پيو. اها جنگ تاريخ ۾ "واٽرلو" جي نالي سان مشهور آهي. هن جنگ ۾ نپولين کي شڪست ملي ۽ هي وڏي مشڪل سان جان بچائي پيرس پهتو.

هن دفعي ميري پنهنجي پٽ اليگزينڊر کي ساڻ ڪري هن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ وئي پر گهڻين مصروفيتن جي ڪري نپولين ڪيس گهڻو وقت ڏئي نه سگهيو ۽ سندس هيءَ آخري ملاقات صرف ٿورڙي منٽن لاءِ هئي. ٻئي ڏينهن تي نپولين اقتدار کان الڳ ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ سرڪاري رهائش گاهه کان پنهنجي مرحومه زال جوزيفائين جي گهر ۾ منتقل ٿي ويو.

نپولين جي اقتدار کان ڌار ٿيڻ جو اعلان ٻڌندي ئي ميري هن وٽ پهتي. هن ميريءَ کي ٻڌايو ته هن هميشه جي لاءِ سياست کان عليحدگي اختيار ڪئي آهي نه ته ٻي صورت ۾ سر زمين فرانس جي هر جاءِ رت سان ٻڏل هجي ها ۽ هي ذاتي خواهشن لاءِ اقتدار جي مسند تي ويهي پنهنجي قوم کي رت ۾ ٻڏل نه ڏسي سگهي.

ان ملاقات کان ڪجهه ڏينهن پوءِ نپولين بغير ڪنهن لڙائيءَ ڪرڻ جي پنهنجو پاڻ کي برطانوي حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ برطانوي حڪومت هن کي سنسان ۽ غير آباد جزيري "سينٽ هيلنيا" ۾ جلاوطن ڪري ڪيس قيد ڪري ڇڏيو.

ميريءَ کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻيهريون دفعو اڪيلائپ ۽ پنهنجي بي قدري هئڻ جو احساس ٿيو. غير ته غير ئي هئا، پر هاڻ ته پنهنجن به اڪيون ڦوٽي ڇڏيون هيون. اهڙي ڏکي وقت ۾ ميري فوج جي هڪ جنرل "اورنانو" سان شادي ڪئي پر قسمت کي ڪجهه ٻيو منظور هو. شاديءَ جي هڪ سال کان پوءِ ڪيس هڪ پٽ ڄائو ۽ پاڻ شديد بيمار ٿي پئي. ڊاڪٽر هارجي ويا ۽ موت ڪٽي وئي. اوڻٽيهه سالن جي عمر ۾ هوءَ پنهنجي مڙس جنرل اورنانو لاءِ پنهنجي پيار جي نشاني ڇڏي ڪيس روئندي اڪيلو ڇڏي هلي وئي ۽ ٻئي طرف نپولين جو به موت ٿي ويو.

اهڙي طرح سان دنيا ۾ محبت ڪندڙن جو هي دلڪش داستان ختم ٿي ويو.

☆☆☆



# پوڙهائپ


البرٽ موراويا
طفيل مگسي


هڪ پوڙهي شخص جو احوال جنهن جو جسم تہ پوڙهو هيو پر دل جوان. هن جون ڳالهيون عاشقاڻيون، سوچ ۾ خيال جوان جوان ۽ ڪم بيگانہ ۽ ڪچي عمر واري عاشقن جهڙا. هن خوش قسمتيءَ سان هن هڪ جوان جمال عورت سان پريم جو ناتو جوڙيو. پر حالتن ۾ هڪ اهم واقعي ڪيس پهريون دفعو احساس ڏياريو تہ هُو جوان نہ پر پوڙهو آهي. تنهن کان پوءِ هن کي احساس ٿيو تہ جوانيءَ جي عمر وارا چونچلا ترڪ ڪرڻ گهرجن ۽ هن بلڪل ايئن ئي ڪيو پر پوءِ ساڻس ڇا ٿيو، تنهن جو حال احوال هن جڳ مشهور ليکڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

**عظيم ليکڪ جي پوڙهي عاشق مٿان لکيل انوکي تحرير.**

**توهان** کي عورتن ۾ دلچسپي وٺڻ جي عادت آهي تہ هيءَ حقيقت مشڪل عالم آشڪار ٿي سگهي ٿي تہ عمر جي ان دور ۾ توهان داخل ٿي ويا آهيو جڏهن عورتون توهان کي پنهنجي پيءُ بلڪ ان کان بهتر پنهنجي ڏاڏي جي مثل سمجهڻ لڳيون آهن. اصل ۾ ڪجهہ هيئن آهي تہ اهڙن سمورن فردن جي چهرن جي پٺيان هڪ ٻيو چهرو لڪل هوندو آهي. انهن جو ٻاهريون چهرو وارن کان خالي، منهن گهنجيل، وات پٽي بلڪ سمورن ڏندن کان وانجهيل. مگر انهن جو اندريون بالڪل چهرو تقريبن ساڳيو ئي هوندو آهي، جيئن ڪڏهن جواني ۾ هوندو هئين.

متي تي گهاٽا گهاٽا وار منهن سيٽيل، وات ۾ ڏندن جي چمڪندڙ قطار اهي عمر جي آخري حصي ڪي پهتل جوان عورتن ڪي انهي اميد سان ڏسندا آهن ته پاڻ انهن ڪي ڏٺو ويندو هوندو. يعني ان چهري ڪي جيڪو انهن جو اندريون چهرو آهي مگرهينئر هن ڪي ڇا چئجي ته عورتن ڪي اهو اندريون چهرو بلڪل نظر نٿو اچي، انهن ڪي صرف سامهون جو چهرو نظر اچي ٿو. اهو ئي بيضووي چهرو. لڙڪيل ۽عمر چڙهيل چهرو ۽ اهي عمومن چئي به ڇڏين ٿيون. ٿورو ان نور ڪي ڏسو ڪيئن ڪاٿي وڃڻ وارين نظرن سان ڏسي ٿو؟ ان ڪي ڪجهه اندازو ناهي ته سندس جي عمر منهنجي پيءُ جي عمر جي برابر آهي؟

هن سال ،مان مسافرخاني جتي مان سينگار ۽ سنوار جي ڪم تي مصروف هوس. چند نئين تبديلين ڪان گذريس، سمورو سامان بدلايو ويو هو پيتين تي رنگ وغيره ڪيو ويو شيشا به نوان هنيا ويا. ان ڪانسواءِ مسافر خاني جي مالڪ اينمر هڪ حصي جو واڌارو ڪري ڇڏيو نئين حصي ۾ عورتن جي سينگار ۽ وارن ڪي سنوارڻ جو بندوبست هو. ان جي لاءِ ايولي نالي ڇوڪري به رکي وئي. هتي مالڪ ڪانسواءِ مون سميت ٽن فردن تي مشتمل هو هڪ تواماتو عمر پنجويهه سال. سانوري رنگ جو هڪ مضبوط نوجوان ۽ مزاج ۾ ڪافي سنجيده. ماٺهن سان سندس رابطا پڻ گهٽ هئا. ٻيو ماٺهو گاسپر ، عمر ۾ مون ڪان پنج سال وڏو هوندو. گنجو قدآور ٽيون شخص ظاهر آهي ته مان ئي هوس. هتي هينئر تائين اسان سڀ مرد هئاسين ۽ هي پهريون پيرو ٿيو هئو ته اسان سان هڪ عورت به شامل ٿي هئي، هيءَ ڪا غير فطري ڳالهه ناهي، بلڪ عمومن ڪجهه انهيءَ طرح ٿيندو آهي. مون ڪي سٽت ئي احساس ٿي ويو ته اسان سڀ اڪثر ايولي ڪي گهوريندا رهون ٿا، اهو اسان جو هڪ قطعي غير ارادي عمل هو ايولي ڪا خوبصورت عورت نه هئي البته هوءَ سينگار وغيره ڪرڻ جي عادي هئي ۽ فيشن جي به شوقين .بدصورت بهرحال هوءَ ڪنهن طرح نه هئي.

هتي مان ٻڌائي ڇڏيان ته ڪجهه غلط نه ٿيندو ته مان پاڻ ڪافي خوبصورت ماٺهو آهيان. منهنجو رنگ صاف آهي، مان نه ٿلهي بدن،نه بندري قد. منهنجو شمار توهان اهڙن مردن ۾ ڪري سگهو ٿا، جيڪي عورتن ۾ تمام تڪڙا مقبول ٿي وڃن ٿا، خاص طور منهنجيون اکيون مقناطيسي آهن. انهيءَ طرح منهنجا وار به آهن اخروٽي رنگ جا. ڪنهن قدر ڪنڊيدار ٻين لفظن ۾ سمجهو ته مان هڪ تندرست ماٺهو آهيان. مان سليقي سان رهڻ جو قائل آهيان. دڪان ڪان ٻاهر توهان مون ڪي سدائين سوٽ ٽاءِ ۽ نڪ سڪ ۾ درست ڏسندو دڪان جي اندر به توهان ڪي منهنجو ايپرن بي داغ، استري ڪيل، ڪڙڪدار ملندو هتي مان وارسينگارڪان وڌيڪ سرجن جيان لڳان ٿو.

انهن خاصيتن جي پيش نظر جيڪڏهن عورتون مون ڏانهن ڌيان ڏين ٿيون ته غير معمولي ڳالهه ناهي. منهنجي اندر هڪ عادت هي به آهي ته مان اڪثر

عورتن کي پنهنجي پاسي ڏيان ڇڪائڻ جون ڪوششون هن يقين سان ڪندو رهندو آهيان تہ اهو منهنجو حق آهي. پهرين تہ مان انهيءَ ڪي هرهرڏسندو آهيان ۽ پنهنجين اکين جي جادوءَ ۾ گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ان ڪان پوءِ جڏهن هُو ڪنهن ميوي جيان پچي ويندي آهن تہ باقي مرحلو تمام سولڙو هوندو آهي تہ انهن کي هٿ وڌائي ڪري توڙي وجهجي.

ايولي جي مامري ۾ مون کي جيڪڏهن ڪنهن ڪان ڊپ هئو تہ اماتو ڪان. مگر نہ تہ هو سيلقي وارو هو نہ ڪيس ڳالهہ ڪرڻ جي تميز هئي. ڪجهہ صورت جو چڱو بہ نہ هو بلڪ سندس شمار بدصورتن جي قبيلي ۾ ڪرڻ گهرجي. منهنجي لاءِ ان جو نوجوان هئڻ خدشي جو سبب هو رهيو گاسپر تہ ان جي طرف ڪان مون کي قطعي ڪو فڪر نہ هئو ھي تہ مان ٻڏائي چڪو آهيان تہ هو عمر ۾ مون ڪان وڏو؟ ڪا خوبي منجهس ۾ اهڙي نہ هئي تہ هو منهنجو دشمن هئڻ جي عزت حاصل ڪندو هو.

ايولي سچو ڏينهن عام طور ڪان خالي ٿي رهندي هئي. هوءَ پنهنجي حصي جي ٻاهر پيل استول تي ويهي ڪري گهٽو ڪري اخبار ڏسندي هئي يا پنهنجن ننهن جي ڪاتر ڪندي رهندي هئي.

خير قصو هيئن هئو تہ مان ايولي کي غير ارادي طور تي ڏسڻ جي عادت ۾ گرفتار ٿي ويو هوس. هينئر معلوم ناهي تہ هي ڪا پهرين خواهش هئي يا ڪجهہ بي،موقعو ملندي ئي مان ان ڏانهن هڪ اڌ نظر وجهندو هوس. ڪڏهن ڪو گراهڪ ايندو هئو تہ گراهڪ جي سيني تي توال پڪيڙي مان ايولي ڏانهن هڪ اڌ نظران طرح ضرور وجهندو هوس تہ چڻ ڪيس چئي رهيو آهيان، "تورو ڏسجائن منهنجي قابليت.." ڪڏهن استري تيز ڪرڻ جي بهاني ان وٽ وڃي بيهندو هوس.

شروعاتي مهيني ڏيڍ مهيني ۾ ايولي مون کي ڪنهن اهڙي ٻير جيان نظر ايندي رهي هئي، جيڪا پنهنجي ذات ۾ رڌل هئي، مگر پوءِ مون محسوس ڪيو تہ منهنجي ڪوشش ڪجهہ ڪامياب ٿي رهي آهي. منهنجي اکين جي مقناطيسيت ڪم ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ هوءَ ان طرح نظر اچڻ لڳي، چڻ هوءَ ڏسي وجڻ جي عادي هجي، هوءَ ان ڳالهہ ڪان چڱي ريت خبردار ٿي وئي هئي تہ هوءَ نظرن جي نشاني تي آهي. پوءِ هڪ وقت اهڙو بہ شروع ٿيو تہ ان جي ۽ منهنجين نظرن ۾ ٽڪراءُ ٿيڻ لڳو ليڪن مان چا چوان، هن کي عاشقاڻي انداز سان نظرون چار ڪرڻ جو سليقو ئي نہ ايندو هو. بهرحال ايترو ضرور ٿيو تہ هوءَ بہ مون کي وٽي رهي هئي.

ان مقام تي مون کي احساس ٿيڻ لڳو تہ ميوو پچي چڪو آهي ۽ مون کي هٿ وڌائي ڪري انکي توڙڻ کپي. بس ان خيال ڪان مون ايولي کي پاڻ سان گڏ درياءَ جو سيرءِ ترڻ جي دعوت ڏيئي ڇڏي منهنجي يقين جي مطابق دعوت قبول ڪئي ويئي. ان مون کي درخواست ڪئي تہ مان سندس ترڻ جي لباس تي اعتراض نہ ڪندس. هي لباس پراڻو بہ آهي ۽ سندس

بدن تي ڪافي فٽ ٿي ويو آهي، مون سان ان سموريون ڳالهيون پنهنجي خاص انداز سان ڪيون يا ائين چئجي ته ساڌڙي انداز ۾ ان ڪيون. سادگي سندس مذاج جو خصوصيت ۾ مونکي سندس اهو رويو تمام بهتر لڳو.

پڪنڪ جو پروگرام آچر جي ڏينهن جو هو اسان ٽرين ۾ وڃڻ جو طئي ڪيو.

اسٽيشن وڃڻ کان پهرين مون چڱي ريت غسل ڪيو صاف سترا ڪپڙا پاتا، وار ناهيا ۽ بدن تي خوشبو هنئين،ڪوشش ڪيم ته وار ان طرح سنواريان ته مٿي جي گنجائپ لڪي وڃي، مون اڇا ڪفن واري قميص پاتي، سفيد پتلون، جنهن تي هڪ ٽراپيڪل جيڪٽ به پائي ورتم.

ايولي اسٽيشن تي ٻي وڳي پهچي وئي،مون ان کي مسافرن جي وچ ۾ نرمي سان وڌندي ڏٺو ان لباس ۾ هوءَ مون کي ڪجهه وڌيڪ ئي ٿلهي نظر آئي، منهنجي ويجهو پهچي ڪري هن اطمينان جو ساهه کنيو ۽ چيائين، "اڄ تمام گهڻي رش آهي، شايد بيٺي سفر ڪرڻو پوي."

اهڙن موقعن تي مان بلند ڳالهيون ڪرڻ جو عادي آهيان، مون چيو "ڪو فڪر نه ڪر، مان تنهنجي ويهڻ جو بندوبست ڪري وٺندس"

انهي وقت ٽرين پليٽ فارم تي پهتي ۽ ميڙ ان جي پٺيان ڊوڙيو.

ٽرين جي بيهندي ئي اندر وڃڻ جي لاءِ پيڙهه ٿيڻ لڳي، مون تڪڙ ۾ هڪ دٻي جي دروازي جو هينڊل ورتو ۽ اندر گهڙڻ لڳس، مان اٽڪل مٿي پهچي چڪو هوس ته ڪاري لباس ۾ هڪ نوجوان ماڻهوءَ مون کي ڇيلهه کان وٺي ڪري ڇڪيائين ۽ پاڻ مون کان اڳتي نڪري ويو مون ان بدتميزي تي ڪاوڙ کان ڪيس ڏڪو ڏنو ،هو هڪ طرف ٿاڦڙجي جهڪيو ته مان اڪيلي خالي سيٽ ڏانهن وڌيس، مون ڏور کان ئي هٿ ۾ پيل باٽنگ سوٽ سيٽ ڏانهن ڦٽو ڪيو ته جيئن جڳهه والاري سگهان، مگرانهي لمحي ان جوان ماڻهوءَ به پنهنجو مفلر اوڏانهن ڦٽو ڪري ڇڏيو هو.

منهنجو سوٽ ۽ سندس مفلر گڏ ئي سيٽ تي ڪريا، مون مفلر کڻي ڪيس منهن تي هنيو ايولي منهنجي پٺيان ئي هئي، ان عقلمندي سان پاڻ کي سيٽ تي ڦٽو ڪيو حالتن جي ان نئين موڙ تي نوجوان جو مون سان جهيڙو ڪرڻ فضول هو ان مون تي هڪ سخت نظر وڌي ۽ سخت لهجي ۾ چيائين "پوڙهو بيوقوف" پوءِ هو اڳتي هليو ويو.

هوڏانهن کان ايولي چيو "مهرباني ارنسٽو."

مون مٿي راڊ تي لڳل ڪڙو پڪڙي ورتو ۽ ايولي جي ويجهو ئي بيهي رهيس،مگر ... منهنجي اندر جو جوش بلبلي جيان ويهي چڪو هو وس هلي ها ته شايد مان ٽرين کان لهي وڃان ها، ان بدمعاش نوجوان جي لفظن منهنجن ڪنن ۾ باهه ٻاري ڏني هئي، ان کان وڌيڪ ڪهڙي بيعزتي ٿي پيئي سگهي هئي.

مان سمجهان ٿو بيوقوف جو لفظ بيشڪ اهڙو بيعزتو نه هئو ڪاوڙ ڪڍڻ جي لاءِ ڪنهن جي به وات کان نڪري

هوءَ مرڪي چوڻ لڳي،
"گهڻو ٿڪجي ويو آهين"
مون همدردي ڪان چيو "ها، مان پوڙهو ٿي چڪو آهيان، تنهنجي پيءُ جي عمر جو."
هوءَ ٻيهر مرڪي "نه، هينئر ائين به ناهين."
ان جملي منهنجي اندر ۾ سگهه پري چڏي، مگر ٻئي لمحي اهو احساس برف ۾ تبديل ٿي ويو ۽ ايولي پنهنجي ڳالهه مڪمل ڪري ڇڏي هئي... تون منهنجي پيءُ جي نه، البت چاچا جي برابر ضرور هوندين."
ائين لڳو ڄڻ منهنجي نڙيءَ ۾ ڪو گولو ڦاسي پيو هجي، منهنجو آواز ئي نه نڪري سگهيو ڪناري تي پهچي ڪري هوءَ ريتي تي وڃي پسري ۽ ورو ڪڙ ڪائڻ لڳي، مان خاموش ان کي ڏسي رهيو هوس. ان منهنجي چهري تي ڇانيل اداسي شايد محسوس ڪري ورتي ۽ پڇيائين "ارنستو! ڇا ڳالهه آهي، تنهنجي طبيعت ته ٺيڪ آهي؟"
مون چيو "مان تنهنجي باري ۾ سوچي رهيو هوس، هي ٻڌاءَ تون دڪان ۾ ڪنهن کي سڀ کان وڌيڪ پسند ڪرين ٿي، مونکي؟ اماتو؟ يا گاسپر کي؟"
مون اميد وارين نظرن سان ڏانهس ڏٺو "مان تنهي کي ئي پسند ڪريان ٿي."
مون اصرار ڪيو "مگر اماتو ته نوجوان آهي."
"ها، اهو ته آهي."
"اهو تنهنجو هڪ جيڏو هوندو ۽ اهو توکي پسند ڪري ٿو" مون پنهجي طرف ڪان ڇڏيو.
"ته هو مون کي پسند ڪري ٿو؟ مون لاءِ اها ڳالهه نئين آهي."
ان جو آواز خالي خالي هو شايد هوءَ ڪنهن ٻي سوچ ۾ ئي هئي، ان وقت واپسيءَ جي لاءِ مان ٽرين ۾ سوار ٿيس ته ٿڪل هوس، پنهنجي جوانيءَ جي باري ۾ منهنجي غلط فهمي دور ٿي چڪي هئي، مون پاڻ کي سمجهايو ته مون کي پنهنجي پوڙهائپ جو اعتراف ڪرڻ کپي، مون کي ايولي جهڙي ڇوڪري سان ڇيڙڇاڙ ڪري پاڻ تي خلق نه کلائڻ گهرجي.
ان ڏينهن مون طيءِ ڪيو ته مان هاڻ ايولي ۾ دلچسپي نه وٺندس، ۽ ايولي ئي ڇا، ڪنهن به عورت سان دوستي رکڻ جي باريءِ مون کي سوچڻ نه گهرجي.
مون پنهنجي ارادي تي سختي سان عمل به شروع ڪري ڇڏيو. منهنجي لاتعلقي ايولي کان لڪل نه رهي سگهي. هوءَ تعجب ۾ رهئي، ان ڪافي ڀيرا مون ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش به ڪئي، مگر مان پنهنجي جاءِ تي ڄميو رهيس، ان طرح مهينو ٿي ويو ۽ ان دوران ۾ ايولي سان مون مشڪل پنج ڇهه دفعا ئي ڳالهه ڪئي هوندي، اها به خاص ڪاروباري لهجي ۾، پوءِ مون ڏٺو ته منهنجي طرف کان مايوس ٿي ڪري هوءَ گاسپر سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لڳي.
اهو ڏينهن به ٻين ڏينهن جيان هو مون پنهنجي مالڪ کي چوندي ٻڌو ان وقت مان ڏينهن جي پوري ٿيڻ تي حساب ڪتاب ۾ لڳل هوس، هو سيني سان مخاطب هو "دوستو! ڪا خاص مصروفيت نه هجي ته اڄ گهر وڃڻ جي بجاءِ رات جي



# ڪفارو

منشي پريم چند

سنڌيڪار: ذيشان

هن جي من ۾ ننڍپڻ جي دوست لاءِ سدائين ڪان بغض، حسد ۽ جلن هئي. هن هميشہ اها ڪوشش پئي ڪئي تہ ڪيئن بہ ڪري ڪيس مات ڏيئي. قسمت ڪيس اهو نادر موقعو فراهم ڪيو. پوءِ ڇا ٿيو سو هن ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا

**ضمير آڏو شڪست کاڌل هڪ شخص جو احوال**

**آفيس** ۾ ٿورو دير سان اچڻ، آفيسرن جي شان آهي. جيترو وڏو آفيسر هوندو اوتروئي دير سان ايندو ۽ اوتري قدر وري جلدي واپس بہ ويندو. پٽيوالي جي حاضري ڇوويهہ ڪلاڪ . هُو موڪل تي بہ نہ ٿو وڃي سگهي. ڪيس ان موڪل جي قيمت چڪائڻي پوندي آهي. خير جڏهن بريلي ڊسٽرڪٽ بورڊ جو هيڊ ڪلارڪ بابو مداري لال يارنهن وڳي آفيس آيو تہ ڄڻ دفتر ننڊ مان جاڳيو هجي. پٽيوالي ڊوڙي سائيڪل وٺي جهلي. ڊسپيچر (خطن جو ڪم ڪندڙ) فورن ٽپال ڪڻئي ۽ جمعدار ۽ جونيئر ڪلارڪ فورن ڪم ۾ لڳي ويا. مداري لال جيئن ئي پهريون سرڪاري لفافو کوليو تہ هن جي منهن جو رنگ هيڊو ٿي ويو. هُو ڪافي دير تائين تہ سڪتي جي حالت ۾ ئي رهيو، ڄڻ هن جا سيئي عضوا شل ٿي ويا هجن ۽ ڄڻ هن تي ڪا وڏي



مصيبت آئي هجي. هو ايڏو وائڙو زندگي ۾ پهرين ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. ڳالهہ ئي دراصل اهڙي هئي!

هڪ مهيني کان بورڊ جي سيڪريٽري جي جڳهہ خالي هئي. محڪمي ان جاءِ تي مسٽر سوبوڏ کي مقرر ڪيو هو. هي اهو ماڻهو هو، جنهن جي نالي سان ئي مداري لال کي سخت چڙ ۽ نفرت هئي. هي اهو ئي سوبوڏ هو، جيڪو هن جو ڪلاس فيلو هو ۽ جنهن کي نقصان رسائڻ لاءِ هُو ڪيترائي دفعا ناڪام ڪوشش بہ ڪري چڪو هو. هاڻي اهوئي سندس حاڪم بڻجي ،هتي اچي رهيو هو. سوبوڏ جنهن جي ڪافي سالن کان خبر نہ هئي، پر اڄ چڻ هو وري زندهہ ٿي ويو هو. مداري لال سمجهيو هو تہ هو ڪٿي مري کپي ويو هوندو پر اڄ هو سندس آفيس جو سيڪريٽري بنجي اچي رهيو هو. ان بي عزتي کان تہ مرڻ ئي بهتر هو. سوبوڏ کي ڪاليج ۽ اسڪول جون سيئي ڳالهيون ضرور ياد هونديون. مداري لال هن کي ڪاليج مان ڪيرائڻ لاءِ ڪيترا نہ جتن ڪيا هئا. ڪوڙ سارا بهانا ناهيا هئا. ڪيس بدنام ڪيو هو. ڇا هن اهي سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو هوندو؟ نہ! هر گز نہ! هو اٿندي ئي پراڻيون ڪسرون اچي ڪڍندو ۽ مداري لال کي پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪا بہ تدبير نہ پئي سجهي.

ٻئي ڇٽا هڪ ئي ڏينهن تي اسڪول ۾ داخل ٿيا هئا. اٿندي پهرئين ئي ڏينهن تي مداري جي دل ۾ بغض ۽ حسد جي اها چڻنگ ٻري هئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين وسامي نہ سگهي هئي. سو بوڏ جو ڏوهہ صرف اهو هو تہ هومداري کان هر ڳالهہ ۾ سرسري ڪٽي وينڊو هو. شڪل، قد بُٽ، رنگ روپ، تعليم ۽ ٻين سيني شعبن جي ميدان ۾ ڪيس مداري لال مٿان سبقت حاصل هئي. مداري لال هن جو اهو " ڏوهہ" ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو هو. ويهہ سالن کان پوءِ بہ هن جي دل ۾ اها ڳالهہ ڪنڊي جيان چڀي رهي هئي.

سوبوڏ جڏهن ڊگري وٺي ڪاليج مان نڪتو ۽ ان کان پوءِ مداري هڪ نوڪري لاءِ ڇيتا پيتي واري امتحان ۾ فيل ٿي هن دفتر ۾ ملازم ٿيو هو، تڏهن وچي هن کي سڪون مليو. جڏهن هن اهو ٻڌو تہ سوبوڏ بصره (عراق) پيو وڃي تہ ڪيس بيحد خوشي ٿي هئي. اڄ وري اهو پراڻو ناسور کلي ويو هو. اڄ هن جي قسمت سوبوڏ جي حوالي هئي. ڇا خدا ايتري قدر بي رحم آهي. قدرت ايتري قدر سنگدل آهي.....؟

ٿورڙو آرام ملڻ کانپوءِ مداري لال آفيس جي ڪلارڪن کي سرڪاري حڪم ٻڌائيندي چيو "هاڻي توهان سڀ چاڪ وچؤ بند ٿي وڃو. سوبوڏ اهو ماڻهو ڪونهي جيڪو غلطين کي معاف ڪري ڇڏي!"

هڪ ڪلرڪ پڇيس، "ڇا هُو ايڏو سخت آهي."

مداري لال کلي چيو، "ان جي توهان کي ڇئن ڏينهن ۾ ئي خبر پئجي ويندي. مان پنهنجي زبان سان ڪنهن جي شڪايت ڇو ڪريان؟ بس آئون توهان کي خبردار پيو ڪريان تہ ٿورڙو سنڀالي هلندا. ماڻهو قابل آهي پر بيحد غصي وارو ۽ سخت آهي. ڪاوڙ تہ هر وقت مٿانئس سوار هوندي آهي. پاڻ هزارين هڙپ ڪري ويندو ۽ اوڳرائي بہ نہ ڏيندو، پر مجال آهي تہ ڪو ماتحت هڪ پائي بہ کٽي سگهي. اهڙي ماڻهوءَ کان تہ الله ئي

بچائي. مان تہ سوچيان پيو تہ موڪل وٺي گھر هليو وڃان. ٻئي وقت گھر تي حاضري ڏيڻي پوندي. توهان سيئي اڄ ڪان حڪومت جا نوڪر نہ پر سيڪريٽري صاحب جا ملازم آهيو. ڪو هن جي چوڪري کي پڙهائيندو، ڪو بازار مان سودو وٺي ايندو تہ ڪو اخبار پڙهي ڪيس ٻڌائيندو. پٽيوالن کي تہ شايد آفيس جو درشن بہ نہ ٿي سگھي.

اهڙي طرح سڄي آفيس کي سوبوڌ جي طرف کان ٻڌڻ ڪري مداري لال پنهنجو هنيان ٿڌو ڪيو.

❊ ❊ ❊

هڪ هفتي ڪانپوءِ سوبوڌ چندر گاڏي مان لٿو تہ هن دفتر جي سيني ميمبرن کي اسٽيشن تي حاضر ڏٺو. اهي سڀ سندس استقبال لاءِ آيا هئا. مداري لال کي ڏسي ڪري هن ڊوڙي وڃي ڪيس ڀاڪر وڌو ۽ چوڻ لڳو، "تون واھ جو مون کي ملين ڀاءُ. هتي ڪيئن آئين؟ ڪافي عرصي ڪانپوءِ توسان ملاقات ٿي آهي."

مداري لال چيو."آئون هتي ڊسٽرڪٽ بورڊ ۾ هيڊ ڪلارڪ آهيان . توهان خيريت سان تہ آهيو؟."

"آئون بس يار..... اهو نہ پڇ. بصره (عراق)، مصرءِ ڪٿي ڪٿي رلندو رهيو آهيان. تون دفتر ۾ آهين، اهو ڏاڍو سٺو ٿيو. مونکي تہ سمجھہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ هاڻي ڪم ڪيئن ٿيندو. مان صفا ڪورو آهيان، جتي ويندو آهيان، اتي قسمت ساٿ ڏيندي آهي. بصره ۾ بہ سڀ آفيسر خوش هئا. فرانس ۾ بہ ڪافي سڪون هو. ٻن سالن ۾ تقريبن پنجاه هزار روپيا ڪمائيم، پر سڀ ختم ٿي ويا. اتان اچي ڪجھہ ڏينهن ڪارپوريشن جي دفتر ۾ ايئن واندو ويٺو هيس. هاڻي هي نوڪري ملي آهي،" ڪلارڪن کي ڏسندي پڇيائين،"هي سڀ ڪير آهن؟ "

مداري لال جي دل تي ڇريون هلي رهيون هيون. ظالم پنجاھ هزار روپيا بصره مان ڪمايا. هتي قلم سان لکي لکي عمر گذري ويئي آهي ۽ پنج پيسا بہ ڪو نہ گڏ ڪري سگھيو آهيان. چوڻ لڳو، "هي سڀ بورڊ جا ملازم آهن. سلام ڪرڻ آيا آهن."

سوبوڌ واري واري سان سيني سان هٿ ملايوءِ چوڻ لڳو." توهان خواه مخواھ جي تڪليف ڪئي. مان توهان سيني جو شڪر گذار آهيان. مونکي اميد آهي تہ توهان سيني کي منهنجي طرفان ڪا بہ شڪايت نہ ٿيندي. مونکي پنهنجو حاڪم نہ پر ڀاءُ سمجھجو. توهان سيئي ملي سلي ائين ڪم ڪجو جو بورڊ جي نيڪ نامي ٿئي ۽ آئون بہ سروخروٿيان. توهان جو تہ هيڊ ڪلارڪ تہ منهنجو پراڻو دوست ۽ جگري يار آهي."

. هڪ ڳمڻ ڳالهائو ڪلارڪ چيو،" اسان سڀ حضور جا تابيعدار آهيون. اسان پوري ڪوشش ڪنداسون تہ توهان مطمئن ٿي سگھو پر آهيون تہ انسان نہ، جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وڃي تہ بخش ڪندا سائين."

سوبوڌ نرمي سان چيو،" اهو ئي منهنجو اصول آهي. هميشہ اهو ئي نظريو رهيو آهي. جتي بہ رهيس، ماتحتن سان دوستن جهڙو سلوڪ ڪيم. اسان ۽ توهان ڪنهن ٽئي جا غلام آهيون ۽ پوءِ سختي ۽ حڪومت ڪهڙي! ها، اسان کي نيڪ نيتي سان پنهنجا فرض ادا ڪرڻ گھرجن."

سو ٻوڌ جي وڃڻ کان پوءِ دفتر جا

ملازم پنهنجو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا
"ماڻهو تہ سٺو ٿو ڏسجي."

"هيڊ ڪلارڪ جي ڳالهين مان تہ لڳو پئي تہ چڻ سيني کي ڪچو کائي ڇڏيندو."

"پهرئين سيئي اهڙيون ئي ڳالهيون ڪندا آهن."

" هاٿيءَ جي ڏيکارڻ جا ڏند هڪڙا ۽ کائڻ جا ٻيا هوندا آهن."

❊ ❊ ❊

سوبوڌ کي ايندي هڪ مهينو ٿي ويو هو. بورڊ جا ڪلرڪ، پٽيوالا، ٽپال وارا، سيئي هن جي نرم سلوڪ جي ڪري خوش هئا. هو ايترو تہ خوش طبيعت، نرم ۽ اخلاق وارو هو جو جيڪو بہ هن سان هڪ دفعي مليو ٿي، اهو سندس دوست ٿي ويو ٿئي. سخت لفظ تہ سندس واتان نڪتا ئي ڪو نہ ٿي ۽ ڪنهن کي انڪار تہ چڻ هو ئي ڪو نہ. سوبوڌ جي انهن سيني خوبين تي مداري لال ڏاڍي ڪار کائيندو رهندو هو. چڻ هن جي هنيان مٿان ڇريون پيون هلنديون هيون.هو هن جي خلاف ڪونہ ڪو لڪيل ڊونگ يا ڊرامو رچائيندو رهندو هو. هن ملازمن کي بدظن ڪرڻ چاهيو ٿي پر نہ ڪري سگهيو. بورڊ جي ميمبرن کي ڀڙڪائڻ چاهيو پر ڀڙڪائي نہ سگهيو. ٺيڪيدارن کي بغاوت تي آماده ڪرڻ چاهيو پر منهن پٽ ڪريو. هن اها ڪوشش پئي ڪئي تہ باهہ لڳائي پري کان ويهي تماشو ڏسي. سوبوڌ سان ائين ڪلي رلجي ملجي هلندو هو ۽ هن سان ڪتيون منيون ڳالهيون پيو ڪندو هو چڻ هن جو حقيقي دوست ئي مداري لال هو. سوبوڌ ۾ ٻيون سڀ خوبيون هيون پر هن ۾ ماڻهن کي سڃاڻپ جي صلاحيت ڪو نہ هئي. هو مداري لال کي پنهنجو سڀ کان بهترين دوست سمجهندو هو.

هڪ ڏينهن مداري لال سيڪريٽري جي ڪمري ۾ ويو تہ هن ڏٺو تہ سيڪريٽري جي ڪرسي خالي هئي. ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويل هو. هن جي ميز تي پنج هزار نوٽ سٽيءَ جي صورت ۾ رکيل هئا. بورڊ جي مدرسن لاءِ ڪاٺ جو سامان ٺهرائڻو هو. هي انهي جا پيسا هئا. ٺيڪيدار کي وصولي جي لاءِ سڏايو ويو هو. اڄ ئي سيڪريٽري صاحب چيڪ موڪلي رقم گهرائي هئي. مداري لال وراندي ۾ ليئو پائي ڇڪاس ڪئي. سوبوڌ جو ڪٿي بہ اتو پتو ڪونہ هو. هن جي نيت بدلجي ويئي. حسد سان گڏ لالچ بہ شامل ٿي ويئي ۽ هن ڏڪندڙ هٿن سان نوٽن واريون ڳنڍيون کنيون ۽ پينٽ جي کيسي ۾ رکي ڇڏيون ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو. پٽيوالي کي سڏائي پڇڻ لڳو،"صاحب اندر آهن؟"

پٽيوالو اڄ ٺيڪيدار کان ڪجهہ خرچي وصول ڪرڻ جي چڪر ۾ خوش پئي نظر آيو. هن کي جيائين: "جي تہ ڪو سندس دوست وڪيل آيو هو، ان سان ڳالهيون ڪندي دفتر منجهان نڪتا آهن. ٿورو پهرين ويا آهن."

مداري لال دفتر ۾ هڪ جونيئر ڪلرڪ کي چيو، " مست رول ڪٿي صاحب کي وڃي ڏيکار."

جونيئر ڪلارڪ مست رول(حاضري جو رجسٽر) ڪٿي هليو ويو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ واپس اچي چوڻ لڳو، "سيڪريٽري صاحب ڪمري ۾ نہ آهن. مست رول کي سندس ميز تي رکي آيو آهيان."

سو چيائين "شايد ڪنهن فائيل ۾ دٻجي ويئي هوندي."

ڪرسي جي ويجهو پيل هن سڀ ڪاغذ الٽ پلٽ ڪيا پر نوٽن جو ڪٿي بہ نالو ۽ نشان نہ هو! نوٽ ڪيڏانهن ويا؟ هاڻي تہ هتي مون رکيا هئا! ....... ڪيڏانهن تا وڃي سگهن؟ هو فائلن کي الٽ پلٽ ڪرڻ لڳو. دل ٿوري گهبرائڻ لڳيس. ميز جي سيني ڪاغذن کي جانچي ڏٺائين، پر نوٽن جي دستي جو ڪو پتو نہ پيس. وري ميز تي ويهي رهيو ۽ سوچڻ لڳو. ايئن ڪيس اڌ ڪلاڪ ٿي ويس. مون کي سڀ ياد آهي تہ پنڌيوالي مونکي نوٽ ڏنا هئا. پلا اها بہ ڪا وسارڻ جي ڳالهہ آهي ۽ پوءِ ايتري قدر تڙ تڪڙ! ...... مون نوٽن کي وٺي ڪري ميز تي رکيا هئا. مون اهي ڳڻيا بہ ڪونہ هئا ۽ پوءِ وڪيل صاحب اچي ويا هئا. پراڻو دوست هو. ان سان ڳالهيون ڪندي ٿورو پرتي ويو هئس ۽ اتي هن پان گهرايا هئا. بس ايتري دير ٿي هئي. جڏهن مان هتان ويو هيس تہ هتي نوٽ جي ٿهي موجود هئي. مون کي نيڪ طرح سان ياد آهي تہ پوءِ اهي نوٽ ڪيڏانهن ويا؟ مون اهي ڪنهن صندوق يا ڪٻٽ يا ميز جي خانن ۾ ڪونہ رکيا هئا تہ پوءِ ڪيڏانهن ويا؟ شايد ڪنهن حفاظت سان رکي ڇڏيا هجن! ها اها ئي ڳالهہ هوندي. مان هرو ڀرو ائين گهبرائجي ويو آهيان .....

فورن مداري لال جي ٽيبل تي اچي ڪانئس پڇڻ لڳو. "ڇا توهان منهنجي ميز تان پئسا ڪٿي تہ نہ رکي ڇڏيا آهن؟"

مداري لال حيرت ۾ چيو "ڇا توهان جي ميز تي نوٽ رکيل هئا ؟ مون کي تہ ڪا بہ خبر ناهي؟ هينئر هينئر پنڊت سوهن لال فائلون ڪٺي توهان جي ڪمري ۾ ويو هو. ان وقت توهان ڪمري ۾ نہ هو. جڏهن مون کي خبر پئي تہ توهان ڪنهن سان ٻاهر هليا ويا آهيو تہ مون دروازي کي بند ڪرائي ڇڏيو هو. ڇا پئسا نہ پيا ملن؟"

سوبوڌ اکيون ڦهلائيندي چيو "اڙي صاحب، پورا پنج هزار آهن. هينئر هينئر تہ چيڪ مٽايو هو."

مداري لال مٿو پٽڻ لڳو،"پورا پنج هزار! اڙي منهنجا ڀڳوان... توهان ميز کي تہ چڱي نموني ڏسي ورتو آهي نہ؟ مان هينئر ئي ٿو پندرهن منٽن ۾ پئسا تلاش ڪري ڏيان؟"

سوبوڌ چيو، "اڇو اڇو، ٿورو توهان بہ چيڪ ڪيو. منهنجا تہ هوش ئي اڏامي ويا آهن."

سڄي آفيس وارا سيڪريٽري صاحب جي ڪمري جي تلاشي وٺڻ لڳا. ميز، ڪٻٽ، صندوق، سيني رجسٽرن، فائيلن کي اٿل پٿل ڪئي وئي، پر مجال آهي جو ڪٿي رقم ملي. ان کي ڪو چورائي ويو هو. هاڻي ان ڳالهہ ۾ شڪ جي ڪا گنجائش نہ رهي هئي. سوبوڌ هڪ ڊگهو ساهہ کڻي ڪرسي تي ويهي رهيو. سندس منهن جو رنگ ئي لهي ويو هوس. جيڪڏهن ان وقت ڪير ڪيس ڏسي ها تہ ڪيس مهينن کان بيمار سمجهي ها .

مداري لال همدردي ڏيکاريندي چيو، غضب ٿي ويو، نہ تہ اڄ ڏينهن تائين هھڙو انڌير نہ ٿيو آهي. مون کي هتي ڪم ڪندي ڏهہ سال ٿي ويا آهن. مجال آهي تہ ڪڏهن ڪا شي گم ٿي هجي. مون پهرئين ئي ڏينهن توهان کي خبردار ڪيو هو تہ روپين پيسن جي معاملن ۾ خبردار رهجو پر شايد قسمت

۾ اهوئي لکيل هو. يقينن ٻاهران ڪان ڪو آيو هوندو ۽ نوٽ ڪٺي غائب ٿي ويو هوندو. پٽيوالي جو ڏوهہ آهي جو ان ڪمري ۾ ڪنهن کي داخل ٿيڻ کان ڇو نہ روڪيو؟ هو لک قسمون کائي تہ ٻاهر کان ڪو ماڻهو نہ آيو پر مان ان ڳالهہ تي اعتبار نہ ٿو ڪري سگهان. هتان تہ صرف پنڊت سوهن لال ئي فائيل کڻي اندر ويو هو پر هو بہ دروازي مان ئي جهاتي پائي واپس وريو هو."

سوهن لال صفائي ڏيندي چيو "مون تہ اندر پير ئي نہ رکيو هو صاحب. مان پنهنجي جوان پٽ جو قسم ٿو کڻان، جو مون اندر پير بہ رکيو هجي."

مداري لال پيشاني تي ٻل آڻيندي چيو،"توهان فضول قسم ڇو ٿا کائو. توهان مٿان ڪير ٿو شڪ ڪري!" وري سوبوڌ جي ويجهو وڃي ڪيس ڪن ۾ چوڻ لڳو، "جيڪڏهن بئنڪ ۾ ڪجهہ پئسا هجنوَ تہ ڪڍي ٺيڪيدار کي ڏئي ڇڏيو نہ تہ وڏي بدنامي ٿيندي. نقصان تہ ٿي ويو آهي ۽ ان سان گڏ وري لڄي ڇو ٿيون؟"

سوبوڌ نااميديءَ سان چيو، "بئنڪ ۾ تہ صرف ٿي چار سو روپيا هوندا ياءُ. روپيا هجن ها تہ پوءِ ڇا جو فڪر هجي ها. جيئن پنجاهہ هزار ڪيجي ويا اتي پنج هزار ربيا بہ هتي تہ ڪفن دفن لاءِ بہ پئسا ناهن!"

انهي رات سوبوڌ خودڪشي ڪري ڇڏي. ايترن پيسن جو انتظام ڪرڻ هن جي لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. موت کان سواءِ هن کي پنهنجي بدنامي ۽ بي وسيءَ لڪائڻ جو ٻيو ڏس نہ پئي مليو!"

❊ ❊ ❊

ٻئي ڏينهن صبح جو ئي پٽيوالو مداري لال جي گهر وڃي ڪيس سڏڻ لڳو. مداري لال آواز ٻڌي گهر کان ٻاهر نڪتو. پٽيوالي هن کي ڏسندي ئي چيو "سائين، ظلم ٿي ويو. سيڪريٽري صاحب رات جو خودڪشي ڪري ڇڏي."

مداري لال جون اکيون مٿي چڙهي آيون. منهن لٽڪي پيس ۽ سڄو جسم ڏڪڻ لڳس، ڄڻ هن جو هٿ بجلي جي اگهاڙي تار سان ڇهي ويو هجي.

" خودڪشي ڪري ڇڏي؟"

"جي ها، اڄ ئي صبح جومعلوم ٿيو آهي. پوليس وارا آيا آهن. توهان کي سڏين پيا."

"لاش اجا تائين پئي آهي؟"

"جي ها، ان جو پوسٽ مارٽم ٿيڻو آهي."

"ڪافي ماڻهو جمع آهن؟"

"گهڻا ماڻهو گڏ ٿي ويا آهن. سائين لاش طرف تہ ڏسي ڪو نہ ٿا سگهون. ڪهڙو نہ ملڻسار ۽ هيرو ماڻهو هو. سڀ ماڻهو پيا روئن. ڪيس بہ ننڍا ننڍا پٽ آهن. هڪ ساماٽيل ڇوڪري اٿس، شادي جي لائق. ياچائي تہ گهڙي گهڙي ڊوڙي لاش مٿان ٿي ڪري. ڪو بہ اهڙو ڪونهي جنهن جي اکين ۾ لڙڪ نہ هجن. ڪيس آئي کي گهڻا ڏينهن بہ نہ ٿيا هئا، پر ڪيتري نہ قدر سيني سان رلجي ملجي ويا هئا. روپين جي تہ ڪڏهن پرواهہ نہ ڪيائين. دل درياءُ هُئس ......."

مداري لال جو مٿو ڦري لڳو. ڪيس چڪر اچڻ لڳا. دروازي جي پڪڙ نہ وٺي ها تہ هوند ڪري پئي ها. پڇڻ لڳو، "ياچائي تمام گهڻو روئي رهي آهي؟"

"ڪجهہ نہ پڇو سائين. روئي روئي

اڪيون سچي ويون اٿس.“
”ڪيترا ڀار تو ٻڌايا؟“
”سائين! هڪ ڏيءَ اٿس ۽ ٻه پٽ.“
”ها! ها! پٽن ڪي ته مون ڏٺو آهي. ڇا ڇوڪري بالغ اٿس؟“
”جي ها، شادي جي لائق. روئي روئي اکيون ٿي سڄي پيون اٿس.“
”پئسن جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيندي هوندي؟“
”جي ها، سيئي ماڻهو اهو ئي چون ٿا ته اهو ڪم آفيس جي ڪنهن ماڻهوءَ جو آهي. پوليس جمعدار ته سوهن لال کي گرفتار ڪرڻ چاهي ٿو پراهي توهان ڪان صلاح وٺڻ ٿا چاهين. سيڪريٽري صاحب ته لکي ڏيئي ويا آهن ته منهنجو شڪ ڪنهن تي به نه آهي. نه ته هيل تائين ته آفيس ۾ وڏو تاڪوڙو مچي وڃي ها. دفتر وارا سيئي قاسي پون ها.“
”ڇا سيڪريٽري صاحب ڪو خط ڇڏي ويا آهن؟“
”جي..ها! شايد خودڪشيءَ کان پهرئين ڪيس خيال آيو هوندو ته ڪٿي آفيس جا ماڻهو نه شڪ ۾ جهليا وڃن. ڪليڪٽر صاحب جي نالي تي خط ڇڏي ويا آهن.“
”خط ۾ منهنجي باري ۾ ڪجهه لکيل آهي؟ توکي اها ته ڄاڻ هوندي؟“
”سائين، توهان جي ته خط ۾ وڏي تعريف لکي ويا آهن.“
مداري لال جي ساهن ۾ ويتر تيزي اچي ويئي. اکين مان به وڏا ڳوڙها نڪري آيس. آليون اکيون اگهندي چيائين ،”هو ۽ مان گڏ پڙهيا آهيون. ننڍو! اٺ سال مون سان گڏ رهيو. گڏ کائڻ، گڏ اٿڻ، پهرڻ، گڏ کيڏڻ.

ايئن رهندا هئاسين ڄڻ ته سڳا ڀائر هجون. خط ۾ ڇا تعريف لکي اٿس؟ ڪجهه خبر اٿئي؟“
”توهان هلو پيا نه، پاڻ ئي ڏسي وٺجو.“
”ڪفن دفن جو بندوبست ٿي ويو آهي؟“
”نه سائين، لاش جي پوسٽ مارٽم ٿيڻي آهي. هاڻي تورو جلدي ڪندا، ائين نه ٿيئي ته ڪو ٻيو ماڻهو هتي توهان کي وٺڻ لاءِ اچي وڃي.“
”اسان جي آفيس جا سڀ ماڻهو اچي ويا هوندا؟“
”جيءُ ها!“
پوليس منهنجي باري ۾ انهن کان ڪا پڇاڳاڇا ته نه ڪئي آهي؟“
”جي نه...... ڪنهن کان به نه.“
مداري لال جڏهن سوبوڌجي گهر پهتو ته هن کي ايئن محسوس ٿيڻ لڳو ته ڄڻ سيئي ماڻهو هن کي شڪي نگاهن سان ڏسندا هجن. پوليس آفيسر هن کي ڏسندي ئي گهرائي ورتو ۽ چوڻ لڳس ،”توهان به پنهنجو بيان لکرائي ڇڏيو. مون ٻين سڀني جو بيان لکي ڇڏيو آهي.“
مداري لال وڏي هوشياري سان پنهنجو بيان لکرايو جو پوليس وارا به حيران ٿي ويا. انهن کي مداري لال مٿان جيڪو شڪ هو، اهو به ختم ٿي ويو.
ان وقت سوبوڌ جا ٻه ٻار روئندي هن جي ويجهو آيا ۽ چوڻ لڳا،”توهان کي ممي سڏي پئي.“
ٻئي ٻار مداري لعل سان هريل هئا. مداري لال هتي روز ايندو هو پر ڪڏهن به

گهر اندر نہ ويو هو. سوبوڌ جي زال هن کان پردو ڪندي هئي. اهو سڌ پئي سندس دل ڏکي پيو. ڪٿي هن کي مون مٿان شڪ تہ ناهي. ڪٿي سوبود منهنجي ذات تي ڪيس ڪو شڪ يا شبو تہ نہ ظاهر ڪيو هجي. ڪجهہ ڊڄندي، ڪجهہ ڏڪندي اندر ويو. سوبوڌ جي بيوهہ ٿيل جو ماتم پٽي سندس دل ڀڳهرجي وئي. هن کي ڏسندي ئي بيواهہ زال جو ڇڻ ڳوڙهن جو سمنڊ اٿلي پيو هجي. ڇوڪري تہ هن جي پيرن ۾ ڪري پئي. ٻنهي ڇوڪرن هن کي گهيري ورتو. مداري لال انهن ٽنهي جي اکين ۾ اهڙو ڏک، اهڙي بي وسي ڏٺي جو ان کي بيان ڪرڻ مشڪل آهي. هن جو ضمير هن کي ملامت ڪرڻ لڳو. جن ويچارن جو هن تي اهڙو اعتبار، ايترو ڀروسو، روحاني تعلق ۽ محبت هئي ۽ هن ئي انهن جي ڳلي مٿان ڇري وهائي.. هن جي ڪري ئي پورو خاندان مٽي ۾ ملي ويو. انهن بي سهارا ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ ڇوڪري جي شادي ڪرڻي آهي؟ ڪير ڪندو؟ ٻارن جي سار سنڀال ڪير ڪندو؟ مداري لال کي ايتري تہ شرمندگي محسوس ٿي رهي هئي جو هو هڪ لفظ بہ واتان نہ پئي ڪڇي سگهيو. هن کي ائين لڳو، ڄڻ ڪنهن هن جي منهن تي ڪارنهن ملي ڇڏي هجي. جنهن وقت هن اهي نوٽ ڪنيا هئا هن جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ ان جو اهو نتيجو نڪرندو. هن تہ صرف سوبوڌ کي هيٺ ڪرڻ ٿي چاهيو. هن جو سڀ ڪجهہ تباهہ ڪرڻ جو خيال سندس من ۾ نہ هو.

ڏک ۾ ٻڏل بيوهہ زال سڏڪن ۾ چيو، "منهنجا ڀاءُ! اسان کي هُو وچ دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي هليو ويو. جيڪڏهن مونکي خبر هجي ها تہ هن جو خودڪشيءَ جو ارادو آهي تہ جيڪو ڪجهہ مون وٽ هو، ان جي پيرن ۾ رکي ڇڏيان ها. هُو تہ مونکي اهو چئي رهيا هئا تہ ڪوئہ ڪو تہ حل ضرور نڪرندو. اوهان جي ذريعي ئي هن اها ڳڙ ٻڙ ٺيڪ ڪرڻ ٿي چاهي. توهان جي مٿان هن کي ايترو اعتماد ۽ ڀروسو هو جو مان ڪجهہ چئي نہ ٿي سگهان."

مداري لال کي ائين محسوس ٿيو تہ ڄڻ هن جي ڇاتيءَ ۾ ڄڻ ڪا گرم شي وڌي وئي هجي. هن کي پنهنجي ڳلي ۾ آواز اٽڪندي معلوم ٿيو.

سوبوڌ جي بيوه راميشوري وڏيڪ چيو، "رات ستو هو تہ ڏاڍو ڪليو پئي. هر روز وانگر ڪير پيتائين. ٻارن کي پيار ڪيائين. ٿورڙي دير تائين تہ هارمونيم بہ وڄايائين ۽ پوءِ منهن ڍوئي سمهي رهيو. ڪا بہ ڳالهہ نہ هئي جنهن مان معمولي بہ اشارو ملي. مونکي فڪر ۾ ڏسندي چيو هئائين تہ هرويرو ڇو پريشان آهين. بابومداري لال سان پراڻي دوستي آهي. آخر اها ڪهڙي ڏينهن ڪم ايندي. مون سان گڏ ڪيڏيو آهي. سڄي شهر ۾ هن جو اثر ۽ رسوخ آهي. رقم جو بندوبست آساني سان ٿي ويندو، پوءِ الاهي ڪهڙي ڳالهہ دل ۾ سمايس. مان بدنصيب ،اياڳڻ ايتري دير تائين ستل رهيس جو ڇريس بہ ڪو نہ ........ مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ هو پنهنجي جان تي ڪيڏي ويندو!"

مداري لال کي دنيا گهمندي محسوس ٿي. هن تمام گهڻو پنهنجو پاڻ تي ضابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اکين ۾ آيل ڳوڙهن جي ٻوڏ کي روڪي نہ سگهيو."

بني ٻاري جو ئي سهارو آهي؟"

"بينڪ ۾ تہ ٽڪو بہ نہ هوندو منهنجا ٻاءُ هن جي هٿ ۾ روپيا ٽڪندا ئي ڪو نہ هئا. بس انهيءَ ٻني ٻاري جو سهارو آهي."

"ڇا ٻنيءَ مان ايتري پيداوار ٿي ويندي جو توهان ماڻهن جو گذر سفر بہ ٿي ويندو ۽ ڊل وغيره بہ ادا ٿي ويندي ."

"ڪري بہ ڇا ٿا سگهون ؟ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان تہ زندگي ڪاٽڻي آهي. ٻارنہ هجن ها تہ جيڪر مان بہ زهر ڪائي مران ها."

"اڇا تہ ڊيءَجي شادي بہ ڪرڻي آهي."

"هن جي تہ شادي جي فڪر ڪونهي. هارين مان ڪافي ملي ويندا، جيڪي ڪنهن ڏاج وڙ بنا هن سان نڪاح لاءِ راضي ٿي ويندا."

مداري لال ڪجهہ سوچي چيو، "جيڪڏهن مان توهان کي ڪجهہ صلاح ڏيان تہ اها مڃيندؤ؟"

"منهنجا ٻاءُ ! توهان جي صلاح نہ مڃيندس تہ پوءِ ڪنهن جي مڃيندس. منهنجو وري ٻيو آهي ڪير؟"

"تہ پوءِ توهان گهر وڃڻ بدران، منهنجي گهر ۾ ئي هلي رهو. جيئن منهنجا ٻار ٻچا رهن ٿا ، تيئن توهان بہ پڳوان چاهيو تہ ڇوڪري جي بہ شادي ڪنهن سٺي گهر ۾ بہ ٿي ويندي."

راميشوريءَ جون اکيون آليون ٿي ويون .چوڻ لڳي، "ٻاءُ ٿورو سوچ........"

مداري لال ڳالهہ ڪٽيندي چيو، "مان ڪجهہ بہ نہ سوچيندس ۽ نہ ئي وري ڪو بهانو ٻڌندس. ڇا ٻن ڀائرن جا خاندان گڏ نہ ٿا رهي سگهن؟ سوبوڌ کي مان پنهنجو ڀاءُ سمجهندو هئس ۽ سمجهندو رهندس."

هن راميشوريءَ جي ڪا بہ ڳالهہ نہ ٻڌي. انهي ڏينهن کان سوبوڌ جي بيواهہ کي ٻارن ٻچن سوڌو پنهنجي گهر وٺي آيو. ڏهن سالن کان انهن جي پالنا ڪري رهيو آهي. ٻئي ڇوڪرا هاٽي اسڪول ۾ پڙهن ٿا ۽ ڇوڪريءَجي شادي ڪنهن سٺي گهر ۾ ٿي وئي آهي .مداري لال ۽ سندس زال دل ۽ جان سان راميشوري جي خدمت ڪندا آهن ۽ ان جي اشارن تي هلندا آهن.

مداري لال پنهنجي گناهن جو ڪفارو پيو ادا ڪري.

---

ٽڪيٽ چيڪر: مهرباني ڪري ٽڪيٽ ڏيکاريو.

مسافر: ٽڪيٽ مون کان گم ٿي ويئي آهي.

ٽڪيٽ چيڪر: ڇا تو کي پڪ آهي؟

مسافر: مون کي پڪ آهي.

ٽڪيٽ چيڪر: ڇا تو ٽڪيٽ خريد ڪئي هئي؟

مسافر: مون کي پڪ ناهي.

ٽڪيٽ چيڪر: ڇا تنهنجي کيسي ۾ رقم آهي؟

مسافر: مون کي پڪ ناهي.

ٽڪيٽ چيڪر: آخر توکي پڪ ڪهڙي ڳالهہ جي آهي؟

مسافر: بس، مون کي اها پڪ آهي تہ مان ٽرين ۾ بغير ٽڪيٽ جي سفر ڪري رهيو آهيان.

*هڪ همدرد، هٺڊوڪي ۽ اصولن خاطر جنگ وڙهندڙ باهمت مرد جي ڪهاڻي، جنهن پنهنجي سڄي ڄمار برائين ۽ گناهن خلاف جنگ وڙهي. ڪنهن سان ناانصافي ٿئي يا ڪنهن جو حق ڦٻايو وڃي، ڪنهن سان ناجائزي ٿئي يا ظلم. جڳ جي خدمت ڪندڙ هي سپاهي ان ظلم خلاف پيش پيش هوندو هو. اوچتو هن ڪي هڪ عجيب صورتحال سان منهن ڏيڻو پيو. هن لاءِ اها جنگ هاڻي ٻاهرين دنيا سان نه پر هن جي پنهنجي گهر جي اندر هئي. جادو جي ديس بنگال جي ڪهاڻي.*



# اصولن خاطر

سڪندر ابو جعفر
سنڌيڪاره : افروز سيده

**هڪ بااصول ۽ باهمت شخص جي ڪهاڻي جنهن اصولن خاطر وڏي قرباني**

**مومن** جو مقدمو عدالت مان خارج ٿي ويو هو. ان ناڪاميءَ ۾ شاهدن جو وڏو هٿ هو. انهن زميندارن کان رشوت وٺي سڄو معاملو ابتو ڪري ڇڏيو هو.

صمد صاحب منهن مٿو پٽي ورتو، ڇو ته هن انهيءَ مقدمي تي پاڻيءَ وانگر پئسو خرچ ڪيو هو. پاڻ انهي مقدميءَ ۾ ڌر نه هو. هن صرف مومن جي همدرديءَ ۾ هن مقدمي ۾ دلچسپي ورتي هئي. زميندار مومن جي زال کي اغوا ڪري بي آبرو ڪيو هو ۽ هي روئيندو منهن مٿو پٽيندو صمد صاحب وٽ آيو هو ۽ مدد جي گهر ڪئي هئائين. صمد صاحب هن جي مدد ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ويو.

صمد صاحب لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه ڪو نه هئي. مظلوم جي مدد ڪرڻ هن لاءِ هر



شيءِ کان وڌيڪ ضروري هئي. تيهه سالن کان وٺي هيءُ ايئن ئي ڪري رهيو هيو، تنهن هوندي به هن کي ڪڏهن به سڪون نصيب نه ٿيو هو. هن وٽ نيڪ ناڪ مال ملڪيت هئي. پر هن اها دولت سڀ ڪجهه انصاف ۽ سچائيءَ لاءِ قربان ڪري ڇڏي هئي. هن کي انهيءَ نقصان جو ڪو به ڏک نه ٿئي ها جو ماڻهو هن جي احسان فراموشي نه ڪن ها. وقت سان گڏوگڏ سندس دولت به ختم ٿيندي پئي ويئي پر مدد گهرڻ وارن ۾ ڪا به گهٽتائي نه آئي هئي. هر وقت ڪو نه ڪو سندس در تي بيٺو هوندو هو ۽ هيءُ انهن تلخ تجربن کان پوءِ به انهن جي مدد ڪندو هو.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ مومن جي زال ڪيس واپس ملي ويئي ۽ ڪجهه پئسو ڏوڪڙ به زميندار علي اصغر صاحب جي زمينداري ۾ غريبن جي عزت چند ٽڪن جي به برابر نه هئي. شايد اها عزت به صمد صاحب جي دٻ ۽ خوف سبب پيدا ٿي هئي. زميندار هر وقت صمد صاحب کان چؤڪس رهندو هو. زميندار کي انتهائي جتن ڪرڻا پوندا هئا هارين کي صمد صاحب جي اثر کان پري رکڻ لاءِ. زميندار ته صرف ان ماڻهوءَ کان ڊڄندو هو جيڪو ظلم ۽ ناانصافي جي خلاف آواز بلند ڪندو هجي.

زميندار جو دٻ ان وقت اڃان به وڌي ويو، جڏهن صمد صاحب جو اڪيلو پٽ يونيورسٽيءَ جي اعلي ڊگري وٺي ڳوٺ (گهر) واپس اچي ويو. زميندار کي دٻ هو ته هو شايد ڪجهه ڏينهن تائين هتي رهي ڪري صمد صاحب جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائي.

بئي طرف صمد صاحب بي پنهنجي، پٽ جا طور طريقا پسند نه آيا. شمشير شهري زندگيءَ جي پيدا ٿيل بي فڪريءَ کي ڪٺي آيو هو. شمشير تعليم کان فارغ ٿي چڪو هو. صمد صاحب لاءِ ايترن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي اڪيلي پٽ جي واپسي خوشيءَ جي ڳالهه هئي پر سندس چهري تي اصول ۽ مقصد جي جهلڪ نه ڏسي ڪري هيءُ ڏاڍو مايوس ٿيو. هن جي آرام طلبي، عيش و عشرت واري طبيعت ڪري، هن کي جيڪا ٿورڙي گهڻي خوشي شمشير جي اچڻ جي ڪري ٿي هئي، اها جلئي ختم ٿي ويئي. پر هن شمشير کي ڪجهه به نه چيو. ڇو ته ڪنهن کي به غلط چوڻ هن جي طبيعت ۾ شامل نه هو.

شمشير ڪجهه ڏينهن ۾ئي ڳوٺ جي سڪون واري زندگيءَ مان بيزار ٿي پيو، ڇو ته هو شهري زندگيءَ تي هري ويو هو. ڳوٺ ۾ هن جي دلچسپيءَ جو ڪو به سامان نه هو. سمهي سمهي ڪري آخر ڪيترو وقت پاس ڪري سگهجي ٿو. ڳوٺ ۾ دل کي وندرائيندڙ ڳالهين بغيرشمشير لاءِ زندگي بي معني بنجي ويئي هئي.

ڪجهه ئي ڏينهن ۾ شمشير جو دل ڳوٺ مان پرجي ويو. هن ڳوٺ جي ويجهڙائيءَ ۾ شڪار ڪري وقت گذارڻ جو فيصلو ڪيو. هن رائفل کنئي ۽ اٿي وڃڻ لڳو. شايد من کا دل لڳي وڃي. پر گهڻي گهمڻ ڦرڻ کان پوءِ به ڪيس ڪو شڪار هٿ نه آيو. هيءُ مايوس ٿي ان رستي کان موٽي رهيو هو جيڪو زميندار علي اصغر صاحب جي حويلي جي ڀرسان لنگهندو هو. ان رستي

تي شمشير هلندي هلندي بيهي رهيو. زميندار جي ڊنل ۽ پراڻي پن منزلن جي حويليءَ کي هيءُ پهرين بہ ڏسي چڪو هو. هن کي خبر هئي تہ ڪافي وقت کان هن جي پيءُ ۽ زميندار جي وچ ۾ جهڳڙو هلي رهيو آهي. شمشير سوچي رهيو هو تہ آخر هن جي پيءُ ۽ زميندار جي جهڳڙي مان جهڙو فائدو. شمشير انهن ئي سوچن ۾ گم هو جو هن ڳيرن جو آواز ٻڌو. اهي ڳيرا زميندار جي حويلي ۾ انب جي وڻ تي ويٺا هئا. هي اڳيان وڌيو. حويليءَ جي پٽ ويجهو وڃي بيهي رهيو. هن کي هاڻي ڳيرا صاف صاف نظر اچي رهيا هيا، پر انهن کي مارڻ سان ڪهڙو فائدو؟ جيڪڏهن شڪار ڪري بہ وٺم تہ بہ اهي شڪار ڪيل ڳيرا چوڏيواريءَ اندر ئي ڪرندا. اندران ڪٽي بہ نتو سگهان.

شمشير انهيءَ ٻڌتر ۾ هو تہ هن فائر جو آواز ٻڌو. ٻہ ٽي ڳيرا هيٺ وڃي ڪريا. هي حيران ٿي ڏسڻ لڳو تہ هن جي شڪار تي ڪنهن هٿ صاف ڪيو. هن جيئن ئي مٿي نهاريو تہ زميندار جي حويليءَ ۾ ٻئي منزل جي ورانڊي ۾ هن کي هڪ ڇوڪري بيٺل نظر آئي، جنهن جي هٿ ۾ بندوق هئي ۽ ان جي ناليءَ مان دونهون نڪري رهيو هو. شمشير کي اها ڇوڪري ڏاڍي پياري لڳي. هي ان کي يڪ ٽڪ ڏسڻ لڳو. ڇوڪري واقعي سهڻي هئي. اهڙو خوبصورت چهرو ۽ اهڙا خوبصورت نيڻ نقش هن پهرين ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. شمشير زخمي دل سان گهر واپس وريو.

اتي هڪ ٻئي شخص بہ اهو سڄو تماشو پئي بيٺي ڏنو ۽ شمشير جي بيقراريءَ جو سڄو حال هن مٿان ظاهر ٿي پيو. هيءُ شخص زميندار علي اصغر صاحب جو پراڻو مئنيجر هو. زميندار جي سڄي زمينداريءَ تي هن جو سڪو ڄميل هو. هيءُ شخص لومڙيءَ وانگر چالاڪ هو. جڏهن زميندار تي ڏکيو وقت آيو هو تہ هن موقعي مان ڀرپور فائدو حاصل ڪيو هو. هن وڏي هوشياريءَ ۽ چالاڪيءَ سان وهندڙ گنگا ۾ هٿ بہ ڌوتا هئا ۽ زميندار جي اڳيان سرخرو بہ ٿيو هو.

اهڙي طرح هيءُ ان قصي جو واحد تماشائي هو. شمشير جي وڃڻ کان پوءِ هن سڄو قصو وڃي زميندار علي اصغر صاحب کي ٻڌايو. زميندار اصغر صاحب ڪاوڙ ۾ ٽپي باه ٿي ويو. گڏوگڏ زميندار کي پنهنجي مئنيجر تي بہ ڏاڍي ڪاوڙ لڳي...... هن کي همت ڪيئن ٿي جو هُن منهنجي ڌيءَ کي ائين بي شرميءَ سان حيا پولڙن وانگر گهوريو،

" تو شمشير کي تاڻي ڇو نہ موڪليو؟ اهو وڌيڪ بهتر ٿئي ها تہ انيسہ هن کي گوليءَ جو نشانو بڻائي ڇڏي ها."

مئنيجر ڪلندي جواب ڏنو،" انيسہ اهو ڪم ڪري چڪي آهي. ان کي ڏسي ڪير بہ بي قابو ٿي سگهي ٿو. هاڻي بازي توهان جي هٿ ۾ آهي."

اصغر صاحب پنهنجي مئنيجر جي اشارن کي سمجهي نہ سگهيو ۽ چوڻ لڳو تہ "ڪيڏي مهل تون اهڙي تہ منجهيل ڳالهہ ڪندو آهين جو سمجهڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. "

ان تي مئنيجر سادگيءَ سان چيو،" صاف صاف لفظن ۾ ٻڌو. جيڪڏهن توهان کي هن ڳوٺ ۾ رهڻو آهي تہ زميندار تي

مان اُڪلاءَ نہ ٿو ٿئي ۽ مان عدالت ۾ پنهنجو بيان ضرور ڏيندس. اهو منهنجو فيصلو آهي ۽ هاڻي توهان وڃي سگهو ٿا.۽ اها ڳالهہ اصغر صاحب کي ٻڌائي ڇڏجو."

اهو ٻڌي مينيجر جي هٿن جا طوطا ئي اڏامي ويا. دل تي جبر ڪري اهو سڀ ڪجهہ ٻڌو ۽ اتي هليو ويو.

زميندار علي اصغر صاحب کي جڏهن انهيءَ ڳالهہ جي خبر پئي تہ ڪاوڙ ۾ پرجي پيو ۽ چوڻ لڳو،"هن منهنجي بي عزتي ڪئي آهي ۽ ان جي سزا صمد صاحب کي ضرور ملندي."

مئنيجر، زميندار علي اصغر صاحب کي يقين ڏياريو، "توهان ناحق پريشان نہ ٿيو. آئون هرڳالهہ جو بندوبست ڪري وٺندس."

صمد صاحب جي فيصلي سان شمشيرجي حالت بہ چرين جهڙي ٿي ويئي. انيسہ جو نہ ملڻ! هُو اهو سوچي بہ نہ ٿي سگهيو. شمشير هڪ دفعو وري هن سان ملڻ لاءِ بيقرار هو. هُو ڪو بہ فيصلو نہ پئي ڪري سگهيو. هن هر ڳالهہ پنهنجي ماءُ تي ڇڏي ڏني هئي پر سندس غريب ماءُ بہ ڇا ٿي ڪري سگهي. ڇو تہ هُوءَ سوچي بہ نہ ٿي سگهي تہ ڪير صمد صاحب جي مخالفت جي همت بہ ڪندو. ٻئي طرف شمشيرجي نااميدي حد کان وڌندي رهي.. انهيءَ حالت ۾ هُو مئنيجر وٽ پهتو، جنهن هن کي صحيح مشورو ڏنو.

ٻن ٽن ڏينهن اندر سڄي ڳوٺ ۾ اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي تہ شمشير پيءُ جي مرضيءَ جي خلاف انيسہ سان شادي ڪندو. صمد صاحب کي بہ اها اطلاع ملي.

شمشير ڪلهہ کان گهر بہ واپس نہ آيو هو. هُو زميندار علي اصغر صاحب جي گهر ۾ هو. صمد صاحب کي پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ اهڙو سخت صدمو نہ رسيو هو. مسئلا ۽ مشڪلاتون ڪهڙي بہ شڪل ۾ سندس سامهون آيا هئا ۽ هن انهن جو ڀرپور مقابلو ڪيو هو. زندگيءَ جي آخري موڙ تي هُو اهو نہ ٿي ڏسي سگهيو تہ سندس اصولن جي عمارت ڍهي پوي.

ٻئي ڏينهن زميندار جي گهر ۾ خوشيءَ جا گيت شروع ٿيا. سڄو ڳوٺ تقريب جي تيارين ۾ مشغول هو. اڄ زميندار جي ڇوڪريءَجي شادي هئي. صمد صاحب پنهنجي گهر ۾ پريشان ڦري رهيو هو. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن جي ضابطي ۾ فرق آيو هو. هُن کي وهنجڻ وسري ويو هو. کائڻ جو تہ هوش ئي اڏامي ويو هيس. صبح کان شام ٿي وئي. شادي ٿوري دير ۾ ٿيڻ واري هئي.

چرين وانگر گهمندي گهمندي هڪدم بيهي رهيو. پنهنجي گهرواريءَ کي سڏ ڪيو ۽ ان کان پڇيائين،" تون ئي ٻڌاءِ تہ ڇو مون کي هن آخري عمر ۾ اهڙي بي عزتي ۽ شڪست ملي آهي؟ باقي ڇا بچيو آهي."

صمد صاحب جي ڪاوڙ وڌندي پئي ويئي. زور سان دانهن ڪري چيائين،" اها شادي نہ ٿي ٿي سگهي، بلڪل بہ نہ .... آئون خود هن کي روڪيندس." صمد صاحب لٺ کڻي ٻاهر نڪتو. هن جي زال صالحہ هن کي روڪي نہ سگهي.

شادي بغيرڪنهن جهيڙي جهٽي جي ٿي ويئي ۽ شمشيرکي حويليءَ جي اندر

وٺي وڃي ڪنوار جي پرسان ويهاريو ويو. هن شربت جو گلاس انيسہ جي چپن تي لڳائڻ لاءِ کنيو تہ ٻاهران گوڙ ۽ دانهن جو آواز اچڻ لڳو. انهي گوڙ ۽ هنگامي ۾ هن کي ٻڌڻ ۾ آيو تہ جيئن ڪير هن کي سڏي رهيو هو، "شمشيرا ماري وڌائون."

زميندار علي اصغر صاحب، صمد صاحب جي هنگامي جي ڏپ ڏاه کان ڪجھ ماڻهو لٺين سميت بيهاري ڇڏيا هئا. صمد صاحب جيئن ئي گهران نڪتو تہ انهن ئي ماڻهن سان سندس منهن ماري تي ۽ انهن لٺ ٻارن صمد صاحب کي روڪيو، پر صمد صاحب پنهنجي ڪاوڙ کي روڪي نہ سگهيو هو ۽ انهن کي مارڻ شروع ڪيو. انهن ماڻهن بہ ان اگرائيءَ جو ڀرپور جواب ڏنو ۽ صمد صاحب کي چنبڙي ويا. لٺ هن جي مٿي تي لڳي تہ هن ڪان دانهن نڪري ويئي ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو، "شمشيرا ماري وڌائون."

شمشير جو هٿ ڏڪڻ لڳو. شربت جو گلاس انيسہ جي چپن تي لڳائي نہ سگهيو. ٿوري دير هن جو دماغ چڪر ڪاڏو، پوءِ هن گلاس اڇلايو ۽ ڊوڙي ٻاهر نڪتو. دروازي تي پهچي هن ڏٺو تہ صمد صاحب کي بيدرديءَ سان ڪٽيو ۽ ماريو پيو وڃي تہ هن انهن کي روڪيو ۽ "بابا جان!" چئي صمد صاحب سان چنبڙي ويو. شمشير جي مٿي تي بہ ٽي چار لٺيون لڳيون، جيڪي صمد صاحب کي مارڻ لاءِ هنيون ويون هيون.

شمشير، صمد صاحب جي قدمن ۾ ڪري پيو. صمد صاحب روئڻ لڳو. شايد صمد صاحب زندگيءَ ۾ پهريون دفعو اهڙي طرح رنو هو. شمشير اکيون کوليون ۽ صرف ايترو چئي سگهيو تہ "بابا جان! معاف

| |
|---|
| **ڊاڪٽر جي فيس** |
| مرض: اکين جي آپريشن ۾ گهٽي ۾ گهٽي في وٺندؤ؟ |
| ڊاڪٽر: 2000 ڊالر. ايڊوانس ۾ 300 ڊالر. |
| مريض: ايڊوانس ۾ 300 ڊالر ڇو؟ |
| ڊاڪٽر: ان ڪري، متان منهنجو آپريشن ڪامياب نہ وڃي. |

ڪجو" ۽ اتي جو اتي ٿڌو ٿي ويو.

لٺين وارا ماڻهو ڀڄي ويا. صمد صاحب کي هوش اچي چڪو هو. پنهنجي پٽ جي ميت کي ساڄي هٿ سان ڪنيائين ۽ ڪلهن تي رکي گهر طرف هلڻ شروع ڪيو. هنن جو ڏائو هٿ بلڪل ٽٽي چڪو هو.

گهر ۾ داخل ٿيندي ئي هن ڏک ۾ ڀريل آواز ۾ پنهنجي زال کي سڏ ڪيو، "صالحہ، صالحہ! شمشير واپس اچي ويو آهي."

صالح هن منظر کي ڏسي ڪري. سهي نہ سگهي ۽ سندس زبان مان صرف ايترو نڪتو، "شمشير کي ڇا ٿيو آهي؟" ۽ زور زور سان روئڻ لڳي.

صمد صاحب پاڻ بہ دانهون ڪري روئڻ لڳو، "روءُ نہ صالحہ ... نہ روءُ .... منهنجي پٽ اڄ منهنجي عزت رکي آهي ۽ مون کي بيعزتيءَ ۽ شڪست کان بچايو آهي. منهنجي پٽ منهنجن اصولن کي ٽٽڻ نہ ڏنو آهي، جن لاءِ مون سڄي ڄمار جدوجهد ڪئي آهي. نہ روءُ ..... آئون بہ نہ روئيندس. اسان مان ڪير بہ نہ روئيندو."

▲▲▲



# قرض

او هينري

سنڌيڪار: فرزانا ميمڻ

او هينريءَ جو شمار مختصر ڪهاڻيءَ جي وڏن اديبن منجهه ٿئي ٿو. سندس مشهور ڪهاڻيءَ جو ترجمو پيش ڪجي ٿو. هن نالي واري بي مثل اديب کي ڪهاڻيءَ کي ختم ڪرڻ جو جيڪو بي پناه هنر اچي ٿو، تنهن کي اڄا تائين دنيا جو ڪو بيو اديب پيش نہ ڪري سگهيو آهي.

**ان قاتل جي ڪهاڻي جنهن جو هڪ پوليس وارو قرضي هو**

هن ڪهاڻيءَ جو اڌ حصو اوهانکي پوليس ڊپارٽمينٽ جي رڪارڊ مان ملي ويندو ۽ باقي حصو ڪنهن اخبار جي ڪاروباري سيڪشن واري حصي ۾.

ڪروڙپتي نارڪراس جو سندس فليٽ مان لاش ملڻ کان ٻہ هفتا پوءِ، هڪ منجهند ڌاري نارڪراس کي قتل ڪندڙ شخص براڊوي روڊ تي هلندي بارني وودز سان ٽڪريو جيڪو پوليس جو سينئر آفيسر هو.

"اهو تون آهين جوني ڪرنان؟" وودز کائنس پڇيو.

"توکي ڪير ٿو لڳان؟" ڪرنان گرمجوشيءَ سان چيو، "تون تہ ووڊز آهي نہ.. تون هتي ڇا پيو ڪرين؟"

"دراصل آئون ڪافي سالن کان هتي نيويارڪ ۾ ئي آهيان. آئون شهر جي پوليس کاتي ۾ آفيسر آهيان."

"تمام سٺو." ڪرنان مسڪرائيندي ووڊز جي پٺي ٺپيندي چيو.

"اچ تہ هلي ڪنهن هوٽل تي ويهون. اتي ڪنهن خالي ٽيبل تي ويهي مون کي تون سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي." ووڊز کيس چيو.

چار وڄڻ ۾ اڃا ڪجهہ منٽ باقي هئا. واپار ۽ شهر جو هيو ڪاروهنوار اڃا تائين تيزيءَ سان هلي رهيو هو. هنن ٻنهي کي هڪ هوٽل ۾ ڪنڊائتي پرسڪون ٽيبل ملي وئي.

"تون ڪهڙو واپار يا ڪاروبار ڪري رهيو آهين. مونکي خبر پئي تہ منهنجي "سينٽ جو ڪمپنيءَ" کي ڇڏڻ کان هڪ سال پوءِ پوءِ تون بہ اتان هليو وئين؟" ووڊز پڇيو.

"آئون هڪ نامي جي ڪاٺ جا شيئر وڪڻندو آهيان. آئون هتي آفيس کولڻ ٿو چاهيان. اهو تہ ڏاڍو سٺو ٿيو جو منهنجو پراڻو دوستي هتي پوليس کاتي ۾ آفيسر آهي."

"هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ! مون تنهنجي سموري زندگيءَ جو رڪارڊ پڙهيو آهي. "سارا ٽوگا" هوٽل تي نوڪري ڪرڻ کان اڳ توکي پستول هلائڻ نہ ايندو هو. تون ٻڌاءِ تہ تو نارڪراس کي ڇو قتل ڪيو؟"

ڪجهہ لمحا ڪرنان پليٽ ۾ رکيل ليمي جي اڌ کي گهوريندو رهيو ۽ پوءِ نگاهون مٿي ڪري ووڊز کي ڏٺائين. سندس چهري تي مرڪ هئي.

"تو اهو اندازو ڪيئن لڳايو ووڊز؟" ڪارنان تعريف جوڳي انداز ۾ چيو، "آئون قسم کڻي سگهان ٿو تہ مون سوچيو هو تہ مون اهو قتل وارو ڪم ايترو مهارت ۽ صفائيءَ سان ڪيو آهي جيئن ڪو بصر کي ڇلبو آهي. ڇا مون اتي ڪو سراغ ڇڏيو آهي؟"

ووڊز هڪ سوني پينسل ڪڍي ٽيبل تي رکي.

"اها ساڳي پينسل آهي، جيڪا مون توکي ڪرسمس جي موقعي تي تحفو ڪري ڏني هئي. هيءَ مونکي نارڪراس جي ڪمري جي هڪ ڪنڊ مان مليو آهي. ان لاءِ آئون چاهيان ٿو تہ تون جيڪي ڪجهہ مونکي ٻڌائين، ڏيان سان ڇڻ. جيڪي ڪجهہ چوندين، ان جو ذميدار بہ تون هوندين. اها هڪ حقيقت آهي تہ اسان ڪڏهن بهترين دوست هئاسين، پر هن وقت مونکي پنهنجو فرض نڀائڻو آهي. توکي نارڪراس جي قتل جي سزا ڀوڳڻي پوندي."

ڪرنان مشڪيو. هن پنهنجو هٿ ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهڻ چاهيو، پر ان کان اڳ ووڊز جهٽ ڏئي پستول ڪڍي سندس مٿان تاڻي ڇڏيو.

ڪرنان، اهو ڏسي کلڻ لڳو. "ان پستول کي هتان پري ڪر.آئون صرف توسان ڳالهائي رهيو آهيان.هڪ انسان کي ناهڻ لاءِ نون درزين جي ضرورت پوندي آهي، پر بگاڙڻ لاءِ هڪ ئي ڪافي آهي.

دراصل مون اها پينسل پنهنجي ويسٽ ڪوٽ جي کيسي ۾ وڌي هئي، جنهن ۾ سوراخ آهي. اتان شايد پينسل اتي ڪري پئي. آئون توکي سچي حقيقت ٻڌايان ٿو ته مون چو نارڪراس کي گولي هنئي. هو خبيث پستول کڻي منهنجي پويان پيو هو. مون کي پنهنجو پاڻ بچائڻو هو. سندس زال تمام پياري هئي. هوءَ بستري تي ستل هئي ۽ سندس ٻارنهن هزار ڊالرن جو هيرن وارو هار بغير ڪنهن مشڪل جي سندس ڳچيءَ مان لاهي ورتم. ان عورت منٿون ڪيون ته مان ڪيس اها سنهڙي سوني منڊي واپس ڪريان جنهن جي قيمت ٽي ڊالر هئي. مونکي لڳي ٿو ته ان عورت، نارڪراس سان سندس دولت خاطر شادي ڪئي هئي. اتي ڇهه منڊيون، ٻه هار، هڪ واچ ۽ پندرنهن هزار ڊالر ڪيش هئا."

"مون، توکي چيو ته سوچي سمجهي ڳالهاءِ."

"آه! نيڪ آهي." ڪرنان چيو. "اهو سمورو سامان هوٽل ۾ منهنجي بيگ ۾ پيل آهي ۽ هاڻي آئون توکي ٻڌايان ٿو ته آئون اهو سڀ ڪجهه توکي ڇو ٻڌائي رهيو آهيان. مونکي خبر آهي ته تون منهنجو دوست آهين ۽ مونکي ڇڱيءَ طرح سڃاڻين ٿو. جيڪڏهن تون، مونکي گرفتار ڪرڻ چاهين ته ٻه تنهنجي هٿ نه چرندا."

"مونکي ياد آهي." ووڊز چيو. "آئون تنهنجو قرض توکي موٽائي ڇڏيندس. هوئنن ٻه تو هيسيتائين مون کان اهي گهريا ٻه نه آهن. تنهنجي ان هزار ڊالرن مونکي بچائي ڇڏيو. نه ته مالڪ مڪان گهر مان منهنجو سامان ٻاهر اڇلائي رهيو هو."

" تون سچ ۽ صداقت جو پتلو يعني ٻارني ووڊز ان شخص کي گرفتار ڪري نه ٿو سگهين، جنهن جو تون مقروض آهين. آئون ماڻهو ماڻهوءَ کي سڃاڻان. منهنجو ڌنڌو ماڻهن، در درين ۽ ڪلفن کي پرکڻ آهي. هاڻي ماٺ ڪري ويهه، جيستائين آئون ويٽر کي سڏ ڪريان ۽ ڪجهه کائڻ لاءِ آرڊر ڏيان. "

ڪرنان ويٽر کي گهرائي آرڊر ڏنو ۽ ويٽر آرڊر ڏنل شيون کڻي آيو ۽ ٽيبل تي رکي هليو ويو.

"ان جو مطلب ته بازي تنهنجي هٿ ۾ آهي. مون توکي پئسا واپس نه ڪيا، جيڪڏهن ڪريان ها...پر هاڻي آئون توکي گرفتار نه ٿو ڪري سگهان. تون درست آهين، هڪ دفعي تو منهنجي مدد ڪئي ۽ هاڻي منهنجو وارو آهي ته آئون ٻه تنهنجي مدد ڪريان."

"مونکي اڳيئي خبر هئي." ڪرنان چيو. هن شراب سان ڀريل گلاس فخريه انداز ۾ مٿي ڪنيو. "مونکي ماڻهن کي پرکڻ جو ڪافي تجربو آهي."

" تون صحيح آهين." ووڊز پنهنجي ڳالهه کي جاري رکيو. "جيڪڏهن تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ اهي هزار ڊالر نه اچن ها ته پوءِ جيڪڏهن نيويارڪ جي سيني بئنڪن جا پئسا ٻه منهنجي اڳيان اچن ها ته ٻه شايد تون اڄ منهنجي هٿان بچي نه سگهين ها."

"مونکي خبر آهي ته اهو ممڪن نه هو. ان لاءِ ته مون چيو ته آئون بلڪل محفوظ آهيان."

## بکيرا

هي ڳوٺ نصرپور جي اوريان ٽن ڪوهن تي آهي. شيخ فاضل شاهه، جو شيخ بهاول الدين زڪريا ملتانيءَ جي اولاد مان هو، سوهزار ۽ ڪن ورهين جي سن ۾ اچي اتي ويٺو. چون ٿا ته انهيءَ وقت ڏاري آمريءَ جو مقام پُران جي ڪناري تي هو ۽ شيخ بهاوالدين ملتانيءَ جي يادگيريءَ جو نشان هو. انهيءَ جا مريد ۽ فقير اتي اچي گڏ ٿيندا هئا. مخدوم نوح جي مريدن زور زبردستيءَ سان اهو اچي هٽ ڪيو. شيخ بهاوالدين جا مريدَ انهن سان پڄي نه سگهيا، سي ملتان ڏي پڳا ۽ شيخ جي روضي تي دانهين ٿي وينا. انهيءَ وقت ڏاري شيخ جي اولاد مان هڪ وڏو بزرگ شيخ شهر الله نصرپور اچي لٿو ۽ رهڻ لڳو. شيخ فاضل شاهه ڪي پٽ ڪو نه هو، نياڻي هينس سا ڪٽي شهر الله ڪي ڏنائين ۽ انهيءَ ڪي پنهنجو ناٺي ڪيائين، پوءِ درجي بدرجي انهيءَ شيخ آمريءَ ورو اڳوڻو مقام آباد ڪيو ۽ شيخ ملتانيءَ جا مريد اڳي وانگي اتي گڏ ٿيڻ لڳا. انهيءَ شيخ ڪي ٻه پٽ ٿيا: هڪڙوشاهه سراج الدين ۽ ٻيوشاهه قائم الدين. قائم الدين شاهه ڪي اولاد ڪو نه ٿيو. سراج الدين شاهه جي بادشاهه وٽ گهٽي هلندي هئي. جن ڏينهن ۾ شام عنايت الله صوفيءَ سان جهوڪ ۾ جنگ ٿي، تن ڏينهن ۾ هو دهليءَ ۾ هو. انهيءَ ڪي ٻه پٽ ٿيا: هڪڙو فاضل شاهه ۽ ٻيو مهر شاهه، فاضل شاهه ڪي اولاد ڪو نه ٿيو، مهر شاهه ڪي قائم الدين شاهه پٽ هو، جنهن نالو ڪڍيو.

☆......☆......☆

ڏيڻ تي راضي ٿيو هو. جڏهن ته مون پنجيتاليهه سيڪڙو منافعو ڏيڻ واري هڪ جڳهه ڳولهي ورتي آهي."

"اڇا! ته تو مون کي ٻهريان ڇو نه ٻڌايو؟"

"مان ته عرض ڪرڻ وارو هيس سائين، پر توهان ...."

"اڇا ٺيڪ آهي... جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته ڪجهه انتظار ڪيو، ٿي سگهي ٿو ڪو ان کان به سٺو گراهڪ ملي وڃي."

"ٻانهو به اهو ئي سوچي رهيوهو. جناب اعليٰ"

حسين صاحب پنهنجي آفيس ۾ ويٺو ڪجهه فارم پڙهي رهيو هو ۽ اندر ئي اندر خود ڪلاميءَ ۾ مصروف هو."هو اهو سمجهي ٿو ته مان هن جون گهٽيون بي غيرتياڻيون حرڪتون صبر سان برداشت ڪندو رهندس. اڙي گيدي مان ڪو گڏهه آهيان ڇا؟ انسان گڏهه کي به چارو پاڻي ڏيندو رهندو آهي. هن جي مالش ڪندو رهندو آهي. جيئن گهڻو وزن ڪٽي سهي ۽ تون؟ بي بختا،مرده ضمير انسان، انسان جو ايتري قدر استحصال ڪري سگهين ٿو، ڪو سوچي به نٿو سگهي. ويهن سالن کان به گهڻو وقت ٿي ويو آهي مون کي توسان ڪم ڪندين. "اڄ سمجهي ويندو.سڀاڻي سمجهي ويندو" سوچيندي

صبر ڪندو رهيس. پر تون اهڙو ذليل آهين جو انسانيت جو هڪ ذرو به تنهنجي اندر داخل ناهي ٿيو. واھ سائين واھ. ڪم اسان ڪيون ۽ پيٽ پريندو هي وڃي! هاڻي وڃانس ٿو. مان ڪو هن ڪان ڊڄان ٿو ڇا؟ ڊڄانس به ڇو؟ ڪائي ته نه ويندو. هن ڀيري جيڪڏهن مان سيئي ڳالهيون هن جي منهن تي نه چيون ته مونکي ماڻهو نه چئجو. مان صاف صاف چئي ڇڏيندس. تو اسان کي بي وقوف سمجهيو آهي ڇا؟ هاڻي اسان توکي پنهنجو حق مارڻ جي ڪڏهن به اجازت نه ڏينداسون. جيڪڏهن اسان اڃا تائين وات ناهي کوليو ته اها اسانجي شرافت آهي. سوچيوسون ته شل توکي سمجهه اچي وڃي. پر تنهنجي ان کوپڙيءَ ۾ عقل جو ڪهڙو ڪم؟ تون چور آهين. جيڪو هر ماڻهوءَ جو حق کائيندو آهين! تو اسان جو پگهر، اسان جي رت ۽ اسان جي هڏين جي مک، سڀ چورائي چٽ ڪري ڇڏيا اٿئي. اڳين ڏينهن ڪهڙي نه فخر سان چئي رهيو هو. مون پنهنجي پٽ کي آمريڪا موڪلي ڊاڪٽر بڻائي ڇڏيو آهي. بي بختا توکي اهو چوندي شرم به نه آيو. تو واري پٽ کي تو نه، اسان تعليم ڏياري آهي. پاڻ پنهنجن ٻچن کي تعليم ناهي ڏياري پر تو واري ٻچي کي آمريڪا موڪليو آهي. اسانجو حق کاڌي بغير پنهنجي پٽ کي تعليم ڏيارين ها ته ڏسئون ها!، گڏھ ڪنهن جاءِ جا... (اهو چئي حسين صاحب زور سان ميز تي مکو وهائي ڪڍيو ۽ اهو چوندي ويهي رهيو) بس هاڻي مان وڃان ٿو پيو. هاڻي مان اکيون کولي ڇڏيندس ۽ زبان کي هلڻ ڏيندس... چور، حق خور."

ايتري مان ٻئي ڪمري مان مالڪ جي آوازآيس. "حسين صاحب ..."

حسين صاحب تڪڙ ۾ اٿيو. هلندي هلندي ڪوٽ جا بٽڻ بند ڪيائين. وارن کي هٿ جي آڱرين سان ڦٽي ڏنائين، قميص جو ڪالر سڌوڪيائين ۽ مالڪ جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪري اندر داخل ٿي ويو.

"حڪم منهنجا سائين ..."

"حسين صاحب! توهان کي ته خبر آهي هن ڀيري ڪمپني جي پوزيشن ڪجهه صحيح ناهي."

"جي منهنجا سائين... گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ صحيح ناهي. پوئين سال جي ڀيٽ ۾ هن سال جو منافعو 20 هزار گهٽ رهيو."

"بس سائين، منافعو وڌڻ بجاءِ گهٽ ٿي رهيو آهي. ڪهڙي تدبير سوچي آهي توهان؟"

"سائين منهنجي خيال ۾..... جيڪڏهن توهان مناسب سمجهو ته ... ٿورو هٿ ڇڪڻ جي صلاح ڏيندو..."

"بالڪل صحيح...."

"ٿوري ڇانٽي جي به ضرورت آهي، جناب اعليٰ، مثلن، نوراني صاحب پنهنجي ڪم کان علاوه مرتضيٰ صاحب جو به ڪم باآساني ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن توهان چاهيو ته گڏ ٽيليفون ايڪسچينج به اهو ئي آپريٽ ڪري سگهي ٿو. بلڪ مان ته چوندس ته ٽائيپنگ جو ٿلهو سنهو ڪم به ان جي ذمي ڪيو وڃي."

"ٻيو ڪجهه"؟

پڃري ۾ قيد شينهن ڪان جهنگ ڪان تمام پري پهچي چڪو هو.

هو اڃا تائين پنهنجي جهنگ کي وساري نہ سگهيو هو.

پڃري جي چوطرف ماڻهو جمع هئا. اهي ڪيس ڪاوڙ منجهان ڏسي رهيا هيا. اهي ڪانئس ڪو بہ خوف محسوس نہ ڪري رهيا هئا.

شينهن کي انهن ماڻهن کي ڏسي ڪري ڏاڍي حيرت ٿي رهي هئي.

انهن ماڻهن جي وچ ۾ هڪ ماڻهو ڪيس نظر اچي رهيو هو جيڪو حڪم

## وقت جو ڦيٿو ڪيئن گهميو آهي تنهن جي جهلڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏسندا

هڪ بامقصد علامتي ڪهاڻي، جنهن جو موضوع ۽ مقصد نئون، عجيب ۽ نرالو آهي. هڪ شينهن جي ڪهاڻي جنهن کي جهنگ مان ڪيدي ڪري شهر اندر پڃري ۾ قيد رکيو ويو هو. ان جي تربيت ڪيئن ٿي ۽ آخر هو ڇا بڻجي ويو، سو هن دلچسپ ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

# ڏهن ڏينهن جو شينهن

زڪريا تامر

سنڌيڪار: افضل هزاريہ



## سچي ڪي چور جو ڏپ نہ هوندو آهي

گرونانڪ، هڪڙي شش سان واٽ وٺيو پئي ويو. هڪ ہ واٽي تي پهچي ڳرونانڪ ننڍو رستو اختيار ڪرڻ گهريو ۽ شش ڏکهو.

"تون ننڍي رستي سان ڇو نٿو هلين؟" گرونانڪ سمجهائيندي پڇيس، "جڏهن تہ ان سان تہ منزل تي جلدي پهچبو."

"انهيءَ راهہ تي ڦورو آهن." شش جواب ڏنو.

"اها هڙ ڪولي ڏيکار تہ ان ۾ ڇا آهي؟" مٿي تي رکيل هڙ ڏانهن اشارو ڪندي گرونانڪ چيس.

شش هڙ ڪولي تہ ان مان سون جي ريٽي نڪتي.

"اها اڇلاءِ ۽ پوءِ ننڍي رستي تي بي ڊپو ٿي مون سان هل! ڇو جو..." گرونانڪ نصيحت ڪندي چيس. "سچي ڪي چور جو ڏپ نہ هوندو آهي."

مطلب: 1. ڏاڙيل بہ پريل پڪيل گهر ۾ ڏاڙو هڻي ٿو.

2. شيطان بہ علم واري ڪي ورغلائڻ تي وس ڪري ٿو.

3. ڏڳو نہ ڏور، ڇا ڪاهيندو چور.

4. سچو، سرڪار ڪان بہ ڏاڍو.

☆......☆......☆

شينهن ڪجهہ نہ ڪڇيو.

ٽرينر ڪيس چيو، "بيوقوف نہ ٿيءُ. جيڪو مان توکي چوان ٿو اهو ڪر. بس مجي وٺ تہ تون بکيو آهين تہ توکي کاڌي لاءِ سڀ ڪجهہ ملي ويندو."

شينهن چيو، "مان بکيو آهيان."

ٽرينر ڪلي پنهنجي شاگردن کي چيو، "ڏسو ،هي هاٿي اهڙو ڦاتل آهي جو هتان نڪري نہ ٿو سگهي."

هن حڪم ڏنو ۽ شينهن کي کائڻ لاءِ ڪوڙ سارو گوشت ملي ويو.

ٽئين ڏينهن تي ٽرينر شينهن کي چيو، "اڄ جيڪڏهن توکي کاڌو گهرجي ٿو تہ مان توکي جيڪي ڪجهہ ڪرڻ لاءِ چوان ،توکي اهو ڪرڻو آهي."

"مان تنهنجو ڪو حڪم نہ مڃيندس." شينهن جواب ڏنو.

"ايترو جلدي فيصلو نہ ڪر. جيڪو چاهيان ٿو اهو هڪ معمولي ڪم آهي. هيئر تون پڃري ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري رهيو آهين. جنهن وقت مان توکي چوان بيهہ، تہ تون صرف بيهي رهجان."

هيءُ تہ هڪ معمولي ڳالهہ آهي. شينهن دل ئي دل ۾سوچيو. ايئن نہ ٿئي جو مان پنهنجي هوڏ تي بيٺو هجان ۽ بکون ڪاٽيندو رهان.



# محشر

سلسلي وار ناول جي آخري قسط

سڊني شيلڊن/محمد ميمڻ

ان عورت جي ڪهاڻي، جيڪا
معصوم هئي. جڏهن ڪيس دنيا دوڪا ڏنا تہ
هيءَ بہ ان جو جواب ڏيڻ تي مجبور ٿي پئي. هن
جي ذهانت جي آڏو دنيا جا وڏا وڏا ذهن مات
ڪائي ويا ۽ هيءَ سيني ڪي سندن اکين ۾
سرمو وجهي ٽڪڻ لڳي

همت ۽ حوصلي جو اڻ وسرندڙ داستان



ڊنڊ ۾ ڪري پئي هئي. ٽريسيءَ ايميءَ جي جان بچائڻ جي لاءِ، فرار ٿيڻ ڪي ڇڏي، وچي ڍنڍ ۾ ايميءَ کي بچائڻ لاءِ ٽپو ڏنائين. جيتوڻيڪ کيس ترڻ به نه ايندو هو. هن جي بهادريءَ جي ڪري ايميءَ جي جان بچي وئي. سرڪار سندس اهڙي جذبي کي ڏسي کيس آزاد ڪري ڇڏيو. ٻاهر نڪرڻ سان ٽريسيءَ پنهنجي دشمنن جوزف رومانو، پيري پوپ، جج هينري لارينس ۽ اوورساٽيءَ کان بدلو ورتو. هن چارلس کي ڇڏي ڏنو، ڇو ته هو ازدواجي طور تي بدترين زندگي گذاري ويو هو. سڀني دشمنن کان بدلو وٺي، ٽريسي وٺني پنهنجي بينڪ ۾ وئي ته جيئن اتان سندس بقايا رقم وٺي سگهي. بينڪ کيس نپ جواب ڏنو. ٽريسي هڪ نيٽ ڪيفي ۾ ويهي بينڪ جو حفاظتي ڪوڊ کي کولڻ لڳي.

ٽريسي بينڪ جي ڪوڊ کي کولي ان مان صرف ايترا پئسا پنهنجي اڪائونٽ ۾ موڪليا، جيترا هن جا بينڪ طرف ٿيا پئي. تنهن بعد ٽريسي نوڪريءَ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي پر سندس جيل جو ماضي ڏسي کيس هر ڪنهن شڪ جي نگاهه سان ٿي ڏٺو. مجبورن مدد لاءِ کيس ڪونارڊ مارگن نالي جوهريءَ وٽ وڃڻو پيو، جنهن جو ڏس پتو کيس جيل جي هڪ ساٿياڻيءَ ڏنو هئس. ان جوهريءَ کيس شاهوڪار ماڻهن جي گهرن ۾ چوريون ڪرائڻ تي گهريون. ٽريسيءَ پهرين ته انڪار ڪيو پر بعد ۾ نوڪري نه ملڻ ڪري ان ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وئي. هن هڪ گهر ۾ چوري ڪئي. جيتوڻيڪ موقعي تي پوليس به پهچي وئي، پر ٽريسي پنهنجي عقل کان ڪم وٺندي پاڻ کي بچائي ورتو. کيس اهي هيرا جواهر هڪ ريل اسٽيشن تي ڪونارڊ مارگن جي حوالي ڪرڻا هئا پر رستي ۾ ٻن ٺڳن کيس پوليس آفيسر بڻجي اهي هيراجواهر ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽريسي پهرين ته اصلي پوليس وارا سمجهي گهٻرائجي وئي، پر پوءِ ڳالهه کي سمجهي وئي ۽ انهن کان ڪمال هوشياريءَ سان ان وقت اهي هيرا جواهر واپس ورتا جنهن وقت هو ايئرپورٽ تي جهاز ۾ چڙهي رهيا هئا.

ٽريسي انهن ٻنهي ٺڳن کان اهي هيرا واپس وٺڻ کانپوءِ مارگن کان ٻيڻا پئسا پرائي ورتا، ڇو ته کيس ٻيڻي محنت انهن هيرن ڪاڻ ڪرڻي پئي هئي. ٽريسي ان بعد هڪ جهاز تي گهمڻ لاءِ وڃي ٿي. اتي سندس ملاقات جيف سان ٿئي ٿي، جيڪو انهن ٺڳن منجهان هڪ هو، جن ٽريسيءَ کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان جهاز تي شطرنج راند جا دنيا جا ٻه مڃيل چئمپين به هئا. جيف کيس انهن سان راند ڪرڻ جي لاءِ چيو.

ٽريسي انهن ٻنهي سان راند ڪري ٿي ۽ حرفت جو استعمال ڪري ٻنهي کي شڪست ڏئي ٿي. ان نگيءَ کان پوءِ ٽريسي اهو سمجهي ته جيف ڪانئس پڇڻ چاهيو پئي، کيس ڇڏي هلي وئي. هاڻ ٽريسيءَ کي گنٿر نالي ماڻهو مليو هو، جيڪو کيس امير ماڻهن جي باري ۾ معلومات ڏئي ٿو ۽ ٽريسيءَ کي شاهوڪار طبقي ۾ متعارف ڪرائي ٿو. ٽريسي انهن کي ٺڳي ٿي. هاڻ ٽريسي پنهنجو روپ بدلائي مسز بينڪي ٿي هڪ تمام وڏي هيرن جو وڪرو ڪندڙ دڪان تي وڃي ٿي ۽ اتان هڪ هيرو هڪ لک ڊالرن جو آهي. تنهن کان پوءِ وري ان دڪان تي اچي ٿي ۽ ان جي مئنيجر هالسٽن کي ٻئي ساڳئي هيري جي لاءِ چوي ٿي، جنهن لاءِ هو چار لک ڊالر ڏيڻ لاءِ به تيار آهي. هالسٽن ان ٻئي هيري جي ڳولا ڪرائي ٿو. کيس هڪ فون اچي ٿو، جنهن ۾ هڪ عورت ڪونٽيسا ماريا کيس اهڙو ساڳيو هيرو وڪڻڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري ٿي. هالسٽن ان وٽ اچي ٿو ته جيئن ڪانئس اهو هيرو خريد ڪري، مسز بينڪي کي وڪڻي ناڻو ڪمائي.

هالسٽن هن جي چڪر ۾ اچي ويو. ٽريسي مسز بينڪي بڻجي ڪانئس خريد ڪيل

هڪ لک ڊالر وارو هيرو ڪيس ٻه لک پنجاهه هزار ڊالرن ۾ وڪيو. تنهن بعد ٽريسيءَ ريل گاڏيءَ ۾ هڪ امير اطالوي جوڙي کي ڦريو. جيتوڻيڪ پوليس جي سخت چوڪسي هئي. ٽريسي اهو ڦر ڪيل مال ان ساڳين ماڻهن جي بيگ ۾ رکيو، جنهن کان چوري ڪيو هئائين. اهڙي نموني اهو مال ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. تنهن بعد هن فرانس جي هڪ نواب جي گهر چوريءَ جو پروگرام ٺاهيو.

نواب جي گهر ۾ نهايت حفاظتي انتظام هو. اتان چوري ڪرڻ چڻ ناممڪن هو. هر هنڌ برقي اوزارن جو ڄار وڇايل هو، پر پوءِ به ٽريسي پنهنجي ذهانت کان ڪم وٺندي اهو ناممڪن ڪم به سرانجام ڏئي ٿي. ان کان پوءِ ٽريسي فرانس ملڪ جي هڪ تفريحي شهر ۾ اچي ٿي، اتي سندس ملاقات هڪ نڱ پروفيسر سان ٿئي ٿي، جيڪو کيس سمنڊ ۾ ڪنهن پراڻي دور ۾ ٻڏل خزاني بابت ٻڌائي ٿو. ٽريسي ان خزاني جي ڳولا جي دلچسپي وٺي ٿي ۽ کيس گهربل پئسو مهيا ڪرڻ جو واعدو ڪري ٿي. اهو پروفيسر پنهنجي مربي ۽ شهر جي وڏي غنڊي آرمنڊ گرئنگر وٽ اچي ٿو. آرمنڊ ٽريسيءَ جي ڪارنامن کان ڀلي ڀت واقف آهي. هو حيران آهي ته ٽريسي جهڙي هوشيار عورت پروفيسر جي چڪر ۾ اچي سگهي ٿي. ٽريسي آرمنڊ گرئنگر ۽ پروفيسر کي جعلي نوٽن ناهڻ جي مشين جو جهانسو ڏئي ٺڳي وڃي ٿي ۽ آرمنڊ آفريڪا فرار ٿي وڃي ٿو ته جيئن پنهنجي خونخوار پارٽنرن کان جان بچائي سگهي. ان کان پوءِ ٽريسي اسپين جي شهر ميڊرڊ اچي ٿي ته اتي هڪ انتهائي حفاظت واري ميوزم مان نهايت قيمتي تصوير چورائي. اتي سندس جيف سان ملاقات ٿئي ٿي. ٻئي گڏجي گهمن ٿا. ٽريسيءَ جي پويان ڊينيئل ڪوپر پاڇي وانگر لڳل آهي ته جيئن کيس موقعي تي پڪڙي سگهي.

هاڻي ٽريسيءَ ۽ جيف جو ٽارگيٽ چار ملين ماليت جا هيرا آهن، جيڪي پيرس کان هالينڊ ڏانهن مسافر بردار جهاز ذريعي منتقل ٿي رهيا آهن.اهي جهاز جي عملي سان ملي ڀڳت ڪري جهاز جي هيرن رکيل ڪمپارٽمينٽ ۾ ڳجهه ڳوهه ۾ ٽريسي کي چاڙهين ٿا . ٻاڏا اونداهه ۽ لوڏن سبب ٽريسي وڏي مشڪل سان اصلي هيرن جي جاءِ تي نقلي هيرا رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي پر حد کان وڌيڪ تڪليف ۽ ٿڪاوٽ کان ساڻي ٿي پئي ٿي،اوچتو ڪمپارٽمينٽ ۾ داخل ٿيندڙ گارڊن جي قدمن جا آواز ٻڌندي ٻڌندي پنهنجو هوش وڃائي ويهي ٿي ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿي. ٽريسيءَ کي جڏهن هوش اچي ٿو ته کيس خبر پئي ٿي ته سندس بخار واري خراب حالت دوران جيف پنهنجو پاڻ کي تڪليف ڏيندي هن جو ڀرپور خيال رکيو هو. ٽريسي جيف جي ان رويي تي سخت حيران آهي. جيف ساڻس محبت جو اقرار ڪري ٿو. هوڏانهن وري جهاز ۾ پوليس کي ٽريسيءَ جو بي ڏيانيءَ ۾ ڇڏيل مفلر ملي ٿو. انهن جو هاڻ ٽريسيءَ مٿان شڪ يقين ۾ بدلجي وڃي ٿو. جيف ۽ ٽريسي هاڻي فيصلو ڪن ٿا ته هو گناهن جي زندگيءَ کي هميشه لاءِ خيرآباد چئي پرسڪون ۽ آرام واري زندگي گهاريندا پر گنٿر کين مجرائي وني ٿو ته اهي سندس لاءِ آخري جوکم کڻن ۽ هالينڊ مان ويهه لک ڊالر حاصل ڪن. اهي هاڻي هالينڊ جي گادي واري هنڌ هڪ هوٽل ۾ ترسيل آهن ۽ علائقي جو ڪمشنر،انسپيڪٽر، ڊينئل ڪوپر جاسوس جي ٽيم سندن پويان لڳائڻ جو فيصلو ڪن ٿا . هاڻي جاسوس ٽريسيءَ ۽ جيف جو هر هنڌ تي سائي وانگر پيڇو ڪن ٿا . ڪجهه ڏينهن ترسي ڪري ڪمشنر جي اجازت سان انسپيڪٽر سندن هوٽل

*واري ڪمرن ۾ لڪ ڇپ ۾ سندن ڳالهايل آوازن کي ريڪارڊ ڪرڻ لاءِ خفيه جاسوسي ٽيپ ريڪارڊر نصب ڪرائي ٿو. پاڻ وري انهن جي هوٽل جي ڪمرن مٿان اينٽينا ۽ رسيور لڳائي، ڊينيئل ڪوپر ۽ پنهنجي اسسٽنٽ ساڻ سندن آواز اڪر به اڪر ٻڌن ٿا. هاڻي جيڪو ڪجهه اهي ڳالهائين ٿا ۽ ڪن ٿا. انهن جي هنن کي مڪمل ڄاڻ ملي رهي آهي. هوڏانهن وري ٽريسي ۽ جيف عجيب عجيب ڪم سرانجام ڏين ٿا، جنهن ڪري انسپيڪٽر ۽ ڊينيل ڪوپر مونجهه جو شڪار آهن. ڪڏهن ٽريسي ۽ جيف هالينڊ جون خوبصورت نهرون گهمڻ لاءِ بحري ٻيڙو بڪ ڪرائين ٿا. ڪڏهن اهي هيرن کي ڪٽيندڙ فيڪٽريءَ جو دورو ڪن ٿا ته ڪڏهن املهه، ناياب ۽ قديمي ٽڪلين جي وڪڻڻ واري نمائش ۾ حصو وٺن ٿا. ڪڏهن ٽريسي جانورن جي اسٽاڪ رکيل اسٽور تان ڪبوتر ۽ جهرڪي خريد ڪري ٿي. هوڏانهن جيف سيڪيورٽي آفيسر جو بهروپ ڪري ڪچي سون منتقل ڪندڙ ايمرو بينڪ جي مئنيجر سان ملي ڪري بينڪ جي سيڪيورٽي سسٽم بابت معلومات حاصل ڪري ٿو. انسپيڪٽر ۽ ڊينيئل ڪوپر کي اها پڪ آهي ته اهي بئنڪ مان ڪچو سون چورائيندا. جيف ظاهري طور تي جعلي سيڪيورٽي گارڊس جون يونيفارمس به ورتيون آهن ۽ بينڪ مان ڪچو سون کڻندڙ ساڳي بڪتربند ٽرڪ جهڙي ٽرڪ به ڪرائي تي ورتي، ان کي ساڳيو رنگ ڪرائي ۽ ان جو فرش مضبوط ڪرايو آهي، هاڻي ٽريسي ۽ جيف ان ٽرڪ کي چيڪ ڪرڻ لاءِ ٽرائي وٺي رهيا آهن. جڏهن ته ڊينيل ڪوپر ۽ انسپيڪٽر انهن جي هر هڪ حرڪت کان ڄاڻ رکي رهيا آهن.*

( هاڻ اڳتي پڙهندا )

**ٽريسي** ڊيش بورڊ جو بٽڻ دٻايو ۽ ٽرڪ کي ڍڪڻ وارو ڪپڙو ٽرڪ جي هز پاسي تي پٽجي ويو ۽ ان ٽرڪ کي لڪائي ڇڏيو.

"ها، ٺيڪ آهي، هاڻي اهو صحيح ڪم پيو ڪري" جيف خوشي وچان چيو.

☆......☆......☆

جيف ۽ ٽريسيءَ جا تازا نڪتل فوٽو ۽ سندن بابت تفصيلي معلومات انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين جي آفيس ۾ سندس ڊيسڪ آڏو رکيل هئا. جڏهن ته ساڳي ڪمري ۾ هڪ ڪنڊ کان ڊينيل ڪوپر خاموشيءَ سان چپ چاپ ويٺو ڪجهه سوچي رهيو هو.

هن ڪافي عرصي کان وٺي ٽريسيءَ جي هر قدم تي نظر رکي هئي. اهي هاڻي سندس ڄار ۾ جڪڙجي رهيا هئا. اهي ان ۾ ويتر کان ويتر ڦاسندا پئي ويا.

انهن تي نظر رکي هاڻي جاسوس به ڪجهه بيزار ٿي ويا هئا ۽ گڏوگڏ انهن ۾ تجسس به وڌي رهيو هو. جڏهن ته ڪوپر به چاهيو ٿي ته هاڻي اهو قصو اختتام تي پهچي.

"سيئي ڳالهيون منصوبي مطابق ٿي رهيون آهن." انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين چئي رهيو هو، " انهن کي خبر آهي ته اصل بڪتربند ٽرڪ کهڙي ٽائيم تي بئنڪ وٽ پهچندو. انهن اهو منصوبو ٺاهيو آهي ته اهي اڌ ڪلاڪ پهرئين ئي اتي سيڪيورٽي گارڊس جي جعلي روپ ۾

## شاعر ۽ شادي

مان توهان کي هڪ قصو ٿو ٻڌايان جيڪو بابا مون کي ٻڌايو ته هڪ شاعر هو. ان جو نالو مان نه ٿو ڪٺان ،ان ڪري جو ماڻهو ان تي پوءِ آگريون ڪڻندا ۽ هن جو مذاق اڏائيندا.

شاعر جي شادي ٿي رهي هئي، رسمون وسمون ختم ٿيون، مهمان هليا ويا.آخر ۾ ڪنوار ۽ هيءُ اڪيلا ڪمري ۾رهجي ويا. ڪنوار جو ڪمرو خوبصورتيءَ سان سجايو ويو هو. ڪنوار سجيل بستري تي گهوٽ جو انتظار ڪري رهي هئي پر گهوٽ بستري تي وڃڻ بجاءِ ڪرسي ڇڪي، اتي ويهي نظم لکڻ لڳو. هو سڄي رات نظم لکندو رهيو، هڪ ڊگهي نظم پنهنجي محبت جي باري ۾، پنهنجي ڪنوار جي باري ۾ ۽ زندگي جي هن خوبصورت ترين رات جي باري ۾.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان وقت به لکڻ ۾ مصروف رهي، جڏهن هن جي نئين نئين ڪنوار هن جو بي چينيءَ سان انتظار ڪري رهي هجي، جيڪڏهن هو پنهنجي محبوبه جي موجودگيءَ ۾ قلم ۽ ڪاغذ هڪ طرف نه ڪري سگهي ته اهو شاعر ناهي، پر نقل ڪندڙ ۽ ڏوڪي باز آهي.

انسان کي ڪم يقينن ڪرڻ گهرجي. هڪ دفعو هڪ وڏو عقلمند ماڻهو هڪ وڻ جي هيٺان منهن کولي ليٽي پيو ۽ ان ڳالهه جو انتظار ڪرڻ لڳو ته صوف پاڪهي هن جي وات ۾ ڪرندا پر هڪڙو به صوف هن جي وات ۾ نه آيو.

ڪم ۽ جفاڪشيءَ کان به وڌيڪ، صلاحيت کان به وڌيڪ، ضروري آهي شاعر لاءِ خلوص ۽ خلوص. تمام انسانن لاءِ ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ به.

عورتن کي اداڪرڻو پوندو آهي. سياڻي ُهو پنهنجي گهر يعني جيل طرف روانو ٿيندي، جتي هن کي سڄي ڄمار رهڻو پوندو.

☆......☆......☆

"تون منهنجو معصوم سهارو آهين." هن جي ماءُ هن کي چيو، "مان نه ٿي سمجهان ته مان تنهنجي بغير به ڪجهه ڪري سگهان ٿي."

ڊينيل جو پيءُ هنن کي بنا ٻڌائڻ جي، ڇڏي گهر ٿي ويو هو. ڊينئل ان وقت ڇهن سالن جو هو. شروعات ۾ ته هي پاڻ کي انهي جو ذميوار سمجهندو هو، پر پوءِ سندس ماءُ کيس ٻڌايو ته اهو ڪم هڪ ٻئي عورت جي ڪري ٿيو آهي ته ڊينيئل ڪوپر ان ٻيءَ عورت کان سخت نفرت ڪرڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته سندس ماءُ کي ٻيءَ عورت جي ڪري ئي تڪليف جو رسي هئي.

هن ڪڏهن به ان ٻيءَ عورت کي نه ڏٺو هو پر هن کي اها خبر هئي ته اها ڪا " گندي عورت" هئي، ڇو ته هن جي ماءُ ان عورت کي ان نالي سان پڪاريندي هئي، بعد ۾ هي ان ڳالهه تي خوش ٿيندو هو ته اها عورت سندس پيءُ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويئي هئي ۽ هوءُ ۽ سندس ماءُ اڪيلا رهڻ

ڪپڙا بہ پاتا آهن. ڊينئل اسڪول مان اچڻ وارو هوندو. اڄ هن جي سالگرهہ آهي. منهنجي جان پاڻ سياڻي ملنداسين."

ٻاهريان گيٽ بند ٿيڻ وقت دروازي مان ڪو بہ آواز نہ آيو. ان ڪان پوءِ ڊينيئل ڪي، هن جي ماءُ جي غسلخاني مان پنهنجي مٿان پاڻي نانئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هاڻي ُهوءَ هن لاءِ هن جي ماءُ نہ هئي.هو هن لاءِ هاڻ صرف گندي عورت هئي، جيڪا گندي ماڻهن سان گڏ سمهندي هئي.ڊينيئل ماڻس جي باٿ روم ۾ بنا ڪپڙن جي گهڙيو. ماڻس ڊينئل طرف منهن ڪيو ۽ هن کي اگهاڙو ڏنو تہ ڪيس چيو."ڊينئل، منهنجي جان! تون ڇا پيو ڪرين...؟"

ڪوبر جي هٿ ۾ هڪڙي وڏي ڦٽنچي هئي، "ڊينئل..." هن جي وات مان پوءِ صرف هڪ لفظ "او" ئي نڪتو هو ۽ پوءِ ڦٽڪڻ لڳي. ڊينئل هن جي ڇاتي ۾ ڀهرين ڏک سان ڦٽنچي گهپائي وڌي هئي. هن جي منهن مان رڙيون نڪري رهيون هيون. "گندي عورت..گندي عورت! گندي عورت."

ڊينيئل ماڻس جي رت ۾ بلڪل ٻڏي ويو هو ۽ ماڻس جي ٽب مان ٻاهرنڪري پنهنجي جسم تي لڳل رت کي پاڻيءَ سان ڌوتو ۽ هي ان وقت سوچي رهيو هو تہ " پاڙي واري ماڻهوءَ منهنجي ماءُ کي قتل ڪيو آهي ۽ ان کي ئي ان جي سزا ملندي." تنهن ڪانپوءِ هن سڀ ڪجهہ پنهنجي سوچ ڪان مٿي ڪيو. سندس حرڪتون غير معمولي هيون. ڊينئل پنهنجي هٿن جا نشان ڦٽنچي تان مٽايا ۽ ان کي پنهنجي ماءُ جي باٿ ٽب ۾ اڇلايو.

هن ڪپڙا پاتا ۽ پوليس کي فون ڪئي. ٻہ پوليس ڪارون سائرن وڄائيندي پهتيون. ٻي ڪار جاسوسن سان ڀريل بہ اچي پهتي. انهن ڊينئل ڪان سوال پڇيا. هن کين ٻڌايو تہ هن کي سوير اسڪول اماڻيو ويو هو ۽ اسڪول مان ورندي هن پاڙي واري فريڊ زمر کي سندس گهر مان نڪرندي ڏٺو هو. جڏهن پوليس وارن فريڊ زمر ڪان سوال ڪيا تہ هن مڃيو تہ هو ڊينئل جي ماءُ جو عاشق هو پر هن ڊينيئل جي ماڻس جي قتل جي ڏوهہ مڃڻ ڪان انڪار ڪيو. ڊينئل جي شاهدي جي ڪري زمر کي ڪورٽ ڏوهاري قرار ڏيئي سزا ڏني.

"تون جڏهن اسڪول مان واپس آئين تہ ڇا تو پاڙي واري فريڊ زمرکي ئي پنهنجي گهرمان پڃندي ڏٺو؟"

"ها سائين."

"ڇا تون هن کي صحيح نموني سڃاڻين تو؟"

"ها،سائين."

"تہ پوءِ تو ڇا ڪيو؟"

"آئون... ان وقت ڏاڍو ڏڃي ويو هئس.جنهن وقت مون اهو ڏٺو تہ پاڙي وارو هيءُ شخص منهنجي گهر مان ڊڪندي وڃي رهيو هو تہ ان وقت مرن کي لڳو تہ ڪو واقعو منهنجي ماءُ سان پيش آيو هوندو."

" ڇا پوءِ تون گهر طرف اندر تائين وئين؟

"ها،سائين."

"پوءِ تو ڇا ڪيو؟"

"مون رڙ ڪئي.امان،امان..... پر هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو.ان ڪان پوءِ آئون

باٿ روم طرف ويس ...."

ايستائين پهچڻ تي نڊيڙي ٻار جذباتي ٿيندي سڏڪا ڀريا ۽ روئڻ لڳو.

فريڊ زمر کي ان شاهديءَ جي تيرنهن مهينن کان پوءِ ڦاهي تي چاڙهيو ويو.

ان کان پوءِ نوعمر ڊينئل کي ٽيڪساس ۾ سندس پري وارن مائٽن ڏانهن رهڻ لاءِ اماڻيو ويو. جتي سندس چاچي رهندي هئي، جنهن جو نالو ميٽي هو. هي هن سان پهرين اڳ ڪڏهن به نه مليو هو. هوءَ هڪ سخت قسم جي عورت هئي. هو سينيءَ سان سختيءَ سان پيش ايندي هئي. ان گهر ۾ ڊينيئل ڪڏهن به ڪا خوشيءَ نه ڏٺي. هر وقت ماحول ٻسيل ٻسيل هوندو هو.

ڊينيئل کي پنهنجي ضمير چڪ پئي هنيا. سندس ماءُ جي مرڻ کانپوءِ اجا ڪيس گهڻو عرصو به نه ٿيو هو جو هي چرين وانگر حرڪتون ڪرڻ لڳو.هن ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو. جن چيو ته هن ۾ چرپائپ واريون ڳالهيون پيدا ٿي رهيون آهن. ڇو ته هن جي ذهن ۾ ڪا اهڙي ڳالهه آهي. جنهن کي هي وسارڻ ٿو چاهي، پر اها ڪائنس نه ٿي وسري. روزبروز هن جي نظر ڪمزور ٿيندي وئي ۽ هي صحيح ڏسي به نه ٿي سگهيو. هن جي نظر واري چشمي جا لينس ٿلها ٿيندي پئي ويا.

سترهن سالن جي عمر ۾ ڊينيئل پنهنجي چاچيءَ جي گهر کان ڀڄي نڪتو ۽ ٽيڪساس کي هميشه لاءِ خير آباد چيائين.

هو هاڻي نيويارڪ ۾ رهندو هو ۽ ڪيس انٽرنيشنل انشورنس پروٽيڪشن ايسوسيئيشن ۾ قاصد طور ڀرتي ڪيو ويو هو.ٽن سالن کان پوءِ کيس تحقيقاتي آفيسر جي عهدي تي ترقي ڏني وئي.ايسوسئيشن هن کي سڀ کان بهترين آفيسر قرار ڏنو. هن ڪڏهن به اضافي پگهار جي گهر نه ڪئي ۽ نه ئي ڪنهن ٻي سهولت جي گهر ڪئي.

ڊينئل انهن سيني شين کي وساري ڇڏيو هو. سندس خيال مطابق هي خدا جي طرفان موڪليل سزا جو فرشتو هو. جنهن جو ڪم گناهگارن کي انهن جي ڪئي (ڏوهه) جي سزا ڏيارڻ آهي.

ڊينئل ڪوپر پنهنجي خيالن مان نڪتو ۽ وهنجي ٽب مان اٿيو . سمهڻ لاءِ بستري ڏانهن ويندي سوچڻ لڳو"سڀاڻي اهو ڏينهن هوندو جڏهن گندي عورت ٽريسيءَ کي سندس ڪيل ڏوهن جي سزا ملندي. ڪاش سندس ماءُ اتي هجي ها ۽ ٽريسيءَ کي ڏنل سزا ڏسي ها!"

☆......☆......☆

ايمسٽر ڊيم

جمع. آگسٽ 22 وقت صبح 00-8 وڳي

ڊينئل ڪوپر ۽ ٻن جاسوسن کي اها ذميواري سونپي وئي هئي ته هو ٽريسي ۽ جيف جي ناشتي تي ڪيل گفتگو ٻڌن.

"منهنجي جان.چا ڪپئي؟ رول يا ڪافي؟"

" ڪجهه به نه.مهرباني."

ڊينئل ڪوپر سوچيو."ٻئي گڏجي آخري ناشتو ڪري ونو."

"ڇا توکي خبر آهي مان ڪهڙي

## دنيا جا حيرت انگيز انساني مقدس ميڙاڪا

☆ هرسال دنيا جو وڏي ۾ وڏو انساني ميڙ سعودي عرب جي پاڪ شهرمڪي شريف ۾ جمع ٿئي ٿو. جيڪو چاليهہ لکن کان بہ وڌيڪ ٿئي ٿو. ان جو مکيہ مقصد الله جو فرض پورو ڪرڻ آهي ۽ الله کي خوش ڪرڻ آهي.

☆ هندو وري هندوستان جي ڏور وارين علائقن مان بس، ريلوي ٽرين، گاڏين يا پيرين پنڌ گنگا ندي River Gangesوٽ وهنجڻ لاءِ اچن ٿا. انهن جو تعداد 2 کان 3 لک تائين ٿئي ٿو.انهن جو عقيدو آهي تہ ان سان سندن گناهہ معاف ٿي ويندا ۽ انهن کي ڌرتيءَ تي ٻي جنم ٿيڻ کان پوءِ وري مٿي آسمان تي قائم جنت ۾ جڳهہ ملندي.

☆ خدا کي نہ مڃيندڙ روسين جو بہ هڪ وڏو ميڙ روس جي گادي واري هنڌ "ريڊ اسڪوائر" ۾جمع ٿئي ٿو، جيڪي انهن جي باني ولاديمير ايلچ لينين وٽ جمع ٿين ٿا. جنهن مارڪسٽ رياست جو بنياد وڌو هو.

☆ "St: Palricks Purgalory"(روحن کي پاڪ ڪرڻ واري جاءِ). ڪيٿولڪ عقيدو رکندڙن جو عقيدو آهي تہ اتي گندا روح پاڪ ٿين ٿا. هيءَ جڳهہ آئرلينڊ ۾ آهي ۽ هتي 4 کان 5 لک ماڻهو هر سال جمع ٿين ٿا.

☆ ان کان علاوه فرانس جي شهر پيرس جي مقام وٽ لکين عيسائي جمع ٿين ٿا، جتي وري هي ڳالهہ مشهور آهي تہ ان جڳهہ تي بيبي مريم جي جهلڪ ڏٺي ويئي هئي.

ڳالهہ جي ڪري تجسس ۾ آهيان؟ اسان جي سفر بيڙي جي سفر جي باري ۾."

" نا! پر ان ۾ خاص ڳالهہ ڪهڙي آهي؟ "

"ڇاڪاڻ جو انهي سفر ۾ پاڻ صرف ٻہ هونداسين."

ٻنهيءَ جي کلڻ جو آواز.

"مون کي هن خوبصورت شهر کي ڇڏيندي افسوس پيو ٿئي."

"هيڏانهن ڏس! پياري. هن واردات کان پوءِ پاڻ ڪروڙپتي ٿي ويندا سين. "

ٽريسي جي ٽهڪ جو آواز.

"تون صحيح پيو چوين. جان من."

نائين وڳي صبح مهل تائين ٻنهيءَ جون اهي ڳالهيون جاري هيون . ڪوپر سوچيو پئي تہ." اهي هاڻ تيار آهن.هاڻي اهي پنهنجي منصوبي تي آخري پيرو نظر وجهندا.مونٽيءَ جو ڇا ٿيندو؟ اهو هنن سان ڪڏهن ملندو؟"

جيف چئي رهيو هو."پياري ڇا تون، هوٽل جي ڪنهن ماڻهوءَ کي گهرائي سامان کي ٻڌندينءَ ؟ مون کي لڳي ٿو تہ آئون ڪم جي ڪري مصروف رهندس."

"ها، چو نہ." ٽريسي چيو." مان هيٺان ڪنهن ماڻهوءَ کي گهرائي ٿي وٺان پر هي اهو ڪيڏو نہ عجيب سسٽم آهي.

"اهي ڪڏهن به سون جي پويان نه هئا. اهو سيٽ اپ ڊرڪو هو. اسان کي بيوقوف بڻايو ويو آهي."

"اهو ممڪن نه آهي، منهنجو مطلب آهي ته اها ٽرڪ، اها ٻيڙي، اهي يونيفارمس ... اسان وٽ ته سندن فوٽو به ته آهن...."

"ڇا تون سمجهي نه ٿو سگهين؟ انهن کي خبر هئي ته اسان سندن هردم سائي وانگر پيڇو ڪري رهيا آهيون!"

انسپيڪٽر وان ڊيورين جو منهن اڇو ٿي ويو. "او منهنجا خدا.... اهي هاڻي الاهي ڪٿي هوندا؟"

☆......☆......☆

پولر پوٽر گهٽيءَ وٽ ڪوسٽر ۾ ويٺي ٽريسي ۽ جيف هالينڊ واري هيرن کي ڪٽيندڙ فيڪٽريءَ وٽ پهتا. جيف کي نقلي ڏاڙهي ۽ مڇون لڳل هيون ۽ هن پنهنجي ڳل ۽ نڪ کي فوم جي ٽڪرن سان ٿپي پنهنجي مهانڊي کي تبديل ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڪري ڪيس ڪير به سڃاڻي نه پئي سگهيو. هن کي رانديگرن وارو لباس پاتل هو ۽ هٿ ۾ ٽيبل ٽينس کيڏڻ وارو سامان جو ننڍو ٿيلهو هوس. ٽريسيءَ کي ڪاري وِگ پاتل هئي ۽ پيٽ سان هڄڻ وارين عورتن وانگر گهيريدار ويڪري پوشاڪ پهريل هئي. سندس هٿن ۾ ٻار کي لوڏڻ وارو ننڍو پينگهو هو. سندس منهن تي حد کان وڌيڪ ميڪ اپ ٿپيل هو ۽ ڪاري اس وارو چشمو پاتل هو. هن وٽ هڪ وڏو بريف ڪيس ۽ هڪ گول ناسي ڪاغذ سان ويڙهيل پارسل به هو. ٻئي ڄڻا رسيپشن روم ۾ آيا ۽ سير وتفريح ڪندڙ

## حجام ۽ سندس گراهڪ

هڪ نوجوان حجام جي دڪان ۾ آيو ۽ حجام کي وار ڪٽڻ لاءِ چيو ته حجام ڪيس چيو ته هتي رش آهي تنهنجا وار مان ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ڪٽيندس. تيستائين تون انتظار ڪر. نوجوان يڪدم حجام جي دڪان مان نڪتو. ٻئي ڏينهن تي به ائين ٿي ٿيو ۽ وري ٽئين ڏينهن تي به ائين ٿي ٿيو. آخر حجام هن مان تنگ ٿي پنهنجي اسسٽنٽ کي چيو ته ڏس ته سهي، هي آخر هتي انتظار ڇو نه ٿو ڪري ۽ ڪيڏانهن ٿو غائب ٿي وڃي. ان کان پوءِ اسسٽنٽ هن جو پيڇو ڪيو ۽ اهو معلوم ڪري وڌو ته آخر هُو ڪيڏانهن ٿو وڃي.

اسسٽنٽ رپورٽ پنهنجي مالڪ کي ڏني، "مون کي خبر ناهي ته هي ڪٿان ڪان اچي ٿو پر جيئن ئي توهان هن کي هڪ ڪلاڪ يا ٻه ڪلاڪ جوانتظار جو چئو ٿا ته هي توهان جي گهر اندر وڃي ٿو.

---

سياحن سان گڏ گائيڊ کي ٻڌڻ ويهي رهيا.

"... ۽ هاڻي توهان ليڊيز ۽ جينٽلمين منهنجي پويان ايندو ته توهان ڏسندو ته اسان جو هيرن کي ڪٽيندڙ ڪم ڪيئن ٿئي ٿو. هتي توهان کي موقعو ملندو ته توهان اسان جا بهترين ۽ناياب هيرا خريد ڪري سگهو."

گائيڊ انهن کي ساڻ ڪري وٺي وڃي رهيو هو. گائيڊ سان گڏ اهو هجوم ان دروازن تي پهتو، جيڪي فيڪٽريءَ اندر

پوري چوڪسيءَ سان حفاظت ڪئي وڃي ٿي. هاڻي توهان مان جيڪي خريداري ڪرڻ چاهين ٿا،اهي هتان جا بهترين هيرا...."

لائيٽ هڪ دفعو وري هلي وئي.

الارم وري وڄڻ شروع ٿي ويا ۽ اسٽيل شٽر پڻ وري بند ٿي ويا.

هجوم مان هڪ عورت جي رڙ آئي. "پاڻ کي ٻاهر نڪرڻ گهرجي هيري."

"ڇا تون چپ ڪندئين ڊائنا؟" هن جي مڙس ڪاوڙ مان چيو.

ڊاڪٽن جي هيٺ تهه خاني ۾ جيف فيوز باڪس جي پر ۾ بيٺو هو ۽ مٿان کان سياحن جون دانهون ٻڌي رهيو هو. هن ڪجهه وقت انتظار ڪيو ۽ سوئچ جي تارن کي وري ڳنڍيو. لائيٽ ٻيهر جهمڪو ڏنو.

" ليڊيز و جينٽلمين " گائيڊ ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو." اهو ٽيڪنيڪل فالٽ آهي" هن چابي ٻيهر ڪيسي مان ڪڍي پٽ جي سوراخ ۾ وجهي ان کي گهمايو ته شٽر ٻيهر کلي ويا.

ٽيليفون جي گهنٽي وري وڳي. گائيڊ يڪدم ان جو رسيور کڻي ورتو."هيڊ ڊرڪ پيو ڳالهايان.نه، ڪيپٽن.هائو. اسان کي فورن انهي سلسلي ۾ ڪجهه ڪرڻو پوندو."

ڪمري جو دروازوکليو ۽ جيف اندرآيو. هن جي ساڄي هٿ ۾ اوزارن جو باڪس هو. هن جي مٿي تي بجليءَ جي ڪم ڪندڙن جهڙو ڪيپ پاتل هو. هن گائيڊ طرف اشارو ڪيو.

"مسئلو ڇا آهي؟ ڪنهن مونکي ٻڌايو آهي ته اليڪٽريڪل سرڪٽ ۾ پرابلم آهي."

"لائيٽ جهمڪو ڏئي بند ٿي وڃي ٿي." گائيڊ وضاحت ڪئي." تون ڏس ۽ ان کي مهرباني ڪري هڪدم صحيح ڪر."

پوءِ گائيڊ سياحن طرف مڙيو ۽ چپن تي زوري مسڪراهٽ وجهندي چيو."توهان هيڏانهن چونه ٿا اچو ته جيئن توهان آساني سان اسان جا عمده هيرا مناسب قيمت تي چونڊي سگهو؟"

سياحن جي ٽولي شوڪيس ڏانهن حرڪت شروع ڪئي. جيف هجوم کان نظرون چورائيندي هڪ ننڍي گول شي کيسي مان ڪڍي ان جي پنَ ڇڪي ۽ اها لوڪو لان هيري جي هار پاتل بت پويان اڇلائي. انهيءَ شيءِ منجهان ڪارو دونهون ۽ چڻنگون خارج ٿيڻ لڳيون.

جيف گائيڊ ڏانهن منهن ڪندي رڙ ڪئي، "هي آهي مسئلو توهان جو. زمين ۾ وڇايل تارن جو فالٽ آهي!"

سياحن جي ٽولي مان هڪ عورت رڙ ڪئي. "باهه!"

"مهرباني ڪري هر ماڻهو! ...."

گائيڊ رڙ ڪئي. "گهبرائڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. خاموش رهو." هي جيف ڏانهن مڙيو ۽ سنهي آواز ۾ ڪيس چيو "ٺيڪ ڪر هن کي! فورن ٺيڪ ڪر هن کي!"

"ڪو مسئلو نه آهي." جيف ڪيس چيو ۽ بت جي چوڌاري ويڙهيل رسي طرف مڙيو.

" نه.... نه!" گارڊ رڙ ڪئي. "تو ان جي ويجهو نه ٿو وڃي سگهين!"

جيف ڪنڌ لوڏيو. "ٺيڪ آهي، پوءِ تون ٺيڪ ڪر هن کي."

## مشهور چوڻيون

☆ جيڪڏهن توهان پئسا بچائي نہ ٿا سگهو، توهان کي پوءِ رپيا نہ ملندا.
☆ جيڪڏهن اسان نعمتن تي خدا جو شڪر ڪنداسين تہ پوءِ اسان کي خرابين تي روئڻ جو وقت ئي نہ ملندو.
☆ امير ماڻهو ڪڏهن بکيو رهي ٿو؟ جڏهن هن جو ڊاڪٽر هن کي هدايت ڪري ٿو.
☆ هڪ پيءُ ڏهہ ٻارن جي پرورش تہ ڪري سگهي ٿو پر ڏهہ ٻارن لاءِ پنهنجي پيءُ کي پالڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
☆ ٻار بند مٺي تہ ڪٽي پيدا ٿيندو آهي ۽ ماڻهو کليل هٿ مرندو آهي.
☆ بدنصيبي ڪنگلي جي پويان هوندي آهي.
☆ ماستر ۽ سندس زال جي جهيڙي جو نقصان شاگرد کي ئي ڀوڳڻو پوندو آهي.
☆ پاڙي وارن جي گهر وڃڻ سان ئي اسان کي خبرپوندي آهي تہ اسانجي گهر ۾ ڇا پيو ٿئي.
☆ ٽي شيون لڪائي بہ نہ ٿيون لڪن، محبت، ڪنگهہ ۽ غريبي.
☆ٽي شيون راتون رات وڌيو وڃن. نفعو، ڪرايو ۽ ڇوڪريون.
☆چارن سان پڪي پڪڙي سگهجن ٿا. تحفن سان وري ڇوڪريون.
☆جيڪڏهن زال چاهي ٿي تہ سندس مڙس گهر ۾ هر وقت رهي تہ پوءِ هيءَ ڳالهہ گهٽ ڪري ۽ گهڻو ٻڌي.
☆جڏهن پيٽ خالي هجي، دماغ بہ اهڙوئي ٿي وڃي ٿو.
☆جنهن جي زال خوبصورت آهي، اهو ان لاءِ هڪ خراب دوست مثل آهي.

اهو ڇٺي جيف وڃڻ لاءِ مڙڻ لڳو. دونهون تيزيءَ سان پکڙجي رهيو هو. سياح خوف وچان گهبرائجي ويا هئا.

"ترس، ترس!" گائيڊ ڪيس منٿ ڪئي، "تورو ترس." هن هڪدم فون ڪٽي نمبر ڊائل ڪيو. "ڪيپٽن، هيڊ ڊرڪ پيو ڳالهايان. مون کي توڪي اهو ٻڌائڻو آهي تہ فوري طور تي الارم بند ڪري ڇڏ، اسان سان هتي بجلي جو ڪجهہ مسئلو ٿي پيو آهي."

گائيڊ فون تي ڪجهہ ٻڌي ڪري ڪنڌ لوڏيو ۽ چيو، "ها سائين." هن جيف طرف نهاريو. "هن کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ تو کي ڪيترو وقت لڳندو؟"

"پنج منٽ." جيف چيو.

"پنج منٽ." گائيڊ فون تي اهو ورجايو. "ٺيڪ آهي، صرف پنج منٽن لاءِ... اوڪي". هن رسيور رکي ڇڏيو.

"الارمَ ڏهن سيڪندن ۾ بند ٿي ويندا. خدا جي واسطي جلدي ڪج. اسان ڪڏهن بہ الارم بند نہ ڪندا آهيون!"

"مون کي صرف بہ هٿ آهن، دوست" جيف چيو. هن ڏهہ سيڪنڊ تائين انتظار ڪيو ۽ پوءِ فورن اندر وڌي بت وٺ وڃي بيٺو.

هيڊڊرڪ مسلح گارڊ کي اشارو

لوڪولان هيرو غائب ٿي چڪو هو ۽ ان سان گڏوگڏ پيڻ سان عورت ۽ بجلي جو ٽيڪنيشن به.

☆......☆......☆

ٽريسي پنهنجو ٻهروپ باٿ روم ۾ لاٿو. جيڪو فيڪٽري کان ڪجھ مفاصلي تي هو. هن وٽ ناسي رنگ جي ڪاغذ جو پارسل هو. هوءِ پارڪ جي بينچ وٽ وڃي رهي هئي ۽ هرڪم سندن منشا مطابق ٿيو هو. هن سوچيو ته سياحن جو هجوم ڪيئن نه بي قدر زرقان جي نقلي هيرن تي ٽٽو هو.اهو سوچيندي سوچيندي ڪيس کل اچي وئي ۽ ٺهڪ ڏيڻ لڳي. هن جيف کي ايندو ڏٺو. جنهن کي گهرو پوري رنگ جو سوٽ پاتل هو. مڇون ۽ڏاڙهيون غائب هيون. ٽريسي ٽپ ڏئي اٿي، جيف هن وٽ آيو ۽ڪيس چيو، "آئون توسان بيحد پيار ڪريان ٿو."

هن پنهنجي ڪيسي مان لوڪولان هيرو ڪڍيو ۽ ٽريسيءَ جي حوالي ڪيو، " هيءُ پنهنجي دوست جي حوالي ڪج جان. پاڻ وري پوءِ ملنداسين."

☆......☆......☆

ٽريسي هن کي آهسته آهسته هلندي ويندي ڏٺو.

هن جون اکيون چمڪي رهيون هيون. اهي هڪٻئي سان تعلق رکندڙ هئا.انهن ٻنهي مختلف جهازن ۾ سيٽس بُڪ ڪرايون هيون ۽ برازيل ۾ وري ملڻ جو پروگرام ٺاهيو هو. ان کانپوءِ انهن فيصلو ڪيو هو ته هو هاڻي هميشه لاءِ گڏ زندگي گذاريندا. ٽريسي چوڌاري ڏٺو ۽پڪ ڪئي ته ڪو به ڪيس نه ڏسي رهيو هو. پوءِ هن پنهنجي پارسل ۾ اهو هيرو رکي ڇڏيو. پارسل ۾اندر هڪ ننڍڙو پڃرو هو، جنهن ۾ هڪ ڪبوتر هو. جڏهن هي آمريڪن ايڪسپريس آفيس ۾ ٽي ڏينهن اڳ ويئي هئي تڏهن ٽريسي اهو ورتو هو. هن انهيءَ ڪبوتر کي دري کان ٻاهر آزاد ڪرڻ لاءِ ڪڍيو. ٽريسي پکيءَ کي ڦر ڦر ڪندي ڏسندي رهي.

ٽريسي ننڍڙي، هٿ جيڏي ڪپڙي جي نهيل ٿيلهي، پرس مان ڪڍي ان ۾ هيرو وڌو ۽ پوءِ ان کي پکيءَ جي پيرن سان ٻڌي ڇڏيو.

"منهنجي سٺي مارگو، هن کي ڪٽي گهر پهچاءِ."

اوچتو يونيفارم پاتل پوليس وارو ظاهر ٿيو.

" رڪ! تون ڪير آهين ۽ اهو تون ڇا ڪري رهي آهين؟"

ٽريسي جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي "ڇا ... ڇا مسئلو آهي آفيسر؟"

پوليس واري جون اکيون پڃري طرف هيون ۽ ڏاڍو ڪاوڙيل هو.

"توکي خبر نه آهي ته مسئلو ڇا آهي. پهرين ڳالهه ته انهن ڪبوترن کي پوري ريت کاڌ خوراڪ ڪارائڻ گهرجي ۽ اهو قانون جي خلاف آهي ته انهن کي جهلي پڃرن ۾ قيد ڪجي. هاڻي تون فورن انهن کي آزاد ڪر نه ته آئون توکي گرفتار ٿو ڪريان."

ٽريسي ڳيٽ ڏيئي گهرو ساهه کنيو. "جيڪڏهن تون ائين چئين ٿو ته ٺيڪ آهي." هن پنهنجي ٻانهن مٿي ڪري پڃري مان ڪبوتر کي هوا ۾ اڇلايو.

حاڻ چيو ۽ جهاز ۾ چڙهي وئي.

ڊينئل ڪوپر پنهنجي ڪيسي ۾ پنهنجي استعفيٰ جي ليٽر کي هٿ لائي ڇهيو.

☆......☆......☆

اهو هڪ پرڪشش پان آمريڪن 747 بوئينگ جهاز هو ۽ ٽريسي فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪري رهي هئي. هوءَ ڏاڍي پرجوش هئي. ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ هوءَ جيف سان گڏ هوندي، اهي برازيل ۾ شادي ڪندا. هاڻ ٻيو ڪو به جوکم وارو ڪم نه ڪندا. ٽريسي سوچيو پر آئون انهي کي نه وڃائيندس. مون کي خبر آهي ته آئون گهڻي دير انهن ڪمن کان پري نه ٿي رهي سگهان پر هاڻي وڏيڪ ڪم نه. هاڻ فقط زندگي ۾ هڪ ئي تجسس وارو ڪم بچيو آهي، اهو آهي جيف اسٽيوَن جي زال ٿيڻ.

"معاف ڪندا..."

ٽريسي مٿي نهاريو.

ٿورو پيٽ نڪتل، اداس نظر ايندڙ مايوس چهري وارو هڪ ماڻهو سندس پرسان بيٺو هو. ان ماڻهوءَ ڪيس دري واري سيٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "هي منهنجي سيٽ آهي."

ٽريسي پنهنجوپاڻ کي ٿورو وڪوڙيو ته جيئن هو پرسان لنگهي ڪري پنهنجي سيٽ تي وڃي سگهي.

"اڄوڪي فلائيٽ شاندار ٿي لڳي!" هن جي آواز ۾ رونق هئي.

ٽريسي خاموش رهي. هن کي ان ڳالهه ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي ته هو ڪو پنهنجي همسفر سان ڪچهري ڪري. هن کي گهڻو ڪجهه سوچڻو هو ۽ هن وٽ وقت نه هو. هڪ نئين زندگي جي شروعات ڪرڻي هئي. هو ۽ جيف ڪنهن به جاءِ تي وڃي رهندا ۽ بهترين شهري ٿي ڪري رهندا. حد کان وڌيڪ عزت وارا. مان وارو صاحب جيف ۽ بيگم جيف.

هن جي ساٿي هن کي چيو، "جيئن ته اسان ٻئي هن پرواز تي هر مسافر آهيون.... ۽ هي فلائيٽ ڪافي ڊگهي آهي.... ڇو نه پاڻ بوريت کان بچڻ لاءِ هڪ ٻئي سان سڃاڻپ ڪرايون؟ منهنجو نالو ميڪسملئين پئرپونٽ آهي."

(ختم شُد)

## شاگرد

هڪ سٺ سالن جو پوڙهو بس ۾ سفر ڪري رهيو هو ته ڪنڊيڪٽر هن ڏي ڪرايو وصول ڪرڻ لاءِ آيو. پوڙهي چار آنا ڪنڊيڪٽر جي هٿ تي رکياءِ چيو، "آئون شاگرد آهيان."

ڪنڊيڪٽر حيرت سان چيو، "چاچا، تون شاگرد آهين."

پوڙهو، "ها."

ڪنڊيڪٽر: "ٻڌايو ته اوهان ڪهڙي اسڪول ۾ پڙهندا آهيو."

پوڙهو: "اهو وري ڇو؟"

ڪنڊيڪٽر: "ڇو ته مان به پنهنجي پيءُ کي ان اسڪول ۾ داخل ڪرايان."

**موڪليندڙ: وسيم الله سر شاهپور چاڪر.**

☆......☆......☆

**هڪ ويران ريلوي اسٽيشن جي اسٽيشن ماستر جو احوال جيڪو زندگيءَ مان بيزار ٿي پيو هو**

عظيم روسي اديب انتون چيخوف جي انساني سڀاءَ مٿان لکيل ڪهاڻي. چيخوف لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو انساني فطرت کي چٽڻ ۾ بي مثال مهارت رکندو هو. چيخوف کي عالمي ادب ۾ تمام مٿانهين حيثيت حاصل آهي. هي جيتوڻيڪ اڻويهين صديءَ جو ليکڪ آهي ته به سندس لکڻيون اڄ به دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پڙهيون وڃن ٿيون. مغرب ۾ ته سندس ڊراما ۽ ڪتاب درسي ڪتابن جي حيثيت ۾ پڙهايا وڃن ٿا

# شيمپين

انتون چيخوف

سنڌيڪار: مسڪين سمون



هي ڪهاڻي ان زماني جي آهي، جنهن وقت آئون ريلوي اسٽيشن تي اسٽيشن ماسترهيس.اهو ننڍڙو جهنڊي لهرائڻ وارو اسٽيشن.اسان جي ملڪ جي ريلوي سسٽم جو هڪ ننڍڙو اسٽيشن هو.

منهنجي زندگي مزي ۽ خوشين سان ڀريل آهي يا بيزار ڪن؟ انهي جو فيصلو اوهان پاڻ ڪجو، جڏهن آئون توهان کي ٻڌائيندس ته ان اسٽيشن کان ويهه ڪلوميٽر پري تائين ڪا به انساني آبادي

نہ هئي، نہ ڪا عورت هئي ۽ نہ ئي ڪو شراب جو ڊنگ وارو دڪان! آئون ان وقت ڀرپور جوان هئس. مضبوط هئس. گرم دماغ ۽ ڪجهہ سادو بہ هئس. ان وقت منهنجون دلچسپيون صرف اهي ئي هيون تہ مسافرن سان ڀريل ريل جي درين کي ويندي پري پري تائين ڏسڻ ۽ ٿرڊ ڪلاس ووڊڪا شراب واپرائڻ. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو تہ ريل جي دبي (ڪار) جي دري ۾ ڪنهن خوبصورت عورت جو مُنهن ظاهر ٿيل ڏسندو هوس تہ بت جڻ پٿر بنجي ويندو هو ۽ ساهہ روڪي ان ويندڙ ريل جي دبي کي انهيءَ وقت تائين تڪيندو رهندو هوس، جيستائين ڪي اهو نظرن کان گم ٿي نہ ويندو هو. ڪنهن ڪنهن وقت آئون تمام گهڻو شراب پيئندو هوس ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مدهوش پيو هوندو هوس. اونهاري جي موسم ۾ تہ بيزار ڪن ۽ موت واري خاموشي هوندي هئي، جنهن ۾ زميني ڪيڙن جي چرچر جي آوازن ۽ خاص ڪري چانڊوڪيءَ جي راتين ۾ پريشان ڪندڙ آوازن جي ڪري ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي.سياري ۾ بيداغ برف سان ڍڪيل اڇي رنگ جون ٽڪريون ۽ ٽڏيون ويرانيون، وڏيون ٿڪائيندڙ راتيون ۽ بگهڙن جي اونايون ڏاڍو عذاب رسائيندا هيا،جڻ تہ ڪو تڪليف ڏيندڙ خواب ڏسي رهيو هجان.

ننڍڙي اسٽيشن تي مون سان گڏ ٻيا بہ ڪجهہ ماڻهو رهندا هئا، جنهن ۾ منهنجي زال ۽ آئون، ڪنن کان ٻوڙو هڪ ٽيليگراف آپريٽر، ٽي عدد چوڪيدار، منهنجو اسسٽنٽ جيڪو عادي شرابي هو ۽ پنهنجو علاج ڪرائڻ جي لاءِ اڪثر شهر ويندو رهندو هو،جتي هو مهينن جا مهينا گذاريندو هو ۽ پويان هن جي ڊيوٽي مون کي ڪرڻي پوندي هئي ۽ ظاهر آهي تہ سندس پگهار بہ آئون کڻندو هوس. مون کي ڪو بہ يار نہ هو ۽ نہ ڪو اهڙو ڪو دوست هو جيڪو اسان وٽ مهمان بنجي اچي ترسي ها. مان خود بہ ڪنهن وٽ نہ ويندو هوس، سواءِ ريلوي جي ملازمن جي گهر ۽ اهو بہ آئون ڪڏهن ڪڏهن ويندو هئس! حقيقت ۾ منهنجي زندگي ٿڪائيندڙ ۽ بيزار ڪندڙ زندگي هئي.

مون کي ياد پوي ٿو تہ منهنجي زال ۽ مان نئون سال ملهائڻ لاءِ مهينا، هفتا ۽ پوءِ تاريخون ڳڻيندا هئاسون.

اسان ٽيبل تي سستي وچان ويٺا هئاسين. پوڙهي ٽيليگراف آپريٽر جي پيدا ڪيل بيزار ڪن ٽائيپ رائيٽر جي آوازن مان ٿڪاوٽ پئي ٿي، جنهن جو ڪمرو اسان جي ڪمري جي لڳو لڳ هو.

مون ووڊڪا شراب جا پنج گلاس اڳ ۾ ئي پي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجو ڳرو مٿو هٿن ۾ وجهي انهي بيزار ڪن آوازن جي باري ۾ سوچي رهيو هوس، منهنجي زال منهنجي پر ڀرويهي پنهنجن اکين سان منهنجي منهن کي تڪي رهي هئي، ائين تڪيندي هن اکيون پوري ڇڏيون.مون کي محسوس ٿيو تہ دنيا ۾ شايد منهنجي لاءِ ڪا بہ ٻي عورت نہ آهي جيڪا پيار مان مون کي ائين تڪي. هو مون سان حد کان وڌيڪ محبت ڪندي هئي، جڻ تہ هو منهنجي غلام هجي.هو مون سان نہ فقط بي انتها محبت ڪندي هئي پر منهنجي

گاڏي جي اچڻ جي مهل ويجهو آئي تہ ريلوي اسٽيشن "زقازيق" تي سڀ کان اڳ پهچڻ وارو شخص حجتہ سگريٽ فروش هو. هو بجا طور تي ريلوي اسٽيشن کي پنهنجي گشتي منڊي سمجهندو هو ۽ بي مثال ڦڙتيءَ سان پليٽ فارم تي گهمندي پنهنجي ننڍين ننڍين تجربيڪار اکين سان گراهڪن کي شڪار ڪندو هو. حجتہ کان سندس پيشي بابت ڪو سوال ڪيو ويندو هو تہ هو ڪجهہ ڪاوڙجي ويندو هو، ڇو جو ماڻهن جي گهٽائيءَ وانگيان هو بہ پنهنجي حياتيءَ مان بيزار ۽ پنهنجي مقدر مان ناخوش هو.

جيڪڏهن ڪيس پنهنجي ڏنتي جي چونڊ جي آزادي هجي ها تہ هو پڪ ئي پڪ ڪنهن رئيس جو موٽر ڊرائيور ٿيڻ وڌيڪ پسند ڪري ها، ڇو تہ ان ۾ ڪافي فائدا هئا جيئن جينٽلمينن واري پوشاڪ پهري صاحب جي مانيءَ مان ڪاڌو کائڻ، گرمين سردين ۾ ان سان گڏ سنن سنن ماڳن جو سير ڪرڻ وغيره. ڊرائيوريءَ جي پيشي کي پسند ڪرڻ جي لاءِ هن وٽ هڪ ٻيو بہ سبب هو.

هو ان ڏهاڙي کان ان ڊرائيوري جي پيشي جي تمنا رکندو هو، جڏهن هن هڪ وڏي ماڻهوءَ جي ڊرائيور "الغر" کي ڳوٺ جي نوجوان نوڪرياڻيءَ "نبويہ" کي رستي ۾ روڪي جرئت ۽ اعتماد سان عشق جو اظهار ڪندي ڏٺو هو. هڪ ڀيري تہ هن خوشيءَ وچان هٿن تي هٿ رڱڙيندي الغر کي اهو چوندي ٻڌو تہ "تمام جلد آئون منڊي ڪٽيءَ تنهنجي گهر اچڻ وارو آهيان." هن ڏٺو تہ ڇوڪريءَ گهٽي ناز سان مرڪي ۽ مٽي تي رئو ائين ڪسڪايو، ڄڻ ان کي درست ڪري رهي هجي. پر حقيقت ۾ هن گهريو پئي تہ تيل سان چلڪندڙ پنهنجن گهاٽن ڪارن وارن جو نماءُ ڪري سگهي. اهو سڀ ڪجهہ ڏسي سندس دل ۾ هڪ الاءُ پڙڪي اٿيو. رقابت جي جذبي ڪيس ڏنگڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڇوڪريءَ جي ڪارين اکين ڪيس ڏک ۾ وڪوڙي وڌو.

هو ڀري ڀري کان سندس پيڇو ڪندو هو. ايندي ويندي سندس رستو ڪاٽيندو ۽ ڪنهن موڙ تي ڪيس اڪيلو ڏسي الغر وارو جملو سندس آڏو دهرائيندو هو تہ "تمام جلد آئون منڊي ڪٽي اچڻ وارو آهيان." پر هوءَ هن کان منهن ڦيرائي، گهڻ وجهي حقارت سان چوندي هئي تہ "پنهنجي لاءِ چاڪڙي وٺي ڇڏ تہ بهتر ٿيندو!" ان تي هو پنهنجا بدصورت پير ڏسڻ لڳندو هو، جو ڄڻ انهن منجهہ ڪي اٺ جا پير ڪتل هجن. پوءِ پنهنجي گندي چغي ۽ ٽوپيءَ تي نظر وجهي سوچيندو هو تہ "اها آهي منهنجي بدنصيبي ۽ قسمت جي زوال جو سبب....!"

ڪيس الغر جي پيشي تي رشڪ اچڻ لڳندو هو ۽ ان جي آرزو ڪندو هو. پر پوءِ بہ انهن خواهشن ڪيس پنهنجي موجوده پيشي کان ڏور ڪو نہ ڪيو. پنهنجي ڏکن ڏاڪڙن ۾ فقط سپنن تي قناعت ڪندي پنهنجو ڏنڌو جاري رکيائين. انهيءَ شام جو هن پنهنجو خوانچو ڪنيو ۽ هر اچڻ وڃڻ واري تي نظر رکندو ريلوي اسٽيشن زقازيق جو رخ ڪيائين.

اپ ڏي نظر ڊوڙايائين ته ريل گاڏي پري کان دونهين جي ڪڪرن وانگيان ايندي نظر آئي. پوءِ اها ويجهي کان ويجهو ايندي ويئي ۽ ان جا ڊٻا جدا جدا نظر اچڻ لڳا. ان جي گڙگڙاهٽ ۾ واڌارو ٿيندو ويو. اوستائين جو اها پليٽ فارم تي اچي رڪجي ويئي. حجت سٽ ڏيئي پريل بوگين ڏانهن وڌيو ته ڪيس اهو ڏسي اچرج وٺي ويو ته دروازن تي هٿياربند گارڊ بيٺل هئا ۽ ڪي اوپرا چهرا ٽڪ ٽڪ ۽ ڊنل نظرن سان درين مان ٻاهر ليئا پائي ڏسي رهيا هئا. ماڻهن جي پڇڻ تي ڪين ٻڌايو ويو ته اهي اٽليءَ جا فوجي هئا. جيڪي هاڻ جنگي قيدي بنيل هئا. انهن فوجين پنهنجي دشمن آڏو هار مڃي وئي هئي ۽ هاڻ ڪين قيدي ڪيمپن ڏي نيو پئي ويو.

حجت حيرت واري عالم ۾ انهن هارايل چهرن تي نظرون ڊوڙائيندو رهيو. پوءِ ڪيس افسوس ٿيڻ لڳو ته اهي رنگ اڏريل، مصيبت ۽ افلاس ۾ ٻڏل هي مهاندا ڪهڙي نه شوق سان سندس نيلهي مٿان رکيل سگريٽن کي تڪي رهيا هئا. شايد اهي عادي سگريٽ پيئندڙ هئا. هن مٿن ناخوشيءَ ۽ حقارت واري نظر وڌي ۽ ارادو ڪيائين ته پنهنجي ورائي واپس هليو وڃي. پر اوچتو هن فرنگي لهجي ۾ هڪ آواز ٻڌو، جيڪو عربيءَ ۾ ڪيس چئي رهيو هو، "سگريٽ."

هن اچرج ۾ رشڪ ڀرين نظرن سان ڪيس ڏسي آڱرين سان اشارو ڪندي پڇيو، "پئسا!"

سپاهي ڳالهه سمجهي ويو ۽ مٿو ڌوڻيو. هو ڊڄندي ڊڄندي اڳتي وڌيو ۽ ايتري فاصلي تائين رڪجي ويو، جتان سپاهيءَ جو هٿ وٽس نه پهچي سگهي. سپاهيءَ بي فڪريءَ ۾ پنهنجو ڪوٽ لاٿو ۽ ان کي ڦيرائيندي چيو، "هي آهن منهن جا پئسا!"

حجت حيران ٿي ويو. پهرين ته هو بٽڻن واري خاڪي ڪوٽ کي حيرت ۽ حرص وارين نظرن سان جانچڻ لڳو. سندس دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. پر هو ڪو سادو يا بيوقوف شخص ڪو نه هو. تنهنڪري هن پنهنجا دلي جذبا ڳجها رکيا ته متان سپاهي ڪنهن طمع جو شڪار ٿي پوي. هن ظاهري سڪون برقرار رکندي سگريٽ جو پيڪٽ کيس ڏيکاريو ۽ ڪوٽ وٺڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌايائين. سپاهيءَ ڪاوڙ ۾ رڙ ڪندي چيو، "ڪوٽ جي بدلي فقط هڪ پيڪيٽ؟ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه پيڪٽ ته ڏي!"

حجت گهبرائجي پوئتي هٽيو. سندس خواهش ڪمزور پئجي ويئي ۽ اجا هن سٽ ڏيئي وڃڻ ٿي پئي گهريو جو سپاهيءَ رڙ ڪندي چيو، "ڪجهه مناسب تعداد ڏي...نوَ...يا اٺ!"

هن سختيءَ سان نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏيو. سپاهيءَ چيو، "چڱو ڀلا ست!"

پر هن اڳ وانگر مٿو ڌوڻيو ۽ ظاهر ڪيائين ته هو وڃڻ ٿو گهري. سپاهي ڇهن تائين، پوءِ پنجن تائين اچي ويو. جنهن جي حجت مايوسيءَ جو اظهار ڪندي هٿ لوڏيو ۽ پوئتي هٽي بينچ تي ويهي رهيو. سپاهيءَ اتاولائيءَ ۾ چيو، "اچ ته سهي! مون کي چار منظور آهن!"

هن ڪوبه ڌيان نه ڏنو ۽ اهو ظاهر

**ناقابل يقين سچن واقعن تي مشتمل، عجب ۽ وجهندڙ ۽ وسنجندڙ احوال.**

# مرڻ کانپوءِ جا عجب اسرار

ڊاڪٽر خالد نوراني

انسان جي زندگي عجيب و غريب واقعن سان ڀريل آهي.انسان سان ڪڏهن ڪڏهن اهڙا واقعا پيش ايندا آهن جو جن جو تصور بہ ڪندي انسان ڪنبڻ لڳندو آهي.اهڙن ئي واقعن تي مشتمل احوال جو هلندڙ سلسلو پيش ڪجي ٿو.هن واري پيش ڪيل زندگي جي عجيب ۽ تجسس وارن واقعن ۾ توهان تي اهو راز ظاهر ٿيندو تہ گهڻن سارن انسان کي موت کان پوءِ جي مشاهدن ۾ ڪهڙي نہ لڱ ڪانڊاريندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو.ڪن کي سندن ڪيل غلطين جو احساس ڏيارڻ لاءِ نندپڻ جي دؤر ۾ واپس گذاريو ويو.ڪن گهمراه ماڻهن کي هدايت واسطي نور واري بزرگ شخص سان واسطو ڪرايو ويو تہ ڪن کي وري پنهنجي مٽ مائٽن ۽ عزيزن سان ڪيل ناروا سلوڪ جو احساس ڏيارڻ لاءِ.گهاريل زندگيءَ ۾ واپس موڪليو ويو تہ جيئن هُو پنهنجي بهتر اصلاح ڪري سگهن.

## 7 ٻين سان ملڻ

ڪجهہ مريضن اهو ٻڌايو آهي تہ ان عارضي موت جي مهل جڏهن انهن جو روح سندن جسم مان ٻاهر نڪري رهيو هو تنهن وقت انهن مريضن اتي ڪجهہ اهڙن روحاني وجودن کي بہ ڏٺو هو جيڪي سندن مٽ مائٽن يا عزيزن وغيره جا روح نہ هئا. اهي روحاني وجود ان مقصد لاءِ ان مرندڙ ماڻهوءَ وٽ آيا هئا تہ جيئن سندن زندگيءَ کان موت واري مرحلي کي سولو ڪري سگهن. ڪجهہ واقعن ۾ انهن روحاني وجودن ،مرندڙ ماڻهن کي اهو بہ ٻڌايو تہ سندن موت جو وقت اڃان نہ آيو هو انڪري هُو في الحال پنهنجي جسمن ۾ موٽي وڃن. اهڙي قسم جي ماجرا کي هڪ مريض هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿي:

مون کي هن لقاءَ جو مشاهدو ان وقت ٿيو جنهن وقت آئون پنهنجي ٻار کي جنم ڏئي رهي هئس. اهو ويم ڪجهہ ڏکيو ٿي پيو ۽ منهنجو ڪافي رت زيان ٿي ويو ۽ آئون موت جي ڪنڌيءَ تي پهچي وئي هئس. ڊاڪٽر منهنجي جان جي بچڻ جي باري ۾ بلڪل مايوس ٿي ويا ۽ انهن منهنجي مٽن مائٽن ۽ عزيزن اقاربن کي ان بابت ٻڌايو ۽ کين مون سان آخري ملاقات ڪرڻ لاءِ چيو. آئون ان وقت پنهنجي پورن هوش حواسن ۾ هئس ۽ ڊاڪٽر جا اهي مايوسي وارا لفظ چٽي ريت ٻڌي رهي هئس. مون کي اچانڪ ايئن نظر آيو جڻ ڪمري جي ڇت وٽ ڪافي ماڻهو گڏ ٿي ويا هئا. اهي ماڻهو منهنجا ڄاتل سڃاتل هئا ۽ انهن سڀني جو هن دنيا مان لاڏاڻو ٿيل هو. مون پنهنجي ڏاڏي کي بہ انهن ۾ ڏٺو ۽ انهن ۾ ان ڇوڪريءَ کي بہ ڏٺم جيڪا اسڪول واري زماني ۾ منهنجي



هر ڪلاسي هئي. مون کي انهن جا صرف چهرا پئي نظر آيا ۽ سندن موجودگيءَ کان باخبر هئس. اهي سڀ خوش و خرم حالت ۾ هئا. ائين پئي لڳو جڻ سندن لاءِ اهو خوشي جو موقعو هو. مون اهو پڻ محسوس ڪيو ته هي سڀ مون کي هن ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏيڻ ۽ منهنجي متاهين دنيا ڏانهن رهنمائي ڪرڻ لاءِ آيا هئا. مون کي ائين پئي لڳو جڻ آئون پنهنجي گهر وڃي رهي هئس ۽ اهي سڀئي منهنجي آڌرڀاءُ ڪرڻ لاءِ بيٺل هجن. ان وقت مون کي هر ڪا شيءِ هلڪي ۽ خوبصورت لڳي رهي هئي ۽ اهي گهڙيون مون کان ڪڏهن به نه وسرنديون.“

هڪ ماڻهو پنهنجي ان تجربي جو اظهار هيٺين لفظن ۾ ڪري ٿو:

”ڪجهه هفتا پهرين جي ڳالهه آهي آئون ذري گهٽ موت جو شڪار ٿيو هئس. آئون ان وقت سخت بيمار حالت ۾ هئس ۽ منهنجي گهر وارن مون کي اسپتال داخل ڪيو هو. منهنجو هڪ دوست بوب (Bob) جو موت ڪجهه وقت پهرين ٿيو هو. ان اسپتال ۾ رهڻ واري عرصي دوران هڪ دفعي مون کي ائين محسوس ٿيو ته جڻ آئون پنهنجي جسم مان ٻاهر نڪري آيو هئس. مون کي ان ڳالهه جو احساس ٿي رهيو هو ته بوب منهنجي پرسان بيٺل هو. آئون ان کي پنهنجي شعور جي اک وسيلي ڏسي رهيو هئس ۽ ان جي موجودگيءَ کي محسوس ڪري رهيو هوس. پر حيرت جي ڳالهه اها هئي ته مون ڪيس ڪنهن جسماني روپ ۾ نه پئي ڏٺو. مون کي صرف سندس موجودگيءَ جو هڪ احساس هو. مون ڪيس ان ريت شعور جي اک سان پئي ڏٺو جهڙي نموني آئون اتي موجود هين شين کي ڏسي رهيو هئس. هن جي روپ جو هر عضوو منهنجي آڏو هو. توهان کي منهنجي ڳالهه تي ضرور ڪلَ ايندي هوندي ته آئون ڇا چئي رهيو آهيان پر حقيقت اها ئي آهي جيڪا آئون توهان کي ٻڌائي رهيو آهيان. بوب کي واقعي ان روپ ۾ ڪا به جسماني صورت ڪا نه هئي. هن جو روپ هڪ شفاف بادل وانگر هو جنهن جي وچان هن جي پويان موجود هر شيءَ نظر اچي رهي هئي. ان بادل واري روپ ۾ هن کي ڪو به جسماني بدن نه هو. آئون ان وقت ڪنهن به حيرت جو شڪار نه پئي ٿيس. مون کي بوب کي ڏسڻ لاءِ منهنجي اکين جي ڪا ضرورت ان ڪري نه هئي ڇاڪاڻ جو آئون خود به بوب وانگر روحاني حالت ۾ هئس.

آئون لڳاتار بوب کان پڇندو رهيس ته بوب آئون هاڻ ڇا ڪريان ۽ ڪيڏانهن وڃان؟ مون سان ڇا ٿيو آهي؟ جو آئون هن حالت ۾ آهيان؟ ڇا آئون واقعي مري چڪو آهيان يا نه؟ پر هن مون کي ڪو به جواب نه ڏنو. هن هڪ دفعو به ڪو لفظ منهنجي سوالن جي جواب ۾ نه ڪڇيو. آئون ڪافي ڏينهن ان اسپتال ۾ هئس ۽ اها ساڳئي ڪيفيت مون مٿان ڪافي دفعا طاري ٿي ۽ هر دفعي منهنجيون بوب سان ملاقاتون ٿينديون رهيون. آئون ڪائنس ورائي ورائي اهو پڇندو هوس ته بوب هي ڇا آهي؟ مون سان ڇا ٿي رهيو آهي؟ پر هن ڪڏهن به مون کي ڪو جواب نه ڏنو. تان جو هڪ ڏينهن اهڙو آيو جڏهن

ڊاڪٽرن مون کي ٻڌايو آئون نازڪ حالت مان ٻاهر نڪري آيو هئس ۽ هاڻ منهنجي زندگيءَ کي ڪو خطرو نہ هو. مون ان ڏينهن ڪانپوءِ ٻوب کي وري نہ ڏٺو ۽ نہ ئي ڪيس پنهنجي ڀرسان محسوس ڪيو. ايئن پئي لڳو جڏهن آئون موت ۽ زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ هئس، تنهن وقت هي ان انتظار ۾ هو تہ جيڪڏهن مون کي هي دنيا ڇڏڻي پوي تہ ان صورت ۾ هو منهنجي مٿانهين دنيا ڏانهن رهنمائي ڪندو ۽ سمجهائيندو تہ مون کي اڳتي ڇا ڪرڻو هو."

ڪافي مريضن کي ان بدن مان نڪرڻ واري ڪيفيت ۾ اهڙن ماڻهن جا روح بہ مليا آهن جن کي هو سڃاڻندا ڪو نہ هئا ڇو تہ انهن سان سندن ڪڏهن ڪا اڳ ۾ ملاقات ٿيل ڪو نہ هئي. هڪ عورت ان ڪيفيت جي هڪ انتهائي اهم ڳالهہ ٻڌائي آهي تہ جنهن وقت هن پنهنجو پاڻ کي روحاني جسم واري حالت ۾ ڏٺو هو تنهن وقت هيءَ شيشي وانگر شفاف حالت ۾ هئي. هن محسوس ڪيو تہ هن جي ڀرسان ڪو ٻيو بہ روحاني وجود موجود هو جنهن کي هن سڃاتو ڪو نہ ٿي. هن جي شعور کي اها ڄاڻ پئجي وئي تہ هن ٻئي روح جو جسماني موت ڪجهہ ڏينهن پهرين ئي واقع ٿيل هو. مريضہ چوي ٿي تہ، آئون باوجود ڪوشش جيان روحاني جسم واري وجود جي عمر جي باري ۾ ٻڌائي نہ ٿي سگهان ڇاڪاڻ جو ان حالت ۾ وقت جو ڪو بہ تصور ڪو نہ هو.

ڪن مرضن کي ان موت جي بعد واري ڪيفيت ۾ اهو پتو هو تہ سندن ڀرسان بيٺل روحاني وجود سندن روحاني سونهان هئا. هڪ واقعي ۾ ان روحاني سونهين هڪ مريض جي روحاني وجود کي چيو تہ مون تنهنجي هن جسماني حالت مان روحاني وجود واري حالت ۾ اچڻ واري ماجرا جي دوران جو ڏنل ڪم پورو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ آئون توکي ٻين روحاني سونهن جي حوالي ٿو ڪريان تہ جيئن هو تنهنجي اڳيان جي رهنمائي ڪري سگهن.

هڪ مريضہ ٻڌايو تہ جيڪو وقت هن جو روح جسماني بدن کان ٻاهر نڪري رهيو هو تہ کيس بہ روحاني وجود نظر آيا جن پنهنجو پاڻ کي هن عورت سان روحاني مدد ڪرڻ وارا (Spiritual Helpers) جي حوالي سان تعارف ڪرايو هو.

ڪجهہ واقعن ۾ موت جو مشاهدو ڪندڙن ٻڌايو آهي تہ روحن واري حالت ۾ انهن هڪ آواز ٻڌو هو جيڪو کين چئي رهيو هو تہ اجان سندن مرڻ جو وقت نہ آيو هو ان ڪري هو واپس پنهنجي جسماني بدن ۾ موٽي وڃن. ان ماجرا کي هڪ مرض هيئين ريت ٻڌائي ٿو:

"مون هڪ آواز ٻڌو، اهو آواز ڪنهن انساني آواز وانگر نہ هو پر ايئن پئي لڳو ڄڻ آئون ان آواز کي پنهنجي انساني حواسن کان مٿي ڪنهن شيءَ ذريعي ٻڌي رهيو هيس. اهو آواز مون کي چئي رهيو هو تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي. ان چيو پئي تہ آئون واپس دنيا ڏانهن موٽي وڃان ۽ مون کي پنهنجي جسماني بدن ڏانهن موٽڻ ۾ ڪو بہ ڊپ يا خوف جو احساس نہ پئي

ٿيو.“

ڪن حالتن ۾ اهي روحاني سونهان (Spiritual Guides) صرف محسوس ٿي سگهندا آهن پر انهن کي ڏسي نه سگهبو آهي. هڪ اهڙي مشاهدي مان گذرندڙ جو احوال هيٺين ريت آهي:

”آئون جنهن وقت موت کان پوءِ جي روحاني جسم واري حالت ۾ هئس ته مون کي اتي گهڻا ئي روحاني وجود مليا. مون انهن سان گفتگو پڻ ڪئي جيتوڻيڪ اها ڳالهه ٻولهه لفظن ذريعي نه ٿي رهي هئي جيئن هن دنيا ۾ واقع ٿيندي آهي. اتي اهي ”روحاني وجود“ غيبي حالت ۾ هئا تنهن هوندي به مون کي ڄاڻ هئي ته اهي منهنجي چوڌاري موجود هئا. مون انهن جي هلڻ ڦرڻ کي محسوس پئي ڪيو جيتوڻيڪ آئون ڪيس ڏسڻ کان قاصر هئس. مون انهن سان ڳالهايو به پئي پر تنهن هوندي به آئون انهن کي ڏسي نه پئي سگهيس. منهنجي دماغ ۾ جنهن وقت اهو خيال ايريو پئي ته مون سان هي ڇا وهي واپري رهيو آهي ته يڪدم خيالن وسيلي مون کي جواب مليو ٿي ته هر شيءِ صحيح آهي، هيئنر منهنجو جسماني موت ٿي رهيو هو. جلد ئي هر ڳالهه درست ٿي ويندي ،ان ڪري مون کي پنهنجي هن حالت ڪري پريشان نه ٿيڻ کپي. مون کي پنهنجي هر ان سوال جو جواب ملي رهيو هو جيڪو ان وقت منهنجي من ۾ ايريو ٿي.“

## 8. نُور جو تجلو

انهي موت واري مشاهدي جي سڀ کان حيران ڪندڙ ماجرا ”نُور جي تجلي“ جو نظر اچڻ آهي. ان ”نور جي تجلي“ بعد ۾ انسانن جي مٿان نهايت گهرو اثر ڇڏيو آهي. اهو نُور جو تجلو پهرين نهايت هلڪو نظر اچي ٿو جنهن جي روشني آهستي آهستي تيز ٿيندي وڃي ٿي. تان جو اهو نُور جو تجلو ايترو ته روشن ٿي وڃي ٿو جو انهيءَ جي چمڪ کي بيان نه ٿو ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ اهو تجلو بيحد روشن بيان ڪيو ويو آهي پر تنهن هوندي به اهو اکين کي چهنجهائي ڪو نه ٿو. بلڪ ان تجلي جي موجودگي اکين کي آرام پهچائي ٿي. بيحد تکي روشني هوندي به اکيون پنهنجي چوطرف جي شين کي نهايت چٽي نموني ڏسي سگهن ٿيون. ان جو هڪڙو سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ”روحاني جسم“ کي ان وقت مادي اکيون نه هونديون آهن جن کي تيز روشني وقتي طور انڌو بڻائي ڇڏي.

ان تجلي جي هڪ حيران ڪندڙ ڳالهه اها به آهي ته اهو نور جو تجلو ڪنهن وجود جي شڪل ۾ آهي ،يعني اهو هڪ نوراني وجود جو تجلو آهي. موت جو مشاهدو ڪندڙان ڳالهه تي متفق آهن ته اهو نور جو تجلو اصل ۾ نوري مخلوق جو پرتو هو. ان نوري وجود کي پنهنجي هڪ شخصيت آهي، جنهن مان پيار، محبت ۽ گرمجوشي ٻکي ٿي. ان نوري وجود جي موجودگي ان مرندڙ ماڻهوءَ جي ”روحاني جسم“ کي آرام ۽ سڪون پهچائي ٿي ۽ سندس دماغ کي مونجهاري کان بچائي ٿي. ماڻهن جا روح ان روحاني وجود جي چقمق جهڙي ڪشش (Magnetic Attraction) کي محسوس ڪن ٿا ۽ ان

نوري وجود ڏانهن ڇڪجي وڃن ٿا. اها نور جي تجلي واري شخصيت گهڻو ڪري هر موت جي مشاهدي ڪندڙ کي نظر آئي آهي.اها نوري شخصيت ڪير آهي؟ موت جي مشاهدي پسڻ وارن ماڻهن ان نور جي تجلي کي پنهنجن پنهنجن مذهبي عقيدن جي شخصيتن جي حوالي سان بيان ڪيو آهي. عيسائي مذهب جي پوئلڳن ان نوري تجلي واري وجود کي حضرت عيسيٰ ع جي حوالي سان سڏيو آهي ته يهودي ۽ ٻين مذهبن جي مڃيندڙن ان کي ملائڪن وغيره جي نالي سان ڪوٺيو آهي. ان نور جي تجلي جي هڪ ڳالهه اها به آهي ته ان وجود کي ملائڪن جي خيالي تصويرن وانگر پر يا مڪمل انساني جسم سان مشابهت نه آهي. سيئي ماڻهو ان ڳالهه تي متفق آهن ته اهو صرف هڪ نور جو تجلو هو جنهن مان روشني پکي رهي هئي. سيئي ماڻهو ان ڳالهه تي يقين رکن ٿا ته اهو "روحاني وجود" مٿانهين دنيا جو ڪو نمائندو يا قاصد هو جيڪو هنن ماڻهن وٽ موڪليو ويو هو ته اهو سندن مٿانهين دنيا منجهه رهنمائي ڪري سگهي.

ڪافي "موت جي مشاهدي" ڪندڙ ماڻهن ۾ اهڙا به مليا آهن، جيڪي ڪنهن به مذهبي عقيدي جا مڃيندڙ نه هئا تنهن هوندي به هي نوراني وجود کين به نظر آيو آهي جنهن کي انهن ناستڪ مريضن پڻ نور جي وجود جو نالو ڏنو آهي. اهو "نور جو وجود"مرندڙ ماڻهن سان رابطي ۾ اچي ٿو ۽ ساڻن ڳالهائي ٿو. اهو ڳالهائڻ آوازن ذريعي نه هوندو آهي پر اها گفتگو خيالن وسيلي ٿيندي آهي. نه مرندڙ ماڻهو ان نوراني وجود جو ڪو مادي آواز ٻڌي ٿو ۽ نه ئي هو ڪيس ٻڌندڙ آواز (Physical Voice) ۾ جواب ڏئي ٿو. اها خيالن جي ذريعي گفتگو ايتري ته چٽي ۽ صاف هوندي آهي جو ان ۾ غلط سمجهڻ جو ذرو به خدشو نه هوندو آهي ۽ نه وري ان خيالن جي گفتگو ۾ ڪو ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو.

ان کان وڌيڪ حيرت جي ڳالهه اها به ڏسڻ ۾ آئي آهي ته ان خيالن وسيلي گفتگو ۾ هن دنيا جي ڪا به زبان ڪتب نه آندي ويندي آهي پر تنهن هوندي به ٻئي ڄڻا يعني اهو روحاني وجود ۽ مرندڙ ماڻهو ان ڳالهه ٻولهه کي پوري طرح سمجهي وٺن ٿا. اهو مريض جڏهن موت کان واپس اچي ٿو تنهن وقت به هو ان خيالن وسيلي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه کي هتي جي لفظن ۾ هوبهو دهرائي نه ٿو سگهي. ڇاڪاڻ جو ان مٿانهين دنيا ۾ لفظ استعمال ڪو نه ٿيا هئا. اتي صرف خيالن وسيلي هڪ ٻئي جي مفهوم کي سمجهيو ويو هو.

تنهن هوندي به انهن موت جو مشاهدو ڪندڙ مريضن اهو ٻڌايو آهي ته جيڪا ڳالهه ٻولهه ان نوراني وجود سان ٿئي ٿي ان ۾ گهڻو ڪري اهڙا سوال پڇيا وڃن ٿا جن جو مطلب هوندو آهي ته ڇا اهي ماڻهو موت لاءِ تيار هئا؟ ڇا انهن پنهنجي موت جي تياري ڪري ورتي هئي؟ انهن ماڻهن جيڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪم ڪيا هئا. ڇا اهي ماڻهو انهن کان مطمئن هئا؟ ڇا هنن واقعي سندن زندگيءَ جو مقصد پورو ڪري ورتو هو؟

انهي ڳالهه ٻولهه ۾ تلهي ليکي پهرين اهو پڇيو ويجي ٿو تہ ڇا اهو مرندڙ ماڻهو پنهنجي موت جي آجيان ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ ٻئي قسم جي سوالن جو مقصد آهي تہ ڇا انهن ماڻهن پنهنجي زندگي ۾ سجايا ڪم ڪيا آهن ۽ هُو پنهنجي انهن ڪمن کان مطمئين آهن؟ هڪ مريض انهن سوالن ۽ جوابن کي هن نموني سميٽيو آهي:

”پهريون سوال جيڪو ان نوراني وجود مون کان ڪيو اهو هو تہ ڇا آئون موت ڏانهن وڌڻ لاءِ تيار آهيان؟ ۽ سندس ٻين سوالن جو مقصد هو تہ آئون ڪيس پنهنجا اهي ڪهڙا سٺا ڪم ٻڌائي سگهان ٿو جيڪي مون هن عارضي دنيا ۾ ڪيا هئا؟“

هڪ ٻئي مريض ان کي هينئين ريت بيان ڪيو آهي:

”ان آواز مون کان سوال پڇيو تہ ڇا اهو واقعي گذاري لائق هو؟ اهو هڪ مبهم سوال هو. ان سوال جو ڇا مطلب هو؟ ڇا ان مان اهو مطلب هو تہ آئون جيڪا زندگي هينئين دنيا ۾ گذاري آيو هئس، سا واقعي گذاري لائق هئي يا نہ؟ ان سوال مون کي ڏيکاريو تہ مٿين دنيا ۾ منهنجي هن زميني دنيا ۾ گذريل وقت جي ڇا حيثيت هئي؟“

هڪ ڳالهه تي سيئي موت جو مشاهدو ڪندڙ متفق آهن تہ انهن سوالن جو مقصد انسانن کي دنيا ۾ گذاريل وقت ۽ سندن ڪمن تي شرمندو ڪرڻ نہ هو ۽ نہ ئي ڪو انسانن کي ڊيڄارڻ لاءِ اهي سوال پڇيا پئي ويا ۽ انهن سوالن جو اهو مقصد هو تہ ماڻهن کي ٻڌائجي تہ هنن زميني دنيا ۾ صرف سٺين ڳالهين لاءِ وقت ڇو نہ پئي ڏنو ۽ دنيا جي خراب ڳالهين ۾ ڇو رڌل هئا. انهن سوالن جوابن واري وقت ۾ هنن کي نوراني وجود مان ڪو بہ خطرو يا ڊيڄارو محسوس نہ پئي ٿيو. الٽو ان مان کين اهڙي قسم جي راحت، خوشي ۽ پيار پئي مليو جيڪو هن دنيا ۾ پائڻ هڪ ناممڪن ڳالهه آهي. هنن موت جي مشاهدي ڪندڙن ماڻهن جيڪي بہ جواب ڏنا پئي تنهن هوندي بہ سندن ان محبت، سڪون ۽ فرحت ۾ ڪو بہ فرق نہ پئي آيو. انهيءَ سوالن جوابن مان اهو مقصد ٿي لڳو تہ جڻ انهن کي ٻڌائجي تہ هو دنيا ۾ ڪهڙا ڪم ڪري آيا هئا. آيا هنن جا دنياوي ڪم مڪمل ٿي ويا هئا يا اجان کي ڪم رهيل هئا. ان سان گڏ اهو مقصد بہ هو تہ انهن انسانن کي هن زميني دنيا مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ذهني طرح تيار ڪجي ۽ کين اجا اڳيان هلڻ ۾ مدد ڪجي.

هڪ مريض ان ڏس ۾ هيٺيون تفصيل ٻڌائي ٿو. هي مريض مذهبي عقيدي جي لحاظ کان عيسائي آهي:

”مون ڊاڪٽرن جي واتان ٻڌو تہ آئون مري چڪو هئس ۽ ان وقت ئي مون محسوس ڪيو تہ آئون جهڙوڪ هوا ۾ ٽاٻڙجي يا تري رهيو هئس. منهنجي چوڌاري گهگهہ اونداهي هئي. لڳو پئي تہ ڇڻبي پاسن کان اها جاءِ بند هئي. مون کي کي لفظ نہ ٿا ملن جو آئون ان جاءِ کي تفصيل سان بيان ڪري سگهان. سواءِ ان رستي جي، جنهن مٿان آئون بيٺل هئس،

اتي هر ڪا شيءِ اونداهيءَ ۾ هئي. صرف ان رستي تي مون کي روشني نظر اچي رهي هئي. اها روشني نهايت چمڪدار ۽ روشن هئي. جيتوڻيڪ مون کي اها پهرين ڪجهه هلڪي لڳي، جيڪا آهستي آهستي تي اچان وڌيڪ چمڪدار ٿيندي وئي. تان جو اها چمڪ ايڏي تيز ٿي وئي جو آئون ان کي لفظن ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهان. جيئن جيئن اها چمڪ وڌيڪ روشن ٿيندي وئي تيئن تيئن اها مون ڏانهن وڌندي پئي آئي. تان جو اها منهنجي بلڪل ويجهو اچي وئي.

مون ڪوشش پئي ڪئي ته آئون ان نور جي تجلي جي وڌيڪ پرسان ٿيان چاڪاڻ جو منهنجو اهو گمان هو ته شايد اهو نوراني تجلو حضرت عيسيٰ عليه السلام جن جو هو. ان نور جي تجلي جو ديدار ڪرڻ ۽ ان جو منهنجي قريب اچڻ وغيره ۾ مون کي ڪو به ڊپ يا خوف ڪو نه پئي اڀريو. بلڪ ان سڄي ماجرا دوران مون کي. هڪ ناقابل بيان فرحت ۽ سڪون پئي آيو. جيئن ته آئون عيسائي مذهب جو پوئلڳ آهيان. ان ڪري مون اهو ئي سمجهيو ته مون وٽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جن آيا هئا. ان نوراني وجود منهنجي پرسان پهچي مون کي چيو: آئون هن ڪائنات جو نور آهيان. اهو ٻڌي مون منهنجو پاڻ کي چيو جيڪڏهن هي موت جي ڪيفيت آهي ۽ مون کي مرڻو ئي آهي ته آئون هاڻ ڄاڻان ٿو ته حضرت عيسيٰ عليه السلام جن هن مٿانهين دنيا ۾ هن روحاني وجود جي روپ ۾ منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي.

هڪ ٻيو موت جو مشاهدو ڪندڙ پنهنجي تجربي کي هيٺين ريت ٻڌائي ٿو:

"آئون ستل هئس،مون کي پاڻي پيئڻ جي خواهش اڀري. آئون بستري تان اٿي رڌڻي ڏانهن ويس پئي ته ان وقت مون کي ڏاڍي ڪمزوري محسوس ٿي ۽ آئون بيهوش ٿي ڪري پيس (بعد ۾ خبر پئي ته منهنجو پيٽو ڦاٽي پيو هو). هيٺ ڪرڻ سان مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ آئون پنهنجي بدن مان اندر ٻاهر، ايندو ۽ ويندو هجان. ان سان گڏ منهنجي ڪنن ۾ نهايت مڌر موسيقي جو آواز پڻ اچڻ لڳو. مون پنهنجو پاڻ کي ان جڳهه تي هوا ۾ اڏامندو محسوس ڪيو ۽ آئون ان اڏامڻ واري حالت منجهه پنهنجي گهر جي دروازي مان نڪري ڪار جي بيهارڻ واري جاءِ تي پهچي ويس. ان جاءِ تي سرن جي پٽ جي بجاءِ شيشي جي ديوار لڳل هئي. اتي مون کي لڳو ڄڻ آئون ترندو ان شيشي جي ديوار منجهان ٻه لنگهي ويو هجان. مون کي تر جيتري به رڪاوٽ محسوس ڪا نه ٿي هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ اهو شيشو اتي وجود ئي ڪونه هو. ٻاهر پهچڻ ڪانپوءِ محسوس ڪيم ته ڄڻ منهنجي آڏو هڪ تيز روشني موجود هئي. اها روشني نهايت ئي خوبصورت ۽ دلڪش هئي. ان جي روشني تمام تيز هئي پر ان هوندي به ان اکين کي ڪا تڪليف ڪا نه ٿي ڏني ۽ نه وري ڪو اها روشني اکين ۾ چڀي رهي هئي. اها هڪ عجيب قسم جي روشني هئي .جيڪا مون هن دنيا ۾ ڪڏهن به اڳي نه ڏٺي هئي ۽ نه ئي آئون ڪو ان روشني کي لفظن ۾ هوبهو بيان ڪري سگهان ٿو.

ڪي ان نور جي تجلي جو سوال صاف طرح سمجهه ۾ آيو پئي. مون ڪيس ڪو به جواب نه ڏنو. هاڻ آئون محسوس ڪريان ٿو ته شايد ان نور جي تجلي محسوس ڪيو ته آئون اڃان موت لاءِ ذهني طرح تيار نه هئس تنهن ڪري منهنجي امتحان وٺڻ لاءِ اهو سوال پڇيو هئائين. انهي سوال جي ڪري مون ڪي ڪنهن ڊپ يا خوف جو احساس نه ٿيو بلڪ جڏهن ان نور جي تجلي مون سان ڳالهايو ته مون ڪي تحفظ ۽ امن محسوس ٿيو هو. جيڪو تحفظ، امن ۽ پيار مون ڪي ان تجلي جي موجودگيءَ ۾ محسوس ٿيو تنهن جو هن دنيا ۾ تصور ڪرڻ محال آهي ۽ ان کي لفظن ۾ بيان ڪري نه ٿو سگهجي. ان نور جي تجلي سان گذاريل وقت نهايت مزيدار ۽ دل کي خوش ڪندڙ هو."

## 9. پنهنجي دنيا جي ڪمن تي نظر وجهڻ (Review)

"نوراني وجود" جي ظاهر ٿيڻ، ان جو خيالن وسيلي مري ويل انسانن کان سوال جواب ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ اهڙي مهل اچي ٿي، جنهن ۾ ان موت جي مشاهدي واري شخص کي سندس دنيا ۾ گذاريل زندگيءَ جو نظارو ڪرايو وڃي ٿو. انهيءَ لقاءَ ۾ اهو موت جو مشاهدو ڪندڙ انسان پنهنجي پوري زندگيءَ جي واقعن کي لمحن ۾ اکين اڳيان گذرندي ڏسي ٿو ۽ کيس زندگيءَ وارا واقعا ياد ڪرڻ لاءِ بي ڪنهن شيءَ جي ضرورت محسوس نه ٿي ٿئي. هر شيءَ سندس آڏو ڏيکاري وڃي ٿي.

ان زندگيءَ جي گذاريل واقعن جي دهرائڻ کي اسان يادگيري چئي سگهون ٿا. جيتوڻيڪ اها يادگيري هن دنيا واريءَ يادگيري جي مفهوم کان بلڪل مختلف آهي. ان لقاءَ ۾ واقعن جو ڏيکاءُ انتهائي تيز رفتاريءَ سان ٿئي ٿو ۽ لمحن ۾ سڄي زندگيءَ جا واقعا چرڻ فلم وانگر اکين آڏو اچي وڃن ٿا. ان مختصر مدت ۾ سڄي زندگيءَ جا واقعا انتهائي تيز رفتاريءَ سان ڏيکارڻ جي باوجود ان ڏسندڙ انسان جي زندگي جو ڪو به واقعو، چاهي پوءِ اهو ڪيڏو به ننڍو ڇو نه هجي، رهجي ڪو نه ٿو وڃي. ان زندگيءَ جي فلم ۾ هر واقعو جيئن سندن زندگيءَ ۾ واقعي ٿيو آهي تيئن ئي موت جي مشاهدي واري ماڻهوءَ کي ڏيکاريو وڃي ٿو. اهي زندگي جا واقعا وقت جي ترتيبي حساب (Chronological Order) سان ڏيکاريا وڃن ٿا. يعني شروعاتي زندگي جا واقعا پهرين ۽ بعد جي زندگي جا واقعا پوءِ جي وقت ۾ ڏيکاريا وڃن ٿا. ڪجهه ماڻهن بهرحال اهو به چيو آهي ته کين انهيءَ زندگيءَ جي فلم ۾ واقعا ڪنهن وقت جي حساب سان نه ڏيکاريا ويا هئا. بلڪ اهي سڀ واقعا هڪ جهلڪ ۾ يڪدم ڏيکارا وياهئا ۽ انهن واقعن کي ان موت جي مشاهدي ڪندڙ ماڻهو لمحي اندر ذهني اک سان ڏسي ورتو هو. بهرحال ان ڳالهه تي سڀئي موت جو مشاهدو ڪندڙ متفق آهن ته اها زندگيءَ جي واقعن ڏيکارڻ واري ماجرا هن فاني دنيا جي حساب سان لمحن جي ڳالهه هوندي آهي.

تيزي سان اکين آڏو گذرڻ جي باوجود هر واقعو انتهائي چٽوءِ صاف نظر اچي ٿو. ڪن ماڻهن کي ته اهي واقعا

پنهنجي حقيقي رنگن ۾ بہ نظر آيا آهن. ڪن ڪي تہ انهن واقعن ۾ ڪردار حرڪت ڪندي بہ نظر آيا آهن. جڻڪ هُو ڪنهن حقيقي فلم ڪي ڏسي رهيا هجن. باوجود تيزي سان اکين آڏو گذرڻ جي، موت جي مشاهدو ڪندڙ هر واقعي کي ان جي هر ننڍڙي وڏي تفصيل سان ڏسي ٿو ۽ ڪيس اهي واقعا ۽ تفصيل بعد ۾ ذري پرزي ياد رهن ٿا. بعد ۾ اهو انسان جڏهن انهيءَ ماجرا کي ياد ڪري ٿو تہ انهيءَ يادگيريءَ جي گهرائي ايتري تہ اونهي هوندي آهي جو ان مشاهدي ڪندڙ انسان کي پنهنجي اندر ان وقت جي جذبن ۽ احساسن جي بہ ياد تازي ٿي وڃي ٿي. انهن واقعن ۾ زندگيءَ جو هر اهم ۽ غير اهم واقعو پوءِ پلي اهو ڪيترو ننڍو ڇو نہ هجي، مشاهدي ڪندڙ کي ڏيکاريو وڃي ٿو.

انهيءَ لقاءَ جي ڏسندڙن جي گهڻائي ان ڳالهہ تي متفق آهي تہ زندگيءَ جي انهن واقعن کي ڏيکارڻ جو مقصد مثبت ۽ سيکارڻ آهي. زندگيءَ جي واقعن جي اها فلم جيڪا نوراني وجود ماڻهن کي ڏيکاريو تنهن جا بہ سبب ماڻهن ٻڌايا آهن. هڪڙو تہ انسانن سان پيار ۽ محبت ڪجي ۽ ٻيو علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪجي. اچو تہ جن مريضن اهڙن مشاهدن کي ماڻيو آهي، تن جي واتان سندن تاثراتن کي ٻڌون.

هڪ مريضہ انهيءَ زندگيءَ جي واقعن جي فلم جي ڏسڻ کي هيٺين ريت بيان ڪري ٿي:

"جنهن وقت اهو نور جو تجلو منهنجي آڏو ظاهر ٿيو تہ سڀ کان پهريان ان مون کان اهو سوال پڇيو: "تو وٽ مون کي، تنهنجي زندگي مان ڏيکارڻ لاءِ ڇا آهي؟ جيتوڻيڪ ان روحاني وجود جي سوال جا لفظ هوبهو اهي نہ هئا پر انهيءَ سوال جو تلهي ليکي مطلب اهو ئي هو. تنهن بعد منهنجي زندگيءَ جي واقعن جون جهلڪيون منهنجي آڏو فلم وانگر اچڻ لڳيون. مون اهو سوچيو پئي تہ مون سان هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڇاڪاڻ جو لمحن جي اندر آئون پنهنجي ٻالپڻ جي عمر ۾ پهچي وئي هئس. تنهن بعد اسڪول ۽ ڪاليج واري وقت جا واقعا شروع ٿي ويا. اهو سلسلو هلندو رهيو. تان جو منهنجي سڄي ڄمار جا واقعا هن موجوده عمر تائين مون کي ڏيکاريا ويا. اهو تجربو مون لاءِ انتهائي حيرت انگيز هو ڇاڪاڻ جو آئون پنهنجو پاڻ کي ان وقت ڏسي رهي هئس، جڏهن آئون معصوم ٻار هئس ۽ ٻاڙي وارن ٻارن سان رانديون ڪيڏي رهي هئس. تنهن بعد ٻيا بہ اهڙا منظر نظر آيا جيڪي ان ٻالپڻ جي وقت جا هئا. انهن منظرن مان ڪن ۾ تہ آئون پنهنجي ڀيڻ ۽ ٻائرن سان ويٺي هئس تہ ،ڪن ۾ آئون ٻاڙي وارن سان گڏ هئس، ڪن ۾ آئون مختلف ماڻهن سان مليس پئي. مون پنهنجو پاڻ کي انهن جڳهن تي ڏٺو جتي مون کي پنهنجي ننڍپڻ جي عمر ۾ گهمايو ڦيرايو ويو هو. ان بعد مون کي پنهنجو اسڪول نظر آيو جتي اهو منظر بہ ڏٺم تہ منهنجو دلپسند رانديڪو مون کان ڀڄي پيو هو. آئون زور زور سان رڙيون ڪري روئي رهي هئس. ان واقعي مون کي ان وقت شديد صدمي کان دوچار ڪيو هو.

تنهن ڪانپوءِ جا منظر منهنجي اکين آڏو آندا ويا ۽ مون کي نظر آيو جڏهن آئون گرلس اسڪائوٽ (Girls Scouts) ۾ شامل هئس ۽ هڪ دفعي ڪئمپ هڻڻ لاءِ (Camping) ساهيڙين ۽ ماسترياڻيءَ سان گڏ ويل هئس. مون کي پنهنجي اسڪول جي زماني جي هر ڪا ڳالهه منظرن ذريعي ڏيکاري ويئي. تنهن بعد آئون هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيس. اهو مون چٽي ريت ڏٺو پئي. هاءِ اسڪول دوران جڏهن مون کي اسڪالرشپ ملي هئي ۽ ان وقت جنهن خوشيءَ ۽ فخر جو احساس مون کي ٿيو هو، سو به هن مهل مون کي ياد اچي ويو. تنهن بعد ڪاليج جو وارو هو. مون ڏٺو ته آئون اتي پڙهي رهي هئس ۽ مون کي ڊگري ملي هئي. اهو وقت مون کي صاف صاف ڏيکاريو ويو. ان وقت کان پوءِ جاواقعا هڪ هڪ ڪري منهنجي اکين آڏو ايندا ويا، تان جو هن موجوده عمر تائين پهچي وياسين. آئون نه ٿي سمجهان ته ڪو انهن واقعن جي فلم ۾ منهنجي زندگيءَ جو ڪو پهلو ڏيکارڻ کان رهجي ويو هوندو.

جيڪي منظر مون کي منهنجي زندگيءَ بابت ڏيکاريا ويا، اهي نهايت ئي چٽا ۽ صاف هئا. اهي واقعا مون کي وقت جي حساب مطابق ڏيکاريا ويا هئا. اهي منظر ايترا ته حقيقي هئا جو مون سمجهيو پئي ته جڻ آئون اصلي واقعن کي پنهنجي اکين سان پسي رهي هجان. اهي سيئي واقعا ته جهڙي ۽ رنگدار هئا، جهڙا اصلي زندگيءَ ۾ هوندا آهن. انهن منظرن ۾ مون حقيقي زندگيءَ وانگر حرڪت پئي ڪئي. مثال طور جنهن وقت مون اهو ڏٺو ته آئون پنهنجي راندڪي کي پچي رهي هئس ته ان وقت مون کي پنهنجي هر حرڪت صاف نظر اچي رهي هئي. مون کي ان وقت ايئن نه پئي لڳو ته ڪو آئون پنهنجي زندگيءَ جي صرف فلم ڏسي رهي هئس، پر مون کي ايئن پئي محسوس ٿيو جڻ انهن منظرن ۾ آئون خود پنهنجو حقيقي ڪردار جو رول پڻ ادا ڪري رهي هئس. مون پنهنجو پاڻ کي ٻار واري منظر ۾ ٻار پئي محسوس ڪيو ۽ وڏپڻ جي وقت ۾ وڏي عمر جو. اهي سڀ منظر واقعي منهنجي حقيقي زندگي جا هئا، ڇاڪاڻ ته انهن منظرن منهنجي يادگيريءَ کي ذري پرزي تازو ڪري ڇڏيو هو.

مان ان نوراني وجود کي زندگيءَ جي واقعن جي فلم دوران ڏسي نه پئي سگهيس. هي ان وقت ئي منهنجي شعور جي اک وٽان هليو ويو هو. جنهن وقت هن مون کان پڇيو هو ته مون زندگيءَ ۾ ڇا ڪيو هو ۽ اهي زندگيءَ جون جهلڪيون شروع ٿيون هيون پر تنهن هوندي به آئون ڄاڻان ٿي ته اهو نوراني وجود منهنجي آسپاس موجود هو ۽ ان مون کي هڪ لمحي لاءِ به اڪيلو نه ڇڏيو هو. ڇو ته ٿوري وري دير بعد ان منهنجي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي ڪجهه نه ڪجهه ٽيڪاٽپڻي ضرور ڪئي پئي. سندس جملا تنقيدي ڪو نه هئا ۽ نه مون کي ڪي منهنجيون غلطيون پئي ڏيکاريائين. هن جي ٻڌائڻ جو مقصد رڳو اهو هو ته مون کي پنهنجي زندگيءَ جي واقعن ۾ ڪجهه نه ڪجهه وڌيڪ ڏيکاريو ۽ سمجهايو وڃي جنهن کان آئون هيستائين بي خبر هئس. ان سان گڏوگڏ هن جو مطلب اهو به هو ته

آئون انهن منظرن کي ڏسي پنهنجي زندگيءَ جي واقعن کي چٽي نموني ياد ڪري سگهان. اهو نوراني وجود سارو وقت مون کي محبت، پيار، امن بابت ٻڌائيندو رهيو ۽ انهن جي اهميت تي زور ڏيندو رهيو. انهيءَ نوراني وجود جن منظرن مٿان ڪجهه نه ڪجهه تبصرو ڪيو هو انهن مان هڪ منظر ۾ آئون پنهنجي پيڻ سان گڏ هئس. آئون پنهنجي پيڻ سان نهايت محبت ڪندي هئس ۽ سندس تمام ويجهي هئس پر هن نوراني وجود مون کي ڪجهه منظرن ۾ ڏيکاريو ته آئون پنهنجي پيڻ لاءِ پيار محسوس ڪندي به ڏانهس خودغرضيءَ وارو رويو اپنايو هو. هن مون کي ماڻهن سان محبت ۽ سندن ڪم اچڻ لاءِ نصيحت ڪئي. انهي تبصري ۾ منهن مٿان ڪا تنقيد ڪا نه هئي. مون کي انهيءَ تبصري مان ايئن لڳو جڻ هو ٻڌائيندو هجي ته مون کي ان منظر جي لقاءَ مان اهو سبق سکڻ کپي ته آئون ڪڏهن به خود غرضيءَ وارو رويو نه اپنايان ۽ هميشه مثبت، پيار ۽ لاغرضيءَ وارو لاڙو ماڻهن ڏانهن رکان.

مون اها ڳالهه به محسوس ڪئي ته هن نوراني وجود ڄاڻ جي حاصل ڪرڻ ۾ نهايت دلچسپي ٿي ورتي. هن هر اها شيءِ مون کي ڏيکاري پئي جنهن جو تعلق ڄاڻ ۽ سکيا سان هو. ان نوراني وجود مون کي اهو ڪو نه چيو ته آئون هن جي نشاندهي ڪيل ڳالهين کي سکان پر هن مون کي اهو ٻڌايو ته مون کي عارضي دنيا ڏانهن واپس ويڄو هو ۽ آئون علم ۽ ڄاڻ جي جستجو قائم ۽ جاري رکان. علم ۽ ڄاڻ جو حاصل ڪرڻ هڪ مسلسل ڪم آهي جنهن مان مون انومان ڪيو ته ڄاڻ جو علم موت کان پوءِ به حاصل ڪري سگهجي ٿو. منهنجي خيال ۾ هن مون کي زندگيءَ بابت مثبت ڳالهيون منظرن وسيلي سيکاريون پئي.

اهو هڪ عجيب لقاءُ هو. آئون انهيءَ واقعن جي منظرن کي ڏسي به رهي هئس ۽ خود ان ۾ موجود به هئس ۽ انهن منظرن ۾ مختلف ڪم به پئي ڪيم. اهي منظر انتهائي تيزيءَ سان حرڪت ڪري رهيا هئا پر تنهن هوندي به اهي منظر ايترا آهستگيءَ سان هلي رهيا هئا جو هر منظر جي هر تفصيل نظر اچي رهي هئي. اها هڪ عجيب ۽ پاڻ ۾ تضاد رکندڙ ڳالهه آهي پر ان جاءِ تي جتي آئون اهو مشاهدو ڪري رهي هئس ته اتي وقت جي گذرڻ جو ڪو تصور نه هو. اتي وقت ابدي هو ۽ هن عارضي دنيا وانگر صرف هڪ طرف هلندڙ نه هو. مون کي صرف اهو محسوس ٿيو ته جڻ ڪا روشني آئي. جنهن اندر مون کي زندگيءَ جي واقعن جون جهلڪيون ڏيکاريون ويون ۽ وري روشني هلي وئي. ڪنهن وقت مون کي لڳندو آهي ته اهي سڄا منظر پنجن منٽن کان به گهٽ وقت ۾ منهنجي اکين آڏو آيا هئا ۽ ڪنهن وقت آئون اهو محسوس ڪندي آهيان ته انهن زندگيءَ جي واقعن ڏسڻ جو حقيقي وقت تيهن سڪنڊن کان به گهٽ هو. سچ پڇو ته آئون باري ۾ ڪا به شيءِ يقين سان ٻڌائي نه ٿي سگهان.

ٻي ڳالهه آئون اوهان کي اها ٻڌائڻ چاهيان ٿي ته ان موت جي مشاهدي دوران مون کي ڪا به تڪليف يا ڏک وغيره محسوس ڪو نه ٿيو هو. صرف مون کي

هڪ انديشو هو تہ شايد آئون هتي وڌيڪ رهي نہ سگهان ۽ مون کي منهنجي مرضيءَ جي خلاف واپس زميني دنيا ۾ موڪليو ويندو. مون کي پنهنجي زندگيءَ جي سمورن واقعن کي ڏسندي واقعي مزو پئي آيو. مون کي خاص ڪري پنهنجي ٻالپڻ جي وقت جي منظرن کي ڏسي بيحد خوشي ٿي. آئون پنهنجي زميني دنيا جي دوران اهڙي ريت پنهنجي زندگيءَ جي هر ورق کي ڏسڻ جو ڪڏهن بہ سوچي نہ ٿي سگهيس"

موت جي مشاهدن دوران ڪن ماڻهن اهو بہ ڏٺو آهي تہ زندگيءَ جي واقعن جي منظرن وقت اهو نوراني وجود غائب ڪو نہ ٿو ٿي وڃي پر اتي موجود هوندو آهي. عام طور اها ڳالهہ ڏٺي وئي آهي تہ جن زندگي جي واقعن تي روحاني وجود ڪو تبصرو ڪري ٿو تہ انهن زندگي جي موقعن جي منظرن ماڻهن جي زندگي تيڻ بعد مٿانهين دور رس اثر ڇڏيا آهن. ان ڳالهہ کان ڪنهن کي بہ انڪار ڪو نہ آهي تہ اهي منظر نهايت چٽا ۽ صاف ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پوءِ چاهي اهي ماڻهو واقعي طبي موت ماڻي چڪا هوندا آهن يا موت جي نزد پهتل هوندا آهن. هڪ ٻئي اهڙي ماڻهوءَ جو احوال ٻڌو:

"منهنجي روح جو بدن کي ڇڏڻ ۽ اونداهي سرنگهہ مان پار پوڻ، پنهنجي ٻالپڻ ۽ سڄي حياتيءَ جي واقعن کي ان سرنگهہ جي ٻئي ڪناري وٽ ڏسڻ وغيره سڀ حقيقي هو. اهي سڀ منظر تصويرن ذريعي نہ پئي ڏيکاريا ويا پر خيالن وسيلي ماڻهن کي يادگيري کي اياريو. اهي منظر ڏسڻ لاءِ اتساهيو پئي ويو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجو اهو ئي خيال آهي، جو تہ آئون ان ڪيفيت جي لفظن ۾ تصوير ڪشي نہ ٿو ڪري سگهان. ان ڪري جو ان ڪيفيت کي لفظ پوري ريت ادا ڪري نہ ٿا سگهن. ڪنهن ڪنهن وقت اهو پئي پائيم تہ اهي سڀ ڳالهيون هڪ ئي وقت اک ڇنڀ ۾ هڪ وقت تي رونما نہ ٿي رهيون هيون. ان وقت مون کي پنهنجي مٺڙي امڙ بہ ياد آئي ۽ اهي ڳالهيون بہ ياد آيون، جيڪي مون دنيا ۾ غلط ڪيون هيون. جنهن بعد مون پنهنجي ٻالپڻ کي ڏٺو ۽ اهو نظر آيو تہ مون ان ٻالپڻ وقت ڪيئي ننڍيون ننڍيون خود غرضيءَ جون ڳالهيون ڪيون هيون تہ نهايت پشيماني پئي ٿي تہ مون آخر ان وقت اهي ڪم ڇو ڪيا هئا؟. منهنجي من ۾ اها شديد خواهش اڀري تہ ڪاش آئون وري ٻار بنجي وڃان ۽ پنهنجي انهن غلط ڳالهين کي متائي درست ڪري موٽي اچان."

هيٺ اهڙي مريض جو احوال ٻڌائجي ٿو جيڪو طبي طور گذاري تہ ويو هو پر انهيءَ کي موت جي نفسياتي جهٽڪي لڳڻ ڪري هن موت جي مشاهدي جي ڪيفيت جي لقاءَ کي ڏسڻو پيو هو:

"اها سڄي صورتحال نهايت تيزي سان رونما ٿي. مون کي جهڪو تپ هو ۽ اها صورتحال بہ هفتا کن هلي، تان جو هڪ رات بخار ڏاڍو وڌي ويو ۽ منهنجي حالت انتهائي خراب ٿي وئي. آئون بستري تي ليٽيو پيو هوس ۽ مون بيحد ڪوشش پئي ڪئي تہ آئون پنهنجي گهر واريءَ کي پنهنجي انتهائي خراب طبيعت بابت ٻڌايان پر مون کي اچرج لڳو چاڪاڻ جو منهنجو جسم چرڻ سن ٿي ويو

هو ۽ حرڪت ڪرڻ کان لاچار هو.
ڪجهه مهل ڪانپوءِ مون پنهنجو پاڻ کي هڪ اونداهي جاءِ تي بيٺل محسوس ڪيو ۽ منهنجي سڄي زندگيءَ جا واقعا منظرن جي شڪل ۾ منهنجي آڏو گهمي ويا ۽ مون کي پنهنجي زندگيءَ جي هر شيءِ مڪمل ياد اچي وئي. اهي منظر ان وقت کان شروع ٿيا جڏهن آئون صرف ڇهن يا سٺن سالن جو ٻالڪ هئس ۽ اتي مون کي پنهنجو ننڍي هوندي جو گهاٽو سنگتي نظر آيو. تنهن بعد مون پنهنجو پاڻ کي پرائمري اسڪول منجهه ڏٺو ۽ پوءِ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کان ٿيندو ڏندن جي ڊاڪٽر بنجڻ تائين جي هر واقعي کي صاف ۽ چٽو فلم وانگر ڏٺم.

مون کي ڄاڻ هئي ته آئون مري رهيو هئس ۽ مونکي ياد آهي ته آئون پنهنجي خاندان جي باري ۾ سوچي رهيو هئس ته منهنجي موت بعد انهن جو ڇا ٿيندو؟. آئون بيحد نراس هئس ته آئون ختم ٿي رهيو هئس ۽ دنيا ۾ منهنجا اجان ڪيترائي ڪم رهيل هئا. جيڪي مون کي پورا ڪرڻا هئا ۽ آئون انهن کي اڌوري حالت ۾ ڇڏي مري رهيو هئس.

جيتوڻيڪ زندگي جي واقعن جون جهلڪيون صرف ذهني تصويرن وسيلي ڏيکاريون پئي ويون. تنهن هوندي به اهي تمام صاف ۽ چٽيون هيون. اهڙيون صاف ۽ چٽيون تصويرون. مون ڪڏهن به پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳ نه ڏٺيون هيون. مون کي صرف واقعن جي مکيه جهلڪ ئي ڏيکاري وئي هئي ۽ انهن جي گذرڻ جي رفتار به بيحد تيز هئي. مون کي لڳو ڄڻ آئون پنهنجي زندگيءَ جي ٿلهي ڪتاب جي ورقن کي ورائيندو پيو وڃان ۽ ان ۾ ڪي چند لمحا صرف ٿيا هئا. اهي منظر ڪنهن تيز فلم وانگر منهنجي آڏو هلي رهيا هئا پر حيرت جو ماڳ اهو هو ته انهن سڀني منظرن کي نهايت صاف، پورو ۽ چٽو ڏسي رهيو هوس. انهن منظرن جي گذرڻ جي رفتار تيز هوندي به انهن جي تفصيل منهنجي ذهن کان ترڪي ڪين سگهيو.

مون ان مهل سواءِ ان نور جي تجلي جي ٻئي ڪنهن کي اتي نه ڏٺو ڇو ته منهنجي چوڌاري انتهائي اونداهي جو عالم هو. اهو نور جو تجلو مون سان گڏ بيٺو هو. آئون يقين سان چوان ٿو ته مون ان وقت هڪ نهايت سگهاري، محبت ڪرڻ واري نوراني وجود جي موجودگي پنهنجي پرسان محسوس ڪئي هئي جيڪو ان سڄي لقاءَ دوران مون سان گڏ بيٺل هو.

اهو مون کي نهايت دلچسپ لڳو. جڏهن آئون سڄاڳ ٿيس ته جون پنهنجي هن تجربي ۽ گذاريل زندگيءَ جي هر واقعي ۽ ان تفصيل کان هر شخص کي آگاهه ڪيو، ڇاڪاڻ ته ان لقاءَ منهنجي گذاريل زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي منهنجي آڏو آڻي ان جي ياد تازه ڪري ڇڏي هئي. اهو موت جو مشاهدو واقعي هڪ عجيب لقاءُ هو، جيڪو مون کي ڏيکاريو ويو هو. آئون سچ ٻڌايان ته ان لقاءَ کي هوبهو لفظن ۾ قيد ڪري ٻڌائي نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته اهي منظر نهايت تيزي سان منهنجي آڏو گذاريا ويا هئا ۽ تنهن هوندي به مون انهن منظرن کي بلڪل چٽي نموني ڏٺو هو“.

*(باقي آئينده مهيني پڙهندا)*

**قصوان نبيءَ جو جيڪو رياضتن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.**

# حضرت ذوالڪفل عليہ السلام

**محبوب علي سمون**

حضرت ذوالڪفل عليہ السلام خدا جو نبي هو. هن جي باري ۾ تمام گهٽ ذڪر ملي ٿو. هن نبيءَ کي بني اسرائيل مٿان نبوت ڏني وئي هئي. مصنف نهايت گهڻي ڪوشش ڪري جيڪو مواد هن نبيءَ جي باري ۾ هٿ ڪري سگهيو آهي، سو قابل تعريف آهي. هيٺين مضمون کي پڙهي ايمان تازو ٿي وڃي ٿو.

---

**حضرت** ذوالڪفل عليہ السلام جو ذڪر قرآن مجيد ۾ ٻن هنڌن تي ٿيو آهي. هڪ تہ سورت انبيا ٻيو سورت ص ۾. ڪيس بني اسرائيلن جي ساڃاهہ ۽ هدايت واسطي موڪليو ويو هو.

جيئن سورت ص ۾ فرمايو ويو آهي تہ، " اسماعيل، اليسع ۽ ذوالڪفل جو ذڪر ڪر. اهي سڀئي سهڻن لڇڻن وارا هئا."

سورت انبياءَ ۾ وري هيئن ارشاد فرمايو ويو آهي. " اسماعيل، ادريس ۽ ذوالڪفل کي ياد ڪر. اهي مڙيئي صبر ڪرڻ وارا هئا ۽ اسان انهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيو. بيشڪ اهي ڀلارا هئا."

طبري ذوالڪفل عہ کي حضرت ايوب عليہ السلام جو پٽ ٻڌايو آهي ۽ لکي ٿو تہ سندس نالو "بشر" هو ۽ لقب "ذوالڪفل" هوس. سندس پٽ جو نالو "عبدان" هو.

ڪنهن شخصي تي ڪو مقدمو هلي رهيو هو ۽ اهو ماڻهو ڪنهن ضامن جي ڳولها ۾ هئو. سندس غريب الوطنيءَ جي ڪري ڪو بہ سندس ضانت ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نہ هئو. سندس چوڻ هو تہ مون کي رڳو ايتري مهلت ڏني وڃي جو آئون پنهنجي ديس وڃي پنهنجن ٻارن ٻچن جي گذر سفر ۽ ماني ٽڪي جو انتظام ڪريان. ان ڪانپوءِ جيڪڏهن مون کي سزا بہ ملي وڃي تہ مون کي پرواهہ ڪانهي."

جڏهن ڪو بہ ضامن ڪو نہ مليس تہ هن عدالت کي درخواست ڪئي تہ مون هڪ وڏو عرصو توهان وٽ گذاريو آهي. توهان منهنجي حسب نسب ۽ خاندان گهراڻي کان واقف ڪو نہ آيو. پر ماڻهو مون کي ذاتي طرح سان چڱي طرح سڃاڻن ٿا. آئون هڪ سچار ۽ سپيتو ماڻهو آهيان. عدالت منهنجي وعدي وچن تي ڀروسو ڪري مونکي ڇڏي ڏي. عدالت منهنجي واپسيءَ جو جيڪو وقت مقرر ڪري، آئون انهيءَ کان اڳي پڄي ويندس."

عدالت سندس اها درخواست

ردڪري ڇڏي ۽ چيو تہ "تون پاڻ پنھنجو
ضمانت ڪيئن پيو پوين؟ عدالت کي
ڪنھن ايماندار صاحب ڪردار معزز ۽
پارس شخص جي ضمانت جي ضرورت
آهي. جيڪڏهن اهڙو ڪو مان وارو ماڻهو
عدالت ۾ پيش ڪيووجي تہ انجي ضمانت
تي توکي ضرور آجو ڪيو ويندو."

وسنديءَ جي ماڻهن جو اهو حال هئو
جو اهي ڪيس چڱيءَ طرح سڃاڻندا تہ هئا
پر سندس ضامن پوڻ لاءِ بنھہ تيار ڪو نہ
هئا. انهيءَ بيوس ۽ بيواهي ماڻهوءَ کي
مايوسي وڪوڙي ويئي. ڏاڍو پريشان حال
هئو. ڪو بہ هن اوکيءَ ويل سندس ساٿ
ڏيڻ وارو نہ هئو. هن کي گهر بار ۽ اولاد
عيال جي ڳڻتيءَ ماري وڌو. سندس گهر
واري هر ذريعي کاڏ محروم ۽ سندس
سمايل نياڻي کي ڪير آٿت ۽ دلاسو ڏئي؟
سندس ننڍڙن ٻارڙن جي تربيت ڪير
ڪري؟ انهن کي سهارو ڪير ڏيندو؟ اهي
سيئي خيال ۽ ويچار کيس پريشان ڪري
رهيا هئا. هيڏيءَ ساريءَ وسنديءَ ۾ ڪو بہ
ماڻهو ڪونہ هو جو هن جو ضامن پوي ۽
سندس خاندان کي تباهيءَ کان بچائي.

پيغمبرزادو حضرت بشر (ذوالڪفل
عہ) ڪيترن ئي ڏينهن کان هن جي دانهن ۽
فرياد ٻڌي رهيو هئو ۽ سندس بيوسي ۽
بيواهي محسوس ڪري رهيو هو. نيٺ پاڻ
اڳتي وڌي عدالت کي چيائين تہ "آئون هن
جي ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

عدالت ڪانئس پڇيو "تو هن ماڻهوءَ
جو گهر گهاٽ ڏٺو آهي؟ تون ڪڏهن هن
جي وطن ۾ ويو آهين؟ هن جي اولاد، عيال
۽ خاندان سان ملاقات ڪئي آهي؟"

نوجوان ذوالڪفل عليہ السلام
وراڻيو" آئون هن ماڻهوءَ کي هن وسنديءَ
جي حد تائين سڃاڻان ٿو."

عدالت ڏڙهي ڏيندي چيس،
"جيڪڏهن هيءُ ماڻهو واپس موٽي نہ آيو
تہ توکي سزا ڀوڳڻي پوندي!"

ذوالڪفل عہ جواب ڏنو "آئون سڀ
سوچي ويچاري سندس ضامن پوان پيو."

عدالت چيو "اي نبي زادا! هڪ ڀيرو
وري سوچي وٺ. ڇاڪاڻ تہ ضامن پوڻ
کان ماڻهو ڏاڍو گهبرائيندا آهن."

ذوالڪفل عہ انهيءَ ماڻهوءَ کي ڏنو
۽ عدالت کي چيائين "مون کي هن جي
واعدي تي ويساهہ آهي. هيءُ پنهنجي وچن
مطابق ضرور موٽي ايندو".

عدالت چيو "اي بشر! عدالت توکي
وري بہ سوچڻ جو موقعو ڏئي ٿي.
چڱيءَ طرح سياڻي تائين سوچي ويچاري
وٺ. جيڪڏهن هيءُ ماڻهو تو وٽ واپس نہ
آيو تہ توکي ڪيترائي سال قيد ڪاٽڻو
پوندو!"

ذوالڪفل عہ چيو "عدالت اڄ ئي
هن شخص کي منهنجي ضمانت تي ڇڏي
ڏي، چو تہ آئون ضمانت خدا ڪارڻ ڏيئي
رهيو آهيان."

عدالت ۾ معزز ماڻهن کي شاهد
ٻڌايو ۽ چيو "توهان ٻئي گواهہ ٿجو تہ هيءُ
شخص نالي بشر (ذوالڪفل عہ) هن
پرديسيءَ جي ضانت ڏيئي رهيو آهي.
جيڪڏهن هيءُ ماڻهو خاص مدت تائين
واپس نہ آيو تہ بشر ضامن جي حيثيت
سان سندس سزا ڀوڳيندو."

ذواڪفل عہ چيو "مون انهيءَ

معاملي ۾ پنهنجي پالڻهار کي گواهه بڻايو آهي. تنهنڪري ٻين شاهدن جي ضرورت ناهي."

عدالت ذوالڪفل عه کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ غريب الوطن پرديسيءَ کي پنهنجي گهر وڃڻ جي موڪل ڏني ويئي.

هن ماڻهوءَ پنهنجي وطن وڃي گهرواريءَ کي ٻڌايو "مون تي هڪڙو مقدمو هلي رهيو آهي ۽ شايد مون کي سزا اچي وڃي. هڪڙي نبي زادي منهنجي ضمانت ڏني آهي. تنهن ڪري مون کي مقرر مدي جي اندر اتي پهچڻو آهي."

سندس ٻارن ٻچن کي ڳڻتي وڪوڙي ويئي. زال چيس."هاڻي جو اچي ويو آهين ته هتي ئي مات ڪري ويهي رهه. اهو ضامن ۽ عدالت توکي ڪٿي ڳولهي سگهندي تنهنڪري واپس اوڏانهن وڃڻ جي ضرورت ڪانهي."

مڙس چيس "اي ڀاڳيري! تون ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪرين. هن خدا جي ٻانهي وچ ۾ خدا کي گواهه بڻايو آهي. هاڻي آئون جيڪڏهن ڪو نه ويندس ته هن ويچاري کي هرويرو سزا ڀوڳڻي پوندي"

ٻنهي ۾ ڪافي دير تائين بحث ٿيندو رهيو. خدا کي ڪجهه ٻيو منظور هو. مقرر مدت کان اڳ ئي اهو ماڻهو گذاري ويو. مرڻ کان پهريائين پنهنجي گهرواريءَ کي چيائين ته "توکي دل ۾ کوٽ هو تنهنڪري توکي سزا ملي رهي آهي."

انهيءَ شخص جو انتقال ٿي ويو. هوڏانهن حضرت بشر (ذوالڪفل عه) ۽ عدالت سندس انتظار ڪري رهي هئي. عدالت ذوالڪفل عه کي سزا ڏيڻ ۾ ڍرائي ڪري رهي هئي. عدالت چاهيو ٿي ته سزا اصل ماڻهوءَ کي ملڻ گهرجي. واپارين جو ڪو قافلو اوڏانهن وڃي رهيو هو. عدالت ڪجهه ماڻهن کي چيو ته "توهان هن ماڻهوءَ سان ملجو ۽ چئجوس ته تنهنجي وعدي خلافي جي ڪري ذوالڪفل عه کي هرويرو سزا ملي ويندي"

قافلي جي واپارين کي اچڻ ۾ دير ٿي ويئي ۽ عدالت ذوالڪفل عه کي سزا ڏئي ڇڏي ۽ ڪيس قيد خاني ۾ ودو ويو. انهيءَ سزا جو عدالت کي به ڏک ٿيو ۽ ماڻهن کي پڻ. ماڻهو چئي رهيا هئا ته سنو ٿيو جو اسان هن ماڻهوءَ جا ضامن ڪو نه پياسون نه ته اسانجو به اهڙو حشر ٿئي ها. ڪجهه ماڻهو وري ائين چئي رهيا هئا ته ڀلجي به ڪنهن جي ضمانت نه ڏجي. ان جي بدران روڪڙي رقم ڏيڻ وڌيڪ بهتر آهي.

نبي زادو ذوالڪفل عه قيد خاني ۾ عبادت ۽ رياضت ۾ رڌل رهيو. پاڻ گهڻو ڪري خاموش رهندا هئا.

سزا ڪاٽڻ کان پوءِ ذوالڪفل عه گوشه نشين ٿي ويو. انهيءَ وچ ۾ واپارين ۽ ڪاروبارين اچي خبر ڏني ته "اهو پرڏيهي ماڻهو انهي ڪري موٽي ڪو نه آيو جو پاڻ هن دنيا مان موڪلائي چڪو آهي"!

هيءَ بني اسرائيلن جي پيغمبر حضرت اليسع عليه السلام جو زمانو هو. جيڪو هينئر ٻڍڙو ٿي چڪو هو. تنهن هوندي به سندس عزم ارادي ۽ ثابت قدميءَ جو اهو حال هو جو پنهنجي قوم جي رهبري ۽ رهنمائي کان غافل ڪين رهندو

هو. پاڻ روزانو ماڻهن کي گڏ ڪندو هو.
کين دين جي دعوت ڏيندو هو ۽ کين
نيڪي ڪرڻ ۽ بڇڙاين کان پاسو ڪرڻ
جي تلقين ۽ تاڪيد ڪندو رهندو هو.

ڪراڙو ٿي وڃڻ ڪري سندس قوم
کي به ڳڻتي وٺي ويئي ته حضرت اليسع ع
کانپوءِ سندن سرواڻي ۽ سرپرستي ڪير
ڪندو؟ هو پاڻ انهيءَ فڪر ۾ گم رهندو
هو. کيس ڪوبه اهڙو لائق انسان ڪو نه
مليو جيڪو اها ذميداري کڻي سگهي
۽ نبوت واري وراثت ۽ امانت سنڀالي
سگهي. نيٺ هڪڙي ڏينهن پنهنجي قوم
کي چيائين، "مون کي پنهنجي قائم مقام ۽
نائب جي حيثيت سان هڪڙو اهڙو
شخص گهرجي جيڪو مون سان ٽن
ڳالهين جو وچن ڪندو، انهيءَ کي آئون
پنهنجو جانشين بڻائيندس."

هيڏي وڏي ميڙ ۾ ڪنهن کي همت
ڪا نه ٿي جو کانئس اچي پڇي ته سائين!
اهي ٽي شرط ڪهڙا آهن، جن جو توهان
ذڪر ڪري رهيا آهيو.

حضرت اليسع ع نگاهه ڪئي ته
مان ڪو لائق ۽ قابل انسان ملي وڃي پر
هڙيئي سست ۽ غافل نظر آيس. ڪنهن ۾
ڪا صلاحيت ۽ لياقت ڏسڻ ۾ ڪا نه
آيس، جنهن کي کڻي نبوت جي امانت
سونپي. نيٺ اها خبر ذوالڪفل ع تائين
وڃي پهتي. جنهن سزا ڀوڳڻ کان پوءِ گوشه
نشيني اختيار ڪئي هئي ۽ تمام گهٽ
ماڻهن سان ملندو هو. هاڻي جو کيس سڌ
پيئي ته حضرت اليسع عليه السلام کي
پنهنجي جانشين جي جستجو لڳي پئي
آهي ۽ انهيءَ ۾ اهي ٽي خوبيون ڏسڻ
گهري ٿو پر ڪنهن ۾ کيس اهي ٽي
خوبيون نظر نه ٿيون اچن.

حضرت ذوالڪفل ع، حضرت
اليسع ع جي مجلس ۾ پهچي ويو ۽
هڪڙي ڪنڊ ۾ ماٺ ڪري ويهي رهيو.
سندس ڪنڌ هيٺ جهڪيل هو. کيس
ڪنهن به ڪو نه سڃاتو.

حضرت اليسع عليه السلام
پنهنجي دستور مطابق فرمائي رهيو هو"
آئون توهان مان هڪڙي ماڻهوءَ کي
پنهنجو خليفو بڻائڻ گهران ٿو پر شرط
آهي ته اهو مون سان ٽن ڳالهين جو انجام
ڪري"

نبي زادو ذوالڪفل ع اٿي بيٺو ۽
کانئس پڇيائين،" اهي ٽي شرط ڪهڙا
آهن؟"

ماڻهن هن کي ڏٺو ته هڪبڪئي کي
چوڻ لڳا،" هيءَ ته اهو ئي ماڻهو آهي
جيڪو جيل ۾ سزا ڪاٽي چڪو آهي ۽
هاڻي اها حالت اٿس جو ڦڪائيءَ جي
ڪري ڪنهن کي پنهنجو منهن به نه ٿو
ڏيکاري"

ٻئي چيو" واهه سائين واهه!
پنهنجا ڪرتوت ڏٺا اٿس. مس مس جيل
مان نڪتو آهي ۽ هليو آهي پيغمبري
منصب سنڀالڻ واسطي."

وري ڪنهن چيو" تازو قيد ڪاٽي
آئيو آهي ۽ هليو آهي نبيءَ جي نائب
بڻجڻ واسطي."

ذوالڪفل ع سندن ڳالهين تي ڌيان
ڪو نه ڏريو ۽ اطمينان سان حضرت
اليسع عليه السلام کان پڇيو "اوهان اهي
ٽيئي شرط ٻڌايو؟ ٿي سگهي ٿو آئون اهي

تيئي شرط پورا ڪري سگھان؟"

حضرت اليسع ع فرمايس، " تون منهنجي ويجهو اچ ته توکي پنهنجا شرط ٻڌايان."

پاڻ سنڌس ويجهو ويو ۽ پڇيائين، " قبلا! هاڻي ٻڌايو اهي ٽي ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟"

حضرت اليسع ع فرمايو "اهي ٽي ڳالهيون دراصل ٽي وچن آهن. پهريون اهو ته هو سڄو ڏينهن روزو رکندو. ٻيو ته سڄي رات خدا جي ذڪر ۾ رڌل رهندو ۽ ٽيون ته ڪڏهن به ڇڙ ۽ ڪاوڙ نه ڪندو."

ذوالڪفل ع چيو "آئون اهي ٽيئي ڳالهيون مڃڻ لاءِ تيار آهيان."

ماڻهن ۾ ته چؤ ٻول مچي ويو ۽ چوڻ لڳا، "هيءُ چوي ٿو ته ٽيئي شرط پورا ڪندس!"

اهو حال ڏسي حضرت اليسع ع ٻيهر چيو" تون اهي ٽيئي عهد ۽ انجام وري ٻڌا! ائين نه ٿئي جو وري چئين ته مون اهي عهد چڱيءَ طرح ڪو نه ٻڌا هئا!"

ذوالڪفل ع ورندي ڏنس، "مون اهي ٽئي انجام ٻڌا آهن. اوهان پلي ٻيهر اهي عهد ۽ انجام بيان فرمايو جو سيئي ماڻهو پنهنجي ڪنن سان ٻڌن ۽ پوءِ منهنجي نگراني ڪن ته واقعي آئون اهي ٽيئي واعدا پاريان ٿو يا نه!"

حضرت اليسع ع ٻيهر ٽيئي عهد انجام بيان ڪيا. ماڻهن جي وينل ميڙ کي مخاطب ٿي چيائين، "توهان به اهي ٽيئي شرط پنهنجي ذهن ۾ وهاري ڇڏيو ۽ هن نوجوان کي ڏسندا رهجو ته هي واقعي پنهنجا وعدا ۽ وچن پاري ٿو يا نه؟"

جڏهن هڪڙو نسل موڪلائي وڃي ٿو ۽ سنڌس جڳهه تي ٻيو نسل اچي ٿو ته ان صورت ۾ پهرين نسل جي ڪنهن به ماڻهوءَ لاءِ پنهنجو مقام بنائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي. ذوالڪفل ع جو به اهو حال هو. ڪيس سنڌس نسل جا ماڻهو چڱو سمجهندا هئا. خاص ڪري هڪڙي غريب الوطن جي ضمانت ڏيڻ ۽ سنڌس واسطي سزا سيڪت پوڳڻ ڪري. پراڻي نسل جا ماڻهو به سنڌس ڏاڍي عزت ڪندا هئا. پراڻي نسل جا ڪي ٿورا ماڻهو وڃي بچيا هئا، باقي هن جهان مان موڪلائي وڃي چڪا هئا. هاڻي جو نئين ٿهيءَ ڏنو ته حضرت اليسع ع ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو نائب ۽ خليفو بنائڻ گهري ٿو ۽ ڪانئس ٽي عهد پڻ گهري ٿو ته ماڻهن جو خيال هو ته اها ذميواري قبول ڪرڻ واسطي نئين ٿهيءَ جو ڪو ماڻهو اڳتي وڌندو ۽ ڪيس جانشين بنايو ويندو. پراڻين ڪو نه ٿيو. نئين ٿهيءَ جو ڪو به نوجوان آڏو ڪو نه آيو. نيٺ پراڻي ٿهيءَ جو اهو ماڻهو ميدان ۾ آيو. جيڪو جيل ڪاٽي آيو هو.

حضرت اليسع ع ذوالڪفل ع کي ان ڏينهن ڪو پڪو جواب نه ڏنو ۽ صرف اهو چيو ته "چڱو سڀاڻي ڏسنداسون." ان رات ماڻهن حضرت اليسع ع سان خصوصي طورتي ملاقات ڪئي ۽ ڪيس چيائون ته اسان چاهيون ٿا ته اوهان جو جانشين نئين ٿهيءَ منجهان هجي، ان ڪري پنهنجي فيصلي کي ڪجهه وقت لاءِ ملتوي ڪريو."

حضرت اليسع ع کين چيو" زندگيءَ تي ڪو اعتبار ڪونهي. جيڪو اهم ۽ ضروري ڪم ڪرڻو آهي، تنهن کي



# بيخود بلوچ

شيخ اياز جا لفظ آهن ته جيڪا شاعري روح کي گرمائي نه ٿي، اها منزل مقصود کي پائي نه ٿي.اهو بلڪل سؤ سيڪڙو سچ به آهي ته دنيا جي شاعري کان علاوه کهڙي به شيءِ ڇو نه هجي، پر جيڪڏهن ڪنهن دل کي نه وڻندي ته پنهنجي منزل به ڪا نه ماڻي سگهندي، پر شيخ اياز جي لفظن جي معيار تي شام جي سانوري پهر جهڙي شاعر بيخود بلوچ جي سندس جهڙي سانورڙي شاعري پڙهڻ سان روح به گرمائجي ويجي ٿوءِ منزل مقصود ڏانهن به وڌڻ جي سگهه پڻ پيدا ٿئي ٿي.

جيئن بيخود بلوچ جون سٽون آهن ته.

منهنجي خاطر وڃي وڃ،
سونهن ڇيو هي سودو ڪر.

سندس شاعري ءَ جي چٽائي چوڏنهن جي چنڊ جيان پڙهڻ کان پوءِ روح جي اونداهي ڪائنات کي روشن ٿي ڪري ڇڏي.

بيخود بلوچ جو جنم ڳوٺ جمعو جسڪاٽي، تعلقو پنو عاقل ضلع سکر ۾ 1971ع تي ٿيو.سندس شاعري ءَ جا ٽي مجموعا مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن،جن ۾ "درد ۽ امنگ دل ۾"، "ٻوليون لوليون ٻارن جون"۽ "هوا ۾ ٻرياسين"شامل آهن.

سندس شاعريءَ ۾ پسنديده صنف غزل آهي.پاڻ سنڌي ادبي سنگت ضلع سکر جا 2004ع ۾ جنرل سيڪريٽري به رهي چڪا آهن. منهنجي دعا آهي ته بيخود بلوچ شاعريءَ جي ميدان ۾ پنهنجي منزل مقصود تي پهچي. (آمين)

جمشيد خان

## غــزل

دل جي ڏک کي هلڪو ڪَرا!
ٿوري دير جو ٿورو ڪَرَا!

ڏوريءَ ۾ دم نڪري ٿو،
مون کي پنهنجي ويجهو ڪَرُ!

فرقَ فنا ڪر ذاتين جا،
آدم ذات کي اُونچو ڪر!

منهنجي خاطر وڍجي وڃ،
سونهن ڇيو اهو سودو ڪر!

چار ڏهاڙا اهي جيون جا،
ڪاوڙ کان ڦرُ ڦيرو ڪر!

ڪير پرايو پنهنجو آ،
"بيخود" سمجهي هلندو ڪر!

## غــزل

هڪ اڃان مَسَ مَسَ ٻُلاٽي چوڻ آ،
دوست مون کي ٻي رسائي چوڻ آ.

فن فڪر جي ڪوٽ هوندي ٿو مَجان،
مون غزل ۾ گنگنائي چوڻ آ.

وار وڪريل جي ُهجي ڇُپُ چاپ ڪو،
سمجهو،هن کي بہ آئي چوڻ آ.

هن وڇوڙي جي ڇپي معنيٰ ڇير،
هي وڇوڙو چوڻ آهي ۽ جُدا ٿي چوڻ آ.

شاعري مُرڪي چيو، "بيخود" ايئن،
"جي اڃين مون ڏي تہ ڪائي چوڻ آ.

مون کي قسمت ڀلي خراب ڪري،
مولا توکي ٿي ڪامياب ڪري!

آءُ ڪنهن کي وٺان هي ناممڪن،
ڪير منهنجو ٿو انتخاب ڪري؟

ڪو تہ منهنجا اڃي اگهي ڳوڙها،
ڪو تہ حاصل اهو ثواب ڪري!

مون ڪان نمبر وٺي ويو ليڪن،
فون مون ڏي نہ ٿو جناب ڪري!

جنهن سان رشتو آ پيار جو تنهن سان،
ڪهڙو "بيخود"ويهي حساب ڪري؟

## نظم

ڪنهن جي ڏک جو ڪنهن کي ڏک آ؟
ڪنهن جي سک جو ڪنهن کي سُک آ؟

ڪنهن جي دانهن کي ڪير ٻُڌي ٿو؟
ڪير ٿري ٿو، ڪير ٻڌي ٿو.

ڪنهن وٽ آ، آڙاه اندر ۾؟
ڪنهن جو سُڏڪيو ساه اندر ۾؟

ڪنهن جي دل جي دنيا اجڙي؟
ڪهڙو باغ ۽ ڪهڙي مُکڙي؟

هر ڪو گم آ پنهنجي ڏن ۾،
هر ڪو قاتل پنهنجي ڪنَ ۾،

ڇا جا رشتا، ڇا جا رستا؟
هر ڪو"بيخود" وانگر تنها!!

## غــزل

دوست بنجي جي دغا ڏيندا رهيا،
دل جي شعلن کي هوا ڏيندا رهيا.

سرَ ڏيڻ جي ڳالهه سولي آ گهٽي،
سَر فقط کي سر ڦريا ڏيندا رهيا.

مون ڏٺا اندر ۾ سيئي داغدار،
ڏيک جيڪي خوشنما ڏيندا رهيا.

منصفن رائج ڪيو هو هي نظام،
بي خطا کي ٿي سزا ،ڏيندا رهيا.

حُسن وارن در نہ کوليا،
پر چڪر ڪيئي چريا ڏيندا رهيا.

## غــزل

غيرن کي ڏنئہ دريا!
مون کي تہ ڏنئہ صحرا.

غيرن کي ڏنئہ جلوا،
مون لاءِ لٿيل لمحا.

غيرن کي ڏنئہ سڀ گل،
مون لاءِ سڪل پن ها!!

غيرن سان ملاقاتيون،
مون لاءِ رڳو دلبا.

الزام ستم ميڙي،
"بيخود" کي ڏنئہ تحفا!

☆......☆......☆

# غـزل

## حنيف عاطر

هڪ تہ ماٺھو واسطي وارو مليو،
پيو مٿان رستو ڪچي وارو مليو.

ويجھڙائي دل جي آ ساڳي مگر،
شخص ھو گھر ڪان پري وارو مليو.

ڇو ٽوڙائڻ جي ڪندو ڪوشش رهيو؟
وچ ۾ جيڪو رابطي وارو مليو.

هٿ ۾ ليٽر هن جي موڪل جو ڪٽي،
شام جو در تي پٽي وارو مليو.

نينگري معصوم ڪي کھڙي سبب؟
ڪاٺ جھڙو، سر اڇي وارو مليو.

ٻاڙي وارا ٻاڳ واري تا ڇون!!
جنھن وني ڪي وَر نشي وارو مليو.

منھنجي ياران پيو سھي عاطر ستم،
پيو نہ ڪوئي حوصلي وارو مليو.

# غـزل

## عبدالرحيم عبد ڪنير

جتي ڪنھن جي زلفن جون ڇانئون ڪٿيون!
اتي عاشقيءَ جون صدائون ڪٿيون.

اسان جون خطائون بہ آخر ڪٿيون،
خدا جون نہ هرگز عطائون ڪٿيون.

لکي مان ڪس، پيو قلم ٻي ٽڪجي،
ڪنھن جون نہ پر ماجرائون ڪٿيون.

گھريو پيار سويي نہ ڏيئي سگھيو!
سڄڻ جون سموريون سخائون ڪٿيون.

اجا عادتون ڪجھ اڳوٽيون اتس،
پرين جون نہ چنچل ادائون ڪٿيون.

نہ ڪا دردِ دل جي دوا تي سگھي،
طبيبن جون ساريون دوائون ڪٿيون.

## غـزل

مظهر جروار - امن آباد

شام شفق جو پيلو، رنگ،
منهنجي هٿ ۾ سائي پنگ.

سرجو سوڏو، مانگو ناهي؟
چارڻ، وينوچور تون چنگ،

ڳوٺ جي ڳهيلي، ڪاري ڪاري،
شهر جي ڇوري، شيشو انگ.

ڪير ڪڇي؟ ۽ ڪير ٻڇي؟
هن جو ڳالهائڻ نانگ جو ڏنگ.

ڏينهن تتو ڏس صحرا ۾،
پاڻي لاءِ ڊوڙي پيو ڪرنگ.

منزل تي پڇي وڃبو "مظهر"
هو هلي، جي منهنجي سنگ.

## غـزل

دين محمد سجاڳ پلي

اسانکي ڪونہ سمجهي گهٽ
اسان وٽ ذوق جو آ رت

اسانجي ساھ جو صحرا
نيائي سونهن تي جهٽ پٽ

خيالن جي گلابن تي
پرين جي پور جو پوپٽ

دنيا جو واءُ سوچيهي
گجگوڙ منهن جهٽ

اکين جي شوق ۾ دل کي
ڦٽائي هيٺ تي سوڳٽ

سجاڳ آهي بنائي مل
سدائين چاھ جو پارٽ

# غــزل

## سرواڻ ڪتي آهين

آزادي علم ڪو ڪٿون، اڳواڻ ڪتي آهين؟؟
پيا گهندٻ گڙن ۾ تون، سرواڻ ڪتي آهين؟؟

ست ڏينهن جي روشن هن، سي رات بڻيل آهن،
منزل نہ ملي پلڪن، چانداڻي ڪتي آهين؟؟

ست ڏير ٿهن پيا تا، هتل فصل سڪن پيا تا،
ٿي ٿوٽ سڃي ڌرتي، مهراڻ ڪتي آهين؟؟

ڪڪري بہ نہ ٿي برسي، بجلي بہ نہ ٿي ڪڙڪي،
هي ءِ قوم پئي تڙپي، ڪاڪٽڪاڻ ڪتي آهين؟؟

پکين بہ وداع جو چئي، اڄ ڪوچ شروع آ ڪئي،
بدبوءِ جو هي ڪينجهر ٿئي، سرهاڻ ڪتي آهين؟؟

هت لوڏ اچي ٿي، چو راز بهارين جي،
اقليت جو وڏيو خدشو، سڃاڻ ڪتي آهين؟؟

جي ڪالهہ سجا آيا، اڄ اڌ گهرن پيا تا،
پيا هن مرڻ پنهنجا، ٻلواڻ ڪتي آهين؟؟

بادل جي ٿيل ڌرتي، مون روزه ازلپرتي،
آ لح رکون هن جي، نرواڻ ڪتي آهين؟؟

# غــزل

## محمد مجازي جروار

ايڏيون پرين وڇوڙيون،
جڏهاڻ لک لڪوٽيون.

ڪڏ پاڻ لاءِ پيو ڪوٽي،
ڪڏ پاڻ تنهن لاڪوٽيون.

جنگ جي زماني جوٽي،
جنگ پاٽي پي تا جوٽيون.

زلفن ڪي قيد ڪر تون،
ڇڏ ويڙهي هاڻ چوٽيون.

ڳالهيون ذهن ۾هر هر
چو تو ۔رکين تون چوٽيون.

ڪجهہ پيٽ ڪي ٻنجو ڏي،
وٺ هي پڪوڙا روٽيون.

غيرن سان هاڻ پنهنجون،
رنجهنديون نہ يار پوٽيون.

# غزل

زيبا لاشاري

تنهنجي وفائن ۾ اهو اثر هاڻي رهيو ناهي،
يا شايد منهنجي پيار ۾ اهو اثر هاڻي رهيو ناهي.

آئون ڪيئن گهران تنهنجو پيار دعائن ۾ سڄڻ
منهنجي تہ دعائن ۾ بہ اهو اثر هاڻي رهيو ناهي.

هن زندگيءَ جو رڻ ۾ ڪيئن اڪيلي رهان مان
جو تہ تنهنجو مون سان ساٿ هاڻي رهيو ناهي.

اسان بہ شايد هاڻي وساري ڇڏيو آهي،
سر شام سرتين سان تنهنجو ذڪر هاڻي رهيو ناهي.

مان ڪيئن چوان توکي جي جيارو پرين،
تنهنجو پيار بہ "زيبا" سان ساڳيو هاڻي رهيو ناهي.

# وائي

واحد سوز ملاح - سجاول

رم جهم بادل برسي پوندا
نرڪي ملندا مهڪي پوندا
مارو منهنجا پيچ پٽائي.

ميگهہ ملهاري موسم ۾ سي
گلڙن وانگي ٻهڪيپوندا.
مارو منهنجا پيچ پٽائي.

دورين جا سڀ درد وساري،
پاڻمرادو پرچي پوندا.
مارو منهنجا پيچ پٽائي.

لوسا تيل سڀ ڪو سل چهرا،
چنڊجيان پي چمڪي پوندا.
مارو منهنجا پيچ پٽائي.

کهنبو پائي ويس پنن تي،
سانگيئڙا تي سرهي پوندا.
مارو منهنجا پيچ پٽائي.

ڳيچ خوشين جا ڳائي تن جي،
اشڪ اکين ۾ پلٽي پوندا.
مارو منهنجا پيچ پٽائي.

"سوز" اباڻي ٻوليءَ خاطر،
جهيڙو جوٽي ڳنڍجي پوندا.
مارو منهنجا پيچ پٽائي.

## وائي

"اداسي" جکراڻي

سر جيل لفظن ۾
منهنجن گيتن ۾
آهي تنهنجي سار
منهنجي هڪڙي ئي
دل جي ڌڙڪن ۾
آهي تنهنجي سار
ٽمندڙ نيڻن ۾
پسيل پنبڻين ۾
آهي تنهنجي سار
دل جي گلشن جي
سڪل گلڙن ۾
آهي تنهنجي سار
منهنجن اکڙين مان
وهندڙ ڳوڙهن ۾
آهي تنهنجي سار
دل جي صحمت ۾ لوچن ۾
آهي تنهنجي سار

## غــزل

رحمت سومرو - ميهڙ

جي نہ سهارو يار ملي ها لفظن جو
چا تہ الائي ٿئي ها منهنجي جذبن جو
پيار تہ پنهنجو پاڻ آ ظاهر ٿي پوندو
ڏوهہ نہ هوندو آهي ڪنهن جي نيڻ جو
ڪنهن ڏي پلجي ڪو نہ اداسي آئي ڪا
ڪنهن کي چين مليو ئي ناهي پل ڪن جو
اڪيل نيڻ ڪروڙين ڪنهن جي سونهن مٿان
ڪنهن کي خيال نہ آيو وارن اٿين جو
هوڏانهن پيو تو مرڪن جو مهراڻ وهي
هيڏانهن جاري وڏ ڦڙو آ لڙڪن جو
ڪين پڇو ير مون ڪان منهنجي پيارن جو
پڇيو ناهي رشتو دل ڪان ڌڙڪن جو
بزدل جو ڪو همت هاري ويهڻ آ
منزل تي ڪر پهچڻ آهي مردن جو
تنهائيءَ ۾ ٿورو "رحمت" روئڻ سک
ساٿ سدائين هوندو ناهي ٿهڪن جو.

## هائيڪا

ذوالفقار ٽالپر

دوست سمجھ وڻ کي
کھاڙيون ڪاوڙ مان
هن نہ ان کي

ڪلفت ۾ ناهي
هر خوشي مٺا
الفت ۾ آهي

رڏن جو ڏڻ
ڏاڍو هو ٽڪل
ڳولڻ لڳو وڻ

گلن ڪڍيا رنگ
هيل وٺو سانوڻ
ٻاجھر جھليا سنگ

ٽڪجي ٽيو ساٽو
ڏنار ڪولي ريڊيو
ٻڌڻ لڳو راٽو

چرچر ڏڏ ڪري
سانوٽي ۾ هن جو
ٽو هانو ٺري

☆......☆......☆

## گيت

مير محمد نوتڪاڻي

پيار هجي بس پيار هجي
هڪ سونهن پريو سنسار هجي
جت محبت جي هر منڊ هجي
سا ڪاش اسان جي سنڌ هجي

نہ ناري وڪجي نوٽن ۾
نہ قيد هجي ڪا ڪوٽن ۾
هر ڏاڍ جو دروڙو بند هجي
سا ڪاش اسان جي سنڌ هجي

موج هجي مهراڻ هجي
هي هٽڙو هٽڙن ساڻ هجي
جڳ سامهون اوچو ڪنڌ هجي
سا ڪاش اسان جي سنڌ هجي

نہ پاءُ هجي ڪو سير مٽي
هن گلي جي اجڙيل ڍير مٽي
نہ وحشي تنهنجو گند هجي
سا ڪاش اسان جي سنڌ هجي

"مير" نہ ڪو مجبور هجي
هر درد ڪان ماٺهو دور هجي
هر پاسي سرهي سڳنڌ هجي
سا ڪاش اسان جي سنڌ هجي



"هڪ گڏه جي ڪهاڻي" عظيم ليکڪ ڪرشن چندر جي مشهور ناول جو ترجمو آهي. هي ناول ان وقت جو لکيل آهي جڏهن پنڊت نهرو هندستان جو وزير اعظم هو. اهو وقت نهايت سستائيءَ جو هو. ان ڪري اوهان کي هن ناول ۾ رپين پئسن جو ذڪر ملندو. هي ناول هندستان جي سياسي ۽ سماجي حالتن تي بهترين طنز ليکيو وڃي ٿو. هڪ گڏه جيڪو هندستان جي وزيراعظم سان ملاقات ڪري ٿو. تنهن کان پوءِ هن سان ڇا ٿو ٿي واپري ٿو، سو هن عظيم الشان ناول ۾ خود پڙهندا.

# هڪ گڏه جي ڪهاڻي

ڪرشن چندر

سنڌيڪار: يوسف سنڌي

**هڪ گڏه جي اکين سان پنهنجي دنيا کي ڏسڻ جي داستان**

صاحب! هڪ مسلمان يا هندو تہ گڏھ ٿي سگهي ٿو، پر هڪ گڏھ، مسلمان يا هندو نہ ٿو ٿي سگهي.

ملي مونکي مسجد جي ٻاهر هڪ ڪتل ڪلي سان ٻڌي ڇڏيو ۽ پاڻ حجري ۾ هليو ويو. آئون موقعو سٺو ڏسي رسي ڇنائي وٺي ڀڳس ۽ اهڙو تہ مينهن واھ ڪري ڀڄس جو ڪوهن تائين پنيان مڙي نہ ڏٺم.

مون فيصلو ڪري ورتو هو تہ تنگ نظر انسانن سان هڪ گڏھ جو ڪهڙو واسطو. هاڻ آئون نہ ڪنهن هندوءَ جي مدد ڪندس ۽ نہ ڪنهن مسلمان جي. تنهنڪري سڄو ڏينهن ڪنهن گهاٽي وڻ جي ڇانوَ ۾ پيو هوندو هوس يا آسپاس گاھ چرندو رهندو هوس ۽ رات پوندي هئي تہ پنهنجو سفر شروع ڪندو هوس. ائين هلندي، ساهيون ڪائيندي، ڇهن ستن مهينن ڪانپوءِ دهليءَ جي پرسان پهتس. هتي آئون مختصر طور تي دهليءَ جي جاگرافي بيان ٿو ڪريان تہ دهلي ايندڙ سيلاني منهنجي ڄاڻ مان فيضياب ٿين ۽ ڪو دوکو نہ کائين.

دهليءَ جي جاگرافي:-

دهليءَ جي اتر ۾ پناهگير، ڏکڻ ۾ پناهگير، اوير ۾ پناهگير، اولهہ ۾ پناهگير، وچ ۾ هندستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ ان ۾ هنڌ هنڌ تي سئنيمائن ڪانسواءِ نامرديءَ جي دوائن ۽ طاقت جي گورين جا اشتهار لڳل آهن، جن مان هتان جي تمدن ۽ سڀيتا جي وڏائيءَ جو اندازو ٿئي ٿو.

هڪ ڀيري چانڊني چوڪ تان لنگهي رهيو هوس جو هڪ ناهوڪي ڇوڪري ڏٺم، جيڪا ٽانگي تي ويٺي، پائيدان تي پير رکي، پنهنجي حسن ۽ جمال جي مستيءَ ۾ مست وڃي رهي هئي ۽ پائيدان تي لکيل هو، "اصلي طاقت جون گوريون اندرا سنگهہ جليبيءَ واري کان خريد ڪريو."

آئون ان منظر جي بي پناھ طنز کان متاثر ٿيڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيس ۽ چانڊني چوڪ ۾ بيهي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳس. ماڻهو هلندي هلندي بيهي رهيا ۽ هڪ گڏھ کي ان رستي تي بيهي هينگون ڏيندو ڏسي کلڻ لڳا. هو ويچارا منهنجين هينگن تي کلي رهيا هئا ۽ آئون سندن تهذيب تي ماتم ڪري رهيو هوس. بهرحال ڇا بہ هجي، هڪ پوليس واري لٺ هٽي مونکي اتان ڀڄائي ڇڏيو ۽ مونکي ٿائون هال طرف ڌڪي ڇڏيو. انهن ماڻهن کي خبر ڪونهي تہ ڪڏهن ڪڏهن گڏھ بہ انسانن تي کلي سگهن ٿا.

دهليءَ ۾ ايندڙن کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ دهليءَ ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ ڪيترائي دروازا آهن. جهڙوڪ دهلي دروازو، اجميري دروازو، ترڪمان دروازو، پر اوهين انهن مان ڪنهن بہ دروازي مان دهليءَ ۾ گهڙي نہ ٿا سگهو. ڇو تہ دروازن تي اڪثر ڍڪيون ۽ مينهون ويٺيون هونديون آهن يا وري پوليس وارا ڪتون وڃايو پيا اوٻاسيون ڏيندا آهن. ها، البتہ انهن دروازن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي ڪيترا ئي رستا ٺهيل آهن، جن تي هلي اوهين دهليءَ ۾ داخل ٿي سگهو ٿا.

انگريزن بہ دهليءَ ۾ هڪ انڊيا گيٽ ٺاهيو آهي، پر ان گيٽ مان لنگهڻ جو ڪوبہ رستو ڪونهي. دروازي جي پاسي کان ڦري وڃڻو پوي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ دهليءَ جي گهرن ۾ بہ ٿورن ئي ڏينهن ۾ اهڙا دروازا لڳي وڃن ۽ ماڻهو شايد درين مان ٽپي اندر گهڙن.

دهليءَ ۾ نئين دهلي آهي ۽ نئين دهليءَ ۾ ڪناٽ پئلس آهي. ڪناٽ پئلس ڏاڍي سهڻي جڳھ آهي. شام جو مون ڏٺو تہ ماڻهو لوھ جي گڏهن تي چڙهي ان جي گول رستي تي گهمي رهيا هئا. اهو لوھ جو گڏھ تيز ڊوڙي سگهي ٿو، پر اسان جيان هينگي نہ ٿو سگهي. هتي مون اڪثر ماڻهن کي بگهڙ

ٽڪيٽ بہ ورتائين ۽ مونکي سئنيما هال جي ٻاهران پنهنجي هڪ دوست ٽانگي واري جي حوالي ڪري اندر هليو ويو. هال جي ٻاهران ٽي چار ٽانگا بيٺا هئا. جن جا گهوڙو هٽڪارون ڪري ۽ زمين تي پنهنجا سنب هڻي هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا.

هڪ گهوڙو، جنهن جو رنگ مشڪي ۽ مٿو اڇو هو، جيڪو ڪنهن شاهوڪار ماڻهوءَ جي نجي ٽانگي جو گهوڙو پئي لڳو ۽ ان ڪري ٿورو مغرور ڏسڻ ۾ پئي آيو، ٻئي ٽانگي جي گهوڙي کي چئي رهيو هو، "منهنجو مالڪ مار موچڙي واريون فلمون پسند ڪندو آهي. هو گهڻو ڪري اهڙيون فلمون ڏسي زور زور سان ٽانگو هلائڻ لڳندو آهي. مونکي ياد آهي تہ هڪ ڀيري سئنيما مان فلم ڏسڻ کانپوءِ واپس موٽندي هن بازار جي وچ ۾ مونکي ايئن ڊوڙائڻ شروع ڪيو هو، جيئن هن فلم ۾ ڏٺو هو. ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا ۽ هڪ ٻارڙو تہ اسپتال ۾ مري بہ ويو، پر منهنجو مالڪ گهڻو پئسي وارو هو، تنهنڪري هن ڪنهن طريقي سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هو شراب جي نشي ۾ ٻڏل هو، تنهنڪري فقط ڏنڊ ادا ڪري ڇٽي ويو."

ٻئي گهوڙي چيو، "منهنجي ٽانگي تي جيڪي بہ عورتون آيون آهن، سي فقط اهو ڏسڻ جي لاءِ آيون آهن تہ مٿوبالا کي نئين فيشن جا ڪهڙا ڪپڙا پاتل آهن. هڪ عورت تہ ٻيءَ کي پنهنجي ٻٽوڻ مان ڪاغذ ۽ پينسل بہ ڪڍي ڏيکاري تہ هوءَ ڪيئن هال جي اندر ويٺي ويٺي مٿوبالا جي نئين فراڪ جي نموني کي نقل ڪري وٺندي."

ٽئين گهوڙي چيو، "منهنجو مالڪ وڏو عزت وارو آهي. هو هفتي ۾ هڪ ڀيرو پنهنجي سريت کي، جيڪا هڪ غريب انگريز جي زال آهي، هتي فلم ڏيکارڻ ايندو آهي. جيڪڏهن هو چاهي تہ ڪيس نئين دهليءَ جي سڀ کان سني سئنيما ۾ وٺي وڃي سگهي ٿو، پر ڪيس پنهنجي عزت جو گهڻو خيال آهي."

مون هيڪي (چو تہ اهي سڀ اعليٰ نسل جا گهوڙا هئا) ۾ همت ڪري انهن گهوڙن جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ حصو وٺي پڇي ئي ورتو، "يار! اهو تہ ٻڌايو تہ اها سئنيما جا هوندي آهي."

منهنجو سوال ٻڌي انهن ٽنهي گهوڙن وڏي نفرت ۽ حقارت سان مون ڏانهن ڏٺو، ڄڻ سندن نظرون چئي رهيون هجن، "نيٺ بہ گڏهہ آهين نہ!" ان کانپوءِ ٻيءَ گهڙيءَ هو هٽڪارون ڪري کلڻ لڳا ۽ منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ کانسواءِ پنهنجين ڳالهين ۾ لڳي ويا.

مشڪي گهوڙي گهنٽيءَ جو آواز ٻڌي چيو، "شايد انٽرويل ٿي رهيو آهي."

جڏهن فلم ختم ٿي تہ رامو ڌوٻي ٽاڙيءَ جي نشي ۾ ٻي سڌ ٿي منهنجي پٺيءَ تي چڙهي ويٺو ۽ ان نئين فلم جا گيت ڳائيندو، جيڪا هو تازو ڏسي نڪتو هو، گهر ڏانهن هلڻ لڳو. اڳ ۾ هو مونکي گهر جو رستو ٻڌائيندو هو، پر اڄ مونکي ٻڌائڻو پئجي ويو. ڪيترا ڀيرا تہ رامو ڪرندي ڪرندي بچيو. نيٺ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ڪيس سنڀاليندو گهر وٺي آيس، جتي راموءَ جي حالت ڏسي سندس زال ساڻس وڏو جهيڙو ڪيو. چو تہ اڄوڪي راموءَ جي فضول خرچيءَ جي ڪري گهر ۾ ڪجهہ بہ رڌو پڪو نہ ٿيو هو. ٻارڙا بک سبب روئي روئي سمهي رهيا هئا.

جوٽس چئي رهي هيس، "تو ٽاڙي جو پيتي؟ سئنيما جو وئين؟ خبر نہ اٿئي تہ اهو سڀ ڪندين تہ گهر ۾ ان ڪٽو بہ نہ ايندو!؟"

رامو هٿ لوڏي ۽ ڪنڌ جهڪائي چئي رهيو هو، "مونکي سڀ خبر آهي، پر آئون مجبور هوس. دماغ ۾ روزانو اهڙا خيال آيا

ڪيس ٿي ڦيهہ ڪڍي ڇڏجي. قانون اوهانکي ان ڳالهہ جي موڪل ڏئي ٿو.

ظاهر آهي تہ راموءَ وٽ مون جهڙي پڙهيل ڳڙهيل گڏه کي تڪليفن سان منهن تہ ڏيٺو ئي هو. پوءِ بہ مون راموءَ جو ساٿ نہ ڇڏيو. ڇو تہ هو هڪ ديانتدار ڌوٻي هو. هو پنهنجن ڪپڙن تي ڏاڍي محنت ڪندو هو. هو صبح کان وٺي شام تائين پنهنجي گهر جو گاڏو هلائڻ جي لاءِ وڏي محنت ڪندو هو. اهڙي ماڻهوءَ جو ساٿ ڇڏڻ تي دل نہ چوندي آهي. پر خدا جي مرضي ڪا ٻي هئي.

ٿيو هيئن جو هڪ ڏينهن جڏهن رامو، جمنا ۾ ڪپڙا ڌوئي رهيو هو تہ هڪ واڳوءَ کيس ٽنگ کان اچي جهليو. رامو پاڻ کي ڇڏائڻ جا وڏا وس ڪيا. ٻنپهرن جو وقت هو. پل مان سوين مسافر بہ پل جي ناڪي تي بيٺا هئا. راموءَ گهڻائي سڏ واڪا ڪيا، پر واڳوءَ نہ ڇڏيس. راموءَ کي گهليندو اونهي پاڻيءَ ۾ ڪٽي ويو.

راموءَ جي گراهڪن کي راموءَ جي مرڻ جو افسوس تہ ضرور ٿيو. پر ڪين وڌيڪ ڏک پنهنجن ڪپڙن جي وڃڻ جو ٿيو. ڇو تہ رامو ۽ واڳوءَ جي ويڙهہ ۾ ڪيترا ئي ڪپڙا درياهہ ۾ لڙهي ويا هئا. ڪيترن گراهڪن تہ ان ئي مهل رسمي طور تي افسوس ڪرڻ کانپوءِ راموءَ جي زال سان ڪپڙن جي لاءِ تڪرار شروع ڪري ڇڏيو. "رامو سٺو ڌوٻي هو. پر اسانجي شفون جي ساڙهي بنهہ نئين هئي. اڃا ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي گلزار درزيءَ کان سبرائي هئي، اها ڪٿي آهي. ٿورو ميرن ڪپڙن جي هڙ تہ کول."

مونکي انهن ماڻهن جي اها حالت ڏسي ڏاڍو افسوس ٿيو. اسان گڏهن مان بہ ڪو مري ويندو آهي تہ اسين ان جي زال ۽ ٻارن سان اهڙي هلت نہ هلندا آهيون. پر ان جو سبب شايد اهو آهي تہ انسان اشرف المخلوقات آهي!

ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ راموءَ جي زال ۽ سندس ننهي ٻارن جي حالت خراب ٿي وئي. گهر ۾ اَني لپ بہ نہ هئي. هو لنگهڻ ڪاٽڻ لڳا. ڌوٻين جو پنيل، جيڪو راموءَ جي زال تي اک رکيو ويٺو هو، تنهن ڪجهہ اٽو ۽ دال، راموءَ جي گهر ڏياري موڪلي ۽ شام جو ٽرو پي راموءَ جي گهر هليو آيو ۽ راموءَ جي زال کي چوڻ لڳو تہ هوءَ سندس گهر هلي اچي.

راموءَ جي زال کيس گهٽ وڌ ڳالهائي گهر مان ڪڍي ڇڏيو ۽ پوءِ ڊڪو ڏئي روئڻ لڳي. مون کيس دلاسو ڏيندي چيو، "مالڪڻ! گهبرائين ڇو ٿي، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو."

راموءَ جي زال مونکي ڳالهائيندي ٻڌو تہ کيس يقين ئي نہ آيو. جڏهن مون ڳالهہ ٻيهر ورجائي تہ هوءَ مون کي حيرت مان اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳي، ڇو تہ نئين دهليءَ کان اچڻ کانپوءِ مون هيستائين ڪنهن بہ انسان سان سندس ٻوليءَ ۾ نہ ڳالهايو هو ۽ راموءَ وٽ تہ ان قسم جي ڳالهہ ٻولهہ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو. پر هاڻي جڏهن راموءَ جي زال مونکي انسانن جيان ڳالهائيندي ٻڌو تہ گهبرائجي وئي. نيٺ ڏاڍي مشڪل سان مون کيس سمجهايو تہ ان ۾ ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي. اهو معجزو ڪونهي. اهي خاص حالتون هيون، جن ۾ مون انسانن جي ٻولي ڳالهائڻ سکي ورتي هئي.

مون راموءَ جي زال کي چيو، "سائڻ! بيشڪ آئون هڪ گڏهہ آهيان، پر هيتري عرصي تائين تنهنجي گهر جو نمڪ کاڌو اٿم. هاڻي تون فڪر نہ ڪر. تون گهر ۾ ننهي ٻارڙن کي سنڀالي ويهہ. آئون ٻاهر ٿو وڃان ۽ ڏسان ٿو تہ ڇا ٿو ڪري سگهجي!"

"هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي!" راموءَ جي زال چيو، "ڪير اسانجي مدد نہ ڪندو.

مونکي خبر پوندي تہ پٺسن کان وڏو ڪير آهي. واپسيءَ تي توکي ضرور ٻڌائيندس."

"ضرور!" سنتريءَ ڏاڍي بيچينيءَ سان چيو.

"ضرور!" مون وعدو ڪندي چيو. "پر تون ايترو بيقرار ڇو آهين؟"

سنتريءَ وراڻيو. "جيڪڏهن مونکي خبر پئجي وڃي تہ پٺسن کان وڏو ڪير آهي تہ آئون ونس نوڪري ڪريان."

"ماڻهو هوشيار ٿو لڳين." مون سنتريءَ جي واکاڻ ڪندي چيو ۽ پوءِ ڏکيون ٻرانگهون پريندو جمنا جي ٻئي پار آيس.

ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳولهڻ ڪانپوءِ نيٺ ٽائون هال مليم. ٽائون هال جي اندر گهڙندي ئي مون سوچيو تہ هاڻي ڪنهن ننڍي آفيسر سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ سان وقت خراب ٿيندو. مون کي سڌو ميونسپل ڪميٽيءَ جي چيئرمين سان ملڻ کپي ۽ هاڻ رعب وجهڻ جي لاءِ انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ ٺيڪ رهندو. اهو سوچي آئون سڌو انڪوائريءَ ۾ گهڙي ويس ۽ ڪلارڪ کان صاف انگريزيءَ ۾ پڇيم. "چيئرمين جي آفيس ڪهڙي پاسي آهي؟"

انڪوائري ڪلارڪ هڪ گڏهہ کي انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. هو هڪدم پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو ۽ مؤدب لهجي ۾ چيائين. "سائين! پندرنهن نمبر ڪمرو آهي. هيڏانهن، هتان لفٽ جي ذريعي هليا وڃو." هن مون سان هڪ پٽيوالو گڏي ڇڏيو. پٽيوالي مونکي لفٽ مين جي حوالي ڪيو. لفٽ مين وڏي مؤدب انداز ۾ لفٽ جو دروازو کوليو. مون لفٽ ۾ گهڙندي ئي ڏٺو تہ اندر لکيل هو. "فقط ڇهن ماڻهن جي لاءِ." پر ان وقت آئون اڪيلو سفر ڪري رهيو هوس. لفٽ مين باقي ماڻهن کي ٻاهر ئي روڪي ڇڏيو هو. مونکي پهريون ڀيرو احساس ٿيو تہ هڪ گڏهہ - ڇهن ماڻهن جي برابر آهي.

لفٽ مين ٽي وڃي لفٽ روڪي. آئون هلندو چيئرمين جي آفيس ۾ پهتس ۽ ٻاهر ويٺل پٽيوالي کي بارعب آواز ۾ چيم. "صاحب کي چئہ تہ مسٽر ڊونڪي آف ٻاره ٻنڪي ملڻ جي لاءِ آيو آهي."

☆......☆......☆

پٽيوالي جو اشارو ملندي ئي آئون ڪمري جي اندر هليو ويس ۽ زور سان گڊ مارننگ چيم. مونکي ڊپ هو تہ جيڪڏهن هندستاني زبان ۾ ڳالهايم تہ بلڪل گڏهہ ئي نہ سمجهيو وڃان. دهليءَ جي آفيسن جي مختصر تجربي مون کہ اها ڳالهہ ذهن ۾ ويهاري ڇڏي هئي تہ انگريزن جي هلي وڃڻ ڪانپوءِ هتي انگريزي زبان جو راڄ آهي. اوهين جڏهن هندي يا اردوءَ ۾ ڳالهائيندا تہ آفيسن جا ماڻهو ڌيان نہ ڏيندا. پر جيئن ئي انگريزيءَ ۾ ڏند ٽيڙيندا تہ هو هڪدم مڙي اوهان جي ڳالهہ ٻڌندا. ڄڻ اوهين سڌو هنن جي ناناڻن مان آيا هجو ۽ ڳالهہ ٻڌڻ مهل هنن جي چهرن تي اهڙي تہ خوبصورت مرڪ هوندي، ڄڻ اوهان کي هنن سان نہ پر هنن کي اوهان سان ڪم هجي.

چيئرمين جو رنگ سانورو، قد ٻندرو ۽ چهرو ڳنڀير هو. هن جي اکين مان چالاڪي ۽ ڏاهپ جو اظهار پئي ٿيو. جيڪا گهٽ ۾ گهٽ پنج ڇهہ اليڪشنون وڙهڻ ڪانپوءِ ايندي آهي. پهرين نظر ڏسڻ سان ئي پتو پيو ٿي تہ کو وڏو تجربيڪار هو. هن پنهنجي ڪمري ۾ هڪ گڏهہ کي ايندو ڏسي هڪ گهڙيءَ جي لاءِ ڇرڪ پريو ۽ پوءِ ٺهي جڙي ويهي رهيو ۽ ائين ڳالهائڻ لڳو، ڄڻ هن جو سڄي عمر انگريزي ڳالهائيندڙ گڏهن سان واسطو پوندو رهيو هجي.

"ويهو!" هن مرڪي چيو.

مون وراڻيو. "جيڪڏهن ويهندس تہ اوهان جي هيءَ آرام ڪرسي ضرور ڀڄي پوندي. تنهنڪري بيٺل ئي رهان تہ چڱو

ويس تہ ويچاري رامو ڌوٻيءَ جي گهراڻي جو ڪجهہ پلو ٿي پوندو.

"هڪ نقطو ڌيان جوڳو آهي." رنگاچاريءَ چيو، "جيڪڏهن هي ڌوٻي مزدور ڪونهي تہ پوءِ ڪير آهي؟ ان جي قانوني حيثيت ڇني ٿيڻ گهرجي، نہ تہ روزانو ڌوٻي، ڌوٻي گهاٽ تي مرندا رهندا ۽ اسان جي لاءِ مصيبت ڪڙي ڪندا رهندا."

شبرامينم چيو، "منهنجي خيال ۾ هن گڏهہ جي درخواست جو هڪ فائيل هلائڻ کپي."

رنگا چاريءَ منهنجي هٿ مان درخواست ورتي.

مون هن جا ٻئي هٿ پنهنجن ٻنهي ڪنن ۾ وٺي چيو، "رنگا چاري صاحب! وڏي مهرباني. اوهان جا لک لک ٿورا. اوهان هڪ غريب ڌوٻيءَ جي گهر وارن کي بک مرڻ کان بچائي ورتو. آئون هن درخواست جو فيصلو ٻڌڻ جي لاءِ ڪڏهن اچان؟"

رنگا چاريءَ، شبرامينم ڏانهن ڏٺو ۽ شبرامينم، رنگا چاريءَ ڏانهن. نيٺ رنگا چاريءَ چيو، "فائيل تہ اڄ کان ئي هلڻ شروع ٿي ويندي. ٽئين درجي جي ڪلارڪ کان فرسٽ ڪلارڪ تائين ايندي. پوءِ هر ميز تي ان جي نوٽنگ ٿيندي. فرسٽ ڪلارڪ کان ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ، ان کانپوءِ سپرنٽنڊنٽ تائين هر شخص راءِ ڏيندو. اها راءِ هلندي هلندي، ميزن تان لنگهندي مون وٽ ايندي. آئون ڊپٽي سيڪريٽري آهيان. مون کان پوءِ جوائنٽ سيڪريٽري تائين ويندي. جوائنٽ کانپوءِ سيڪريٽريءَ وٽ. سيڪريٽري اها ڊپٽي وزير کان موڪليندو. ڊپٽي وزير، وڏي وزير وٽ کڻي ويندو. پر معاملو ٿورو ڏکيو آهي. سوال رامو ڌوٻيءَ جو ڪونهي، سوال اهو آهي تہ ڌوٻي مزدور آهي يا نہ؟ ٿي سگهي ٿو تہ ان سلسلي ۾ ڪامرس منسٽريءَ جي راءِ بہ وٺڻي پوي. پوءِ اهو سوال آهي تہ جيڪڏهن ڌوٻي مزدور آهي تہ پوءِ موچي مزدور ڇو ڪونهي. ڪنڀار مزدور ڇو ڪونهي. جيڪڏهن هڪ راموءَ کي معاوضو ملندو تہ پوءِ لکين رامو جهڙن لاءِ ريزرو بئنڪ معاوضو ڪٿان آڻيندي؟ ان لاءِ فنانس ڊپارٽمينٽ کان پڇڻو پوندو. ٿي سگهي ٿو تہ فنانس ڊپارٽمينٽ ان بنيادي سوال کي وزيراعظم جي سامهون رکي ۽ وزيراعظم، پارليامينٽ ۾ اهو سوال رکي. ٿي سگهي ٿو تہ ان سوال جي ڪري اسانجي آئين ۾ ڪا تبديلي آڻڻي پوي." رنگا چاري پنهنجين آڱرين تي ڳڻيندي چيو، "منهنجي خيال ۾ تون ڏهن سالن کانپوءِ اچ... ان وچ ۾ هن فائيل جو ضرور ڪو فيصلو ٿي ويندو."

"تيستائين راموءَ جي زال ۽ ٻار ڇا ڪن؟"

رنگا چاريءَ چيو، "اسين مجبور آهيون. قانون جي ڪري اسين مجبور آهيون، نہ تہ اسانجي پوري همدردي تو سان آهي."

شبرامينم چيو، "آئون سمجهان ٿو تہ رنگاچاري، نقطو اصل ۾ اهو ڪونهي تہ ڪو ڌوٻي، مزدور ڪونهي. اصل شيءِ اها معلوم ڪرڻي آهي تہ راموءَ کي ڪنهن ماريو آهي؟"

"هڪ واڳوءَ!" مون ڪاوڙ ۾ رڙ ڪندي چيو.

"هڪ واڳوءَ؟" شبرامينم خوشيءَ مان رڙ ڪندي چيو، "تہ پوءِ اهو معاملو اسان جي کاتي سان واسطو ئي نہ ٿو رکي. ان جو واسطو تہ سڌو سنئون ڊپارٽمينٽ آف فشريز سان آهي. مهرباني ڪري اوهين هڪدم مڇين جي کاتي ۾ وڃو. انهن جو واسطو هر قسم جي مڇين سان آهي، جن ۾ واڳو بہ شامل آهن."

رنگا چاريءَ، شبرامينم سان تاڙي ملائي ۽ رشڪ ۽ تعريف جي گڏيل سڏيل انداز ۾ چيو، "واهہ! ڇا نہ نقطو ڳولهي ڪڍيو اٿئي....واهہ يائو واهہ... ان ڪري تہ آئون

اجا سوڊو فقط ڊپٽي سيڪريٽري آهيان ۽ تون جوائنٽ سيڪريٽري آهين."

آئون ماٺ ڪري هٽ ۾ درخواست ڪٽي ٻاهر نڪري آيس.

☆......☆......☆

مڇين واري ڪاتي ۾ مڇي مارڪيٽ جهڙو هل ۽ هنگامو هو. گوڙ سبب ڪنن جا پڙدا ٿي ڦاٽا. هيستائين آئون آفيسن جي ڪارروائيءَ جو چڱو موچارو عادي ٿي چڪو هوس. تنهنڪري مون پهرين ڪائونٽر جي دريءَ کان شروعات ڪئي. پهرين ڪلارڪ چيو، "آئون تہ فقط مڇين جي بيدن جا فائل وٺندو آهيان. اوهين اڳتي وڃو."

ٻئي ڪلارڪ چيو، "مون وٽ تہ فقط مڇين جي ذخيرن بابت معلومات آهي. اها بہ فقط ٽن قسمن جي مڇين بابت. راهو، سامن ۽ پام فريٽ...اوهان ڪهڙو نالو ٻڌايو؟"

"رامو ؟" مون هوريان هوريان چيو.

ڪلارڪ انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو، "ان نالي واري ڪابہ مڇي اسان وٽ ڪانهي. اڳتي وڃ.."

"پر....!" مون وضاحت ڪرڻ چاهي.

"اجايو بحث نہ ڪر..... اڳتي وڃ."

ڪلارڪ ڪنڌ ڌوڻي چيو.

ٽئين ڪلارڪ کي مون اٿندي ئي چيو، "صاحب واڳو آهي؟"

ٽئين ڪلارڪ چيو، "اوهين شارڪ مڇيءَ جي تيل يا جاپاني ٽرالر کي پاڙي تي وٺڻ جي باري ۾ جيڪڏهن پڇڻ چاهيو تہ پڇي سگهو ٿا، نہ تہ اڳتي وڃو."

چوٿين ڪلارڪ تائين پهچندي پهچندي مون کي ڪافي ڪاوڙ چڙهي وئي هئي. هتي هڪ پوڙهو ڪلارڪ پنهنجي چهنب جهڙو نڪ ڪنيو، هڪ وڏو رجسٽر کوليو اوٻاسيون ڏئي رهيو هو. مون چيو، "ٻڌا! توکي ٻڌڻو ئي پوندو. ڳالهہ هيءَ آهي تہ هڪ ڌوٻيءَ کي واڳو ڪائي ويو آهي."

پوڙهي ڪلارڪ ڪنن تي هٿ رکندي چيو، "هان! ڇا ٿو چوين؟"

مون رڙ ڪري چيو، "هڪ ڌوٻيءَ کي واڳو ڪائي ويو آهي."

پوڙهي ڪلارڪ ڇهري تي بيوقوفن جهڙي مرڪ آڻيندي چيو، "هڪ ڌوٻي هڪ مڇي ڪائي ويو آهي تہ ڇا ٿي پيو؟ ڪيترائي ڌوٻي مڇي ڪائيندا آهن. نہ ڪائين تہ پوءِ اسانجو ڪاتو ڪيئن هلي؟"

مون چيو، "ڌوٻي نہ.... واڳو، ڌوٻيءَ کي ڪائي ويو آهي."

هن چيو، "ڌوٻي نہ، واڳو مڇي ڪائي ويو آهي! واهہ واهہ! تہ ان ۾ شڪايت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ڪيترائي واڳو مڇيون ڪائيندا آهن. نہ ڪائين تہ جيئرا ڪيئن رهن."

مون زور سان رڙ ڪندي چيو، "ٻڌا! مڇي نہ واڳو..."

هن چيو، "ها تہ هڪ واڳو..."

مون ڪيس سمجهائيندي چيو، "هڪ ڌوٻي... ياد رک... هڪ ڌوٻي... هڪ واڳو..."

هن چيو، "هڪ ڌوٻي.... هڪ واڳو...هاڻ اڳتي چئو."

مون چيو، "ڌوٻي، گهاٽ تي ڪپڙا ڌوئيندو هو."

هن چيو، "سنا ڌوئيندو هو؟"

مون رڙ ڪري چيو، "سنا ڌوئيندو هو يا خراب... تنهنجو ان ۾ ڇا؟"

هن چيو، "منهنجو ڌوٻي خراب ڪپڙا ڌوئيندو آهي. جيڪڏهن تون سفارش ڪرين تہ آئون تنهنجي ڌوٻيءَ کي..."

مون ڀڄرندي چيو، "تون منهنجي پوري ڳالهہ ڪونہ ٻڌندين."

هن چيو، "ها ٻڌاءِ! هڪ ڌوٻي...هڪ واڳو...هو ڌوٻي گهاٽ تي ڪپڙا ڌوئيندو هو. پوءِ!؟"

مون چيو، "ايتري ۾ هڪ واڳو آيو.

اٿون ڪيڏانهن وڃان؟ تنهنجي ڪاتي جو ڌوٻين سان ڪهڙو واسطو ڪونهي ته پوءِ ڪنهن جو تعلق آهي. اها خبر ڪيئن پوي؟"

اينگلو انڊين وڏي غور ۽ همدرديءَ سان مونکي ڏٺو ۽ پڇيو. "ڇا تون فوتيءَ جو مائٽ آهين؟"

"نه. آئون ته بس ان جو گڏه آهيان."

"پوءِ ٻه ايتري همدردي پيو ڪرين؟"

اينگلو انڊين مون ڏانهن چرڪي ڏسندي چيو. "ڏس! آئون توکي صلاح ٿو ڏيان ته اڄوڪي زماني ۾ ڪنهن سان ايتري همدردي ڪرڻ خطري کان خالي ڪونهي."

مون چيس. "تون مونکي اها صلاح نه ڏي. اهو ٻڌائي تي منهنجي درخواست ڪير ٻڌندو؟"

اينگلو انڊين سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پينسل چباڙڻ لڳو. پينسل چباڙيندي چباڙيندي چيائين. "معاملو واڳوءَ جو آهي. واڳوءَ جو عدالت سان ڪهڙو واسطو ڪونهي. نه ته ان قتل جي سلسلي ۾ عدالت ۾ وڃي سگهجي ٿو. پر واڳوءَ جو واسطو راڻي باغ سان ضرور آهي. تون راڻي باغ وڃي سگهين ٿو. پر راڻي باغ وارا به ڇا ڪندا؟ انهن وٽ ته اڳ ۾ ئي ڪيترا واڳو موجود آهن. پيو ته راڻي باغ وارن جو ڌوٻيءَ سان ڪهڙو واسطو؟ ڇو ته راڻي باغ جا جانور ڪپڙا ته پائيندا ناهن. ها!" اوچتو هو خوشيءَ کان ٽپ ٽپڻ لڳو ۽ هاڻ هن جي منهن تي اها ئي تازگي هئي. جيڪا ڪجهه وقت اڳ رنگا چاري ۽ شيرامينر جي چهرن تي ڏسي آيو هوس. هن چيو. " هڪ ائڪل سجهي ٿي."

"ڪهڙي؟"

"ٻڌ! ڌوٻيءَ جو واسطو صابڻ سان آهي ۽ صابڻ جو واسطو درآمد برآمد ۽ ڪامرس ڊپارٽمينٽ سان آهي. ڏس تون سڌو ڪامرس جي وزير وٽ وڃ. هن جي اڳيان رامو ڌوٻيءَ جي ڪهاڻي بيان ڪر. جيڪڏهن هو چاهيندو هوندو ته ڌوٻي ائين ڪپڙا ڌوئي ڌوئي ڦاڙيندا رهن ۽ ماڻهو نوان نوان ڪپڙا پائڻ تي مجبور ٿيندا رهن ته هو ان سلسلي ۾ تنهنجي مدد ضرور ڪندو."

☆......☆......☆

يارو، آئون هاڻ ڪهڙا ويهي اوهان سان حال اوريان. ڪامرس منسٽر جو بنگلو چوڌاري خوبصورت باغن ۽ باغيچن ۾ گهيريل هو. وڻن جون شاخون ميون سبب جهڪيل هيون ۽ ٻارين ۾ اهڙا ته رنگبرنگي خوبصورت گل پوڪيل هئا جو مون جهڙي گڏه جي اکين کي به طراوت ٿي آئي ۽ لان ۾ اهڙي ته سائي ۽ خوشبودار ڇٻر هئي جو هڪ سؤ گڏه روز چرن ته به نه گهٽجي. خبر ناهي ته هر وزير جي بنگلي جي اندر ايترو عمدو گاهه ڇو هوندو آهي. الائجي ان جو واسطو وزير سان آهي يا ڪنهن گڏه سان. پر مون ته انهن عاليشان ڪوٺين جي اندر پاڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به گڏه ناهي ڏٺو. دل ۾ ڏاڍو افسوس ٿيم ته ايترو عمدو گاهه فقط انسانن جي پيرن هيٺان لتاڙجڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو! سچ اهو آهي ته هن دنيا ۾ صرف موٽرن وارن جو راڄ آهي ۽ نه ڪي گڏه وارن جو. جيئن ڪنيار جو، ڌوٻيءَ جو، چاڪيءَ جو، يعني انهن سيني جو. جيڪي گڏه رکن ٿا. نه ته گاهه جي هيئن بي قدري نه ٿئي ها. خير سائين جن کي مون گڏه يا سائي گاهه سان ڪهڙو مطلب! اوهانکي ته فقط ان قصي سان مطلب، سو ٻڌايان ٿو:

جڏهن آئون وزير صاحب جي بنگلي جي اندر پهتس ته هو هڪ سنگمرمر جي ٿهيل ڳاڙهي ڦوهاري جي پرسان ٽهل قدمي ڪري رهيو هو. هن جا ٻارڙا لان ۾ ٽينگ ٽپا ڏئي رهيا هئا ۽ سامهون ورانڊي ۾ ٻه عورتون گلن جي چٽن وارين ساڙهيون سڪائڻ جي لاءِ ٽنگي رهيو هيون. مطلب ته ڏاڍو دلفريب منظر هو. مون، "من سڪ لال

جيءَ" کي ٻئي کن جوڙي نمستي چيو. جنهن جو جواب هن ٻئي هٿ جوڙي نرميءَ سان ڏنو. هن پنهنجي ڌوتيءَ جي لانگ ٺيڪ ڪندي چيو. "سون چي؟"

مون چيو. "مونکي زڪام ڪونهي."

هن معافي گهرندي چيو. "مون اوهان کي پنهنجي وطن احمد آباد جو سمجهيو هو."

مون وراڻيو. "جي نه. آئون ته اتر پرديش جو رهاڪو آهيان."

هن چيو. "ها ها. اهو جيڪو بهار کان اڳتي آهي؟"

مون چيو. "ها بلڪل! جيڪڏهن اوهين بهار کان هيڏانهن ايندا ته پوءِ ايندو. پر جي هتان ويندا ته پهرين ايندو."

من سک لال جي کلڻ لڳو ۽ چيائين. "تون شڪل مان ته گڏهه ٿو لڳين...پر آهين ڪو انسان!"

مون چيو. "نه ياءِ! آئون واقعي گڏهه آهيان. يقين نه اچي ته منهنجو ڪن مروڙي ڏس!"

من سک لال جيءَ منهنجو ڪن مروڙيو. تڏهن ئي وجي ڪيس يقين آيو. چيائين. "آئون تنهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟"

مون چيس. "من سک لال جي! مونکي پنهنجي لاءِ گاهه جي هڪ تند به نه کپي. آئون رامو ڌوٻيءَ جي سلسلي ۾ آيو آهيان." اهو چئي مون رامو ڌوٻيءَ جو سڄو قصو بيان ڪري ٻڌايو مانس.

اها ڳالهه آئون چئي چوندس ته سمن سک لال جي مون سان ڏاڍي نرميءَ سان پيش آيو. هن ڪٿي به هڪ ٻيرو به ائين ظاهر ٿيڻ نه ڏنو ته هو ڪنهن انسان سان نه پر گڏهه سان پيو ڳالهائي. پر انهن سيني ڳالهين جي باوجود به هن جو جواب انڪار ۾ هو. چوڻ لڳو. "ياءُ! جيڪڏهن معاملو فقط صابڻ جو هجي ها. يعني ڌوٻين کي صابڻ سستي اگهه تي ملڻ جو سوال هجي ها ته آئون ان تي ويچاري سگهيس ٿي. جيڪڏهن سوال اهو هجي ها ته ڌوٻين کي ڪلف لڳائڻ ۾ سوڊا مهانگي ٿي ملي ته آئون ان تي ڊيوٽي گهٽ ڪري سگهيس ٿي. جيڪڏهن ڌوٻين کي اها شڪايت هجي ها ته ملن کان جيڪو ڪپڙو اچي ٿو. اهو ايترو ناقص ٿو آهي جو ٻن ڇڻن سٽڪن سان ئي ڦاٽي پوي ٿو ته آئون ڪارخاني وارن کي تنبيهه ڪري سگهان ها ته هو ٿلهو سٽ استعمال ڪن يا ڌوٻين کي ڪپڙن جي سٽڻ لاءِ نرم پٿر سپلاءِ ڪن. پر هتي سوال بلڪل ٻيو آهي. هتي سوال هيءُ آهي ته هڪ غريب ڌوٻي مري ويو آهي. ان جي زال ۽ ٻارڙا مفلس ۽ نادار آهن. بڪايل آهن. اهي ڪو ڪم نه ٿا ڄاڻن. هنن جو ڪوبه سرپرست ڪونهي. هاڻي هو ڪن به ته ڇا ڪن؟ اهو سوال اهڙو آهي. جيڪو وڏو وزير به نبيري نه ٿو سگهي."

"ڇو؟"

من سک لال جيءَ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي منهنجي ڪن ۾ چيو. "اهو ته مرڪزي، پر اسانجي حڪومت جو بنيادي سوال آهي. ان ڪي اسانجي وزيراعظم ڪانسواءِ ٻيو ڪو نبيري نه ٿو سگهي."

"اوهانجو مطلب ڇا آهي؟" مون حيرت مان پنهنجا ٻئي ڪن جوڙي پڇيو. "ته ان جو مطلب ڪهڙو آهي...مونکي ان حڪم جي لاءِ...؟" مون جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

من سک لال هوريان هوريان ڪنڌ ڌوڻي چيو. "هائو! توکي ان ڪم جي لاءِ پنڊت جواهر لال نهروءَ وٽ وڃڻو پوندو."

☆......☆......☆

مون ماڻهن کان ٻڌو هو ته پنڊت نهروءَ سان ملاقات جو وقت صبح جو ساڍي ستين انين بجي کان اڳ جو آهي. ان ڪانپوءِ ملاقاتين جو ايترو ته ميڙ اچي ڪٺو ٿيندو

ڏنو تہ وراندي ۾ ڪجھ پرڏيهي سفير ۽ هڪ ٻہ فوٽوگرافر بيٺ هئا. جيڪي پنڊت نهروءَ جي ڳڌھ جي سواريءَ جون تصويرون ڪڍي رهيا هئا. هڪ ٻہ سيڪريٽري بہ پريشانيءَ مان اچ وڃ ڪري رهيا هئا. نهروءَ منهنجي پٺي ٺپي اوڏانهن هليو ويو. ويندي ويندي مون کي چيائين. "ان ڏوبڻ کي هي سؤ جو نوٽ احتياط سان پهچائج."

آئون وڏي فخر سان هلندو پنڊت نهروءَ جي بنگلي مان ٻاهر نڪتس. آخر فخر ڇو نہ ڪريان. هندستان جي وزيراعظم سان ملاقات جو ڪري آيو هوس. ٻاهر نڪرڻ شرط پريس جي نمائندن ۽ فوٽوگرافرن مونکي گهيري ورتو.

☆......☆......

وزيراعظم جي بنگلي مان ٻاهر نڪرندي ئي مون پنهنجو پاڻ کي دنيا جو بيحد مشهور ڳڌھ محسوس ڪيو. ڪجھ وقت اڳ آئون هڪ گمنام ڳڌھ هوس، جيڪو رستن تي رلندو ٿي وتيو. پر وزيراعظم سان ملاقات ٿيندي ئي ڄڻ منهنجي تقدير ئي بدلجي وئي هئي.

جڏهن نهروءَ جي بنگلي مان ٻاهر نڪتس تہ دروازي جي ٻاهران صحافين ۽ فوٽو گرافرن جو ميڙ ڳڏ ٿي چڪو هو. تر ڇڻڻ جي جاءِ نہ هئي. منهنجا فوٽو پٺي ڪڍيا ويا. نيٺ هو مونکي گهيري ڪانسٽيٽيوشن ڪلب وٺي ويا تہ جيئن هو منهنجو انٽرويو وٺي سگهن.

"ڪانسٽيٽيوشن ڪلب" ۾ پريس جي نمائندن مون تي سوالن جو حملو ڪري ڏنو.

"وزيراعظم سان اوهانجون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون؟" هڪ صحافيءَ پڇيو.

مون وراڻيو. "ڪجھ گاھ جي باري ۾. ڪجھ گلاب جي گلن جي باري ۾."

ٻي صحافيءَ چيو. "اوهين اصل ڳالھ ٻڌائڻ کان نٽائي رهيا آهيو. صاف صاف ٻڌايو تہ ڪهڙي موضوع تي ڳالهيون ٿيون."

پر آئون سندن پڪڙ ۾ اچڻ وارو ڪٿي هوس. مون چيو. "ڪجھ ڌوٻين جي باري ۾ ذڪر رهيو. ڪجھ انهن جي ڳڌهن جي باري ۾...ڪجھ نئين نسل جي ڳڌهن جي باري ۾. جيڪي اڄڪلھ هندستان ۾ تيار ٿي رهيا آهن."

نئين صحافيءَ پڇيو. "ولائتي ڳڌهن جي باري ۾ بہ ڪو ذڪر نڪتو؟"

مون وراڻيو. "ها. جڏهن پنڊت جي اسڪول جي زماني دوران اڪثر ڳڌهن جي سواري ڪندو هو. ان زماني ۾ ڪيس هرڻ فورٽ شائر جا ڳڌھ گهڻا وڻندا هئا."

جرنلسٽن جون پينسلون هلنديون رهيون. پر اها ڳالھ چٽي هئي تہ جنهن ڪهاڻيءَ جي ڪين مون مان توقع هئي. اها پوري نہ پئي ٿي. مونکي ويچارن تي رحم اچي رهيو هو. نيٺ مونکي اعلان ڪرڻو پيو تہ "خواتين ۽ حضرات (ڇو تہ پريس جي نمائندن ۾ ڪيتريون عورتون بہ هيون) اوهان کي اهو ڄاڻي بيحد خوشي ٿيندي تہ آئون هندستان جو واحد ڳڌھ آهيان. جنهن کي اهو فخر حاصل آهي تہ پنڊت نهروءَ مٿس سواري ڪئي آهي."

اهو اعلان ٻڌندي ئي ڪيترائي صحافي خوشيءَ کان ٽپا ڏيڻ لڳا. ڪين پنهنجين اخبارن جي لاءِ پهرئين صفحي جي سرخي ملي وئي هئي.

آئون خيالن ئي خيالن ۾ پنهنجو پاڻ کي اخبارن جون سرخيون پڙهندو ڏسڻ لڳس. ايتري ۾ ڪنهن مونکي ڪن مان جهلي لوڏيو. اهو آمريڪي رسالي "لائف" جو نمائندو هو. ان سان گڏ "نيويارڪ ٽائمز" ۽ "لنڊن ٽائمز" ۽ "مانچسٽر ٽائمز" جا خابرو بہ هئا.

لائف جي نمائندي چيو. "اي مسٽر! تون تہ اسانجي فرانسس کان بہ وڏي وئين!"

پر ڏسجانءِ، قوام لکنوءَ وارو هجي، نہ تہ سچو مزو ئي خراب ٿي ويندو." اهو چئي آئون سيٺ برجوٽيا ڏانهن مڙيس ۽ کانئس پڇيم، "اوهان هيتري تڪليف ڇا جي لاءِ ڪئي آهي؟"

سيٺ برجوٽيا ڪرسي اڳيان سرڪائي ۽ مون ڏانهن غور سان ڏسي چيو، "شريمان جي! صاف صاف چوان؟"

"ها ها! بلڪل صاف صاف چئو!" مون زور ڏئي چيو.

"ڳالھ هيءَ آهي تہ...." سيٺ برجوٽيا منهنجي اڃا بہ ويجهو ايندي چيو، "آئون ان پريس ڪانفرنس ۾ موجود هوس. مون ان مهل پريس ڪانفرنس مان اندازو لڳايو تہ اوهين، پنڊت جيءَ سان پنهنجي ملاقات جو اصل متصد گول ڪري ويا آهيو. بس مونکي اتان ئي شڪ پيو."

"واھ!" مون ڳالھ ڪي ڪجھ سمجهندي چيو.

"بس هاڻي صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو تہ اوهان ۽ پنڊت نهروءَ جي وچ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون؟"

"ڳالهيون تہ تمام گهڻيون ٿيون." مون اطمينان سان ڪنڌ ڌوڻي چيو، "قومي زندگيءَ جون ڳالهيون، پرڏيهي سياست جون ڳالهيون، پنج سالا رٿا جون ڳالهيون..."

"ڪا نيڪي نڙي جي ڳالھ بہ ٿي...؟"

منهنجي ذهن ۾ تيل جي ريفائنريءَ جو ذڪر آيو. مون چيو، "ها! ڪجھ نيڪي جون بہ ڳالهيون ٿيون هيون."

"ڪيتري جي نيڪي جون...ڏھ يا ويھ لک؟"

"ان کان وڌيڪ."

"هڪ ڪروڙ روپيا؟" برجوٽيا ڪرسي اڃا بہ اڳيان ڪسڪائيندي چيو.

"ان کان بہ وڌيڪ."

"پنج ڪروڙ؟"

"نہ، ان کان بہ وڌيڪ."

"ڏھ ڪروڙ روپيا؟" برجوٽيا جو آواز ڏڪڻ لڳو. هو ڪرسي ڪسڪائيندو ڪسائيندو بلڪل منهنجي ڇهري جي ويجهو اچي ويو.

"ويهن ڪروڙن کان بہ وڌيڪ." مون چيو.

"بس بس! اڳتي نہ چئجو." سيٺ برجوٽيا منهنجن چپن تي هٿ رکندي چيو، "پتين ڪي بہ ڪن هوندا آهن."

"پر ٻڌ تہ سهي..." مون احتجاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"شش...شش...." سيٺ برجوٽيا پنهنجن چپن تي آڱر رکندي چيو، "مونکي پيو ڪجھ بہ ناهي پڇڻو. بس ايترو ئي ڪوڙ آهي. پنجويھ ڪروڙ...اڙي منهنجا بابا...شريمان جي...اڄ کان اوهين منهنجا پائيوار آهيو."

"پائيوار...!" مون حيرت مان چيو، "ڪهڙي ڳالھ ۾؟"

"ان سودي ۾!" برجوٽيا اشارو ڪندي چيو، "جنهن جو ذڪر پنڊت نهروءَ سان ٿيو آهي."

"پر..." مون چيو.

برجوٽيا منهنجي ڳالھ ڪاٽيندي چيو، "ڪا بہ اگر مگر نہ هلندي." برجوٽيا مونکي سمجهائڻ لڳو، "ڏسو! هونئن تہ اوهين ڪافي عقل وارا آهيو، پر اوهان وٽ پئسو ڏوڪڙ ڪونهي. پر مون وٽ پئسا آهن. اوهانکي اندازو ڪونهي. آئون اوهان کي پنهنجي ڪاروبار ۾ ٽين پتيءَ جو پائيوار ٿيڻ جي آڇ ڪريان ٿو."

مون نهڪر ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو، "پر اهو بہ تہ ڏسو..."

"چڱو چڱو...آئون سمجهي ويس. ٺيڪ آهي، اڌواڌ...اڌ حصو منهنجو، اڌ حصو تنهنجو...پئسا سڀ آئون لڳائيندس.

هاڻ تہ ٺيڪ آهي نہ... وٺو هن ڪاغذ تي صحيح ڪيو. مون ٽيليفون تي سالسٽر کي چئي سڀ اڳواٽ لکائي رکيو آهي. ڏسو منهنجو اندازو ڪيترو نہ صحيح نڪتو!"

"پر سائين! اوهان کي وڏي غلطفهميءَ ٿي رهي آهي. آئون هن ڪاغذ تي صحيح نہ ڪندس."

برجوٽيا مون ڏانهن گهوري ڏٺو ۽ چيو. "آئون اوهان کي گڏھ سمجهندو هوس، پر اوهين وڏا ڪي حرامي آهيو. ٺيڪ آهي، آئون اوهانکي پنهنجي فرم ۾ اڌ جو ڀائيوار ٿو ڪريان. ان ٺيڪي ڪانسواءِ منهنجي فرم جي ٻين ٺيڪن ۾ بہ اوهانجو حصو رهندو. ڏسو! هاڻ انڪار متان ڪريو. هن ڪاغذ تي صحيح ڪريو. آئون اوهانکي سچ ٿو چوان. هن ڪان وڌيڪ سٺي ڪاروباري آڇ اوهانکي ڪٿي بہ نہ ملندي. "برجوٽيا... برجوٽيا اينڊ برجوٽيا ڪنسٽرڪشن" ڪمپنيءَ جو ڀائيوار بنجڻ هندستان جي ڪنهن وڏي سرمائيدار جي لاءِ فخر جي ڳالھ آهي."

"ڏسو!" مون چيو ، "آئون هڪ معمولي گڏھ آهيان....."

برجوٽيا منهنجي ڳالھ ڪٽيندي چيو. "ان سان ڇا ٿو ٿئي. اسانجا اڪثر حصيدار گڏھ ئي تہ آهن. نہ تہ اسين ايترو فائدو ڪيئن ڪمائي سگهون. اوهانکي تہ خبر آهي."

برجوٽيا منهنجي ڪل ۾ چهنڊڙي وجهندي وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ پوءِ هن منهنجي پٺي ٺپري. چڻ هو ۽ آئون ننڍي هوندي جا سنگتي هجون ۽ گڏ ئي گاھ چرندا رهيا هجون.

پوءِ هن مونکي اک هڻندي چيو. "مون هن بنگلي ۾ تنهنجي رهڻ لاءِ هڪ سٺو ڪمرو مخصوص ڪري ڇڏيو آهي. فرسٽ ڪلاس ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو. جيڪو ڪنهن مهاراجا جي ريس جي گهوڙي کي بہ نصيب نہ ٿيو هوندو. ان ۾ هر قسم جو عيش آرام هوندو ۽ رات جو توکي منن ڀائيءَ جو ناچ ۽ گانو بہ ڏيکاريو ويندو."

مون صوفي تان اٿندي چيو. "مونکي اجازت ڏيو! آئون هڪ غريب بيوھ جو گڏھ آهيان ۽ ان جا ٻارڙا منهنجو انتظار ڪري رهيا هوندا. وزيراعظم مونکي هنن جي لاءِ ڪجھ پئسا ڏنا آهن. جيڪي مونکي ڪين ڏيڻا آهن."

"اوهين ڪيڏانهن ويندا؟" برجوٽيا پڇيو.

"ڪرشن نگر...جمنا نديءَ جي پار."

"تہ اتي وڃڻ جي ڪهڙي ڪهرج آهي؟ آئون پنهنجي بيوڪ گاڏي گهرائي انهن کي هڪدم هتي گهرائي ٿو وٺان. رامو ڌوٻيءَ جي بيوھ ۽ سندس ننهي ٻارڙن کي هيٺ ڪوارٽر ۾ ترسائي ٿو ڇڏيان. هونئن بہ مونکي بنگلي جي لاءِ هڪ ڌوٻياڻيءَ جي ڪهرج آهي. پهريون ڌوٻي وڏو حرامي ۽ ڪم چور آهي. اوهين بلڪل فڪر نہ ڪريو. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. اوهين الڪو نہ ڪريو. جيڪڏهن اوهين ڪجھ دير سوچڻ چاهيو ٿا تہ ڀلي سوچيو. اوهانکي هينئر مجبور نہ ٿو ڪريان. پر ايترو عرض ضرور ڪندس تہ اوهين اجا ڪجھ ڏينهن منهنجا مهمان ٿي رهو. جنهن سان مونکي گهڻي خوشي ٿيندي."

سيٺ پارٽنرشپ جو ڪاغذ پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ مون ڏانهن نهايت عاجزاڻين نظرن سان ڏسڻ لڳو تہ مون کان انڪار ٿي نہ سگهيو. پوءِ مون سوچيو. "ٺيڪ آهي. منهنجي ڪري جيڪڏهن ٻارن کي ڪو اجهو پيو ملي تہ هتي ڪجھ ڏينهن رهڻ ۾ ڪهڙي خرابي آهي."

☆......☆......☆

ٻئي ڏينهن مونکي موسيقيءَ جي هلڪن هلڪن سرن جي وچ ۾ گهري ننڊ مان اٿاريو ويو. آئون پلنگ تان اٿيس تہ نوڪر اڳ ۾ ئي ناشتو ڪٽي بيٺا هئا. خوشبودار ٻاجهر جو ڏارو ڪائيندي ڏاڍو مزو آيو. مون

هيون. جنهن جي ڪري اهو ٿيو جو جڏهن "چانديءَ چوڪ" مان منهنجو جلوس گذريو ته مٿي گهرن جي درين مان ٻنهي پاسن کان گلن جو مينهن مون تي وسندو رهيو. سڄي جلوس ۾ "گڏھ زنده باد" جا نعرا لڳندا رهيا ۽ مختلف هنڌن تي منهنجي سواريءَ کي بيهاري عوام کي منهنجي درشن ڪرڻ جو موقعو ڏنو پئي ويو ۽ مونکي چيو ٿي ويو ته ڪجھ لفظ دعا جا يا مهربانيءَ جا انهن ماڻهن جي سامهون ڳالهايان ته جيئن انهن کي يقين ٿئي ته آئون ڪو بلڪل گڏھ يا فراڊ ناهيان. واقعي انساني زبان ڳالهيان ٿو. تنهنڪري ڪيترن ئي هنڌن تي مونکي ڳالهائڻو پيو.

مونکي ڳالهائيندو ڏسي ماڻهن جي حالت عجيب ٿي پئي وئي. ڪيترا ماڻهو غشي کائي ڪري پيا. ڪيترا ته گوڏن ڀر پٽ تي ويهي، هٿ جوڙي يا زمين تي ليٽي ساڪشات ڏنڊوت ڪرڻ لڳا. سڄي شهر ۾ هڪ عجيب مذهبي محويت جو عالم طاري ٿي ويو ۽ جيئن پوءِ مونکي خبر پئي ته اهو سڀ بندوبست سيٺ برجوٽيا ڪيو هو.

ان ڏينهن مونکي چڱيءَ طرح خوشبوئن سان وهنجاريو ويو هو. زندگيءَ ۾ مون ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي ايترو صاف ۽ سٿرو محسوس نه ڪيو هو. نهايت سهڻي چادر منهنجي پٺيءَ تي پيل هئي. سون جو جهومر منهنجي مٿي تي لڳل هو ۽ ڳچيءَ ۾ موتين جا بيشمار هار پيل هئا ۽ مون سان گڏ جيڪو خدمتگار هو، سو هر سؤ ۽ ٻن سؤ گزن کانپوءِ منهنجي ٻت تان مٽي صاف ڪري رهيو هو، جو ته رستي ۾ تمام گهڻي مٽي اڏري رهي هئي.

هڪ خادم گلاب جو پاڻي کڻي پٺيان هليو. جيڪو ڪجھ منٽن کانپوءِ منهنجي جسم تي گلاب جو پاڻي ڇنڪاري رهيو هو. اڄ صبح جو سوير سيٺ برجوٽيا منهنجي پڇ جي خاص طور تي ڪٽ ڪرائي هئي ۽ منهنجي پٺيءَ جي وارن جي نهايت سهڻي انداز ۾ حجامت ڪرائي هئي ۽ منهنجن ڪرن جي ٽنهن کي سنواريو هو. ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته اڄ آئون دنيا جو نهايت سهڻو گڏھ لڳي رهيو هوس.

مونکي نهايت شان سان ٽائون هال نيو ويو. مونکي ڏسندي ئي ٽائون هال ۾ جيترا به شهر جا معزز ويٺل هئا، اهي اٿي بيٺا ۽ مونکي تعظيم ڏيئي ويهي رهيا. مونکي اسٽيج تي نيو ويو. منهنجي سامهون مائيڪروفون رکيو ويو. پوءِ مختلف انجمنن پاران مونکي سوکڙيون پاڪڙيون پيش ڪيون ويون. ميونسپلٽيءَ جي چيئرمين پنهنجي خطاب ۾ چيو، "جنهن مهل اوهين پهريون ڀيرو اسانجي ميونسپلٽيءَ ۾ آيا هئا، ان مهل اسانکي خبر نه هئي ته اوهين ڪير آهيو. اسان، اوهانکي معمولي گڏھ سمجهيو هو ۽ لت هڻي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. اڄ اسانکي پنهنجي عمل تي نهايت ڦڪائي پئي محسوس ٿئي ته اسان اوهان جهڙي عظيم هستيءَ سان اهڙو سلوڪ ڪيو. هي جلسو ان خراب هلت جي تلافي ته نه ٿو ڪري سگهي، پر اسين هن پرڏئي ميڙ ۾ اوهان کان دل جي گهراين سان معافي ٿا گهرون. شريمان گڏھ جي! اوهين اسانکي معاف ڪري ڇڏيو ۽ اسانکي پنهنجو ڪري سمجهيو."

"هاڻي اسانکي اميد آهي ته اوهين ضرور اسانکي معاف ڪري ڇڏيندا، ڇو ته اوهانجي دل تمام وڏي آهي. اوهانجو حوصلو تمام وڏو آهي ۽ اوهين تمام وڏا گڏھ آهيو.

*(باقي ايندڙ شماري ۾ پڙهندا)*

